# سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

**ايم – فل ٿيسز**

# فطرت ۽ ماحول جي بچاءَ ۾ رچيل شاعري: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس

**(Poetry of Conservation of nature and Environment: Research & Critical Studies)**

سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان 'ماسٽر آف فلاسافي' جي
گهرجن جو پورائو ڪرڻ ڪان پوءِ جمع ڪرايل مڪمل ٿيسز

**عارفه ميمڻ**

سنڌ شعبو،
سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو
سنڌ، پاڪستان
2023ع

# CERTIFICATE

This is to certify that Ms. Arifa Memon D/o Qurban Ali has carried out research on the topic:

"فطرت ۽ ماحول جي بچاءَ ۾ رچيل شاعري: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس"

**(Poetry of Conservation of nature and Enviroment: Research & Critical Studies)**

She has completed research work under my supervision. Her work is original, distinct and dissertation is worthy of presentation to the University of Sindh, Jamshoro. I forward her dissertation to be awarded of the Degree of Master of Philosophy (M.Phil) in Sindhi.

**SUPERVISOR**

______________________________

**DR. Ishaq Samejo**
Professor
Department of Sindhi

# ارپنا:

—·—·—·—·—·—·—·—·-

## پنهنجي استادن جي نانءُ:

منهنجا سيئي استاد نه صرف منهنجي پڑهائيءَ ۾ بلڪه هر موڙ تي منهنجا ٻانهن ٻيلي رهيا آهن، انهن مون سان هميشه هر طرح جي مدد ڪئي، خاص طور منهنجي گائيڊ ڊاڪٽر اسحاق سميجو صاحب جنهن مون کي هن تحقيقي ڪم ڪرڻ جي قابل بڻايو.

## والد ۽ والده جي نانءُ:

منهنجي والد جنهن پنهنجي سڀني نياڻين کي بهترين تعليم ڏيڻ جو ارادو ڪيو. ۽ پنهنجي شفقت جو هٿ هميشه سڀني ڌيئرن مٿان رکيو. ۽ منهنجي والده جنهن منهنجي سٺي تربيت ڪرڻ سان گڏوگڏ زماني جي مشڪلاتن ۽ ڏکائين کي منهن ڏيڻ سيکاريو ۽ هميشه منهنجي اُتساهه جو سبب رهي آهي.

## ڀائرن ۽ ڀيڻن جي نانءُ:

منهنجا ڀائر ۽ ڀيڻون مون کان ننڍا هوندي به منهنجي سات جو سبب رهيا، انهن هميشه منهنجي هر فيصلي جو آدرڀاءُ ڪيو ۽ هميشه عزت ڪئي.

***

# پيش لفظ

ڪا به تحقيق آخري ناهي هوندي، ان ۾ ضرور تبديلي ٿيندي رهندي آهي. تحقيق جي دنيا ۾ هر روز نوان ايجادات ۽ نوان لاڙا ڳولهڻ سان ملي ويندا آهن ۽ تحقيق جا نوان رستا ۽ رُخ ظاهر ٿي پوندا آهن.تحقيق هڪڙو ڳجهو، ڏکيو ۽ مڪمل فڪر جو نالو آهي. جنهن ۾ هر ڳالهه احتياط سان ثابت ڪرڻ لاءِ دليلن سان گڏوگڏ پڻ ثبوتن جي ضرورت پوندي آهي.

جيتوڻڪ منهنجي موضوع ”فطرت ۽ ماحول جي بچاءَ ۾ رچيل شاعري: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس“ بابت ڪو به اهڙو مقالو موجود نه هُيو. انهيءَ ڪري منهنجي هن تحقيق ۾ به ڪي ڪچايون، ڪجهه پاسا ضرور رهجي ويا هوندا. انهن رهيل پاسن کي ڪو نه ڪو نه محقق اڳي ضرور پورو ڪندو.

منهنجي هن تحقيق دوران فطرت سان لاڳاپيل شاعريءَ جا ڪيئي رُخ سامهون آيا. پر مون ڪوشش ڪري پنهنجي موضوع جي دائري ۾ رهي پنهنجي تحقيق مڪمل ڪئي آهي. جنهن ۾ فطرت کان  بچندي ان جي بچاءَ ۾ لکٹو هُيو. هن مقالي ۾ جيتري فطرت بابت تحقيق ڪئي وئي آهي، اوتري ئي ماحول بابت پڻ بنيادي ڪم جي تحقيق موجود آهي.

تحقيق دوران لغت جو ڳوڙهو مطالعو ۽ مشاهدو پڻ ڪرڻو به پيو، ته جيئن موضوع جو مڪمل تجزيو ڪري سگهجي. هن تحقيقي ڪم ڪرڻ لاءِ خاص طور مان پنهنجي سپروائيزر ڊاڪٽر اسحاق سميجي صاحب جي تمام گهڻي ٿورائتي آهيان جن نه صرف رهنمائي  ڪئي، پر منهنجي ڪم تي هميشه نقاد واري گهري نظر رکي.

اميد ته منهنجو هي تحقيقي پورهيو سنڌي ادب ۾ جاءِ والاريندو ۽ ڪيترن ئي عالمن، محققن، اديبن، شاعرن ۽ شاگردن جي اُڃ اُجهائيندو.

ٿورا م ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.

(شاهه)

# فهرست:


سرٽيفڪيٽ ____
ارپنا ____
پيش لفظ ____

باب پهريون: تحقيق جو طريقئه ڪار

| | | |
|---|---|---|
| موضوع جو تعارف | ____ | 02 |
| سنڌي ٻوليءَ جون فطري خوبيون | ____ | 06 |
| ماحول | ____ | 08 |
| موضوع جي اهميت | ____ | 10 |
| تحقيق جو طريقيڪار | ____ | 11 |
| مواد جا ذريعا | ____ | 12 |
| بنيادي مواد | ____ | 12 |
| ثانوي مواد | ____ | 12 |
| موضوع تي اڳ ٿيل تحقيق | ____ | 13 |
| تحقيق جو دائرو | | 13 |
| تحقيق جو مقصد | | 14 |
| حوالا | ____ | 15 |

باب ٻيون: ماحول ۽ ماحوليات

| | | |
|---|---|---|
| ماحول جي وصف | ____ | 16 |
| ماحوليات ۽ ان جا جُزا | ____ | 18 |
| ماحوليات جا قسم | ____ | 19 |
| حيواناتي ماحوليات | ____ | 19 |
| علم نباتات | ____ | 20 |

| | | |
|---|---|---|
| جسماني ماحوليات | ______________________ | 21 |
| ليٿوسفيئر | ______________________ | 21 |
| هائيڊروس فيئر | ______________________ | 22 |
| ماحول ۽ شاعري جو پاڻ ۾ تعلق | ______________________ | 23 |
| ماحولياتي گدلاڻ جون تباهيون ۽ فطرت تي ان جا اثر | ______________________ | 25 |
| ماحوليات جا سنڌي شاعريءَ تي اثر | ______________________ | 29 |
| حوالا | ______________________ | 50 |


باب ٽيون: شاعري ۽ فطرت جو پاڻ ۾ تعلق


| | | |
|---|---|---|
| شاعري ۽ فطرت | ______________________ | 53 |
| ڪلاسيڪل سنڌي شاعرن جي شاعريءَ ۾ فطرت | ______________________ | 57 |
| قاضي قادن | ______________________ | 59 |
| شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو | ______________________ | 60 |
| ميون شاهه عنات رضوي | ______________________ | 61 |
| شاهه عبداللطيف ڀٽائي | ______________________ | 63 |
| جديد سنڌي شاعرن جي شاعريءَ ۾ فطرت | ______________________ | 65 |
| ڪشنچند بيوس | ______________________ | 67 |
| شيخ اياز | ______________________ | 69 |
| استاد بخاري | ______________________ | 71 |

| | | |
|---|---|---|
| نارايڻ شيام | ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ | 73 |
| آتم ناٿن شاهي | ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ | 75 |
| ناياب جانورن ۽ پکين جي بچاءَ ۾ رچيل شاعري | ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ | 76 |
| وڻن ۽ پيلن جي واڍيءَ خلاف شاعرن جي دانهن | ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ | 81 |
| حوالا | ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ | 86 |


باب چوٿون: سنڌو درياهه ۽ سنڌي شاعري


| | | |
|---|---|---|
| سنڌوءَ لفظ جي لغوي ۽ لفظي معنيٰ | ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ | 89 |
| سنڌو درياهه جي عظمت ۽ تاريخ | ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ | 91 |
| سنڌو درياهه تي تجارتي مرڪز | ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ | 93 |
| سنڌو درياهه ۽ شاعري | ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ | 95 |
| ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ درياهه جو فڪر | ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ | 96 |
| قاضي قادن | ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ | 97 |
| شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو | ــــــــــــــــــــــــــــــــــــــــ | 98 |
| ميون شاهه عنات رضوي | | 99 |
| شاهه عبداللطيف ڀٽائي | | 100 |

| | | |
|---|---|---|
| سچل سرمست | | 102 |

جديد شاعرن وٽ سنڌو درياهه جي عظمت، تاريخ، حسن ۽ ان جي تباهڪاريءَ تي ٿيل شاعري

| | | |
|---|---|---|
| سنڌوءَ جي عظمت | ________________________ | 105 |
| سنڌو درياهه سان عشق | ________________________ | 108 |
| سنڌو درياهه جو حُسن | ________________________ | 111 |
| سنڌو درياهه ۽ سرسبز سنڌ | ________________________ | 114 |
| سنڌوءَ جي سوڪهڙي تي ماروئڙن جي دانهن/درد | ________________________ | 116 |
| سنڌو درياهه جي تباهڪاري | ________________________ | 123 |
| حوالا | ________________________ | 128 |

باب پنجون: نتيجا ۽ ببليوگرافي

| | | |
|---|---|---|
| نتيجا | ________________________ | 132 |
| ببليوگرافي / ڪتابيات | ________________________ | 136 |

## باب پهريون

# تحقيق جو طريقيڪار

موضوع جو تعارف:

فطرت "فَطَرَ "لفظ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "اندران ڦٽي پوڻ يا جنهن پيدا ڪيو". پيدا ڪرڻ واري کي 'فاطر 'چوندا آهن. اهي شيون جيڪي فطري طور پيدا ڪيون ويون آهن. فطرت جو انگريزيءَ ۾ متبادل لفظ Nature آهي، جيڪو رومي زبان جي لفظ 'نيچرا 'مان ورتو ويو آهي. نيچرا يوناني لفظ 'فائيسس ' جو ترجمو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، 'پيدائش'.

فطرت قدرتي طور تي وجود ۾ آيل ڪائنات کي چئجي ٿو، جنهن جي سرشتي کي سمجهڻ لاءِ انسان ابتدا کان وٺي ڪوشش ۾ آهي. جيئن سج، چنڊ، تارا ۽ سياره وغيره. جن مان انسان توانائي حاصل ڪري ٿو يا لطف اندوز ٿي سگهي ٿو، پر انهن کي پنهنجي طاقت ۽ خواهش مطابق ڦيري گيري نه ٿو سگهي. چوته فطرت کي ٺاهڻ ۾ انسان جو ڪو به هٿ نه آهي. فطرت انسان جي آس پاس جي دنيا ۾ موجود انهن قدرتي منظرن کي چئجي ٿو ، جيڪي انسان جي پيدا ٿيڻ کان اڳ موجود هئا.

قدرتي منظر، ماڳ، پاڻي، وڻ، ٻوٽا، جبل، ڍنڍون ڍورا، درياهه ۽ سمنڊ وغيره خود ماڻهوءَ جو پنهنجو وجود به فطرت جو هڪ مظهر ئي آهي. يعني ته اهي سڀ منظر ۽ وجود جيڪي انساني ڪوشش جو نتيجو نه هجن بلڪه قدرت جا جوڙيل هجن، سي فطرت جو حصو هوندا آهن. رومانوي شاعر ۽ اديب اڪثر ڪري فطرت جي مظهرن کان اتساهه وٺي لکندا آهن. ادب ۽ فن ۾ فطرت يا قدرتي ماحول جو تفصيل، فطرت جي مظهرن جي عڪاسي ڪندا آهن. انگريزي شاعريءَ ۾ وليم ورڊس ورٿ فطري منظرن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع

ٻڌايو. سنڌيءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ شيخ اياز قدرتي منظرن جا بهترين عڪاس شاعر سمجهيا وڃن ٿا.

فطرت جو اعليٰ ڪردار اسان کي ڪلاسيڪل شاعرن وٽ ملي ٿو. فطرت انسان جون اهي مجموعي وصفون آهن، جيڪي انسانيت جو گڏيل اثاثو آهن. خلقلهار انهيءَ داخلي احساسن، جذبن ۽ محرڪن کي انسان جي شخصيت ۾ پيدائشي طور تي سمائي ڇڏيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن خارج مان ڪا اهڙي ڳالهه، خيال يا فلسفو اڀري ٿو، جيڪو انساني فطرت سان ٺهڪندڙ هجي، ته انسان جي طبيعت ان کي جلد ئي قبول ڪري وٺي ٿي.

شاعريءَ ۾ فطرت جو مقصد آهي، شاعريءَ ۾ فطرت جي عڪاسي، ان جي مختلف مظهرن جي پيشڪش ۽ خاص طور هڪ تخليقي فن پاري اندر قدرتي ماحول ۽ ڪائنات جو جيئرو جاڳندو وجود. شاعر پنهنجي آس پاس جي ماحول ۽ قدرتي منظرن منجهان ڪي نظارا ڪٽي، انهن جي شاعريءَ اندر عڪاسي ڪري، انهن کي حسنُ ۽ زندگي بخشي ٿو. آسماني نظارا (يعني سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، ڪڪر، ڪنوٽون، جهڙ ڦڙ) توڙي زمين تي نظر ايندڙ منظر (وڻ، ٽڻ، ٻوٽا، جبل، سمنڊ، درياهه، نديون، جانور، ڍنڍون، پکي، پکڻ، جيت جٽيا) سڀ شاعريءَ ۾ فطرت جا عڪاس ٿينداآهن. شاعريءَ لاءِ فطرت بنيادي ايڪو ۽ اتساهه جو ذريعو رهندي آئي آهي، ۽ دنيا جي مختلف ٻولين جي شاعرن وانگر، سنڌي شاعرن پڻ فطرت جي انهن معجزاتي پهلوئن کي وڏي حسن ۽ ڪاريگريءَ سان پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. خاص ڪري ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ اهو واضح ڏسي سگهجي ٿو. جيئن:

آڄُ رسيلا رنگَ، بادل ڪڍيا ٻُرج سِين،
سازَ، سارنگيُون، سُرندڙا، ٻَچايُئين ٻُرچَنگَ،

صراحيون سارنگ، پلٽيُون راتِ پِدامَ تي. (1)

آسمان تي ڪڪر عمارتن جيان چوٽين مٿان سهٽا ۽ چٽا رنگ چٽيا آهن. ڪَڪرن ۾ اهڙي طرح گجگوڙ پئي ٿئي، جيئن سيئي ساز زور سان وڄي رهيا هجن ۽ سارنگ جي مُند وسي صحرا کي سيراب ڪري ڇڏيو هجي. هتي فطرت جي دلفريب عڪاسي آهي. شاعر وٽ فطرت جا سيئي رنگ ۽ حسين منظر موجود آهن. فطرت جا پرُڪيف نظارا پنهنجي حسن سان انساني اک ۽ دل کي محظوظ ڪن ٿا، ماحولياتي آلودگيءَ جي ڪري فطرت جا اهي خوبصورت منظر ڏينهون ڏينهن ڏنڌلائجندا پيا وڃن، ۽ انهن جي ختم ٿيڻ سان انساني احساسن ۽ خاص طور شاعريءَ ۾ آيل موضوعاتي تبديلي ئي اسان جي مقالي جو بنيادي موضوع آهي. اسان سڀني کي معلوم آهي ته شاعري انساني زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿي، ۽ ان جي فڪر جي اظهار جو مک ذريعو رهي آهي، پر شاعريءَ رڳو ايترو ناهي ڪيو، بلڪه شاعريءَ انسان کي فطرت ۽ ماحول جي ٿيندڙ تباهيءَ کي روڪڻ لاءِ پڻ سجاڳ ڪيو آهي. ناياب وڻن، ٻوٽن، پکين ۽ جانورن جي ٿيندڙ نسل ڪشيءَ تي نوحا لکيا آهن.

شاعرن جو جانورن ۽ پکين سان پيار انهن جي طبعيت يا مزاج تي انحصار ڪندو آهي. اسان وٽ سنڌ ۾ اهڙا ڪيترا ئي شاعر آهن، جن پنهنجي شاعريءَ وسيلي جانورن ۽ پکين جي بچاءَ جي باري ۾ ڳالهايو ۽ احتجاج ڪيو آهي. اها رڳو اڄ جي دور جي ڳالهه نه آهي بلڪه جانورن ۽ پکين بابت گفتگوءَ جي روايت اسان کي ڪلاسيڪل شاعرن وٽ به نظر اچي ٿي. ايتري قدر شاهه عبداللطيف وٽ ته هڪڙو "سُر ڪارايل (مور يا هنج) "جي نالي سان موجود آهي . جديد شاعرن ۾ شيخ اياز جي ان ڏس ۾ سڀ کان وڏيڪ اهميت آهي.

هرڻي ڏيئي سير، تو جا ڪاتيءَ سان
ڪُٺي،
دارا جي تقدير، اپري آئي مون اڳيان. (2)

*

اي مينهن مرڻ ايندا،
تون تار ترائي ڪر،
هر رات هرڻ ايندا. (3)

هرڻي هڪ نفيس ۽ نماڻو جانور آهي ان جو شڪار يعني فطرت جي حسن جو شڪار آهي. اياز هرڻيءَ جي ڪُسڻ جو اظهار ڪري ٿو، اهڙيءَ ريت جڏهن ٿر ۾ برساتون پون ٿيون ته ننڍا ننڍا ڏورا پرجي ايندا آهن، جن تي رات جي وقت هرڻ پاڻي پيئڻ لاءِ نڪري ايندا آهن ۽ شڪاري انهن جو آسانيءَ سان شڪار ڪندا آهن، اياز وٽ هرڻ جي مارڻ جو جيڪو درد آهي سو هڪ شاعر ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. ائين ئي اسان کي حبدار سولنگي وٽ هڪ ننڍي جيوت جي باري ۾ فڪرمندي ملي ٿي، هو لکي ٿو:

پير آيو ڪِوِل مٿان منهنجو،
هڪڙو ننڍڙو گناهه ٿيو مون کان،
رات پر جسم تي گهميون ڪِوليون. (4)

شاعر وٽ رڳو ڪِول جي مرڻ جي ڳالهه ڪونهي بلڪه هڪ قتل جي ڳالهه آهي. ائين ئي پکين جي قاسڻ جي ڳالهه نارايڻ شيام لکي ٿو:

اڏامندي ته پکي ڪو نه ڄار ۾ ڦاٿو،
سميٽي پر ڪٽي وينو تڏهن ئي پيڌُ

پيس. ((5)

پکين کي پلا کھڙي ڳل ته سندن انتظار ۾ ڪو شڪاري ڄار وڇائي ويٺو آهي. پکي ته اڏامندي به شڪار ڪيا وڃن ٿا. پر پکين جي شڪار کان پکين جي آزادي انهن جي اڏام ۾ آهي. اهڙيءَ طرح ”سنڌوءَ ”جو به وڏو تعلق فطرت سان جڙيل رهيو آهي جنهن ۾ ٻيلا، جهنگ ۽ ٻوٽا وغيره اڇي وڃن ٿا جيڪي سنڌوءَ جي پاڻيءَ مان زندگي حاصل ڪن. تاجل بيوس لکي ٿو:

درياءَ ڪئي دانهن، ڀِسي وَڍِ وڻن ۾،
ڪَپر منهنجو ڪنڌ آ، ٻيلو منهنجي ٻانهن،
ڪُلها جنهن جا ڪانهن آسڻ پنهنجا ان تي. (6)

درياهه اسان جي آٿت، سهارو ۽ اميد هوندا آهن، جي انهن جي ڪپَ تي موجود ٻيلن يا گهاٽن وڻن جي واڍ ڪبي ته هو ضرور دانهيندو، ۽ ان جو ذميوار انسان پاڻ ئي آهي، چاڪاڻ جو ان سان ٻيو خطرو ٻوڏ جو به ٿيندو آهي. اهي وڻ يا ٻيلا ئي آهن، جيڪي ٻوڏ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هميشه ٿنڀن جيان ڪردار ادا ڪندا آهن.

هن مقالي ۾ ماحول ۽ فطرت جي وصف، شاعريءَ ۽ فطرت جي تعلق ڪانسواءِ، قديم کان جديد دور تائين سنڌي شاعريءَ ۾ فطرت نگاريءَ تي سرسري نظر وڌي وئي آهي.

ان کان پوءِ سنڌي شاعريءَ تي ماحولياتي تبديلين جي اثرن تي به نظر وڌي وئي آهي. ڇو ته سموري دنيا ۾ ماحولياتي گدلاڻ، انساني فڪر ۽ سرگرمين تي اثر وڌا آهن. عالمي ادارا، تنظيمون ۽ ماحول دوست تخليقڪار فطرت جي تباهيءَ خلاف عالمگير تحريڪون هلائي رهيا آهن. جن جا اثر دنيا جهانَ جي ادب وانگر سنڌي شاعريءَ تي پڻ پيا آهن. اسان وٽ خاص طور، ٻيلن ۽ وڻن جي واڍي، ناياب

جانورن جي شڪار ۽ خاص طور سنڌو درياهه تي بندن ٻڌڻ خلاف سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ زبردست تحريڪ هلندي آئي آهي. موجوده زماني ۾ خود ڪارونجهر جي بچاءَ لاءِ هلندڙ تحريڪ پڻ فطرت جي بچاءَ جي تحريڪ آهي. جنهن تي تمام گهڻي شاعري موجود آهي. هن تحقيقي مقالي ۾ سواءِ ڪارونجهر واري موضوع تي ٿيل شاعريءَ جي باقي سمورن موضوعن کي مقالي ۾ شامل ڪري، انهن جو تحقيقي جائزو ورتو ويو آهي ۽ نتيجا ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

## سنڌي ٻوليءَ جون فطري خُوبيون:

ٻولي اهو وسيلو آهي، جنهن سان جانور/پکي 'ٻوليندا 'آهن ۽ انسان 'ڳالهائيندا 'آهن. ٻولڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ بنيادي فرق 'شعور 'جو آهي. جانور/پکي غيرشعوري طور جبلتاً ٻوليندا آهن، جڏهن ته اها ساڳي جبلت ارتقائي عمل مان گذري، آوازن جي ٻولن مان لفظن ۽ جملن جي صورت وٺي شعوري سطح تي انسان جي اظهار جو وسيلو بڻي ۽ انسان جي سڃاڻپ بڻجي وئي. عربيءَ ۾ ته انسان کي 'حيوان ناطق 'يعني 'ڳالهائيندڙ جانور 'چيو ويو آهي، ۽ هاڻي ٻوليءَ کان سواءِ ڪنهن به انساني سماج جو تصور ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي.

ٻولي پاڻمرادو/ ازخود اختيار ڪيل تنظيم رکي ٿي. اها ڪنهن به گرامر جي اصولن کي سامهون رکي جوڙيل ڪانه هوندي آهي، بلڪ گرامر ٻوليءَ جي فطري جوڙجڪ جو اڀياس ڪري ٺاهيا ويندا آهن. انهيءَ جو مطلب اهيو ٿيو ته گرامر ٻوليءَ جي بنيادي ڍانچي (structure) يا بناوٽ (frame work) جو علم آهي. ڪنهن به ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ انهيءَ جي بنيادي بناوٽ (frame work) کي سمجهڻ ضروري آهي، ڇو ته هر هڪ ٻوليءَ جي پنهنجي پنهنجي مخصوص بناوٽ آهي، جيڪا ڳالهه هڪ ٻوليءَ ۾ هوندي، سا ضروري ناهي ته ٻيءَ ۾ به هجي. ان ڪري

هر ٻوليءَ جون پنهنجون اصلوڪيون/فطري خوبيون ڏيان ۾ رکڻ ضروري آهن. اهوئي سبب آهي، جو ڪنهن هڪ ٻوليءَ لاءِ ٺاهيل گرامر کي ٻيءَ سان لاڳو ڪرڻ مناسب ڪونهي.

ان کان علاوه ٻوليءَ کي ان ڪري به فطري خوبين رکڻ جو اعزاز آهي ته ان ۾ جيڪي به پکي پکڻ ٻولن ٿا يا پوءِ جيڪي به جانورن جي ٻولي سمجهن ٿا، اهي ان ٻوليءَ جو ئي اعزاز سمجهيو ويندو آهي.

## ماحول:

ماحول جي لغوي معنيٰ آهي "آس پاس يا اردگرد. "يعني اهي شيون جيڪي اسان جي آس پاس موجود هجن يا پوءِ اردگرد هجن، مجموعي طور تي زمين، فضا، حرڪت ۽ پاڻيءَ کي يا ٻين زمين تي موجود انهن سڀني شين کي ماحول چيو ويندو آهي. اسان جي اردگرد جيڪي شيون موجود آهن انهن ۾ فطرت، ٻوٽا ۽ جانور وغيره به شامل آهن. جيڪي گڏجي اسان جي ماحول کي ترتيب ڏين ٿا.

ماحول جي لفظي معنيٰ ڪندي سنڌي لغت جلد پهرينءَ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو: "ماحَولُ: ذ (ع) آسپاس – چوڌاري – وايو منڊل – جيڪي وهي واپري پيو." (7)

اردگرد جو مطلب هوندو آهي، ته اسان جي وايو منڊل ۾ جيڪو ڪجهه به موجود آهي سو ماحول آهي. اسان جي ماحول ۾ جن جن شين جو وڏو ڪردار آهي يا ان جي واڌ ويجهه ۾ ڪردار ادا ڪن ٿا، ماحول نه رڳو زمين تي موجود شين بابت آگاهي ڏئي ٿو بلڪه اهو اسان جي وايو منڊل يا ڪائنات جي فضا جو به ٻڌائيندو رهي ٿو. ماحول جي عڪاسي عام طور تي اسان کي نثر جي صورت

۾ گهٽي پڙهڻ لاءِ ملندي رهي آهي پر ان جو حسين اظهار اسان کي شاعريءَ ذريعي ٿئي ٿو، شاعري فطرت ۽ ماحول جو ڀرپور اظهار جو مرڪز رهي آهي. پر شاعريءَ رڳو ايترو ئي ناهي ڪيو، بلڪه شاعريءَ انسان کي انيڪ موضوعن کان متوجهه پڻ ڪرايو آهي. ساڳي ريت شاعريءَ اندر ادبي ماحول به آهي. فطرت نگاري بعد ادبي ماحول شاعريءَ جي هر شعر جي عڪاسي ڪري اسان کي محسوس ڪرائي ٿو ته آخر ان شعر اندر ڪهڙي منظر جي عڪاسي ۽ چٽسالي ڪئي وئي آهي. شعر جو مڪمل ماحول ۽ ان جي موضوع جو خاص حسن ئي ان اندر ماحول جي چٽسالي آهي. ماحول جي وصف بيان ڪندي هڪ اردو ليکڪ محمد شمس الحق لکي ٿو: ”ماحول مان مُراد آهي ”ارد گرد (ويجهو) جا حالات، ماحول ڪيترين ئي شين سان ملي ڪري ٺهندو آهي، جيئن روشني، حرڪت، مٽي ۽ پاڻي وغيره. “(8)

ماحول جنهن ۾ تمام حياتياتي، طبعياتي ۽ ڪيميائي عنصر شامل هوندا آهن. عام اصطلاح ۾ ماحول اسان جي آس پاس موجود شين سان ئي تعبير ڪيو ويندو آهي، پر حقيقت ۾ جيڪو ڪجهه به دنيا ۾ آهي، ان کي ماحول چيو ويندو آهي. ماحول اندر وڻ ٽڻ، ٻوٽا، نباتات، حياتيات، حيوانات، موسمون، فضا، مٽي، پاڻي، واري، جاندار ۽ اهي سڀئي قدرتي يا فطرتي شيون جيڪي اسان جي آس پاس ملن ٿيون، اهي سڀ گڏجي ماحول ٺاهين ٿيون ۽ اهي ماحول جو حصو هونديون آهن. جيئن شيخ اياز سرنهن جي گُل جي ٽڙڻ ۽ ان جي آس پاس جي ماحول کي هيئن بيان ڪري ٿو:

آءُ سرنهن گل ڪيا، مينهن پيا آءُ،
آءُ پرين آءُ. (9)

هن شعر ۾ جيڪو ماحول ڏيکاريو ويو آهي، سو بيحد خوبصورت نموني چٽيو ويو آهي. جنهن ۾ فطرت جي حسين ماحول کي کهڙيون شيون حسين بڻائي رهيون آهن انهيءَ جو ذڪر آهي، سرنهن جو گل جڏهن ڦولارجي، نکري ۽ پوري جوڀن سان جوان ٿيندو آهي، ته ان ۾ ڪو ان جو پنهنجو ڪمال ناهي هوندو، بلڪه اهو برسات جو ڪمال هوندو آهي. برسات جي ڪري ئي ان گُلَ جو نکرڻ ٿي پوندو آهي. اڪيلي ڪو ان ۾ گل يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ جو ڪو ڪمال نه آهي، بلڪه ان سان موجود ٻين سڀني گڏيل شين جو ميلاپ به آهي.

## موضوع جي اهميت:

فطرت، ماحول ۽ حياتيات جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. اهو تعلق انسان جي لاءِ به ايترو ئي اهم آهي جيترو هن ڌرتيءَ تي رهندڙ ٻي حياتيات جي لاءِ آهي. لفظ حياتيات هڪ اصطلاح آهي، جيڪو فطرت ۽ انسان جي وچ ۾ خاص تعلق جو حامل به آهي. فطرت ڏانهن انسان جو رويو، ان جو طرز عمل، جديديت سان گڏ فطرت کان دوري ۽ هڪ ٻئي جي لاءِ هڪ وڏي بي حسي معلوم ٿئي ٿي. جنهن کان پوءِ انسان فطرت ۽ ماحوليات جي توازن بحرانن جو شڪار رهندو آيو آهي. دنيا جهڙيءَ ريت فطرت کان پري ٿي رهي آهي، سو هڪ الميو آهي. ماحوليات جي توازن کي برقرار رکڻ لاءِ بين القوامي سطح تي ڪوششون به ورتيون پيون وڃن، تنهن هوندي به اهو ڪافي نه آهي. اهو فطرت ۽ ماحوليات جو بحران ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي. هڪ ٻيو اهم پهلو اهو به آهي ته ان جو ذميوار به انسان پاڻ ئي آهي. جيڪو مصنوعي ماحولياتي سبب پيدا ڪري فطرت ۽ ماحول کي خراب ڪري رهيو آهي. نتيجي ۾ فطرت ۽ ماحول تباهيءَ جي منهن ۾ آهن. قدرتي آفتن،

مصنوعي توانائين ۽ انسان جي عملن ان کي هڪ جيترو ئي تباهه ڪيو آهي. ان سموري صورتحال جا جديد سنڌي ادب ۽ خاص طور شاعريءَ تي به اثر پيا آهن جن تي ڪو به ذڪر جوڳو بحث موجود نه آهي.

تنهن ڪري هن مقالي ”فطرت ۽ ماحول جي بچاءَ ۾ رچيل شاعريءَ جي تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس “ذريعي اسان اها معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته فطرت ۽ ان جي بچاءَ يا ماحوليات بابت شاعرن جو ڪهڙو ردِ عمل آهي يا انهن ان صورتحال کي ڪيئن ڏٺو آهي.

## تحقيق جو طريقڪار:

هن تحقيق جي لاءِ اسان ڪلاسيڪل شاعريءَ جي تاريخ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ سان گڏ جديد تحريڪي، فڪري لاڙن ۽ رجحانن کي سامهون رکي انهن جي دنيا ۾ موجود ادب ۾ ٿيندڙ تحقيق جا پيرا کڻندي ذريعن مان حاصل ٿيندڙ مواد جو مشاهدو ۽ مطالعو ڪري نتيجا ڪڍيا آهن. هن تحقيقي مقالي ۾ تحقيق کي تاريخي ۽ تجزياتي تحقيقي اصولن موجب پرکيو ويو آهي. هن تحقيق ۾ موضوع سان لاڳاپيل هر قسم جي مواد جي پوري ڇنڊ ڇاڻ ڪري هر هڪ پهلوءَ تي گهربل بحث ڪيو ويو آهي. بنيادي ۽ ثانوي ذريعن مان ٿيندڙ حاصل مواد گڏ ڪرڻ لاءِ مختلف ڪتبخانن مان مدد ورتي وئي آهي. مضمون سان لاڳاپيل ڪجهه اهم ڪتابن تائين رسائي حاصل نه ٿي سگهڻ جي صورت ۾، انهن تائين پهچڻ لاءِ ’انٽرنيٽ ’جو پڻ استعمال ڪيو ويو آهي، انٽرنيٽ منجهان به اهي پي ڊي ايف

ڪتاب شامل ڪيا ويا آهن، جن جو مڪمل حوالو موجود آهي، جيڪي پڻ ڪارگر ثابت ٿيا. اهڙيءَ ريت مضمون بابت حاصل ٿيل مواد ڪيترن ئي ڪتابن، تحقيقي رسالن، مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل هيو، جنهن جو بغور جائزو ورتو ويو ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ اهم نڪتن کي تحقيق ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ان ڪان علاوه تحقيق لاءِ مختلف عالمن ۽ محققن کان پڻ صلاحون ۽ مشورا ورتا ويا. حوالن لکڻ لاءِ ماڊرن لئنگيئجز ايسوسيئيشن (MLA) وارو جديد طريقو استعمال ڪيو ويو آهي. حوالن کي هر باب جي آخر ۾ آندو ويو آهي ۽ تحقيق جي سموري عمل ۾ جيڪي به نتيجا حاصل ٿيندا ويا، انهن کي آخري باب ۾ پڻ پيش ڪيو ويو آهي ته جيئن پڙهندڙ تحقيق مان حاصل ٿيندڙ سڀني نتيجن جو هڪ جاءِ تي ئي مطالعو ڪري سگهي.

مواد جا ذريعا (Resources of Data):

تحقيق ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريون ۽ مکيه ڪم مواد (Data) حاصل ڪرڻ هوندو آهي. تحقيق ۾ مواد کي مرڪزي حيثيت حاصل هوندي آهي. هن تحقيق لاءِ مختلف ماخذن مان حاصل ڪيل مواد کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون بنيادي مواد ۽ ٻيو ثانوي مواد.

بنيادي مواد (Primary Sources)

بنيادي مواد، اهو مواد آهي جيڪو اصل دستاويز تان يا اصل ڪتاب تان ورتو وڃي، جنهن ۾ مصنف جي اصل راءِ يا حقيقت ڏنل هجي. انهيءَ ڪري تحقيق جي شروعات بنيادي مواد سان ڪئي ويندي آهي. هن تحقيق جي بنيادي مواد ۾

سڀ کان اول تحقيقي رسالا، ٿيسز، لغتون ۽ جديد سنڌي شاعرن جي شاعريءَ بابت ڇپيل ڪتاب شامل ڪيا ويا آهن.

## ثانوي مواد (Secondary Sources)

ثانوي مواد اهو آهي، جيڪو اصل صورت ۾ اصل ڪتاب تان نه ورتو وڃي (يعني اهو ڪنهن ٻئي ڪتاب تان ورتل هجي.) پر انهي مواد کي اصل ڪتاب تان ڪنهن ٻئي ورتو هجي (يعني ڪو ٻيو ليکڪ ان مواد کي لکي ۽ انهيءَ کي ڪنهن ٻئي تان اُڌارو ورتو هجي. مون هن تحقيقي مقالي لاءِ ڊاڪٽر شير مهراڻوي جي پي ايڇ ڊي "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات"، ڊاڪٽر فياض لطيف جي پي ايڇ ڊي "شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات "سنڌي جديد شاعرن جي شاعريءَ جي ڪتابن مان مدد وٺي مقالي کي ڪارگر بڻايو آهي. گڏوگڏ جديد سنڌي شاعريءَ تي ڇپيل تحقيقي جرنل، رسالن ۽ لغتن وغيره کي ثانوي مواد طور شامل ڪري ڏنو آهي.

## اڳ ۾ ٿيل تحقق جو جائزو:

ڪنهن به موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ ان موضوع متعلق موجود مواد جو تجزيو ڪيو ويندو آهي، جيڪو تحقيق کي پايه تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ نهايت ڪارگر ۽ بنيادي اهميت رکندو آهي. هن عمل سان محقق نه رڳو ماضيءَ ۾ ٿيل تحقيقي ڪم کان واقف ٿئي ٿو پر ان جي روشنيءَ ۾ هو پنهنجي تحقيق کي وڌيڪ ڪارآمد پڻ بڻائي سگهي ٿو. هن موضوع جي حوالي سان شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ جماليات جي حوالي سان لکيل تحقيقي مقالن ۾ فطرت جي حوالي سان ڪجهه نه ڪجهه مواد ملي وڃي ٿو.

گڏوگڏ محمد علي ابڙي پاران ايم.فل جي لکيل ٿيسز ۾ پڻ فطرت جي حوالي سان سنڌي شاعريءَ جي حصي تي ڪجهه روشني پئي ٿي، پر گهڻو ٿڙو مواد فطرت جي عڪاسيءَ تي مشتمل آهي. ان حوالي سان ان مخصوص موضوع تي ڪابه تحقيق موجود نه آهي.

تحقيق جو دائرو:

تحقيق جي حد بنديءَ مان مراد آهي، اهو دائرو جنهن اندر تحقيق ڪئي وڃي. ڪنهن موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ تحقيق جو دائرو موضوع يا عنوان  جي مدد سان مقرر ڪيو ويندو آهي. انسان تي ماحول جو اثر ازل کان رهيو آهي. زندگيءَ جي شروعاتي وقت کان وٺي آسمان تي اڏامڻ تائين انسان فطرت جي ڪيترين ئي شين کان سکيو آهي. شاعريءَ تي به ان جا اثر ابتدا کان وٺي موجود آهن. البته منهنجي هن مقالي جو دائرو خاص طور جديد سنڌي شاعري ۽ ان ۾ به فطرت جي تحفظ لاءِ سنڌي شاعرن جو تخليقي ردِ عمل آهي، جنهن جو بنياد انگريز دور ۾ پيو ۽ ان جي صحيح معنيٰ ۾ ارتقا ورهاڱي کان پوءِ ٿي.

تحقيق جو مقصد:

شاعريءَ ۾ فطرت نگاريءَ جو مقصد اهو آهي ته شاعر پنهنجي آس پاس قدرتي منظرن منجهان چند شيون کڻي انهن جي شاعريءَ اندر عڪاسي ڪري حسن  بخشي ٿو. شاعر آسماني نظارا (يعني سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، ڪڪر، ڪنوڻون، جهڙ ڦڙ) توڙي زمين تي نظر ايندڙ هر منظر (وڻ، ٽڻ، ٻوٽا، جبل، سمنڊ، درياهه، نديون، جانور، ڍنڍون، پکي، پکڻ، جيت جڻيا) اهي سڀ شاعريءَ ۾ فطرت نگاريءَ جا خاص جزا هوندا آهن. شاعريءَ لاءِ فطرت بنيادي ايڪو ۽ اتساهه جو

ذريعو رهندي آئي آهي، ۽ دنيا جي مختلف ٻولين جي شاعرن وانگر سنڌي شاعرن پڻ فطرت جي انهن معجزاتي پهلوئن کي وڏي حسن ۽ ڪاريگريءَ سان پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو. اهڙيءَ ريت انسان جڏهن جانورن وانگر غارن ۾ رهيو، وڻن جي ميون ۽ پنن کي به کائيندو رهيو ته انهن پنن سان پنهنجو جسم به ڍڪيندو رهيو. ائين نالن رکڻ کان وٺي مثالن ۽ تشبيهن ڏيڻ تائين فطرت ۽ ماحول جي ئي حصار ۾ رهيو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته انسان پاڻ کي عقل ڪل ٿو سمجهي ۽ آسمانن ۾ اڏامڻ بعد انهن ئي جانورن، پکين ۽ وڻن ٻوٽن خلاف ڪات ڪهاڙا کڻڻ لڳو، جن ارتقا ۽ تهذيبي ترقيءَ کان اڳ سندس بک جي باهه وسائي ۽ تن کي ڍڪڻ لاءِ پنهنجا پن آڇيا. جديد دور ۾ ماحوليات کي درپيش خطرن انساني زندگيءَ ۽ سماج کي به متاثر ڪيو آهي، ان ڪري هن تحقيق جو مقصد ماحوليات کي درپيش خطرن تي شعري ردعمل کي جاچڻ هُيو، ته جيئن سنڌي شاعريءَ جي ان اهم پهلوءَ کي روشنيءَ ۾ آڻي سگهجي.

**حوالا:**

1: بلوچ، بخش، نبي، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام (جلد پهريون)، اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ، ڪراچي، 2017ع، ص: 936

2: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب) "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 169

3: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب) "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 193

4: سولنگي، حبدار، "خواب ٿا ڪولن اکيون"، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2015ع، ص: 81

5: شيام، نارايڻ، "ذات ۽ حيات "نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1997ع، ص: 17

6: بيوس، تاجل، "سنڌ منهنجي امان "تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 142

7: بلوچ، نبي، بخش، ڊاڪٽر، "هڪ جُلدي سنڌي لغت"، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار اِدارو، حيدرآباد، 2017ع، ص: 597

8: شمس الحق ، محمد، "ماحوليات"، قومي ڪونسل برائي فروغِ اردو زبان، وزارتِ ترقي انساني وسائل، حڪومتِ هند، 2022ع، ص: 35

9: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 11

باب ٻيو

# ماحول ۽ ماحوليات

## ماحول جي وصف:

ماحول جي لغوي معنيٰ آهي ”اردگرد يا آس پاس. ”يعني اهي شيون جيڪي اسان جي اردگرد موجود هجن يا پوءِ آس پاس هجن، گڏيل طور تي زمين، فضا، حرارت ۽ پاڻيءَ کي يا ٻين زمين تي موجود سڀني شين کي ماحول چيو ويندو آهي. ماحول جي لفظي معنيٰ ڪندي سنڌي لغت جلد هڪ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

”ماحَولُ: ذ (ع) آسپاس – چوڌاري – وايو منڊل – جيڪي وهي واپري پيو. ”(1)

اسان جي آسپاس جيڪي شيون موجود آهن انهن ۾ انسانيت، فطرت، ٻوٽا ۽ جانور وغيره به شامل آهن. جيڪي گڏجي ماحول کي ترتيب ڏين ٿا. ماحول جي لفظي معنيٰ اوڪسفرڊ انگريزي سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ هن ريت بيان ٿيل آهي: ”اِنوائِرومينٽ (Enviroment)- اسم (Noun): طبعي ماحول، آس پاس جي فضا يا حالتون. ”(2)

فطرت جنهن زندگيءَ جي جياپي جي لاءِ هڪ مناسب ماحول ان جا مڪمل جزا انسان جي لاءِ پيدا ڪيا آهن. جيڪي انسان جي رهڻ لاءِ ڪافي ڪارائتا آهن. اسان جي آس پاس ملندڙ شيون مرڪب جي صورت ۾ قدرت اسان لاءِ ٺاهيون آهن. هر هڪ عنصر جو پاڻ ۾ باهمي تعلق آهي. اهي سڀئي مرڪب گڏجي هڪ ماحول جوڙين ٿا. ماحول جي وصف بيان ڪندي هڪ اردو ليکڪ محمد شمس الحق لکي

ٿو: "ماحول مان مُراد آهي "ارد گرد (ويجهو) جا حالات، ماحول ڪيترين ئي شين سان ملي ڪري ٺهندو آهي، جيئن روشني، حرڪت، مٽي ۽ پاڻي وغيره." [3]

ماحول جنهن ۾ تمام حياتياتي، طبعياتي ۽ ڪيميائي عنصر شامل هوندا آهن. عام اصطلاح ۾ ماحول اسان جي اردگرد موجود شين سان ئي تعبير ڪيو ويندو آهي، پر حقيقت ۾ جيڪو ڪجهه به دنيا ۾ آهي، ان کي ماحول چيو ويندو آهي. ماحول اندر وڻ ٽڻ، ٻوٽا، نباتات، حياتيات، حيوانات، موسمون، فضا، پاڻي، جاندار ۽ اهي سڀئي قدرتي يا فطرتي شيون جيڪي اسان جي آس پاس ملن ٿيون، اهي سڀ گڏجي ماحول ناهين ٿيون ۽ اهي ماحول جو حصو هونديون آهن. ان باري ۾ محمد شمس الحق لکي ٿو ته: "اسان جو ماحول انهن ٻارهرين اثرن ۽ حالاتن جو مرڪب آهي جن جي اندر اسان سڀ (يعني انسان، حيوان ۽ نباتات وغيره) رهون ٿا." [4]

ماحول مان مراد آهي زمين تي يا زمين جي ڪنهن به حصي تي موجود تمام جاندار ۽ بي جان شين جو قدرتي طور تي موجود هئڻ آهي. جنهن ۾ جاندارن ۽ بي جان شين، موسمن، آبهوا ۽ قدرتي ذريعن جو پاڻ ۾ تعلق هوندو آهي. ۽ اهو سڀ ملي ڪري ماحول منجهان ماحوليات جو روپ اختيار ڪري ٿو. يعني ماحول اسان جي اردگرد جي آبهوا ۽ وايو منڊل آهي، ته ائين ئي هن سڄي ڪائنات ۾ باقي جاندار ۽ بي جان شين جو ردِ عمل ئي ماحوليات آهي.

اسان جي اردگرد جيڪي موسمياتي تبديليون نظر اچن ٿيون. اهي سڀئي ماحوليات جي ڪري ئي هونديون آهن. جيئن بارشون، سيارو، اونهارو، بهار ۽ سرءُ يا فضا ۾ هوا جو دٻاءُ وغيره شامل آهن. اهي تبديليون حقيقي طور تي ماحوليات کي مؤثر بنائڻ ۾ ڪردار ادا ڪنديون آهن. انهن موسمن جو اثر نه

صرف اسان جي ماحول تي پر انسان جي خوشنودي ۽ ان جي صحت جي لاءِ به ضروري هونديون آهن.

## ماحوليات ۽ ان جا جُزا

### ماحوليات:

ماحوليات ذرتي تي موجود حياتيات جي مطالعي جو نالو آهي. ماحوليات بنيادي طور تي حياتيات ۽ اسان جي ذرتيءَ جي ماحول (وايو منڊل) جي اڀياس ڪرڻ ۽ ان جي چند ڇاڻ ڪرڻ ڪي چيو ويندو آهي. جنهن ۾ اسان کي پنهنجي ارد گرد (آسپاس) موجود شين بابت معلومات يا علم جو شعور ڏيندو آهي. ماحوليات بابت دفتري لغت ۾ هن طرح لفظي معنيٰ ڪئي وئي آهي:

" ماحولياتي (Enviromental)". [5]

جيڪو انسانن ۽ حيوانن ۾ بنيادي فرق شعور ۽ غير شعور جو علم ڏئي ٿو. جيتوڻيڪ هن ذرتيءَ تي انسان کان علاوه ٻي مخلوق به موجود آهي تنهن هوندي به انسان جي انهن سڀني کان مٿانهين حيثيت آهي، جنهن منجهان ائين محسوس ٿئي ٿو ته هي ماحول انسان جي لاءِ خلق ٿيل آهي. ان باري ۾ رئوف نظاماڻي لکي ٿو ته: "جيتوڻيڪ جيوت جي حوالي سان انسان جو تعداد ذرتي تي نه هئڻ جيترو آهي پر پنهنجي حيثيت ۽ ذرتي ۽ ان جي ماحول کي متاثر ڪرڻ جي حوالي سان ان جي هڪ حاوي حيثيت آهي. "[6]

پر هن ڪائنات ۾ رڳو حيوانات ۽ انسان نه بلڪه ڪجهه ٻيا نباتات به موجود آهن. جيڪي خاص طور تي ذرتي جي گولي تي ملن ٿا. جنهن ۾ وڻ ٽڻ، ٻوٽا، پکي پکڻ، جيت جڻيا ۽ ساموندي مخلوق به شامل آهي. اسان جي ارد گرد ڪيئي انيڪ

مخلوقن سان گڏ ٻيون شيون به ملن ٿيون جن سان هن سڄي گولي جو وايو منڊل ترتيب ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ خاص طور هوا ۽ پاڻي اهم آهن. جيڪي هن سڄي گولي جي آبهوا جا زميدار به آهن.

جيئن ماحول گهڻين شين جو مرڪب آهي، تيئن ئي ماحوليات به آهي. جيڪا ماحول منجهان ڦٽي آهي. جنهن ۾ روشني، حرارت، پاڻي ۽ مٽي وغيره شامل آهن.

## ماحوليات جا جُزا/ قسم:

ڌرتيءَ تي موجود هر اها شيءِ جيڪا جاندارن سان ڳانڍاپو يا ان جو ڪو تعلق ڏيکاري. اهي سڀ جُزا ملي ڪري جاندارن لاءِ ڪو ماحول جوڙيندا هجن، اهي ماحولياتي جُزا يا ماحوليات جا قسم سڏيا ويندا آهن. اسين جڏهن به ماحوليات جي باري ۾ ڳالهائيندا آهيون، ته اسين ڌرتي تي موجود وجود جي باري ۾ به ڳالهائڻ شروع ڪندا آهيون. اهڙيءَ طرح هن ڌرتيءَ تي موجود، هوا، پاڻي، ٻوٽا، پهاڙ، نديون، درياهه، سمنڊ، ڪَڪر، آسمان، آبشار ۽ ٻي جيوتَ ملي ڪري هڪڙو ماحول جوڙن ٿا. جنهن منجهان ماحوليات جو جنم ٿئي ٿو. ۽ پوءِ ان ماحوليات اندر به جُزا ٿين ٿا.

## 1: حياتي/حيواناتي ماحوليات (Bioecology):

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپيل "دفتري لغت "۾ حياتي ماحوليات جي لفظي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي: "حياتي ماحوليات (Bioecology)" (7)

حياتيات يا بائيولاجي (Biology) جياپي جي اڀياس (زندگيءَ يا حياتيءَ) جي علم کي چئبو آهي. هي هڪ ڪشادو ۽ گهڻ رُخو علم آهي. جيڪو هن ڪائنات جي سمورن جاندارن سان سلهاڙيل آهي. علم حياتيات هن ڌرتيءَ جي ماحول جي جُزن منجهان هڪ جُزو آهي. هن قسم ۾ ڌرتيءَ تي موجود سڀني جاندارن جو ذڪر ٿيندو آهي. جنهن ۾ انسان، جانور ۽ ٻوٽا وغيره شامل هوندا آهن. حياتي ماحوليات يا حيواناتي ماحوليات اسان جي جيوت ئي نه، بلڪه هن پوري عالم جي جيوت جي علم ۽ مطالعي بابت هڪ ڳوڙهو موضوع آهي. ان باري ۾ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو: "ٿيون جاندار شيون، يعني حيوان جيئن ته ماڻهو، مِرُون، پکي، سُرٽا، مڇيون ۽ جيت انهن کي عالمِ حيوانات ٿا چون." (8)

<u>2: علم نباتات (Botny):</u>

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپيل "دفتري لغت "۾ علمِ نباتات جي لفظي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي: "ٻوٽن جو علم (Botany)" (9)

علمِ نباتات بنيادي طور تي يوناني ٻوليءَ جي لفظ ""Botany" مان ورتل آهي. جيڪو حقيقت ۾ ٻوٽن جي علم کي چئجي ٿو. علمِ نبابات جنهن ۾ ٻوٽن جي قسمن، ان جي بناوٽ ۽ ساخت يا ان جي حياتي جي حصي بابت علم حاصل ڪري اڀياس ڪرڻ کي چئبو آهي. اسين هن علم ذريعي ٻوٽن جي بيمارين ان جي جينيٽڪس تبديلين کان وٺي پيوند ڪاريءَ تائين ٻوٽن جو جائزو وٺندا آهيون.

علم نباتات خاص طور وڻن، ٻوٽن، گلن ۽ گاهن جي علم کي چئون ٿا ان باري ۾ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو: "ٻيون اُهي شيون جن کي نباتي جان آهي، جيئن ته وڻ، ٻوٽا، گاهه، گل، انهن کي عالم نباتات ٿا چون." (10)

ٻوٽن جا بيشمار قسم ٿيندا آهن، جنهن ۾ مختلف وڻ، مختلف گُل ۽ مختلف قسم جي ميوَن جا ٻوٽا وغيره شامل آهن. جن ۾ هر ڪنهن جي ساخت ۽ ان جي طبعيت يا مزاج مختلف هوندو آهي. در حقيقت انهن سڀني شين جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ ڪي علم نباتات چئبو آهي.

## 3: جسماني ماحوليات:

طبعي ماحول انسان جي آس پاس جي ماحول جو اهو حصو آهي جنهن ۾ صرف جسماني عنصر هوندا آهن. جهڙوڪ: پاڻي، مٽي، زميني ساخت، معدنيات، هوا، فضا ۽ قدرتي نباتات وغيره شامل آهن. هن قسم ۾ اسان فضا، ليٿوس فيئر ۽ هائڊروس فيئر جو ذڪر ڪندا آهيون. يعني ارضيات ۽ زمين جو علم ۽ ان جو اڀياس ڪرڻ وغيره.

### ليٿوسفيئر (Lithosphere):

آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس پاران ڇپيل "آڪسفورڊ انگريزي سنڌي ڊڪشنري "۾ ليٿوسفيئر (Lithosphere) جي لفظي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي:

"ارضيات: زمين جو مٿيون تهه، سخت مٽي (Lithospere)" (11)

بنيادي طرح هي زمين جو ٺوس حصو هوندو آهي. هن حصي ۾ زمين اندر موجود ملندڙ ذرڙن ۽ معدنيات جهڙين شين جو ذڪر ٿيندو آهي. جنهن ۾ مٽي، پٿر ۽ تيل وغيره جو ذڪر هجي.

زمين جي ماحول مان مُراد آهي اهو ماحول جتي انسان رهي ٿو. زمين ئي انسان جو گهر آهي. جتي انسان ٻين حيوانات سان گڏ رهي ٿو. انسان ۽ ٻي جيوت سان تعلق رکندڙ ماحول جو اڀياس ڪرڻ جي لاءِ زمين تي موجود تمام جاندارن ۽ انهن تي اثر انداز ٿيندڙ زمين جي ماحول جو جائزو وٺڻ ضروري آهي. زمين جو نظام سڀني جاندارن جي لاءِ دوستاڻو آهي. جتي هر قسم جي جيوت رهي سگهي ٿي. زمين جو ماحول حياتيات جي لاءِ مؤثر آهي. جنهن ۾ حياتيات، حيوانات ۽ نباتات سڀئي اچي وڃن ٿا. ان باري ۾ محمد شمس الحق لکي ٿو: ”زمين جي ماحول ۾ اسان کي ٻن قسمن جا ماحول ملن ٿا. هڪڙو طبعي ۽ ٻيو حياتياتي، حياتياتي ماحول ۾ اسان کي نباتات، حيوانات ۽ سڀ اها جيوت جن کي اسان پنهنجي اکين سان ڏسي نه سگهندا آهيون، اهي سڀ به ان ۾ شامل آهن. اهي ٻئي عنصر مادي ۽ توانائي جي ڦيري سان هڪٻئي تي اثر انداز ٿيندا آهن “[12]

## هائڊروس فيئر (Hydrosphere):

آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس پاران ڇپيل ”آڪسفورڊ انگريزي سنڌي ڊڪشنري “۾ هائيڊروس فيئر (Hydrosphere) جي لفظي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي:

”آبي گولو، ڌرتيءَ تي پکڙيل پاڻي (Hydrosphere)“ [13]

هائيڊورس فيئر بنيادي طور تي هن ڌرتي جي موجود مڪمل پاڻي جي اڀياس جو نالو آهي. هن حصي ۾ پاڻيءَ بابت معلومات يا ڄاڻ حاصل ڪئي ويندي آهي. پاڻيءَ جي آلودگي، آبي ذخيرا ۽ ان جي صاف سٿرائي بابت اڀياس ڪيو ويندو آهي. جيتوڻڪ پاڻي جي بناوٽ ۽ ان ۾ موجود مختلف قسمن جا آبي جانور ۽ مڇين

جو به علم حاصل ڪيو ويندو آهي. پاڻي بنيادي طور تي ٻن قسمن جي هوائن (يعني گئسز جو نهيل آهي) جو جڙيل آهي. ان باري ۾ مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب ”عالمِ آبي ”۾ لکي ٿو:“پاڻيءَ جي بناوٽ عجيب آهي. هو ٻن قسمن جي هوائن مان جڙيل آهي، هڪڙي ڪي آڪسيجن ۽ ٻي ڪي هائڊروجن چون ٿا. پاڻيءَ کي ڦيرائي انهن ٻن هوائن ۾ جُدا ڪري سگهجي ٿو، يا انهن ٻنهي کي گڏي منجهائن پاڻي جوڙي سگهجي ٿو. ”(14)

يعني جڏهن ٻن گئسز جو پاڻ ۾ ميلاپ ٿئي ٿو ته منجهان پاڻي وجود ۾ اچي ٿو. ۽ اهڙيءَ طرح پاڻيءَ اندر اسان کي سمنڊ، درياهه، ننديون ننڍيون ڍنڍون ۽ ننڍا ننڍا ڍورا پڻ ملن ٿا. جنهن ۾ مختلف قسم جي جيوت جِي رهي آهي.

## ماحول ۽ شاعري جو باڻ ۾ تعلق:

اسان پنهنجي آسپاس هن گولي تي گهٽيون ئي نيون شيون ۽ ڪيترا نوان عجيب منظر ڏسون ٿا. جن منجهان ڪي، اسان کي بلڪل نوان، خوبصورت ۽ حسين لڳن ٿا. اهي سيئي قدرت جا نظارا ڪنهن نه ڪنهن طرح سان اسان جي ماحول جو حصو هوندا آهن. جيڪي اسان کي متاثر ڪندا آهن. انهن ۾ حياتيات، نباتات ۽ آبي حيوانات کان ويندي هر جيوت هن دنيا جي ماحول کي بڻائي ۽ سنواري رهي آهي.

جهڙيءَ طرح ماحول هن ڌرتيءَ جي جسم جو حصو هوندو آهي. اهڙيءَ ئي طرح هر هڪ شيءِ ۽ قدرت يا فطرت جي حسن ۽ ان جي رنگ ڍنگ جو انگ به نرالو ٿيندو آهي. فطرت پنهنجي حُسن ۽ خوبصورتيءَ جي ڪري پنهنجو مٽ پاڻ

آهي. اهو ئي سبب آهي جو انسان فطرت جي ڪنهن به شيءِ کي جڏهن ڏسي ٿو ته هو ان جي حسن جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو آهي.

ساڳي ريت جڏهن فطرت جا اهي حسين رنگ هڪ عام فرد ڏيندا، شاعر تائين پهچن ٿا ته اهي وڌيڪ خوبصورتيءَ سان پيش ڪيا وڃن ٿا. يعني فطرت ۽ شاعري جو پاڻ ۾ جيڪو ڳانڍاپو آهي. اهو اسان جي آس پاس جي ماحول جي ڪري ئي هوندو آهي. هن ماحول ۾ اسان کي ڪٿي حسين گُل، ته ڪٿي حسين ٻوٽا، ته ڪٿي حسين ڍنڍون، ته ڪٿي حسين پهاڙ، ته ڪٿي حسين آبشار، ته ڪٿي حسين پکي، ته ڪٿي حسين سمنڊ ۽ ڪٿي ڪٿي مختلف جيوت جي خوبصورتي موهيندي آهي.

شاعري پنهنجي ماحول ۾ اهڙو ته اثر رکي ٿي جو هو هڪ ئي وقت ڪنهن عام فرد جي احساسن کي تبديل ڪري سگهي ٿي. ان باري ۾ اسحاق سميجو لکي ٿو: ”دراصل شاعري اهڙي گهٽا آهي، جيڪا وسي اندر جي موسم کي به تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. اها هڪ ئي وقت بهار به آهي ۽ ميگهه ملهار به آهي. ڪڙڪي ڪِرندڙ وڄ به آهي ته وساورنيءَ جا ست رنگ به آهي. ڏيل آڳ به آهي، سُتل پيڙ به آهي، جاڳيل زخم به آهي. مُرڪندڙ نهار به، ته روح به آهي. (15)

شاعري ايتري وسعت رکي ٿي ته هو هڪ ئي وقت هڪڙي فرد جي سڄي مزاج (Mood) کي پنهنجي ماحول جي ذريعي تبديل ڪري سگهي ٿي. هوءَ پنهنجي ڳالهه ۾ ايترو وزن رکندي آهي، جو ان جي اثر کان ڪير بچي نه ٿو سگهي. شاعريءَ جا ڪيئي روپ ۽ رنگ آهن. جيڪي شاعريءَ ۽ ماحول جو پاڻ ۾ تعلق وارو واضع ثبوت آهي. هڪڙو شاعر ڪنهن به حسين ڳالهه يا فطرت جي ڪنهن خوبصورت منظر جي جڏهن منظرڪشي ڪندو آهي ته يقينن اهو پنهنجي ماحول مان ڪنهن شيءِ جي ڳالهه چئي رهيو هوندو آهي. يعني شاعر ان ماحول

جي موجوده شين کي پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪرڻ کان سواءِ ان جي خوبصورتي جو حسين اظهار ڪڏهن به نه ٿو ڪري سگهي. ان سڄي معاملي کي اسين فطرتي يا قدرتي حسن به چوندا آهيون. جنهن ۾ شاعر قدرت فطرت جي ماحول کي نظر ۾ رکندي اتان کان شيون پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪٺندو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو: ”ماڻهو ازل کان نه فقط انساني سونهن ۽ سندرتا جو شيدائي رهيو آهي، پر قدرتي فطرت جي حسن کان به تمام گهڻو متاثر رهيو آهي. قدرتي حسن ۾ ڪائنات جا اهي سيئي حسين نظارا ۽ موهيندڙ منظر اچي وڃن ٿا، جن ۾ سج، چنڊ، ستارا، اوچا آبشار، نيريون نديون، اڏول پربت، گلن تي پوندڙ ماڪ ڦڙا، آڪاش ۾ چانيل گهنگهور گهٽائون، مطلب ته ڪائنات ۾ موجود رنگ برنگي گلن، ٻوٽن، سمنڊن، دريائن، پهاڙن ۽ صرائن کان وٺي اُپ ۾ موجود سمورن لقائن، اسرارن ۽ مظهرن تائين جون حقيقتون ۽ حسناڪيون فطرتي حسن ۾ شامل آهن.“(16)

شاعر وٽ فطري حسن ۽ قدرت جي سونهن کان علاوه ٻيا عام موضوع به ماحول منجهان کنيل هوندا آهن. يعني انساني حياتيات جي ڪجهه غير معمولي يا معمولي مسئلن بابت وغيره. شاعريءَ ۽ ماحول جو پاڻ ۾ ايترو ئي گهرو تعلق آهي. جيترو شاعري ۽ شاعر جو هوندو آهي.

## ماحولياتي گدلاڻ جون تباهيون ۽ فطرت تي ان جا اثر:

اسان کي معلوم آهي ته شاعري انسان جي ترجماني ڪري ٿي، ۽ ان جي فڪر جي اظهار جو مرڪز رهي آهي. پر شاعري رڳو ايترو ناهي ڪيو، بلڪه شاعري انسان کي انيڪ موضوعن طرف متوجهه پڻ ڪرايو آهي. جنهن ۾ فطرت جا خوبصورت رنگ، سرمست هوائون، جتي صبح جي تدڙي تدڙي تازي

هوا، جتي زمين تي ڪِرندڙ سج جا ڪِرڻا، گل، ٻوٽا، وڻ، ڍنڍون، درياهه، سمنڊ، پهاڙ ۽ اندلث جهڙا ناياب رنگ به شاعريءَ جي انگ انگ ۾ ڳائجندا رهيا آهن. اهي سڀئي قدرت جا اهي شاهڪار رنگ آهن، جيڪي ڪنهن به عام شاعر جا خاص موضوع ٿي ويندا آهن.

پر ان جي ابتڙ اڄ ڪلهه جي ترقي يافته مصروف دور ۾ مصروف زندگيءَ اسان کي فطرت جي حسن کان پري ڪري ڇڏيو آهي. ۽ ماحولياتي آلودگيءَ جي ڪري فطرت جا اهي خوبصورت منظر اسان کان پري ٿي رهيا آهن. ماحولياتي مطالعي ذريعي نه صرف شاعر جي ماحوليات ۽ فطرت سان دلي لڳاءَ کي پرکيو ويندو آهي، پر ان سان فطرت جي دشمن عنصرن، ماحولياتي گدلاڻ، فطرت جي تباهه ڪارين ۽ انهن جي نقصانن جو تجزيو پڻ ڪيو ويندو آهي.

ماحولياتي آلودگي نه صرف انسان کي دنيا جي حسين رنگن کان محروم رکي ٿي. بلڪه قدرت جي انهن سڀني حسين آشڪارن کي به آلوده ڪري ٿي. ماحول جي بچاءَ ۽ ان جي حفاظت لاءِ اسان انسان ايترو ڪجهه نه ڪري رهيا آهيون، جيترو ڪرڻ گهرجي. گڏوگڏ قدرت جي حسن کي اسين مصنوعي توانائين ذريعي تباهه و برباد ڪري رهيا آهيون. ان باري ۾ رئوف نظاماڻي لکي ٿو: ”سڄي دنيا جي موسم تبديل ٿي رهي آهي. اسان جي ملڪ سميت گهڻن علائقن ۾ گرمي پد وڌي رهيو آهي. گليشيئر پگهرجي رهيا آهن. دريائن ۾ ٻوڏ ۽ سمنڊن ۾ طوفانن جا خطرا وڌي رهيا آهن. گهڻا ماهر چون ٿا ته اهو هڪ فطري عمل آهي ۽ ان ۾ انسان جو ڪردار نهايت گهٽ آهي. جيئن ڌرتي مختلف دورن مان گذري آهي ائين اهو به هڪ اهڙو ئي مرحلو آهي. انهن ۾ گهڻائي اهڙن ماهرن جي آهي جيڪي انهن سرمائيدارن جي حمايت ڪن ٿا، جيڪي پنهنجي صنعتن ۾ ماحول کي محفوظ ڪرڻ لاءِ عالمي طور تجويز ٿيل قدم نه ٿا کڻڻ

چاهين. اها هڪ مجيل حقيقت آهي ته ماحول ۾ تبديلي جو گهڻو حصو انسان جي معاشي ترقي جي ڊوڙ ۾ رڌل رهڻ جو لازمي نتيجو آهي. ”[17]

عالمي سطح تي ماحول کي بچائڻ جي لاءِ جيڪي تجويزون ڏنيون ويون آهن. اگر ان تي صحيح طرح سان عمل ڪيو وڃي ته اسان وٽ ماحول منجهان (قدرت/فطرت) کي درپيش خطرا ٽري سگهن ٿا. ائين ڪرڻ سان نه صرف نباتاتي زندگي بچي سگهي ٿي، بلڪه حياتيات لاءِ به اها ڳالهه گهڻي قدر اهم آهي. اسان وٽ موجود ٻين حيوانات کي انسان جي مقابلي وڌيڪ نقصان رسي رهيو آهي. انسان پنهنجي بي حسي جي ڪري اڄ ڪوڙ ئي جنگلات مصنوعي طريقي سان تباهه ڪري رهيو آهي. جنهن ۾ نه صرف اسان جي ماحول لاءِ اها نقصانڪار ڳالهه آهي بلڪه اها پڻ جيوت جي لاءِ هاڃيڪارڪ ثابت ٿي رهي آهي. نه صرف ايترو پر اسان جي ماحول اندر پاڻيءَ ۾ موجود ڪيميائي آلودگي ۽ فضا ۾ موجود گئسن جي آلودگي انسان سان گڏ مختلف جيوت لاءِ به قابِل تشويش ڳالهه آهي.

ساڳي ريت اسان وٽ مصنوعي توانائي به گهڻي تباهي آندي آهي، جنهن ۾ خاص طور انهن فيڪٽرين جو وڏو هٿ آهي، جيڪي ڪيمڪل جي نالي تي اهو زهر اڇلي رهيون آهن، جيڪو نه صرف قدرت جي عنصرن بلڪه انسان جي پنهنجي زندگيءَ جي لاءِ به ڪنهن خطري هيٺ گهٽ ڪونهي. ان باري ۾ حضرت مولانا مفتي اختر امام عادل قاسمي لکي ٿو ته: ”اڄ اسان جي فضا پاڻي ۽ زمين ۾ موجود ڪيميائي مادا ۽ نقصان ڏيندڙ عنصر خطرناڪ حد تائين موجود آهن. ماحول ۾ آلودگيءَ جي واڌ جا ڪيترائي سبب آهن. جيتوڻڪ انسان ترقي به ڪئي آهي، پر ان ترقيءَ ۾ انساني صحت ۽ ماحول کي درپيش خطرن تي توجهه پڻ گهٽ ڏني وئي آهي. ”[18]

اڻ سڌيءَ طرح اسان جي ماحول ۾ اگر اهي عناصر موجود آهن، ته يقينن اهي نه صرف انساني صحت بلڪه ماحول اندر فطرتي/ قدرتي عنصرن جي لاءِ به خطرو آهن. اسان وٽ آبي ماحوليات اندر مختلف ڪيميائي پاڻيائن جي ڪري آبي مخلوق مَرندي نظر ايندي آهي. ان زهريلي ڪيميڪل ڪي ڍنڍن ڍورن، ندين ۽ درياهن ۾ ڇوڙ ڪيو ويندو آهي. آب اسان جي بنيادي ضرورتن منجهان سڀ کان اهم ضرورت آهي، جي اسين ان ۾ ئي ڪا ملاوٽ يا ڪا تباهڪاري پيدا ڪريون ٿا ته اهو انسان لاءِ پنهنجي لاءِ به گهڻو خطرناڪ ثابت ٿيندو. ان باري ۾ حضرت مولانا مفتي اختر امام عادل قاسمي لکي ٿو ته: "پاڻيءَ ۾ ڪيئي طرح جون ننڍيون ننڍيون زهريليون شيون ۽ مادا شامل ٿي ويا آهن. پاڻيءَ جي آلودگيءَ جي ڪري معدي ۽ جگر جون بيماريون وڌي رهيون آهن. صنعتي علائقن مان نڪرندڙ زهريلا مادا گهڻو ڪري، بنا صفائي جي ندين ۽ نالن ۾ ڇوڙ ڪيا وڃن ٿا. نه صرف ايترو پر آ بي حيات لاءِ پڻ اهي زهريلا مادا خطرناڪ ۽ موت جو سبب ٿيندا آهن. اهڙي پاڻيءَ کي ته زراعت لاءِ به ڪم نه ٿو آڻي سگهجي، نه ئي اهو ٻوٽن ۽ وڻن لاءِ ڪارگر آهي. اهڙن ٻوٽن کي استعمال ڪرڻ پڻ انساني زندگيءَ لاءِ خطري کان خالي نه آهي. "(19)

يعني ڪيمائين آفتن جو پاڻيءَ جي ماحول کي خراب ڪرڻ ۽ ان سان انساني ۽ آبي جيوت کي نقصان ڏيڻ به انساني مصنوعي تباهڪاري چئبي. آب اسان جي جيئڻ جو هڪ واحد ذريعو آهي. جنهن جي تباهه ڪاري، انساني جيوت جي تباهه ڪاري آهي.

اهڙيءَ طرح قدرتي ماحول پنهنجو الڳ وجود رکندو آهي. ان جي وجود کي تهس نهس ڪرڻ جي ڪوشش، وٽن جي واڍ آهي. انسان صدين کان وٺي پنهنجي فائدي ۽ مطلب لاءِ پنهنجي لالچ ۽ حرص جي لاءِ قدرت جي معصوميت

کي ختم ڪرڻ ۾ رُذل آهي.انسان قدرت جي تحفظ جي لاءِ ڪجهه به نه ڪري سگهيو آهي. وڻ اسان لاءِ ڇانوَ، راحت ۽ سڪون جو ذريعو آهن. وڻن جو خاتمو، مطلب پکين، جانورن ۽ انسانن جي راحت ۽ سڪون جو خاتمو آهي. فطرتي نظام ۾ وڻن جو خاتمو ساهوارن جي راحت ۽ سڪون واري هڪ پوري سماج جو خاتمو آهي. وڻ، جيڪي انسان، جانورن ۽ جيت جڻين جي محبتن ۽ سڪون جا امين آهن. وڻن جي واڍ، ماحولياتي تباهي آهي. ان باري ۾ حضرت مولانا مفتي اختر امام عادل قاسمي لکي ٿو ته: ”زميني آلودگي گهٽ ڪرڻ لاءِ، ٻيلا لڳائڻ نهايت ئي مؤثر ڪم هوندو آهي. ٻيلن ۽ وڻن جي گهٽتائي جي نتيجي ۾ زمين خشڪي ۽ ڪَلر جو شڪار ٿي ويندي آهي. “[20]

اهو هڪڙو وڏو آلميو ڇئبو ته اسين پنهنجي ماحول جي بگاڙ جو پاڻ ئي سبب آهيون. اسان پنهنجي آس پاس ٿيندڙ واقعات کي نظرانداز ڪندا آهيون، يعني وڻن جي واڍ، انهن جي ڪٽائي اسان جي ماحول جي فطري حسن جو پڻ خاتمو آهن. زمين جي آبهوا ۽ فضا جي خوبصورتي وڻ هوندا آهن. ۽ اسان کي انهن جو تحفظ ڪرڻو پوندو.

وڻڪاري ۽ وڻن جي واڍ نه صرف اسان جي ماحول لاءِ بلڪه جانورن جي لاءِ به نقصاده هوندي آهي. ٻيلن ۾ ڪيترن ئي قسم جي جانورن، پکين ۽ ٻي جيوت سان گڏ اسان کي هڪ مڪمل حياتِ نوع نظر اچي ٿي. ۽ ٻيلا اسان جي لاءِ هڪ پُرسڪون ماحول جو سبب پڻ بڻجن ٿا. اڳ جي دور ۾ آبادگار اڪثر پنهنجي زمين کي صاف سٿرو رکڻ جي لاءِ وڻن جي مختصر واڍ ضروري سمجهندا هئا. پر اڄ جي دور ۾ انسان پنهنجي صعنتي مقصد کي پورو ڪرڻ جي لاءِ وڻن جي واڍ کي وڏيڪ اهم سمجهي رهيو آهي. ۽ انهيءَ کي عار محسوس نه ڪري رهيو آهي، جيڪو ڪيس ٿيڻ کپي. ان باري ۾ رئوف نظاماڻي لکي ٿو:

"هوئن انساني تاريخ ۾ ننڍا آبادگار پنهنجي پيٽ گذر لاءِ پوک ڪرڻ لاءِ وڻن ڪي وڍي زمين کي صاف ڪندا هئا، پر ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ اهو لاڙو بدلجي ويو ۽ جهنگل جو صنعتي مقصدن لاءِ وڏي پئماني جي زراعت لاءِ استعمال وڌي ويو. "(21)

اِها ڪنهن دور يا زماني جي ڳالهه نه آهي، بلڪه اهو اسان جي مطلب ۽ مفاد جي حق ۾ آهي، ته اسين قدرت جي انهن ٻيلن کي پنهنجو پاڻ پنهنجي مقصد لاءِ وڍائي استعمال ڪري رهيا آهيون. اسين ان کي وڌائڻ بجاءِ ان جي خاتمي جا زميوار آهيون.

## ماحوليات جا سنڌي شاعريءَ تي اثر:

سنڌي شاعريءَ جو ماحول تي اثر اسان کي سنڌي شاعرن وٽ ملي ٿو. جنهن ۾ فطرت  جون اهي مجموعي وصفون آهن، سنڌي ڪلاسيڪل شاعري اسان جو گڏيل اثاثو آهي. جنهن ۾ اسان کي فطرت ۽ قدرت بابت گهڻي شاعري ملي ٿي. انسان بنيادي طور تي ان شاعريءَ کان ضرور متاثر ٿيندو آهي، جنهن ۾ فطرت ۽ ان جي رنگن بابت ڪا ڳالهه ڇيل هجي.

سنڌي شاعريءَ تي جڏهن به ماحوليات جو اثر يا ذڪر ڪجي ٿو، ته سڀ کان اول اسان کي سنڌي تاريخ جا پيرا ڪڍڻا پوندا. جنهن منجهان اسان کي سنڌي شاعريءَ بابت ان جي سٽاءَ ۽ ان جي تاريخ جي خبر پئجي سگهندي. گڏوگڏ سنڌي شاعريءَ جو شروعاتي دور ۽ ان تي ماحول جا اثر پڻ تحقيق ڪرڻ لاءِ ملي سگهن ٿا. ان ڏس ۾ سڀ کان اول اسان کي سنڌي ادب ۾ "لوڪ شاعري " نظر اچي ٿي. جنهن جا آثار سومرن جي دور کان ملن ٿا. سنڌي لوڪ شاعري نه

صرف اسان جو بنيادي ايڪو آهي، پر اها اسان جي ماحول بابت ٿيندڙ ڳالهين جي عڪاسي پڻ ڪندي رهي آهي.

لوڪ ادب يا لوڪ شاعري سنڌو تهذيب جي پيڙهه واري حيثيت رکي ٿي. جنهن ۾ عام فردن پاران عام فهم ٻوليءَ ۾ پنهنجي جذبن، احساسن، ريتن رسمن، رواجن، رهڻي ڪهڻي، غمن ۽ خوشين جي اظهار جو ذريعو هوندي آهي. لوڪ شاعريءَ ۾ به اسان کي مختلف قسمن جا انيڪ موضوع پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ملن ٿا. جن ۾ فطرت نگاري ۽ جماليات به آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ جو حوالو ڏيندي، سندس راءِ هن طرح بيان ڪئي آهي: "لوڪ ادب ۾ سنڌي ثقافت جي سونهن ۽ سوڀيا، سڳنڌ ۽ سرهاڻ سمايل آهي. هن ادب جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ آهن، انهيءَ ڪري ان ۾ سنڌ ڌرتيءَ واري فطري سونهن آهي. " (22)

مٿين حوالي منجهان اها ڳالهه واضح آهي ته سنڌي لوڪ شاعري ۾ ئي سنڌ ڌرتيءَ جي حقيقي ماحول کي چٽيو ويو آهي. يعني سنڌي لوڪ شاعري ئي اها بنيادي شاعري آهي جنهن تي سڀ کان اول ماحول جو اثر نظر اچي ٿو. هن جو هڪ مثال اڪبر لغاري هيئن پيش ڪيو آهي:

هيءَ ڪانديرڙي لس،
هيءَ واسرڙي وس،
آئون ڪلندي ڪُڏندي آچان. (23)

لوڪ شاعري کان پوءِ اسان وٽ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ به اسان کي ماحول تي سنڌي شاعريءَ جو اثر ڏسڻ ۾ ملي ٿو. بلڪه اها هڪڙي وڏي روايت طور نظر اچي ٿي. ڪلاسيڪل دور جي شاعرن ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، شاهه لطف الله قادري، ميون شاهه عنات رضوي،

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو، روحل فقير، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، صاحبڏنو فاروقي، سچل سرمست، ڀائي چين راءِ (سامي)، حمل فقير لغاري ۽ خليفو نبي بخش وغيره شامل آهن. جن سنڌي ڪاسيڪل شاعريءَ کي اوج بخشيو ۽ ان کي فني معيار عطا ڪيو. ڪلاسيڪل شاعري ۾ فڪر، اعليٰ اخلاقي قدر، صوفياڻي لهر، فطرت ۽ جمال موجود آهي. جنهن پنهنجو الڳ ئي ماحول جوڙيو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو: "مجموعي طور تي ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ ۾، زندگيءَ جي اعليٰ ۽ آدرشي قدرن جي اُپٽار، صوفياڻي رمزيت ۽ تمثيلي ندرت جي جمال سان گڏوگڏ آفاقي ۽ وجداني احساسن جي اظهار جو اهڙو رنگ ملي ٿو، جيڪو فڪري توڙي فني حوالي سان تمام گهڻو موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهي ۽ ان مان هڪ ئي وقت فطرتي، فڪري، فني، جسماني، افادي، وحداني ۽ وجداني سونهن جهلڪندي محسوس ٿئي ٿي." (24)

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ڪلاسيڪل شاعرن پنهنجي رنگ ۾ نواڻ آڻي، لوڪ شاعريءَ کان پنهنجو پاڻ کي ڌار ڪري ڇڏيو. اها سندن حقيقي انفراديت آهي. ڪلاسيڪل شاعر حقيقت ۾ فطرتي شاعر آهن. جن وٽ فطرت ۽ ڪائنات جي حُسن بابت ڳالهه خوبصورتيءَ سان پيش ڪيل نظر اچي ٿي. گڏوگڏ انهن جي شاعريءَ ۾ پنهنجي آس پاس جي ماحول جو عڪس پڻ نظر ايندو آهي. انهن جيڪي ڪجهه پنهنجي اکين سان ڀَسيو آهي، ۽ پرکيو آهي. اهو پنهنجي شاعريءَ وسيلي اظهاريو آهي. انهن فطرت سان پيار ڪيو آهي. انهن جو حياتيات ۽ نباتات سان چاهه، انهن جي ئي شاعريءَ وسيلي نظر اچي ٿو.

انهن سڀني آساسي شاعرن منجهان شاهه عبداللطيف پنهنجو هڪڙو الڳ معيار ۽ مقام رکي ٿو. جنهن جي ڪلام ۾ نه صرف فطرت نگاري بلڪه جماليات

ڪان ويندي تصوف جي رمزن تائين سڀئي موضوع شامل آهن. شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ جمال، فن ۽ فڪر جي اڏام، موسيقيت، ۽ فطرت جي خوبصورتي بيان ٿيل آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي پڻ فطرت ۽ ماحول جو شاعر سڏيو ويندو آهي جنهن جي انيڪ بيتن ۾ فطرت ۽ ماحول ڀريا پيا آهن. هُن نه رڳو ڪنهن هڪ قصي يا داستان، بلڪه سڀني داستانن اندر جيڪو حُسن ڀريو آهي، سو منفرد آهي. شاهه صاحب نوري ڄام تماچيءَ جي مزار جي ماحول کي هن طرح بيان ڪري ٿو:

هيٺ جر، مٿي مجر، پاسي ۾ وڙاهه،
اڇي وڇي ۾، تماچيءَ جي ساءِ،
لڳي اتر واءَ، ته ڪينجھر هندورو ٿئي. (25)

ڪيڏو نه حسين ماحول چٽيو آهي لطيف سائين، تماچيءَ جي مزار ۽ ان جي آس پاس، ارد گرد شين بابت، وڻن بابت ۽ ڪينجھر جي ڇولين ۾ هُن ان مزار کي هندورو ڪري پيش ڪيو آهي. واقعي اهو اهڙو ماحول لطيف ئي پيش ڪري سگهي ٿو.

ڪلاسيڪل شاعريءَ پنهنجو اهڙو اثر ڇڏيو، جو اهو اثر اڄ تائين سنڌي شاعريءَ منجهان نڪري ناهي سگهيو، ان اثر جا آثار اسان کي بعد واري جديد شاعريءَ تي پڻ نظر اچن ٿا. جديد ۽ ڪلاسيڪل ادب جي فرق ۾ اسان کي اهو معلوم آهي ته شاعريءَ هڪڙو الڳ رستو اختيار ڪري پنهنجي اندر نين صنفن کي شامل ڪيو. جڏهن دنيا جي ادب اسان جي سنڌي ادب تي پنهنجا اثر ڇڏڻ شروع ڪيا، ته اسان وٽ به اهي سڀئي لاڙا ۽ تحريڪون اسان جي شاعريءَ ۾ پڻ نظر اچڻ لڳيون. جديد ادب هڪ تحريڪ جو نالو آهي. جيڪا لامحدود تحريڪ ٿي ابري. هي نظريو ڪو نئون نظريو ناهي، بلڪه انسان جي تاريخ سان گڏ گڏ

موجود رهيو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ لکي ٿو: ”ترقي پسند هڪ جامع ۽ متحرڪ اصطلاح آهي، ترقي پسندي هڪ رويو، لاڙو ۽ تحريڪ آهي، جيڪا هر دور ۾ موجود رهي آهي. ترقي پسند ڪو موجوده دور جو محدود رويو ناهي، نه وري ان جو دائرو محدود آهي. ترقي پسنديءَ جو نظريو انساني تاريخ جي اڻ کٽ بابن جي هر دور ۾ موجود رهيو آهي. ”(26)

جديديت جو لاڙو سنڌي ادب ۾ 70 واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿيو .جديديت سنڌي ادب ۾ ”نئي شاعري ”جي نالي سان ۽ اردوءَ ۾ ”نيا ادب ”جي نالي سان متعارف ٿي. هي لاڙو يورپ ۾ 20 صدي جي وچ ڌاري ”نئي لاڙي ”سان اڀري سامهون آيو. جنهن پوري دنيا جي ادب ۾ نواڻ آڻڻ شروع ڪري ڇڏي. ان ۾ وڏا وڏا شاعر ۽ اديب پوري دنيا مان شامل ٿي لکڻ لڳا. ۽ هلندي هلندي هن ۾ ايڏي ته جدت آئي جو هي لاڙو جديديت کان ترقي پسند ادب ۾ داخل ٿي ويو.

سنڌي جديد شاعريءَ ۾ شيخ اياز جيڪي تجربا ڪيا، سي مڙني شاعرن منجهان بنهه منفرد آهن. هُن سنڌي جديد شاعريءَ جا رُخ ئي تبديل ڪري ڇڏيا، هُن سنڌي جديد شاعريءَ کي نيون صنفون، نوان گهاڙيتا ۽ نوان موضوع ڏنا. هُن سنڌي شاعريءَ جي سڄي ماحول کي تبديل ڪري ڇڏيو. مگر تنهن هوندي به شيخ اياز ڪلاسيڪل شاعريءَ جي اثر هيٺ رهيو. هو وائيءَ جي صنف ۾ سورج مُکيءَ جي ڪيت جو هن طرح ذڪر ڪري ٿو:

پر هِي ساري ڪيت ڪي،
ڪيڻُ پيو پيلي؟
سورج مُکيءَ ڪي،
جيڪر اڄ چئجي،

اکيون ڪٽي سچ ڏي![27]

اياز وٽ فطرت سان عشق، پيار ان جي سچي شاعري ۾ ڀرپور نظر ايندو آهي. هن جو تشبيهون، استعارا ۽ صنعتون سيئي فطرت جي محور جي ارد گرد گهمندا رهندا آهن. هُن جي شاعريءَ ۾ اهي سيئي فطرت جا رنگ نظر اچن ٿا. جيڪي ڪنهن فطري شاعر وٽ هوندا آهن.

نه صرف شيخ اياز بلڪه اهو هر شاعر جي طبعيت ۽ مزاج ۾ هوندو آهي ته هو فطرتي طور تي شاعريءَ سان سلهاڙجڻ ڪانپوءِ فطرت جي حسن جي ڳالهه ڪري. ان لاءِ شاعر پنهنجي آس پاس جي ثقافت، ريتن رسمن، رواجن ۽ پنهنجي ثقافتي ورثي کي لازم ملزوم ڪري ڳائيندو آهي. ان ۾ هو پنهنجي شاعريءَ اندر خاص پيتا پنهنجي مِٽيءَ ۽ درياهَ جي نالي ڪندو آهي. ان باري ۾ علي دوست عاجز لکي ٿو:

جهڙو ماهو کير، پاٽي ناهي پيٽ ۾،
تڏهن طبعيت کي مليو، ڌرتيءَ جيڏو ڌيرُ،
آءُ پانيان اڪسير، پاٽي آڳلا پيا چون![28]

ورلي ئي ڪو شاعر هجي، جيڪو پنهنجي مٽيءَ ۽ پنهنجي درياهَ يا نديءَ سان پيار نه ڪندو هجي، هتي به اسان وٽ شاعر پنهنجي مٽيءَ کي طبعيت سان تشبيهه ڏئي رهيو آهي. ته ڪيس اهڙي طبعيت هُن کي ان جي ڌرتي عطا ڪئي آهي. جنهن ۾ ٺهراءُ آهي، ڌيرج آهي ۽ صبر آهي. کير آهي جيڪو پنهنجي ڌرتيءَ جي وهندڙ درياهَ کي گدلو لکي. اهو ته ڪنهن ماهي کير جهڙو ۽ کنڊ جهڙو مٺو آهي. پر نه رڳو اهو اسان وٽ ته وڻن جي به پنهنجي حيثيت آهي، پر ايتريقدر جو

بوندون جي به هڪڙي ماحول جي جوڙڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿيون. اهو ماحوليات جو سهڻو مثال هي ڏسو:

وڻ ٽا جهومن واءُ ۾،
ساون پنن جي،
مٿان بوندون ٿيون وسن.
مٽي ٿي مهڪي پئي،
رستن ڪچن جي،
مٿان بوندون ٿيون وسن.(29)

بارش پنهنجي پاڻ سان ڪيئي عنصر ڪٺي ايندي آهي، ان ۾ رڳو بادلن، ڪڪرن، بجلي، گجگوڙ، ڦڙين، قطرن، هوا، طوفان ۽ بوندن جو ئي ذڪر نه ٿو اچي بلڪه ان سان جُڙيل ڪيئي فطرت جون حسين شيون موجود هونديون آهن، جيڪي هڪڙو خوبصورت ماحول جوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. بارش جي اچڻ سان اڳ واءُ گهلي ٿو، وڻ جهومن ٽا، ڳائن ٽا، نچن ٽا! خوشيءَ جو اظهار ڪن ٽا، بارش انهن جا ساوا خوبصورت پَن ڌوئي ٿي ڇڏي، انهن کي اڃو اُجرو ڪري ڇڏي ٿي، انهن جي حسن ۾ اضافو ٿئي ٿو. گڏوگڏ مٽيءَ جي پنهنجي سڳند ٿيندي آهي بارش جي ڪري ئي! ان ۾ جيڪو هڳاءُ پيدا ٿئي ٿو اهو بارش جي بدولت آهي! بارش جڏهن به پوي ٿي ته ان سان جُڙيل پورو ماحول ئي تبديل ٿي وڃي ٿو. جيڪي شيون اڳ اڻ وڻندڙ هُيون، اُهي بارش بعد يا بارش پوڻ دوران سهڻيون ۽ وڻندڙ لڳنديون آهن. تنهن ڪري به بارش ڪا اڪيلي ماحول جي جوڙيندي ڪونهي! ان ۾ ٻيا به ڪيئي عنصر موجود هوندا آهن. ماحول اسان جي هر طرف موجود آهي، اهو اسان کي ڪنهن سمنڊ، درياهه، ڪنهن ڍنڍ تي به گهٽو ٽٽو ڏسڻ

لاءِ ملي ٿو. جتي شام جو پهرَ ۾ پکين جي لاند موجود هوندي آهي ۽ ان سان گڏ ان ڍنڍ يا نديءَ جي ڪناري تي ٻيا ڪيئي اهڙا عنصر موجود هوندا آهن، جيڪي ملي اتان جي حسن ۾ اضافو ڪندا آهن. اهڙي ئي هڪڙي ڍنڍ تي لهندڙ پکيءَ جي گهمڻ واري منظر ۽ ان لاءِ شڪاريءَ جو تذڪرو ڪندي مشتاق ڦل هيئن لکي ٿو ته:

ڍنڍ تي لهندڙ پکي،
ڍنڍ ۾ ترندڙ پکي.
ڏس ڪنڌيءَ جي لام تي،
شام جو لڏندڙ پکي.
۽ پرينءَ جي پار ڏي،
صبح جو اڏندڙ پکي.
ڪيترا سهڻا سڀاجها ٿا لڳن! (30)

اوهان ڪڏهن اهڙيءَ ڍنڍ تي وڃو، جتي ڍنڍ ۾ سج لهندو هجي، آسمان ڪارو ٿي وڃي، ۽ سج جي لالاڻ چوڌاري اوهان جي اکين تي ڇانيل هجي، ان جي ڪناري ڪارا ۽ اڇي رنگ جا سهڻا پکي اوهان کي ۽ اوهان انهن کي ڏسي رهيا هجو. مٿيون منظر به ڪجهه ساڳيو ئي ڏيک ڏئي رهيو آهي، جنهن ۾ ڍنڍ تي پکي لهن ٿا، ڍنڍ ۾ پکي ترن ٿا، شام جو پهر آهي، وڻن جون لامون پکين جي ڪري لڏي رهيون آهن، ۽ اهي ساڳيا ئي پکي وري صبح مهل ائين اڏري ٿا وڃن، جڻ اهي پرينءَ پار ويندا هجن. اهڙو ئي هڪڙو شام جو منظر جنهن ۾ شام ٿئي ٿي، سج لهي ٿو، ڳاڙهاڻ ٿئي ٿي ۽ ان شام جي ماحول جو ذڪر سعيد ميمڻ هيئن ڪيو آهي:

چوڌس ڳاڙهي روشني،

ڌنڌلا ساوا وڻ،

سج لهي ٿو شام جو.

هوريان هوريان ڳوٺ ڏي،

موٽن ٿا هو ڌڻ،

سج لهي ٿو شام جو. (31)

سج لهي ٿو شام جو! عام طور تي اهو فقرو به عام آهي، ته اهو روزمره جو ئي ٿيندڙ واقعو آهي، ان ۾ ڀلا ڪهڙي ڪا نئين ڳالهه آهي! پر جڏهن به اهو فقرو ڪنهن شاعر ڀاران لکيو يا ڳايو ويو آهي ته ان جو اهو ئي مطلب آهي ته شام جي پهرَ ڏانهن ڪنهن شيءِ طرف ڌيان ڇڪائجي! اسان وٽ شامون روز اينديون وينديون آهن! پر شاعر انهن شامن ۾ ڪيئي ماحوليات عنصر ڏسي وٺندو آهي ۽ پوءِ اهي پنهنجي طريقي ۽ پنهنجي اسلوب سان بيان ڪندو آهي. چوڌس لالاڻ جي روشني ڦهليل آهي، وڻ ٽڻ ٻوٽا ڌنڌلا نظر اچي رهيا آهن، ۽ ان ئي پهرَ ۾ هوڏانهن ڳوٺ طرف اهو ڌڻ موٽي رهيو آهي جيڪو چرڻ لاءِ چراغان ويل هو! جيڪو هاڻي چري ڪري شامن واري لالاڻ جي روشنيءَ هوندي موٽي ٿو.

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن درياهه، ڍنڍ يا نديءَ جي ڪناري اسان ڪي ڪجهه اهڙا به حسين منظر ڏسڻ لاءِ ملن ٿا جيڪي واقعي ئي خوبصورتيءَ جو مثال آهن. اهڙو ئي هڪڙي وائي رضا بخاري لکي ٿو جنهن ۾ جرَ تي لام ترندي نظر اچي ٿي.

ڏس ته چنبيليءَ لام،

جرَ تي ترندي ٿي وڃي!

اودي رنگن جي پني،

مدهوشيءَ ۾ شام،

جرَ تي ترندي ٿي وڃي! (32)

هي ڪيڏو نه سهڻو خيال آهي، "مدهوشيءَ ۾ شام". مٿان پاڻيءَ تي لڏندڙ ان چنبيليءَ جي لام جو حسن به ڏسجي ته ڪيئن ٿي اها لام پاڻيءَ ۾ ٽُٻيون هڻي ٿي يا وري ٻاهر نڪري ٿي، يا ان پاڻيءَ جي مٿان لامارا ائين ڏئي ٿي جيئن ڪو پکي پاڻيءَ تي پنهنجي شڪار لاءِ لامارا ڏيندو آهي. انهيءَ سبب ڪري ان ٿاريءَ جي پنن رنگَ اوڍيا آهن، جنهن سان شام مدهوشيءَ ۾ ٻڏل نظر اچي ٿي. يقينن اهو منظر به ڪنهن درياهه يا ڍنڍ جو ئي آهي جتي اهڙا خوبصورت منظر عام ڏسڻ لاءِ ملندا آهن. ۽ ان کي صرف ڪو شاعر ئي ائين بيان ڪري سگهندو آهي. شاعر صحرا ۾ به رنگَ پري ڏيکاري ٿو هو رڻ کي به پنهنجي شاعريءَ وسيلي حُسن جو معجزو چوي ٿو. ان وٽ ماحول جو هر ننڍو وڏو عنصر ساڳي ئي معنيٰ رکي ٿو، اهڙيءَ ريت تتل واريءَ تي اصغر جتوئي هيئن رنگَ پريا آهن:

جهڙُ ڦڙُ وُٺي جَهامَ،

تتل واريءَ تي.

"من مسافر تنها، رڻ ۾ لِٿي شامَ"،

تتل واريءَ تي. (33)

ريگستان اهو واحد علائقو هوندو آهي جتي سواءِ واريءَ ۽ ڪانڊيرن جي ڪو ٻيو منظر ڏسڻ جهڙو ناهي ملندو، پر شاعر پنهنجي نگاهِ حسن سان اتي به ماحول ۽ فطرت جي ڳانڍاپي کي گهري اک سان ڏسي ٿو وٺي، جتي واري تتل هجي ۽ جهڙالو موسم ٿئي، ۽ پوءِ بارش پئجي رهي هجي. ۽ ڪو مسافر ان رڻ ۾ لهندڙ شام گهوري رهيو هجي. شاعر تنهن ڪري ئي ته فطرت ۽ ماحول جا عاشق

هوندا آهن، ۽ انهن لاءِ صحرا جهڙو نوس واريءَ وارو علائقو به سيراب هوندو آهي. اهڙو ئي هڪڙو ٻيو منظر اصغر هيئن ٻڌايو آهي:

ڳهميل واريءَ تي پيا، سورج جا ڪرڻا!
ڏرتي تي پئي آرسي!
ڏوپي ماڪَ ڦڙن سان، پنَ چمڪيا آڪ جا!
ڏرتي تي پئي آرسي!
تتل واريءَ تي پيا، مينهڙا وَڏَ ڦڙا!
ڏرتي تي پئي آرسي! (34)

هي منظر بارش کان پوءِ جو آهي! جنهن ۾ بارش ٿر جي تتل واريءَ تي ڪرڻ جيان پوي ٿي، گهميل واريءَ تي سج جا ڪرڻا چمڪي رهيا آهن. ٿر جي ريگستان ۾ جيڪي به وٽن ٽڻ ٻوٽا ڦٽندا آهن انهن تي چڻ ڪو نئون نکار يا ڪو شفاف پاڻي چڙهيل محسوس ٿيندو آهي. بارش جي شيشي جهڙن ڦڙن سان آڪ جا کهرا سُڪا پنَ به چمڪندا رهندا آهن، رڳو آڪَ جي ئي ڳالهه نه آهي پر ان ۾ ڪيئي ٻيا به سنا سنا ٻوٽا هوندا آهن جيڪي ٿرَ وٽ  وارياسي پٽن تي ٿيندا آهن. جنهن ۾ ڪيئي اهڙا ٻيا به خوبصورت وڻَ سونهن سان پرجي پوندا آهن.

هڪڙي پاسي شاعر پنهنجي حسين خيال ۽ تصورن جي دنيا ۾ فطرت ۽ ان ماحول کي اڪثر بيان ڪندا رهندا آهن، ته ٻئي پاسي وري انهن جا دشمن به ڪيئي آهن، جيڪي فطرت ۽ ماحول سان هٿ چراند ڪندا آيا آهن. يا جيڪي قدرت جي ان حسين عنصرن جا دشمن هوندا آهن. انهن جو هڪڙو مثال حبدار سولنگي هيئن ڏنو آهي:

نه باغن ۾ وڃڻ فطرت سان ڪائي دشمني چئبي،

پٽن گل باغ مان فطرت جو قتلِ عام ئي چئبو. (35)

اسان وٽ اهي ماڻهو گهٽ ئي آهن جيڪي باغن يا گلن سان پيار ڪندا هجن، انهن جو ڳاٽيو ڪري سگهجي ٿو، پر اهي ماڻهو هڪڙي پاسي اگر جي فطرت سان پيار نه ٿا ڪن ته گهٽ ۾ گهٽ ان جي تباهڪاريءَ جو سبب ته نه ٿين! ڪيئي ماڻهو باغن ۾ صرف اتان جي سونهن ۽ حسن ڏسڻ ويندا آهن، ڪيئي اتي شاعريءَ ڪرڻ ويندا آهن، پر ڪيئي صرف اتي گلّ پٽيندا ۽ انهن لاءِ نقصان ڪندا آهن. پوءِ ان جو نتيجو قاضي انجم هيئن بيان ڪري ٿو:

بيٺو وڻ اداس آ، خالي اٿم لام،
ڪيڏي ٿي وئي شام، پکي موٽيو ڪو نه آ. (36)

اها ڪهڙي نه بيوسي آهي وڻن جي! جتي انهن جون لامون لاٿيون وڃن ٿيون، جن تي انهن پکين جا آکيرا آهن جيڪي پنهنجي ٻچن لاءِ صبح جو ڪجهه چڳڻ لاءِ نڪرن ٿا ۽ وري شام ورندي انهن لاءِ ڪو داڻو آڻين ٿا، پر اگر جي نه وڻن جي ائين واڍ ٿيندي رهي، انهن جي ڪٽائي ائين ڪبي! ته ڪهڙا پکي اتي اچي رهندا! يا پوءِ ڪهڙو انهن لاءِ ڪو ٻيو گهر ٿي سگهي ٿو ڀلا! رڳو اها فطرت سان ئي نه پر ماحول سان به هٿ چراند آهي، جيڪي عنصر فطري طور تي جڙيل رهن ٿا، سي ماحول جو خاص حصو هوندا آهن. جڏهن اسان پنهنجي آس پاس حسين باغيچا ڏسندا آهيون، اهي نه رڳو پنهنجي اندر وسيع حُسن بلڪه وسيع جيوتَ رکيو ويٺل هوندا آهن. انهن جي اهڙي تباهڪاريءَ جو مطلب آهي، ان جيوتَ جي تباهڪاري. انهن کي ائين پٽڻ چيپاٽڻ، چيٿاڙڻ هرگز به سني ڳالهه ڪونهي، ائين حسين شاعر مشتاق ڦل لکي ٿو:

گل کي تون چيپاتين چو ٿو،
گل کي تون چيٿاڙين چو ٿو.

گل جو واس ڪيئي جُڳ رهڻ،
سونهن هٿن سان ساڙين چو ٿو؟ (37)

سڄيءَ دنيا ۾ وڻن، ٻيلن ۽ ٻوٽن پوکڻ جو هڪڙو الڳ ئي نظام آهي، جنهن ۾ هو نه رڳو سرڪاري سطح تي بلڪه عوامي سطح تي به اهڙي مهم هلائڻ وارا ڪيئي افراد موجود هوندا آهن. ڪيئي اهڙا ماڻهو به آهن، جيڪي ائين سونهن کي ساڙين ٿا يا پوءِ ان جي ائين بي حرمتي ڪن ٿا، انهن جي خوبصورتي ۽ انهن جي سونهن انهن کان برداشت ئي نه ٿيندي آهي جنهن ڪري هو اهو سڀ ڏسي نه سگهندا آهن، اهي ساڙ ۾ پريا پيا هوندا آهن، هو ڪنهن به حسين شيءِ کي بخشيندا نه آهن، هر طرح سان ڪوشش ڪندا آهن ته ان کي ننديون! اڪثر ماڻهن ۾ اهو عام آهي ته اهي گلن کي پٽي، ان کي چيپاتي ان جا ٽڪرا ڪري ڇڏين ٿا، بجاءِ جي ان جو واسُ وٺن يا ان جي خوشبوءِ مان مستفيد ٿين، هو ان کي ائين ئي تباهه ڪري ڇڏيندا آهن، پر ان هوندي به گل هميشه ئي رهڻا آهن، اهي ڪڏهن به مرڻا نه آهن. گل هجن توڙي اُهي ٻيلا يا پوءِ وڻَ، اهي اسان جي چانوَ جو سبب ٿيندا آهن. جيئن حسن لکيو:

ڇٽي چانو آخر آ، پٽ تي سمهي پئي،
وڻن جا وڏا بند ڪاٽير هيٺان. (38)

اسين جيڪا به ماحول سان هٿ چراند ڪري رهيا آهيون، ان جو اڳ پوءِ نقصان به اسان کي ئي ٿي رهيو آهي، اسين اهو نه ٿا ڏسون ته جيڪي وڻ اسان جي جياپي لاءِ اسان جي ڪم اچن ٿا اسين انهن لاءِ ئي ڪات ڪهاڙا کنيو بيٺا رهون ٿا. جيڪي اسان جي چانوَ جو سبب آهن اسين انهن جا ئي دشمن آهيون. دنيا جي سيني مُلڪن ۾ اهڙا ميوا ڏيندڙ وڻ ٻوٽا خاص طور نه صرف پوکيا ويندا آهن، پر انهن جي باغيچن لاءِ خاص نظام پڻ ٺاهيو ويندو آهي، جيئن اسان وٽ انبن جي اُپاءَ لاءِ خاص قسم جا باغ منسوب آهن. اهڙا وڻ رڳو اسان کي چانوَ ئي نه بلڪه اهي ته اسان کي ميوا به ڏيندا آهن. ساڳي ئي شعر ۾ ڏسو:

ورې وڻ کي ٻيهي، تصور ۾ ڏوٺي،
نندن ٻارڙن پٺي کنيا ٻير هيٺان. (39)

اڪثر اسان جي ڳوٺڻ ۾ اهي وڻَ چانوَ ۽ ميوا ڏيڻ جو سامان مهيا ڪندا آهن. شهر جي مقابلي ٻهراڙيءَ ۾ اهي وڻ اسان جي ماحول سان جُڙيل رهن ٿا. جيڪي نه رڳو وڏن پر ٻارن جي وندر جو به سامان ٿيو پون. اهي هڪڙي پاسي اسان جي لاءِ آرام ۽ سڪون پيدا ڪن ٿا ته ٻئي پاسي وري اسان جي کائڻ لاءِ ميوا وغيره ڏين ٿا. پرانسان انهن جي واڍ کان مُڙي نه ٿو، اهو به نه ٿو سوچي ته اتي ڪي جاندار يا فطرت جا ڪجهه شاهڪار رهن ٿا. جن جا اسان گهر اجاڙي رهيا آهيون. حسن لکي ٿو:

پکي وڻ جي ٽاريءَ ۾ تبديل ٿي ويو،
اُها وڻ جي ٽاري، اُتان کان اُڏي وئي. (40)

ڪنهن به وڻ وڏڻ ڪان اڳ ڪو به واڌي اهو ناهي سوچيندو ته ان تي ڪهڙي جيوت رهي ٿي يا پوءِ ان تي ڪهڙي جيوت جو گهر ٿي سگهي ٿو. اسان جي آس پاس موجود شين جو اسين ڪڏهن به سوچيو ئي ڪونهي! اهي شيون جيڪي اسان جي ماحول جو حصو آهن. جن سان هي ماحول ٺهيو آهي، جن سان هن ماحول جي بقا آهي. پکي ته هميشه ئي پنهنجو گهر انهن وڻن کي ئي سمجهندا آيا آهن، پر جي اهو وڻ ئي وڍجي وڃي! يا ان جي ڪنهن به شاخ کي ڪٽي اڇلائي ٿو ڇڏجي ته ان ۾ پکي به ان جو شڪار ٿين ٿا.

پر اسان جي ماحول ۾ رڳو وڻ ٻوٽا ئي نه بلڪه ٻيا به ڪيئي اهڙا اسباب آهن جيڪي هن ماحول کي وڌيڪ خوبصورت ۽ دلڪش بڻائي رهيا آهن. جنهن ۾ خاص طور تي ڪنهن ڳوٺ جو منظر ته دلڪش ۽ دلفريب هوندو آهي، جنهن ۾ ماحوليات پنهنجي پوري جوڀن سان نظر ايندو آهي. اهڙو ئي هڪڙو شعر جنهن ۾ آڙيون اڏامي رهيون آهن، جنهن ۾ سج لاڙ تان لهي ٿو، حسن درس لکي ٿو:

اڏاٽيون ڏور پئي آڙيون، سمو ڪنهن سار وانگي هو،
لڙيو پئي لاڙ تان سورج، مُهاٽي ٻار وانگي هو.

وڻن تي ڪانگ ها ويٺل، ڳليءَ مان ڳئون پئي آيون،
پراڻو ڳوٺ هو ليڪن، پرينءَ جي پار

وانگي هو. (41)

هي منظر هڪڙي ڳوٺ جو آهي، جنهن ۾ ڳئون ڪنهن ڳليءَ مان پنهنجي ماڳ ڏانهن واپس اچي رهيون آهن، ۽ شام جو پهر آهي ته ڪانگ وڻن ۾ موٽي آيا آهن. هوڏانهن آڙيون به اُڏامنديون واپس پنهنجي گهرن طر وڃڻ لڳيون آهن. ۽ سج لاڙ تي ائين لڙيو آهي جڻ ڪنهن مُهاٽي ٻار جو معصوم چهرو لڳندو هجي. هي اهڙو پهرَ ڪيڏو نه دلڪش آهي، جنهن ۾ فطرت جا سڀ رنگ ۽ ماحول سان ڀرپور نڪريل آهن. اڪثر ڳوٺن ۾ اهڙا منظر ڏسڻ لاءِ ملن ٿا، جيڪي اسان جي ماحوليات جو حصو آهن. جيڪي اسان ڌيان ۾ ناهيون آڻيندا. پر ان هوندي به هو اسان جي ماحول کي حسين بڻائيندا آهن پنهنجي وجود سان يا پنهنجي موجودگيءَ سان. اهڙا ئي ڪجهه ٻيا به حسين ۽ خوبصورت عنصر اسان جي ئي ماحول ۾ آس پاس پهاڙن پٿرن جي صورت ۾ به موجود هوندا آهن. انهن جي سونهن پڻ اسان کي متاثر ڪندي آهي. جي انهن مٿان ڪڏهن بارش ٿي پوي ته پوءِ ته ان جو نڪار ڏسڻ وٽان هوندو آهي. ڇاڪاڻ جو پهاڙن تي پوندڙ مينهن انهن پٿرن جي خوبصورتي کي وڌائي ڇڏي ٿو، انهن ۾ جان وجهي ٿو. جيئن اياز لکي ٿو:

ڪارونجهر تي اوڙڪون، اڄ به ساڳيا مينهن،
ها، پر جوڀن ڏينهن، رهي رهن ڪينڪي. (42)

ڪارونجهر مٿان اڄ بادل اوڙڪون ڪري آيا آهن، گجگوڙ ڪري رهيا آهن، بجلي ڪِري رهي آهي، ۽ برسات اها ئي زوردار ٿي آهي. پر اهڙا ڏينهن روز نه ايندا آهن. توڙي جو اهو حسين منظر ڪڏهن ئي ڏسڻ لاءِ ملي ٿو پر اهو معجزو

لڳي ٿو. پهاڙ جي خوبصورتي بارش سان آهي. پر ٻئي پاسي پٽ جو منظر به وڻندڙ آهي. جيئن:

تاريُن ڪندا ڪيترا، ڇيڙن ڳاڙها گل،
ڇا هيءَ توهر ٻُل، جو هو ڦٽو پٽ تي؟ (43)

پٽ تي ڪڏهن اوهان توهر جا وڻ ڏٺا آهن؟ ويران واريءَ مٿان توهر گل ڪڍي ٿو! اهو معجزو ئي چئبو. جتي پاڻيءَ جو پري پري تائين ڪو نشان ئي ڪونهي! سواءِ بارش جي مند ۾، جيڪا ان واريءَ جي پٽ کي سيراب ٿي ڪري. پر ان پٽ تي توهر جو ڪانديرو ڳاڙها سهڻا گل ٿو پيدا ڪري. اسان ڪڏهن ايڏو غور نه ڪيو هوندو، ته اسان جي آس پاس ڇا ٿي رهيو آهي. اسان جي اردگرد ڪهڙا ٻوٽا ڦٽي رهيا آهن. پر پٽ تي توهر جو ڪانديرو ڳاڙها گل ڪڍي ماحول کي خوشگوار بڻائي ٿو ڇڏي. پر ان ساڳي ئي صحرا ۾ ان ساڳي ئي ماحول اندر هڪڙو ٻيو به سهڻو ٻوٽو ڦٽي ٿو. اياز لکي ٿو:

آڪن نيرا ڦُليا، مٿان مينهن وسن،
سارو ڏينهن گسن، ڪارونجهر سان
ڪڪريون. (44)

ڪارونجهر جبل مٿان جڏهن بادل ايندا آهن، ۽ ان تي وسڻ شروع ڪندا آهن، ته ان ڪارونجهر جو حسن ۽ نکار ئي الڳ هوندو آهي، ڪارونجهر جبل تي قسمين قسمين ٻوٽا پاڻمرادو ڦٽي پوندا آهن. جن جي سونهن جو ڪو جواب ئي ناهي هوندو. انهن ٻوٽن منجهان هڪڙو ٻوٽو "آڪ "جو به آهي. جنهن ۾ سهڻا نيري رنگ جا ننڍڙا پتڪڙا گل ٿيندا آهن. جيڪي ان جي سونهن ۾ وڌيڪ اضافو ڪندا آهن. ۽ جڏهن ڪارونجهر تي وسڪارو ٿيڻ بعد اهي ڦٽي نڪري

جوان ٿي سامهون ايندا آهن ته انهن جي خوبصورتي ماحول کي تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. ڪجهه فطرت جا عنصر ماحول کي خوبصورت بڻائڻ ۾ پورو ڪردار ادا ڪندا آهن، جن ۾ گل مهر جو گل به آهي. شيخ اياز لکي ٿو:

ميان! مان ڇاڻان،
ٽيندو ڇا گل مهر سان،
پنَ ڇڻَ پڇاڻان. (45)

ڪجهه اهڙا به رنگ فطرت جا ٽيندا آهن، جن جي ڇڻڻ يا ان جي مُند جي ختم ٿيڻ جو ڏُک ضرور ٿيندو آهي، ائين هڪڙو گُل مهر جو به 'گُل' آهي. جنهن جي هڪڙي ئي مُند آهي. جنهن ۾ هو ڪِلي ٿو ۽ پنهنجي سونهن ڏيکاري ٿو! پر انهن جي به هڪڙي مُند ٿيندي آهي. يعني اهي پنهنجي مقرر وقت تي ئي ڪِڙندا، ٽڙندا ۽ ڦهلجندا آهن. انهن جي جوبن جو نظارو سال جا ٻارنهن ئي مهينا ناهي هوندو، پر اهي صرف چند مهينن لاءِ ئي سامهون ايندا آهن ۽ پوءِ وري غائب ٿي ويندا آهن.

ماحوليات جا ڪيئي اهڙا به تصور ماڻهوءَ جي ذهن ۾ ايندا هوندا جيڪو عام ماڻهو سوچي ئي نه ٿو سگهي، يا شايد اهو ان طرف ڪا خاص دلچسپي به نه ٿو رکي. اوهان ڪڏهن پنهنجي آس پاس اک گهمائي ڏسو! ڪيتريون اهڙيون بي ٽُڪيون شيون موجود آهن جن تي ڪو به غور ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي! پر انهن سڀني کان اهم آهي فطرت جون شيون! يعني اهي ته سڀ سهڻيون، حسين ۽ خوبصورت هونديون آهن، پر ان هوندي به عام ماڻهن جو ان طرف ڪو ڌيان ئي نه هوندو آهي! ڇا توهان ڪڏهن سوچيو آهي ته اوهان جي گهرن ۾ جيڪي وڻن ۾ آڪيرا ٺين ٿا انهن جو ڇا حال آهي!؟ انهن پکين جا گهر به اسان جي گهرن جيان آهن! انهن جي زندگي به اسان جي زندگيءَ وانگر آهي! انهن جا مسئلا به اسان جي

زندگيءَ جي مسئلن جهڙا، انهن جي روزمره جي نوڪ جهوڪ به انسان جي نوڪ جهوڪ جهڙي هوندي! يا پوءِ اهي سڀ جو سڀ اسان کان مختلف هوندا آهن. يا الڳ سوچيندا آهن. اهڙي ئي هڪڙي خوبصورت تصور جو ٿورو جائزو وٺو. شيخ اياز ان کي هيئن لکي ٿو:

ڇُئه، ڇُئه ڇيهي کي،
مٽيءَ هاٿا پيرڙا،
ٿاڃگر تي نه رکي! (46)

اهو تصور ڪيڏو نه سهڻو ٿو لڳي! جيئن اسين پنهنجي گهرن ۾ گدلاڻ نه ٿا آڻيون، يا جي آڻيون به ٿا ته ان تي اسان جي روڪٽام ٿئي ٿي! چاهي گهر جي ڪنهن به ڀاتي پاران ڇو نه ئي ٿيندي هجي! پر ٿيندي ضرور آهي! انسان پنهنجي ماحول کي صاف سٿرو ڏسڻ چاهيندو آهي! پر ڇا اهڙو ڪو تصور پکين لاءِ به آهي!؟ ڇا اهي به ائين ئي سوچين ٿا! ڇا ڪا مادا پکي پنهنجي ٽر جي پهچڻ تي ان جي پيرن جي گدلائڻ ڪري ان کي روڪيندي هوندي!؟ يا پوءِ ان کي ٿاريءَ تي ويهڻ کان جهيلندي هوندي. سوچڻ تي ڪيڏو نه خوبصورت تصور آهي. پر حقيقت ۾ اهو ئي اسان جو ماحول آهي جنهن ۾ اهي سڀ فطرت جون شيون اسان جي اردگرد آهن، جن جي به ڪا زندگي آهي، جن تي به سوچڻ گهربو آهي. اهڙو ئي هڪڙو ٻيو منظر جنهن ۾ هڪ پکيءَ جي ٺُڪ ٺُڪ ڌرتي ڌوڏي تي ڇڏي، جنهن ۾ ان جي اهڙي ڪٺِ ڪٺِ کي شيخ اياز ٻڌي ٿو ۽ چوي ٿو:

ڌرتيءَ ڪئي ڌَڪِ ڌَڪِ،
ڄَڙ کي جهوجهاڙي وِئي،
ڪاٺَ ڪُٽي ٺَڪِ ٺَڪِ. (47)

فطرت جي هن وايو منڊل ۾ ڪيئي حسين جاندار جِي رهيا آهن ۽ پنهنجو پنهنجو ڪم سرانجام ڏئي رهيا آهن، پر انهن سڀنيءَ جو ڪم ٿوري فرق سان ئي مختلف هوندو آهي، انهن منجهان ئي هڪڙو پکي اهڙو به آهي جنهن جو ڪم صرف ڪاٺ کي ڪٽڻ آهي! هو ڪڏهن پنهنجي گهر جي ناهڻ لاءِ ته ڪڏهن بنا ڪنهن گهر جي به ڪاٺ کي پيو ڏڪ هڻندو رهندو آهي! ان سان جيڪو آواز پيدا ٿيندو آهي! اهو ڌرتيءَ تي دل جي ڌڙڪڻ جهڙو محسوس ٿيندو آهي. ائين لڳندو آهي ڄڻ ڌرتيءَ جي دل هجي! يا جيڪڏهن ڪا دل هجي ها ڌرتيءَ کي ته پوءِ اُها دل اِها ئي هجي ها! جهڙو هي منظر آهي ته لڳندو ائين آهي ڄڻ ڌرتي ان مهل ڌڙڪي رهي آهي، ۽ وڻ جي جَڙ جهونجهاڙجي رهي آهي! ۽ جيڪو ان جي ڪٽڻ يا چهنب جي ٺُڪ جو آواز وڻ جي ٿُڙ سان ٽڪرائي ٿو ته اهو ڌڙڪن وڌائي ٿو ڇڏي. اهڙا ڪيئي پکي مختلف علائقن ۾ رهن ٿا جن جي زندگي به هڪٻئي کان مختلف ٿيندي آهي، انهن جي رهڻي ڪهڻي، شڪار جو طريقو ۽ ٻيو سڀ ڪجهه هڪ ٻئي کان مختلف ٿيندو آهي. پر هر علائقي ۾ رهندڙ جاندارن جا طور طريقا هڪٻئي کان منفرد هوندا آهن. انهيءَ سبب ڪري ڪجهه پکي وري پهاڙن جا به رهاڪو هوندا آهن، جيڪي پهاڙن مان نڪرندا ئي ڪونهن! جيئن باز ۽ سِرڻ وغيره. ڪجهه پکي وري صحرا ۽ ريگستان ۾ رهڻ پسند ڪندا آهن، جيئن مورُ ۽ تِتر وغيره. پر اڪثر انهن مان واريءَ کي پسند ڪندا آهن. جيڪي هميشه ڪنهن گهاٽي وڻ جي چانوَ ونڻ لاءِ پهچندا آهن. يا پوءِ ڪجهه چُڳڻ لاءِ اچي ويندا آهن. اهڙو ئي منظر شيخ اياز هيئن بيان ڪيو آهي:

هي جي واريءَ ڍير،
کهڙي پکيءَ پيرڙا،
سٽن تي چٽيل ٻير؟ (48)

واريا‌سي پٽن تي اوهان اڪثر اهڙن جاندارن جي پيرن جا نشان ضرور ڏسندا آهيو، جيڪي اتان جا رهواسي هوندا آهن، جيڪي ان ماحول ۾ رهڻ جا عادي هوندا آهن، جيڪي اتان جي ماحول سان گڏ رلي ملي ويندا آهن. اڪثر اُتي نانگن، ڪيڪڙن ۽ پکين سان گڏ ٻيا به ڪيئي ننڍا ننڍا جيتَ جٺيا وغيره رهندا آهن. جن جا پيرڙا واريءَ تي اڪثر اسان کي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جيڪي اڪثر لنگهن جي آس پاس موجود هوندا آهن. اهڙيءَ ريت واريءَ جي ڍير تي ڪجهه پکين جو گهمڻ، يا انهن جي پيرن جا نشان اڪثر ئي موجود هوندا آهن، انهن جو مطلب هوندو آهي ته يا اهي چانوَ وٺڻ لاءِ ويٺل هئا يا پوءِ ڪنهن شيءِ جي ڪائڻ لاءِ، ائين ئي هتي به ڪجهه ٻيرَ وڻ هينان چٽيل آهن. ضرور اها ڪنهن پکيءَ جي شرارت هوندي يا پوءِ ان جي ئي ڪا حرڪت آهي جنهن ڪري پٽَ تي ٻيرَ ڪِريل آهن.

ماحوليات اسان جي انهن سڀني شين سان جڙيل آهي جيڪي به اسان جي هن ڌرتي، هن گولي تي موجود آهن، توڙي جو اهي جاندار هجن يا بي جان! پر انهن سڀني شين جو تعلق اڻ سڌي ريت اسان جي فطرت ۽ اسان جي ماحول هيٺ ايندو آهي! ۽ اها ئي ‘ماحوليات ’جي صحيح تشريح مڃي ويندي آهي.

حوالا:

1: بلوچ، نبي، بخش، ڊاڪٽر، "هڪ جُلدي سنڌي سنڌي لغت"، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار اِدارو، حيدرآباد، 2017ع، ص: 597

(2)Oxford English Sindhi Dictionary, Oxford Univeristy Press, 2010, Page: 580

3: شمس الحق ، محمد، "ماحوليات"، قومي ڪونسل برائي فروغِ اردو زبان، وزارتِ ترقي انساني وسائل، حڪومتِ هند، 2022ع، ص: 35

4: شمس الحق، محمد، "ماحوليات"، قومي ڪونسل برائي فروغِ اردو زبان، وزارتِ ترقي انساني وسائل، حڪومتِ هند، 2022ع، ص: 35

5: آزاد خالد، جروار محمد خان (مرتب)، "دفتري لغت "، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع، ص: 247

6: نظاماڻي رئوف، "ماحوليات: ڌرتي ۽ انسان جو آئيندو"، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2022ع، ص: 26_27

7: آزاد خالد، جروار محمد خان (مرتب)، "دفتري لغت "، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع، ص: 89

8: بيگ مرزا قليچ، "عالمِ نباتات"، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2018ع، ص: 1

9: آزاد خالد، جروار محمد خان (مرتب)، ”دفتري لغت “، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع، ص: 98

10: بيگ مرزا قليچ، ”عالمِ نباتات“، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2018ع، ص: 1

Oxford English Sindhi Dictionary, Oxford Univeristy Press, 2010, Page: 1022 (11)

12: شمس الحق، محمد، ”ماحوليات“، قومي ڪونسل برائي فروغِ اردو زبان، وزارتِ ترقي انساني وسائل، حڪومتِ هند، 2022ع، ص: 36

Oxford English Sindhi Dictionary, Oxford Univeristy Press, 2010, Page: 861 (13)

14: بيگ قليچ مرزا، ”عالم آبي“، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2013ع، ص: 15

15: سميجو اسحاق ڊاڪٽر، ”دل جو رستو (رومانوي غزل)“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2003ع، ص: 13

16: لطيف فياض ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2020ع ص: 464

17: نظاماڻي رئوف، ”ماحوليات: ڌرتي ۽ انسان جو آئيندو“، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2020ع، ص: 44

18: قاسمي عادل امام اختر، مولانا، ”ماحولياتي آلودگي- احڪام اور مسائل“، مهتم جامعه رباني منور شريف، بهار، 2016ع، ص: 7

19: قاسمي عادل امام اختر، مولانا، ”ماحولياتي آلودگي- احڪام اور مسائل“، مهتم جامعه رباني منور شريف، بهار، 2016ع، ص: 8

20: قاسمي عادل امام اختر، مولانا، ”ماحولياتي آلودگي- احڪام اور مسائل“، مهتم جامعه رباني منور شريف، بهار، 2016ع، ص: 8

21: نظاماڻي رئوف، ”ماحوليات: ڌرتي ۽ انسان جو آئيندو“، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2020ع، ص: 8-9

22: لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2020ع، ص:125

23:لغاري، اڪبر، ”سنڌي ادب جو مختصر جائزو“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2010ع، ص: 24

24: لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2020ع، ص:138

25: لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2020ع، ص:135

26: ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جو فڪري پس منظر“، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، 2017ع، ص: 279

27: سميجو، اسحاق، (مرتب) ”ڳاءِ انقلاب ڳاءِ“، (مزاحمتي شاعري)، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 253

28: عاجز، علي دوست، ”سائر جو سداءُ“، سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع، ص: 26

29: قاضي، انجم، ”ڳوڙهو ڳوڙهو سوڳ ۾“، مُرڪ پبليڪيشن شهداد ڪوٽ، 2018ع، ص: 109

30: ڦل، مشتاق ”دل ته چوي ٿي“، سنڌيڪا اڪيڊمي ، 2010ع، ص: 92

31: رياضت ٻرڙو (مرتب) ”ذات ڏيئا ٻاريا“، ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 2010ع، ص: 54

32: رياضت ٻرڙو (مرتب) ”ذات ڏيئا ٻاريا“، ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 2010ع، ص: 160

33: جتوئي، اصغر ”پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾“، سچائي اشاعت گهر دڙو، 2017ع، ص: 31

34: جتوئي، اصغر ”پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾“، سچائي اشاعت گهر دڙو، 2017ع، ص: 32

35: رياضت ٻرڙو (مرتب) "ذات ڏيئا ٻاريا"، ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 2010ع، ص: 171
36: قاضي، انجم، "ڳوڙهو ڳوڙهو سوڳ ۾"، مُرڪ پبليڪيشن شهداد ڪوٽ، 2018ع، ص: 146
**37:** قل، مشتاق "دل ته چوي ٿي"، سنڌيڪا اڪيڊمي ، 2010ع، ص: 65
38: محبوب، ارم (سهيڙيندڙ) "حسن درس جو رسالو"، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي ، 2017ع، ص: 71
39: محبوب، ارم (سهيڙيندڙ) "حسن درس جو رسالو"، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي ، 2017ع، ص: 71
40: محبوب، ارم (سهيڙيندڙ) "حسن درس جو رسالو"، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي ، 2017ع، ص: 82
41: محبوب، ارم (سهيڙيندڙ) "حسن درس جو رسالو"، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي ، 2017ع، ص: 78
42: شيخ، اياز "آڪن نيرا ڦُليا"، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1988ع، ص: 18
43: شيخ، اياز "آڪن نيرا ڦُليا"، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1988ع، ص: 29
44: شيخ، اياز "آڪن نيرا ڦُليا"، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1988ع، ص: 42
45: شيخ، اياز "پن ڇڻ پڄاڻان"، ڊجيٽل پبلشر، سنڌي ادبي شاخ سکر، 1993ع، ص: 13
46: شيخ، اياز "پن ڇڻ پڄاڻان"، ڊجيٽل پبلشر، سنڌي ادبي شاخ سکر، 1993ع، ص: 13
**47:** شيخ، اياز "پن ڇڻ پڄاڻان"، ڊجيٽل پبلشر، سنڌي ادبي شاخ سکر، 1993ع، ص: **17**
**48:** شيخ، اياز "پن ڇڻ پڄاڻان"، ڊجيٽل پبلشر، سنڌي ادبي شاخ سکر، 1993ع، ص: 17

باب ٽيون

# شاعري ۽ فطرت جو پاڻ ۾ تعلق

## شاعري ۽ فطرت:

شاعريءَ لاءِ انگريز ڏاهي وليم وردس ورٿ چيو هو ته ”شاعري اندر جي طاقتور اُڌمن جو بيساخته اظهار آهي. ”شاعري اسان جي احساسن، جذبن جو هڪڙو جهان آهي.

شاعري ۽ شاعراڻي فطرت هر شاعر ۾ الڳ الڳ هوندي آهي. شاعريءَ ۾ شاعر جي خارجي ۽ داخلي ڪيفيتون جُدا جُدا هونديون آهن. هر شاعر جو پنهنجو پنهنجو رنگ (Colour) ٿيندو آهي. جنهن کي اسين شاعراڻي فطرت چئون ٿا. ڪجهه شاعر پنهنجي وطن جو درد رکن ٿا ته ڪجهه وري پنهنجي شاعريءَ ۾ محبِ وطن هوندا آهن. ڪجهه شاعرن جي فطرت ۾ انهن جي مِٽيءَ جو هڳاءُ هوندو آهي ۽ ته ڪجهه شاعرن جي فطرت ۾ پنهنجي وطن جي هر حسين شيءِ سان لڳاءُ هوندو آهي. جيئن ڪجهه کي پنهنجي وطن جي درياهه، ان جي صحرا، ان جي رڻ، ان جي وڻجارن، ان جي واهن، ان جي رستن، ان جي پهاڙي چوٽين، ان جي آبشارن، ان جي آبهوا ۽ ان جي هر هڪ شيءِ سان عشق ٿيندو آهي. جڏهن ته ڪجهه شاعرن کي ڪائنات جي هر منظر سان عشق هوندو آهي. جيئن ڪهڪشائون، جيئن تارا، جيئن چنڊ، جيئن ڪتيون، جيئن آسمان ۾ نظر ايندڙ شيون، ۽ جيئن صبح جو ڦٽندڙ پرهه، يا سانجهيءَ جو منظر وغيره. اهو ئي شاعراڻي فطرت جو چٽو پٽو عڪس آهي، جيڪو شاعر جي داخلي فطرت جو ترجمان پڻ هوندو آهي.

اسان کي معلوم آهي ته شاعري انسان جي ترجماني ڪري ٿي، ۽ ان جي فڪر جي اظهار جو مرڪز رهي آهي. پر شاعريءَ رڳو ايترو ناهي ڪيو، بلڪه شاعريءَ انسان کي انيڪ موضوعن کان متوجهه پڻ ڪرايو آهي. ساڳي ريت شاعريءَ اندر ادبي ماحول به آهي. فطرت نگاري بعد ادبي ماحول شاعريءَ جي هر شعر جي عڪاسي ڪري اسان کي محسوس ڪرائي ٿو ته آخر ان شعر اندر

کهڙي منظر جي عڪاسي ۽ چٽسالي ڪئي وئي آهي. شعر جو مڪمل ماحول ۽ ان جي موضوع جو خاص حسن ئي ان اندر ماحول جي چٽسالي آهي.

سنڌ جي اڪثر شاعرن ۾ فطرت جا اهي سڀئي رنگ موجود آهن، جن ۾ سڀ کان اول ڌرتيءَ تي جنم وٺندڙ تهذيبن ۽ داتا درياهه بابت ڪجهه شاعر وري ان سان عشق بابت لکن ٿا. انهن منجهان علي دوست عاجز به هڪ آهي. جنهن جو درياهه سان عشق هن شعر ۾ واضع ڏسي سگهجي ٿو:

پاڻي پاڻ الله آ، پاڻي سڀ ساهه،
ڌرتيءَ منجهه درياهه، دل وانگي ڌڙڪي
پيو. (1)

شاعريءَ ذريعي ئي اوهين پنهنجي فطرت جو بهتر بچاءُ ڪري سگهندا آهيو، ڪجهه تهذيبن جا داتا ان تهذيب يا قوم لاءِ درياهه ٿيندا آهن. جيڪي سندن حقيقي اوتار آهن.

انيڪ شاعرن ۾ فطرت جا سڀ رنگ ڏسجن ٿا، جن کي فطرت جي هرهڪ شيءِ سان پيار آهي، جيڪي فطرتي طور به انهن جي جماليات کان متاثر ٿي وڃن ٿا. شاعريءَ ۾ ڪِلندڙ قدرت جا ڪوڙ سارا نظارا فطرت جو مظهر هونداآهن. جيئن ڪنول جا گل ٽڙن، اندلٺ اڀري جنهن ۾ ڳاڙهو، نارنگي، پيلو، سائو، آسماني، نيرو ۽ واڱڻائي رنگ هجي. يا پوءِ عشق سونهن، قدرت، تلخي، دنياداري، وطن ۽ انسانيت جا رنگ سمايل هجن. اهو سڀ هڪ شاعر جي داخلي ڪيفيت جو نتيجو هوندو آهي. ساڳي طرح شاعريءَ جي رنگينيت ۾ سڀئي رنگ آهن، تيئن ئي شاعر جي اندر ۾ به سڀ رنگ ڪڙندا رهندا آهن. جيئن اسحاق سميجي جي هن شعر ۾ هوا جي رنگينيت ڏسو:

تنهنجي ڇُنريءَ پنيان، تنهنجي واليءَ وٽان،
اندلني اندلني جهلملائي هوا. (2)

شاعر ئي قدرت جي سونهن جو وڏو شائق آهي، جيئن مٿين شعرن ۾ قدرت جي سونهن جا منظر پرپور ۽ بي شمار ملن ٿا. شاعري انسان جي ڪيفيتن جو تڪڙو ۽ آسان اظهار آهي. شاعري نه فقط اظهار پر احساسن جي زبان به آهي. اهو ئي سبب آهي جو شاعري ۾ موضوع جي حوالي سان ڪا به حد بندي نه هوندي آهي. ان ۾ اسان کي ڪيئي زندگيءَ سان لاڳاپيل روزه مره جا موضوع پڙهڻ لاءِ ملندا آهن. شاعري ۽ فطرت جو ڳنڍ جوڙ ائين ئي آهي جيئن اسان وٽ شاعريءَ لاءِ ان جي فن جو علم هئڻ ضروري هجي. فطرتي شاعري به شاعريءَ جي موضوعن منجهان هڪڙو اهم ۽ ڳوڙهو موضوع آهي. اها شاعري جنهن ۾ لفظ، منظر ۽ معنيٰ فطرت کي ويجهو هجن.

شاعريءَ ۾ فطرت جو مقصد يا ان جي اهميت ڪنهن به تخليقڪار جي آس پاس موجود قدرتي طور تي جنم وٺندڙ، وڌندڙ ويجهندڙ ۽ ڪائنات توڙي هن دنيا جي حسن کي تڪميل بخشيندڙ شين جي منظرن جي فنڪارانه طريقي سان اظهار جو نالو آهي. شاعري درحقيقت انهن قدرتي شين جي ڳوڙهي اڀياس ۽ تحقيق تائين پهچي ٿي. شاعر پنهنجي اک سان پنهنجي آس پاس جيڪي به قدرتي شيون ڏسي ٿو، جن ۾ ڪائنات، آسماني نظارا (يعني سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، ڪڪر ۽ ڪنوڻيون) وغيره سان گڏ زمين تي موجود وڻ ٽڻ، ٻوٽا، پهاڙ، جبل، سمنڊ، درياهه، جهرڻا، آبشار، ڍنڍون، جانور، پکي ۽ ٻيا جيڪا به مخلوق سندس جي اک مان گذري ٿي هو ان کي پنهنجي شاعريءَ وسيلي فطرت جي هر هڪ شيءِ جي حسن کي اظهاري سامهون آڻي ٿو. فطرت جي تشريح

ڪندي ڊاڪٽر فياض لطيف پنهنجي پي ايڇ ڊي مقالي ۾ لکي ٿو ته: ”فطرتي ۽ قدرتي حُسن کي حُسنِ فطرت، طبعي يا ڪائناتي حُسن به چئجي ٿو. “[3]

ٻين لفظن ۾ حُسن ۽ فطرت هڪ ئي شيءِ نظر اچي ٿي. جيڪي ٻئي هڪٻئي جي لاءِ اهم آهن. يعني جيڪا اسان جي اک ڏسي ٿي، جيڪو ان شيءِ جو ظاهري حُسن اسان جي اک کي وڻي ٿو. اهو ئي ته فطرت جي سونهن جو مَهورَ آهي.

شاعريءَ اندر جڏهن اسين فطرت جي حسن جي يا ان جي مظهرن جي ڳالهه لکندا آهيون، ته اسين ان ۾ ڏسندا آهيون ته شاعر پنهنجي تخيل ذريعي ان حسن کي ڪهڙي نه حسين نموني چٽي ٿو. عام طور تي اهو ڏٺو ويو آهي، ته شاعريءَ ۾ انيڪ موضوع ٿين ٿا. پر ان انيڪ موضوعن منجهان فطرتي حسن بابت هر شاعر ضرور لکندو آهي. ڪجهه شاعر پنهنجي وطن جي حسين پهاڙن جي ڳالهه ڪندا آهن، ڪجهه شاعر پنهنجي وطن جي درياهه جي ڳالهه ڪندا آهن، ڪجهه شاعر پنهنجي وطن جي باغات جي ڳالهه ڪندا آهن، ڪجهه شاعر پکين، جانورن، ٻوٽن ۽ بارشن جي سونهن جو ذڪر ڪندا آهن. اهو سڀ جو سڀ ماحولياتي اثر، شاعر پنهنجي آس پاس ملندڙ شين جي باري ۾ سوچي پوءِ لکندو آهي. اهو مڪمل مشاهدو هڪڙي شاعر وٽ ان جي ماحولا منجهان ڪنيل ۽ ڏنل هوندو آهي. جنهن کي فطري سونهن جو مشاهدو به چئي سگهجي ٿو. ان باري ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي پنهنجي ڪتاب ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات “۾ هڪ فيلسوف جو حوالو هن ريت بيان ڪري ٿو: ”اسان جڏهن ان نقطه نگاهه سان فطرت بابت ڳالهيون ٿا ته اسان جي ذهن ۾ هڪ شاعراڻو تصور جُڙي اچي ٿو. اهو ئي طريقو آهي جيڪو هڪ لٺ کي شاعراڻي وڻ ڪان ڏار ڪري ٿو.“[4]

هر عام فرد جڏهن به ڪنهن حسين شيءِ کي ڏسي ٿو ته هو پنهنجي تصوراتي دنيا ۾ ان بابت شعر لکڻ چاهي ٿو. توڙي جو هو شاعر نه آهي. اسان جي اندر موجود شعر لکڻ جي چاهت به فطرت جي حُسن وٽان ئي پيدا ٿيندي آهي. اسين هر ان شيءِ منجهان جلد ئي متاثر ٿي ويندا آهيون جيڪا پنهنجي وجود ۾ خوبصورت هجي. شاعري انهن سڀني حسين شين جو هڪڙو سادو اظهار آهي. مگر شاعريءَ ۾ فطرت جو ٻيو رُخ صرف فطرت جو حُسن ئي نه بلڪه ان جو تشبيهه طور يا استعاري به استعمال ڪيو ويندو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿي: ”شاعريءَ ۾ فطرت جو ٻيو رُخ تشبيهه ۽ استعاري ذريعي هڪجهڙائي يا برابريءَ سان ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، جيئن ماڪ ڦڙن کي رات جا لڙڪ چوڻ، چنڊ کي رات جي پيشانيءَ تي تلڪ سان تشبيهه يا اُماس جي رات ۾ وشال آسمان ۾ چمڪندڙ تارن کي ’ستارن سان پريل چُني ’چوڻ وغيره ۽ فطرت کي پيش ڪرڻ جو ٽيون رُخ عام ٻوليءَ ۾ فطرت جي منظرن جو ذڪر ڪرڻ ٿيندو آهي جيڪو عام طور شاعر ڪندا رهندا آهن.“(5)

يعني شاعر پنهنجي مهارت آهر پنهنجي تجربي هيٺ تشبيهه ۽ استعاري ذريعي جيڪا فطرت جي خوبصورتي چٽي ٿو، ۽ جيڪو ان جو روپ پيش ڪري ٿو، اهو بيحد منفرد ۽ نرالو آهي. رڳو ائين ڪونهي ته ان ۾ فطرت جي ڳالهه آهي، بلڪه ان ۾ سماجڪ استعارا به فطرت جي ڪنهن به عنصر سان ملائي پيش ڪيا وڃن ٿا. جيئن مٿين حوالي ۾ ’چُني ’جو ستارن سان ميل ڏيکاريل آهي.

## <u>ڪلاسيڪل سنڌي شاعرن جي شاعريءَ ۾ فطرت:</u>

اها شاعري جيڪا پنهنجي افاديت، گهرائي، حسن ۽ صداقت جي ڪري زمانن جي طوفانن ۽ انقلاب تي حاوي هجي. جيڪا پنهنجي هيئت ۽ سٽاءَ ۾ تازي هجي، ان کي ڪلاسيڪل شاعري چئبو آهي. ڪلاسيڪل شاعري جنهن کي اساسي شاعري به چيو ويندو آهي. ڪلاسيڪل شاعري اهڙي شاعري آهي جنهن جي قدامت هميشه ساڳي ئي رهي آهي. اهڙي شاعري جنهن ۾ شاعرانه خوبين جي اظهار بدران ڪا اعليٰ مقصد واري معنيٰ سمايل هجي ته اها ڪلاسيڪل شاعري هوندي آهي. هن شاعريءَ ۾ ساڳي طرح انيڪ موضوع موجود آهن، جيڪي اسان جي عام فهم ۾ اچن ٿا.

ڪلاسيڪل شاعري سنڌي ادب جو هڪ اهڙو سرمايو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي صوفي بزرگن سماج ۽ ان جي مسئلن بابت جيڪا اپٽار ڪئي آهي، سا لازوال آهي.

عام طور تي سنڌي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري اسان کي لوڪ شاعرن وٽان ملي ٿي. جنهن ۾ وڻن، ٻوٽن ۽ پنهنجي مٽيءَ ۽ درياهه جو ذڪر ملي ٿي. لوڪ شاعريءَ اسان جو اثاثو آهي. تنهنڪري لوڪ شاعري پيڙهه جو ڪم ڪيو آهي. لوڪ شاعريءَ ۾ ٻيا به ڪيئي موضوع پڙهڻ لاءِ ملن ٿا پر اسان جو اهو بحث نه آهي. بلڪه سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعريءَ ۾ فطرت جي عڪاسي اسان جو موضوع آهي. ڪلاسيڪل شاعريءَ جو جڏهن به ذڪر اچي ٿو ته ان جو مطلب آهي هڪ دور ۽ هڪ روايت جو ذڪر آهي. سنڌي ڪلاسيڪل شاعري اندر جيڪي اعليٰ پايي جا شاعر آهن، جن پنهنجي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري کي چٽيو آهي، تن ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح رحه هالائي، شاهه عبدالڪريم، شاهه لطف الله قادري، ميون شاهه عنات رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، خواجه محمد زمان لنواري وارو، عبدالرحيم گرهوڙي وارو،

سچل سرمست،سامي، خليفو نبي بخش، صوفي دلپت ۽ حَمل فقير وغيره جهڙا شاعر ان صف ۾ شامل آهن. انهن سڀني وڏن شاعرن جي تخليقي سگهه ئي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو هڪ الڳ معيار ٺاهيو آهي.

ان ۾ ڪوئي شڪ نه آهي ته ڪلاسيڪل ادب هجي يا ڪلاسيڪل شاعري، انهن ٻنهي ۾ فطرت جي عڪاسي ضرور ملي ٿي. هتي اسين پنهنجي هن موضوع سان سلهاڙيل چند اهم سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ ۾ فطرت جو مطالعو ۽ اڀياس ڪنداسين، تن ۾ ڪلاسيڪل شاعريءَ جي سرواڻن ۾ قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، ميون شاهه عنات رضوي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جهڙا معتبر ڪلاسيڪل شاعر شامل هوندا.

## قاضي قادن:

قاضي قادن سمن جي دؤر جو بلند پايي جو شاعر ٿي گذريو آهي. قاضي قادن جي والد جو نالو ابو سعيد هو. قاضي قادن جا وڏا بکر کان هجرت ڪري سيوهڻ ۾ اچي آباد ٿيا. قاضي قادن قرآن، حديث ۽ فقهه ۾ مڃيل عالم هو، جنهن ڪري ئي ڄام نظام الدين جي زماني ۾ کيس قاضي مقرر ڪيو ويو هو. سڀ کان اول قاضي قادن جا ست بيت "بيان العارفين "شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي مفلوظات ۾ آيا. جيڪي شاهه ڪريم پنهنجي گفتگوءَ دوران چيا هئا، ۽ پوءِ اهي بعد ۾ "بيان العارفين "جي زينت بڻيا. قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ اسان کي فطرت جا ڪيئي رنگَ نظر اچن ٿا. جيئن:

ڪَڏهين ٻيري ٻوڙ، ڪَڏِهين ڦلُ نه هِڪڙو،
ڪَڏهين پِريان پور، ڪَڏهين سِڪان سڏ ڪي.(6)

ٻيڙ جو وڻ يا ان جو ڦل ته هر ڳوٺاڻي زندگيءَ جو حصو رهندو آيو آهي، جيڪو ڳوٺاڻي ماحول جو خاص عنصر به مڃيو ويندو آهي. هن شعر ۾ قاضي قادن ٻير جي وڻ ۾ سندس ڦلَ جي هجڻ جي ڳالهه ڪي تشبيهه طور استعمال ڪيو آهي. جنهن ۾ ٻيڙ جي وڻ جو ڪڏهن ته ڦلَ ڪائڻ ڪان به گهٽو هوندو آهي، اهڙيءَ طرح سڄڻ جي سِڪ به هوندي آهي. اهو قاضي قادن مٿان ماحول جو اثر ئي ته آهي، جو هو فطرت جي ڪجهه عنصرن جو ذڪر تشبيهه طور ڪٽي اچي ٿو. اهڙيءَ ريت قاضي قادن هڪ ٻئي منظر کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

ٻاڙيءَ ۾ ٻَڙُ هيڪَڙو، سو مون گهٽو سُهاءُ،
ٿارِ وِلاسي سَڄَڻان، چڙي پي وٽراءِ.(7)

ٻيلي اندر هڪڙي وڻ جي اڪيلائي قاضي قادن پنهنجي اندر جي اڪيلائيءَ سان ملائي ڪري هڪڙو حسين منظر تخليق ڪيو آهي. هڪڙو ٻَڙ جو وڻ فطرت جي نشاني هوندو آهي. جيڪو هن شعر ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. قاضي قادن وٽ فطرت جي منظرنگاري هڪ ڀرپور اپياس جو ثبوت آهي. هر شاعر ٿورو گهٽو جيڪو پنهنجي ماحول ۾ آس پاس ڏسي ٿو ، اهو ان جي منظرڪشي ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي ته جيئن قاضي قادن فطرت جي ان منظر کي چٽيو آهي، اهڙيءَ ريت سندس ڪيئي بيت ملن ٿا.

شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو:

سنڌي آساسي شاعريءَ ۾ قاضي قادن کان پوءِ جنهن شاعر جو وڏيک ڪلام ملي سگهيو، اهو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو (جيڪو شاهه عبداللطيف جو تڙ ڏاڏو) آهي. شاهه عبدالڪريم جا وڏا هِرات جا رهاڪو هئا. سندس والد جو نالو لعل محمد هو. شاهه عبدالڪريم کي سنڌيءَ جو ”وِهائو تارو “به ڪوٺيو ويو آهي. شاهه عبدالڪريم جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي لوڪ داستانن سهڻي ميهار، ليلا چنيسر، عمر مارئي، ۽ سسئي پنهون جو ذڪر ملي ٿو. هن بزرگ شاعر جا ڪُل 92 بيت ملي سگهيا آهن. جيڪي وحدت الوجود ۽ تصوف جي نظريي سان ٺمٽار آهن. شاهه عبدالڪريم جي شاعريءَ ۾ اسان کي فطرت جا انيڪ نظارا پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. جيئن:

هنج تِتهين هوءِ، اُوني ۾ اوڙاهه جو،
اي ڪانيرو ڪوءِ، جو ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري.(8)

هنج پکي جيئن ته موتي چُڳندو آهي، تنهن ڪري اهو اونهي پاڻيءَ ۾ نظر ايندو، ڇاڪاڻ جو موتي اونهي پاڻيءَ جي تري ۾ هوندا آهن، اها ڪانيري جي عادت آهي، جو ننڍي پاڻيءَ جي مٿان لامارا ڏي، ڇاڪاڻ جو ڪانيري جو قوت ننڍي مڇي هوندي آهي. شاهه عبدالڪريم وٽ اهڙن ڪيترن ئي ناياب پکين جو ذڪر ملي ٿو.

پکين جو پاڻيءَ تي اچڻ هڪڙو فطري عمل آهي، مگر ان جي تشبيهه هڪڙي عورت سان ڏيڻ واقعي ئي لاجواب ڳالهه آهي. شاهه عبدالڪريم سڄڻ جي سارَ کي پکين جي پاڙيءَ لاءِ تڙپ ڏيکاري ٿو. ٻڌائڻ چاهي ٿو ته سڄڻ ان جي روح ۾ کھڙي نموني سمايل آهي. اهڙي نموني شاهه عبدالڪريم وٽ پکين جي اهميت هن شعر ۾ به نظر اچي ٿي:

پٽهارِي سِرِ ٻَهڙِو، ڄَرَ تي پکي چِنءَ،

اسان سڄڻ ڏِنءَ، رهيو آهي روح ۾.(9)

هي منظر هڪڙي تلاءَ يا ڍنڍ جو آهي جتي موتين جو اونهي پاڻي ۾ هئڻ جو ذڪر آهي، هنج پکي اونهي پاڻيءَ تائين گوتو لڳائي اهو موتي حاصل ڪندو آهي. مگر اها ڳالهه ڪانيري پکيءَ لاءِ گهٽي اوکي ۽ بي پهچ آهي. شاهه عبدالڪريم فطرت جي ان منظر کي تصوف سان ڳنڍي ڇڏيو آهي. جنهن ۾ دنيا جي طلب کي پکيءَ جي طلب سان تشبيهه ڪري پيش ڪيو آهي. شاهه عبدالڪريم آساسي شاعرن ۾ پهريون اهو شاعر آهي، جنهن وٽ رومانوي داستان پڻ ملن ٿا. جنهن ۾ سسئيءَ جو جبلن، ماروي جو واري ۽ سان سڀند پڻ شاهه ڪريم جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو. يعني پورو هڪڙو فطرت جو ماحول شاهه ڪريم کان پوءِ وارن شاعرن اپنايو آهي.

<u>ميون شاهه عنات رضوي:</u>

شاهه لطف الله قادريءَ کان پوءِ ڪلاسيڪل شاعريءَ جي تسلسل کي برقرار رکڻ وارو ٻيو وڏو شاعر 'ميون شاهه عنات رضوي' آهي. هي پهريون اهو شاعر هو، جنهن جو مڪمل رسالو مليو، ۽ جنهن وٽان وائي جي صنف به ملي. سندس اڳ وارن شاعرن وٽ سلسيلوار سُرن جي ڪا به ترتيب موجود نه آهي. سندس وڏا بکر مان هئا. سندس والد جو نالو سيد نصير الدين هو. ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ نه صرف تصوف بلڪه ٻيا به ڪيئي موضوع پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. جن ۾ جماليات سان گڏ فطرت جهڙن عنصرن جو به جُز موجود آهي. شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ اسان کي فطرت جا انيڪ نظارا پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. جيئن:

بادلؔ! وَسئو وَسُ، تو وُٺي وَسَ ٿئي،
اُڃئا جي 'عِناتُ 'چئي، راتِ تني کي رَسُ،
وَڇ نه سِڪي ڳاهه کي، رَڃَ نه لڳي ڪَسُ. (10)

هر شاعر وٽ فطرت جا سڀ رنگ موجود هوندا، هو چاهي ته ڪنهن به هڪ رنگ تي شاعريءَ جو ميدان سجائي سگهي ٿو، يا پوءِ ڪنهن هڪ صنف تي پيو لکندو رهي. ان جي باوجود سڀني شاعرن وٽ فطرت جي رنگن منجهان بارش رارو رنگ ضرور نظر ايندو آهي. جيڪو مٿي ميين شاهه عنات رضويءَ وٽ به موجود آهي. مٿين بيت ۾ ميين شاهه عنات ڪيڏي نه حسين نموني سان بادلن جي وسڻ جي ڳالهه ڪري ٿو، جن جي وسڻ سان نه صرف انسان بلڪه جانورن لاءِ به خوب چارو مهيا ٿيو پوي. اهو فطرت کي هڪڙو عرض محسوس ڪجي ٿو. جنهن ۾ شاعر بادلن سان ڳالهيون ڪن ٿا. ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ فطرت جي نظارن ۽ مظهرن جي اهڙي عڪاسي ملي ٿي. جو لڳي ٿو ته ڪنهن مصور پنهنجي سڄي مهارت سان اها شيءِ ترتيب ڏني هجي. اهڙيءَ طرح فطرت جي هڪ ٻئي عنصر کي ميون شاهه عنات هيئن بيان ڪري ٿو:

چنڊ تنهنجي بات، مون کي آهن مَن ۾،
الله لڳ عنات چئي، تون اڄو منجهه رات،
تن جنهن جي تات، سي ڏسي تون ڏيکار
مون.(11)

عام طور تي ڪلاسيڪل شاعرن وٽ چنڊ تشبيهه طور استعمال ٿيندو رهيو آهي. جنهن جي پنهنجي حيثيت آهي. چنڊ فطرت جي حسن منجهان هڪڙو خاص عنصر آهي. جنهن جي حسن، سونهن ۽ ان جي سندرتا کي ورلي ئي

ڪنهن شاعر پنهنجي محبوب سان نه ڀيٽيو هوندو. ميين شاهه عنات وٽ به ان چنڊ جي سونهن، ان جي روشنائي جي خاص اهميت آهي. جنهن ڪي هو پنهنجي محبوب جي ديدار جو ذريعو سمجهي ٿو.

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي:

ميين شاهه عنات رضوي کان پوءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪمال جو شاعر ٿي گذريو. سنڌ جو هي عظيم شاعر 1689ع ۾ ڄائو ۽ سن 1752ع ۾ وفات ڪئي. شاهه عبداللطيف شاهه عبدالڪريم جو تڙ پوٽو ۽ شاهه حبيب جو فرزند هو. ڪيس شاعري شاهه عبدالڪريم کان جهڙوڪر ورثي ۾ ملي هئي. شاهه عبداللطيف واحد اهو ڪلاسيڪل شاعر آهي جنهن پنهنجي همعصرن کان علاوه ڪائنس اڳ وارن شاعرن ۽ بعد وارن ۾ وڏيڪ پذيرائي ماڻي. سندس شعر ۾ فڪر جي گهرائي ۽ وسعت موجود آهي. شاهه عبداللطيف به ٻين ڪلاسيڪل شاعرن جي روايت کي برقرار رکندي تصوف جي رمز سان گڏ نوان موضوع پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ شامل ڪيا. جن ۾ جماليات ۽ فطرت جي حسناڪي کان ويندي ماحوليات بابت به سندس شاعري ملي ٿي. شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ هڪڙو مڪمل رنگين جهان نظر اچي ٿو. جيئن:

اڄُ پُڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪَڪَرِيون ڪاريون،
وَسي ٿو وَڏَڦُڙو، ٿَهَڪَن ٿِيُون ٿاِيُون،
لَڙِيَن لُڪَ لَطِيفُ چئي، ڊِاٺُون تاسارِيُون،
پِڄَندي پِتاريُون، وَري وَٺاٺين آئِيُون.(12)

شاهه عبداللطيف وٽ ڪيئي رنگ آهن، لاک جي ڳاڙهاڻ، سانوڻ جي موسم ۽ اچن ڪڪرن کي ٻاق چوڻ جو هُنر شاهه عبداللطيف جهڙي عظيم شاعر وٽ ئي ملي سگهي ٿو. جڻ هن اهي سڀئي رنگ هڪڙي ڪنواري چُنريءَ مٿان چٽيا هجن. اها فطرت جي ڪماليات آهي جو ان کي شاهه لطيف جهڙي عظيم شاعر پنهنجي فني ڪاريگريءَ سان استعمال ڪيو آهي. جيئن هن فطرت جا سڀ رنگ هن شعر ۾ چيا آهن:

آڄُ رسيلا رنگَ، بادل ڪڍيا ٻُرج سِين،
سازَ، سارنگيُون، سُرندڙا، ٻَچاٽيئين ٻُرچَنگَ،
صراحيون سارنگ، پلٽيُون راتِ پَدامَ تي، (13)

هي ڪيڏو نه عظيم فطرت جو خيال آهي، جنهن کي شاهه عبداللطيف پٽائي پنهنجي مهارت سان پيش ڪيو آهي. آسمان تي ڪڪر عمارتن جيان چوٽين مٿان سهٽا ۽ چٽا رنگ چٽيا آهن. ڪَڪرن ۾ اهڙي طرح گجگوڙ پئي گجي، جيئن سڀئي ساز زور سان وڄي رهيا هجن. ۽ بارش سارنگ جي مُند وسي صحرا کي سيراب ڪري ڇڏيو هجي. فطرت يا ماحول جي لاءِ جيترو ٻين شاعرن لکيو آهي اوترو ئي اسان جي لوڪ ادب ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ به مختلف شاعرن وٽ ضرور نظر اچي ٿو. رڳو ائين ئي نه جديد شاعرن اثر ورتو آهي. بلڪه اهي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان انهن کان اڳ وارن شاعرن کان سنئو متاثر ٿيا آهن.

## جديد سنڌي شاعرن جي شاعريءَ ۾ فطرت:

جديديت جو لاڙو سنڌي ادب ۾ 70 واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿيو .جديديت سنڌي ادب ۾ "نئين شاعري "جي نالي سان ۽ اردوءَ ۾ "نيا ادب "جي نالي سان

متعارف ٿي. هي لاڙو يورپ ۾ 20 صدي جي وچ ڌاري ”نئين لاڙي ”سان اڀري سامهون آيو. جنهن پوري دنيا جي ادب ۾ نواڻ آڻڻ شروع ڪري ڇڏي. ان ۾ وڏا وڏا شاعر ۽ اديب پوري دنيا مان شامل ٿي لکڻ لڳا. ۽ هلندي هلندي هن ۾ ايڏي ته جدت آئي جو هي لاڙو جديديت کان ترقي پسند ادب ۾ داخل ٿي ويو.

سنڌي شاعريءَ ۾ به پڻ اسان کي جديد شاعرن ۾ ڪشنچند بيوس، مرزا قليچ بيگ، مير عبدالحسين سانگي وغيره جهڙا شاعر ملن ٿا جن نين روايتن جو شاعريءَ ذريعي آغاز ڪيو.

جديد شاعري 1935ع کان شروع ٿي آهي. جڏهن عروضي شاعريءَ جو بنياد پيو ۽ غير عروضي شاعريءَ جو رواج هو. جديد شاعريءَ جو باني ڪشنچند بيوس آهي. ڪشچند بيوس سڀ کان پهرين جديد شاعريءَ ۾ ان جي هيئت ۽ گهاڙيٽي ۾ تبديلي آندي. جديد شاعريءَ پنهنجو بنياد اڳ موجود ڪلاسيڪل روايتن کي تبديل ڪري پنهنجون نيون روايتون آنديون.

جديد شاعريءَ ۾ نئيَن روايتن جو شاعريءَ ذريعي آغاز ڪيو ويو ۽ نئين صنفن جو پڻ جنم ٿيو. جديد شاعري پنهنجي صنفن ۽ گهاڙيٽن جي ڪري سڃاتي وڃي ٿي. جنهن ۾ مقبول  صنفن جهڙوڪ غزل، پابند نظم، آزاد نظم، نثري نظم، گيت، هائيڪو، سانيٽ ۽ ترائيل وغيره جو جنم ٿيو.

جديد سنڌي شاعريءَ جي شروعات ۽ رجحان بابت ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو: ”سنڌيءَ ۾ صحيح معنيٰ ۾ جديد شاعريءَ جي ابتدا ترقي پسند شاعرن ئي ڪئي هئي. اها جدت مواد، ٻولي، خيال ۽ سوچ سان به تعلق رکي ٿي، ته شعر جي اندروني تاجي پيٽي، بناوٽ، پيشڪش ۽ اسلوب سان به وابسته آهي. ” (14)

درحقيقت جديد سنڌي شاعريءَ جا موضوع به اهي ساڳيا ئي هئا. جيڪي اسان کي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ ملن ٿا. ان ۾ اهو ساڳيو ئي فڪري رسُ ۽ چسُ

پڻ پڙهڻ لاءِ ملي ٿو. جنهن ۾ تصوف، روحانيت، وحدالوجود، فڪر جي گهرائي، جماليات ۽ ان جا قسم، سماجڪ مسئلن کان وٺندي فطرت جي حسن ۽ جمال جو مڪمل ذڪر ملي ٿو.

جديد شاعريءَ جو فطرت سان ايترو ئي گهرو تعلق آهي، جيترو ڪلاسيڪل شاعريءَ جو تصوف ۽ وحدالوجود جي نظريي ۽ ان جي تخيل سان. اسان وٽ به ڪيئي جديد شاعر اسان کي اهڙا با ڪمال ملن ٿا جن پنهنجي شاعريءَ ۾ فطرت جي حسُن کي خوب سرجيو ۽ سنواريو آهي. جديد شاعريءَ جي شروعات کان وٺندي ايندڙ دور جي سڀني جديد فڪر جي شاعرن وٽ فطرت ۽ قدرت جو ذڪر ضرور هوندو آهي.

اهو ممڪن نه آهي ته جيڪي به جديد فڪري لاڙا ۽ رجحان اسان کي سنڌي ادب ۾ مغربي ادب مان مليا انهن کان علاوه به سنڌي جديد شاعريءَ کي پنهنجو موضوع ۽ پنهنجو اسلوب موجود هو. پر تنهن هوندي به ترقي پسند ادب (فڪري ادب)، جديديت ۽ رومانويت وغيره جهڙن لاڙن سنڌي جديد شاعرن وٽ هڪڙو الڳ فڪري معيار برپا ڪيو.

ان ۾ ڪوئي شڪ نه آهي ته ڪلاسيڪل شاعري هجي يا جديد شاعري، انهن ٻنهي ۾ فطرت جي عڪاسي ضرور ملي ٿي. هتي اسين پنهنجي هن موضوع سان سلهاڙيل چند اهم سنڌي جديد شاعرن جي شاعريءَ ۾ فطرت جو مطالعو ۽ اڀياس ڪنداسين، تن ۾ جديد شاعريءَ جي سرواڻن ۾ ڪشنچند بيوس، شيخ اياز، استاد بخاري، نارائڻ شيام، وفا ناٿن شاهي، اسحاق سيجو ۽ علي آڪاش جهڙا معتبر جديد شاعر شامل هوندا.

## ڪشنچند بيوس:

جديد شاعريءَ جو باني ڪشچند بيوس 1885ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. ڪشنچند بيوس جي والد جو نالو تيرٿداس ڪتري هو. ڪشچند بيوس جو تخلص "بيوس "هو. هن جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نواڻ آندي، جنهن ڪلاسيڪل جي فرسوده رسمن ۽ عقيدن کي ختم ڪري جديد شاعريءَ جو بنياد وڌو. هن شاعريءَ مان فارسي استعارن ۽ تشبيهن کي پوئتي ڌڪي، نج سنڌي شاعريءَ جا استعارا ۽ تشبيهون ڪٽي آيو. سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئون لاڙو پيدا ڪيو ۽ رجحان به ڪشنچند بيوس جي ڪري ئي پيدا ٿيو. جديد سنڌي شاعريءَ جي ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي وڌڻ ويجهڻ جي لاءِ هن نئين راهه ڏني. جنهن جو ثبوت اڄ شيخ اياز، ڪيلداس فاني ۽ ٻيا ڪيترائي آهن. جڏهن ته ڪشنچند بيوس سنڌ جو عوامي ۽ انقلابي شاعر طور تسليم ڪجي ٿو، ڇاڪاڻ ته هن ئي سنڌي شاعريءَ کي نوان اسلوب ۽ موضوع ڏنا.

ڪشچند بيوس فني حوالي سان پنهنجي شاعريءَ کي گيت، ڪافي ۽ نظم وغيره ۾ بيان ڪيو آهي. ڪائنس غزل جي صنف گهٽ ئي پڙهڻ لاءِ ملي آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڪيترائي نوان موضوع ۽ رجحان پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. پر رڳو ايترو ئي نه ڪيئي لاڙن جي باوجود ڪشنچند وٽ فطرت جي حسن ۽ فطرت بابت به ڪافي شعر پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. بيوس جي شاعريءَ ۾ وطن جو فطري ماحول آهي، جنهن ۾ فطرت جي عنصرن، پکي پکڻ کان ويندي آسمان، ڪنوڻ، پکين جي ڪنڀن، بجلي ۽ گُلن جي ذڪر سان گڏ بيوس رات جي منظر جي عڪاسي ڪندي هر هڪ شيءِ کي تفصيلي طور پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ ڪڙڪڻيتي جو به ذڪر ڪيل آهي، بيوس لکي ٿو:

چا ڪڙ ڪڻيتي ڪي آهي ڪنوڻ ڪنڍن ۾،
بجلي بتي ڦري ٿي گويا گلن ڦُلن ۾..(15)

ڪڙڪڻيتي جي اونداهه ۾ روشني ڪنهن اونداهي رات ۾ ڏيئي جهڙي هوندي آهي. هن شعر جي حُسناڪي اها آهي ته ان ۾ ڪڙڪڻيتي جي ٽڙن کي ڪنوڻ سان تشبيهه ڏني وئي آهي. ۽ ڪنوڻ جو گُلن تي ڪِرڻ ڪنهن بتي جي مثل بيان ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت ڪشنچند بيوس فطرت ۽ ماحول جي حسن جي ساراهه مختلف فطرت جي رنگن ۾ شعرن ذريعي ڪئي آهي. ڪٿي ته هو بادلن ۽ ڪڪرن جي باري ۾ هيئن لکي ٿو:

گرجندي گهوندي اچي،
اولهه ڪنان ڪاري گهٽا
ساز سرندن ساڻ
وڄندي بادلن واري گهٽا. (16)

اوهين ڪڏهن بادلن يا ڪڪرن جو اهڙو ميڙ ضرور ڏٺو هوندو جيڪو گهٽو گهرو يا گهٽو پريل هوندو آهي، اڪثر ان سان گڏ بجلي ڪڙڪي رهي هوندي آهي، ۽ ان ۾ ڪڪرن جو گجرڻ، انهن جي سفر جي ڳالهه، ۽ ان جو ڪنهن ساز جيان وڄڻ به هڪڙو طلسم آهي. ڪشچند ان سڀني پسمنظر کي خوشيءَ سان تشبيهه طور استعمال ڪري، بادلن ۽ برسات جي وسڻ جو خوشي سان اظهار ڪيو آهي.

شيخ اياز:

شيخ اياز جنهن جو سچو نالو شيخ مبارڪ علي آهي. شيخ اياز 2 مارچ 1923ع عيسويءَ تي شڪارپور ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو غلام حسين هو. شيخ اياز شروعاتي تعليم شڪارپور مان ورتي. شيخ اياز جي شاعري فڪري حوالي سان ٻن دورن تي مشمتل آهي. پهريون دور ترقي پسند ۽ ٻيو دور تصوف جو آهي. اياز جي شاعري ۾ پهرئين ۽ پوئين دور ۾ نمايان تبديليون نظر اچن ٿيون. جنهنڪري ادبي حلقن ۾ تعريفي ۽ تنقيدي، ٻنهي حوالن سان گفتگوءَ جو موضوع بڻيو.

شيخ اياز ويهين صديءَ ۾ رڳو هڪ وڏو جديد تخليقي شاعر ئي نه، پر پاڻ سان گڏ هڪ دور کڻي آيو، جنهن جا اثر اڄ سڏو سنئون سنڌي شاعري تي آهن ۽ شايد ڪيترا زمانا اڃا رهندا. جديد سنڌي شاعري ۾ شيخ اياز کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن به شاعر يا اديب پنهنجي دور جي شاعر ۽ پاڻ کان پوءِ ايندڙ ادبي نسلن تي ايترا اثر ڇڏيا جو شيخ اياز کي جديد سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ جينيس جو درجو مليل آهي. جنهن پنهنجي باڪمال فڪر، فن ۽ تخليقي ٻوليءَ سان پنهنجي دور جي شاعري ئي نه، پر ڪو نئون دور تخليق ڪيو هجي.

شيخ اياز جديد سنڌي شاعريءَ جو اهو پهريون وڏو شاعر هو، جنهن سنڌي شاعريءَ جي فارسي مان جند ڇڏائي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح رح، شاهه لطف الله، ميون شاهه عنات رضوي ۽ ان کان پوءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سامي، سچل سرمست ۽ صوفي شاعرن کي ڇڏي ڪري سنڌي شاعرن جي هڪ وڏي انگ تي، فارسي شاعريءَ جو وڏو اثر هو، پر شيخ اياز انهيءَ روايت کان بغاوت ڪري پنهنجي تخليق سان سنڌي شاعريءَ کي هڪ نئي دور ۾ وني آيو. جنهن ۾ ڪيئي نيون روايتون ۽ صنفون متعارف ڪرايون.

شيخ اياز پنهنجي لهجي، سوچ ۽ فڪري روايتن جو شاعر هو، جنهن کي جديد شاعر سڏيو ويندو آهي جو هن شاعريءَ ۾ نين صنفن جو واڌارو ڪيو. ۽ شاعريءَ ۾ نيون تحريڪن جو آغاز ڪيو. جيڪو ان کان اڳ گهڻ شاعرن وٽ ملي ٿو. شيخ اياز فطرت جو شاعر آهي. جنهن فطرت جي حسن ۽ ان جي جمال کي ڳايو. جنهن ڪري ڪلاسيڪل شاعرن کان پوءِ اياز ئي وڏو فطرت جو شاعر آهي. سرنهن جي گُلن جي ڳالهه هِن بي مثال منظر سان ڪري ٿو:

آءُ سرنهن گل ڪيا، مينهن پيا آءُ،
آءُ پرين آءُ. (17)

اياز محبوب جي سِڪ ۽ ان جي اچڻ جي ڳالهه فطرت جي هِن بي مثال منظر سان ڪري ٿو. سرنهن ۾ جڏهن گل ٿين ٿا، ۽ مينهن پون ٿا ته هڪ ادبي ماحول تخليق ٿئي ٿو. گڏوگڏ اياز پنهنجي ان شعر ذريعي پنهنجي محبوب جي انتظار جو اظهار ظاهر ڪيو. اياز نه رڳو سرنهن جي گلن جو ذڪر ڪري ٿو، بلڪه هو ٽر ۾ پوندڙ بارش کي هڪ نئين راڳ سان آلاپي به ٿو:

رم جهم رم جهم راڳ اُنهن سان،
ٽرَ برَ باهه لڳايا...
مٽي ماٽي لايان. (18)

هر قوم جي لاءِ ان جو وطن يا ان وطن جي مٽيءَ جي اهميت سڀ کان الڳ ۽ اهم هوندي آهي، هر شخص جي اها خواهش هوندي آهي ته هو پنهنجي وطن جي مٽيءَ ۾ ئي دفن ڪيو وڃي.اياز وٽ پنهنجي سنڌ جي ماحول ۽ فطرت جو هڪڙو الڳ ئي فڪر ملي ٿو. جنهن ۾ هو پنهنجي مٽيءَ کي وڏيڪ اهميت

ڏيندي ان جي شانَ مانَ وڌي اعتماد سان ڳائي وجائي پيش ڪري ٿو. بارش جو پوڻ، راڳ جو ڳائجڻ، ٿرَ ۽ برَ ۾ باهه جو لڳائڻ به هڪڙو الڳ ئي قدرتي منظر چٽيو ويو آهي.

## استاد بخاري:

استاد بخاري سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر آهي. سندس اصلي نالو سيد احمد شاهه بخاري هو. سندس والد جو نالو سيد حاجن شاهه هو. استاد بخاري 16جنوري 1930 ع تي تعلقي ۽ ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ غلام چانڊيي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو بهترين ۽ جديد سنڌي شاعرن ۾ پهرينءَ صف جو شاعر هو. استاد بخاري پنهنجي لڪيل خوبصورت شاعريءَ جي ڪري ئي نه پر هُن فني حوالي سان به ڪمال ڪيو آهي. استاد بخاري واحد اهو شاعر هو جيڪو پنهنجي همعصرن ۾ وڌيڪ مقبول شاعر رهيو. استاد بخاري جو ڪلام عام فهم ۽ گهٽو سَهنجو هئڻ جي ڪري ئي هو عوامي شاعر هيو. جنهن نه صرف سادي ٻوليءَ جو استعمال ڪيو، بلڪه عام لغت ڪي بهترين ترڪيب سجائي پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو. استاد جي شاعري نه صرف عام بلڪه اها فڪر جي گهرائيءَ سان به مالا مال آهي.

استاد بخاري نه صرف عوامي پر هو رومانوي شاعر هو. جيڪو خاص طور تي سنڌ جي ٻهراڙيءَ واري حصي جو رومانوي نشانبر هو. جيڪو پنهنجي رومانوي اظهار ۾ بي خوف هيو. استاد بخاري نه صرف رومانوي بلڪه انقلابي، قومي، طبقاتي شعور جو حامل هو ان سان گڏوگڏ استاد بخاري فطرت پسند ۽ جماليات پسند شاعر پڻ هو. سندس شاعريءَ ۾ حسن پروري، عاشقي، فن سان محبت، قوميت، انقلابيت، جماليات ۽ فطرت پسنديءَ جا گهڻ طرفا عڪس نظر اچن ٿا.

استاد بخاري جي شاعري عشق جو اظهار، فن سان محبت، ٻوليءَ سان عشق جو لطيف ذريعو هو، اتي هن وٽ شاعري هڪ فڪري مورچو به هو، جتي هو پنهنجي دور کي جاڳائڻ، لوڏڻ، ڌوڏڻ ۽ متحرڪ ڪري تبديل ڪرڻ  نه ٿي چاهيو. استاد بخاريءَ وٽ جماليات ۽ فطرت جو گڏيل ميلاپ نظر اچي ٿو، جيئن:

چِڊڙا بادل، وٹندڙ تِڙڪو، ڦولهاريل سِرنهون،
سامهون تنهنجو چِلڪي چهري، اولا، تون هي
تون.[19]

ڪيڏي نه بهترين فطرت سان تشبيهه آهي محبوب ڪي، جو هن جي چهري جي چمڪ چِڊڙن بادلن، وٹندڙ تِڙڪي، ۽ ڦولهاريل سرنهن سان ڀيٽي وئي آهي. ان شعر ۾ استاد بخاري فطرت جي ماحول کي بيان ڪندي بادلن، سج جي وٹندڙ اُس ۽ ڦولهاريل سرنهن جو هڪڙو حسين منظر چِٽيو آهي. جنهن کي هڪ شاعر پنهنجي شاعريءَ وسيلي بيان ڪري ٿو. استاد بخاريءَ وٽ نه صرف سج ۽ بادلن جو ذڪر ملي ٿو، بلڪه گُلن، ٻوٽن ۽ باغن جو به پڻ ذڪر ملي ٿو، جيئن:

هڪ گل قطار ٻوٽر ته هڪ ٻوٽر گنج گل،
ڄڻ باغ جي بهار جون کهڙيون ڪچيون
ڪيون. [20]

گل جو ٻوٽر سان جيڪو تعلق يا رشتو آهي، سو گهڻو ئي گهرو ۽ مقبول رهيو آهي، ان جو ڪو به مثال نه ٿو ملي. جتي جتي به گل هوندا اتي ٻوٽر پنهنجي پوري وجود سان موجود هوندا. استاد بخاري هي ڪيڏو نه سهڻو منظر باغ جو پيش ڪيو ويو آهي. ڪٿي ته گل هڪڙو ۽ ٻوٽرن جي قطار هوندي آهي، ڪٿي وري ٻوٽر هڪڙو ۽ گُل وڏيڪ آهن. اِهو هڪڙو باغ جو منظر آهي. ٻوٽرن

جي گُلن لاءِ سِڪ يا ۽ گلن جي پنئرن جي لاءِ اُنسيت جو هڪڙو الڳ ئي معيار ڏيکاريو ويو آهي. استاد بخاري فطرت جو حسين شاعر آهي.جنهن وٽ فطرت ۽ ماحول بابت ڪيئي سهڻا سهڻا خيال آهن، هُن وٽ رڳو باغيچن، گلن، پوئنرن جو ذڪر ڪونهي، بلڪه ان جي ڪيئي غزلن ۾ فطرت جا خوبصورت رنگ ۽ منظر ڏسڻ ۾ ملن ٿا.

## نارايڻ شيام:

سنڌ جو هي ناميارو شاعر 22 جولاءِ 1922ع تي نوشهروفيروز ۾ ڄائو. نارايڻ شيام سنڌ جي جديد شاعرن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. مگر بدقسمتيءَ سان نارايڻ شيام ورهاڱي جي ڪري سنڌ ڇڏي ٻئي طرف هليو ويو. تنهن ڪري سندس شاعريءَ تي ان سطح جو اثر پڻ گهٽجي ويو. تنهن هوندي به نارايڻ شيام جي سنڌي شاعريءَ ۾ هڪڙي الڳ ئي حيثيت آهي. نارايڻ شيام سنڌي شاعريءَ ۾ نفاست ۽ نزاڪت پيدا ڪئي. نه صرف ايترو پر هي اهو پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن سنڌي شاعريءَ ۾ هائيڪي ۽ سانيٽ جي روايت وڌي. نارايڻ شيام، شيخ اياز کان پوءِ سنڌيءَ جو وڏو شاعر مڃيو ويو آهي. سنڌ ۾ اياز ۽ هند ۾ نارايڻ شيام اهڙا ٻه شاعر هئا، جن سنڌ ۽ هند جي وايو منڊل کي ڳنڍي رکيو. نارايڻ شيام جا ڪيترا ئي ڪتاب هند ۽ سنڌ ۾ ڇپيا.

نارايڻ شيام وٽ ڪيئي موضوع ۽ جديد لاڙا به سندس شاعريءَ ۾ ملن ٿا. هو ڪلاسيڪل شاعريءَ کان به واقفيت رکي پيو، تنهن ڪري سندس شاعريءَ ۾ جماليات، رومانويت ۽ فطرت جهڙا موضوع پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. خاص طور تي سندس شاعري ۾ جماليات ۽ فطرت جو وڌيڪ ذڪر آهي. نارايڻ

شيام فطرت جو عاشق شاعر هو. هُن وٽ جيترو حُسن ۽ جمال محبوب لاءِ نظر اچي ٿو، اوترو ئي هو فطرت ۽ قدرت جي حُسن جو به عاشق شاعر آهي. ان پنهنجي ماحول منجهان ڪيئي فطرت جا رنگ ڪنيا آهن. سندس شاعريءَ ۾ فطرت ۽ ماحول مان ڪنيل تخيل جو هي نظارو ڏسو:

هِتي ڳولين ٿي جنهن ڪي، چانڊوڪي!
جاءِ ان صبح آهه بدلائي![21]

ڪڏهن ڪڏهن رات جي به پنهنجي ڪيفيت ٿيندي آهي، ڪڏهن ماٺ هوندي، ڪڏهن وري ان ۾ گجگوڙ ٿيندي ۽ٻي! پر هتي ڪيڏي نه سهڻي نموني رات جي تبديلي صبح ۾ ڏيکاري وئي آهي. نارايڻ چانڊوڪيءَ کي پٽڪندڙ روشني جيان لکي ٿو، جنهن ۾ هُن کي ڳوليندي صبح ٿي وڃي ٿي. ۽ اُها چانڊوڪي به ماند پئجي وڃي ٿي. اهو سڀ فطرت جي حسن جي هڪڙي جهلڪ آهي، جنهن ۾ رات جي چاندني آهي، جنهن ۾ صبح جو پهريون پهر آهي.

نارايڻ شيام گهڻ رُخو ۽ عام فهم شاعر آهي، هُن وٽ ڪيفيتون ئي شاعريءَ جي حقيقي خوراڪ ٿينديون آهن. هن جي شاعريءَ ۾ فطرت ساهُه کڻندي نظر اچي ٿي. نارايڻ شيام شاعريءَ جي ميدان ۾ ايترا ته گُل پوکيا جو شاعريءَ نه رڳو پنهنجي خوشبوءِ ڦهلائي، بلڪه شاعريءَ جو هڪڙو نئون جهانَ اڏيو. جتي ڪنول، پوئنر، باک ۽ رات جو ذڪر نظر ٿو اچي.

ڪِليو جتَن ڪنول، پؤنر نڪتو اُڏامي،
ڦٽي باک ۽ راتڙي پڻ وهاڻي.[22]

ڪجهه شاعرن وٽ فطرت جي رنگن ۾ به ڪي خاص رنگ يا خاص عنصر بحث هيٺ هوندا آهن، جيئن ڪجهه گلن جي باري ۾ لکن ٿا، ڪجهه پوئنرن لاءِ،

ڪجهه پرهڻ لاءِ ۽ ڪجهه چانڊوڪي جي لاءِ لکن ٿا. انهن سڀني جي لکڻ جو پنهنجو پنهنجو اندازو، زوايو، تجربو ۽ مشاهدو آهي، هو ماحول جي هر انگَ تي نظر رکي لکندا آهن. نارايڻ شيام وٽ فطرت ۾ نباتات جي الڳ ئي اهميت ملي ٿي، جنهن ۾ هو گُلن جي مختلف قسمن ۽ ان جي بيهڪ جو بخوبي ئي تجزيو پيش ڪري ٿو. مٿيون صبح جو منظر آهي، جنهن ۾ باک ڦٽڻ سان رات ختم ٿي وڃي ٿي، ۽ صبح جو سج جي ڪِرڻن جي ڪري ڪنول ڪِلي بيهي ٿو، جنهن مان هڪڙو ڀؤنرو نڪري پوي ٿو. يقينن اهو منظر نارايڻ شيام ڏٺو هوندو، جنهن ڪري هُن ڪي ان شعر جي ذريعي بيان ڪري ڇڏيو آهي.

## آٿم ناٿن شاهي:

آٿم ناٿن شاهيءَ جو اصلي نالو غلام رسول سولنگي هيو. ۽ سندس ادبي نالو 'آٿم ناٿن شاهي' هو. هي شاعر 2 جنوري 1937ع ۾ دادو ضلعي جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ پيدا ٿيو. سندس شمار ناليوارن شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هن فني حوالي سان شاعريءَ جي سڀني صنفن ۾ تجربا ڪري ان کي هڪڙو نئي انداز سان سنواريو. هي شاعر جديد شاعرن ۾ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. سندس موضوع نوان، اڻ ڇهيا، نفيس ۽ دلڪش آهن. خاص طور آٿم جي شاعريءَ ۾ جيڪو فطرت جو جمال ۽ ڪمال موجود ملي ٿو، سو ورلي ئي ڪنهن شاعر جي شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿو. هو به فطرت ۽ ماحول جو شاعر آهي، جيڪو پنهنجي چاهه سان انهن منظرن ۽ انهن حسين فطرت جي عنصرن جو خوب ذڪر ڪري ٿو. نه رڳو هو تعريف ڪندي نظر ٿو اچي پر هو تاڪيد پڻ ڪندي نظر اچي ٿو. آٿم جو گلَ ۽ ٻوٽن سان پيار هن شعر ۾ ڏسو:

قدر گل جو نه جيڪو ڄاڻي ٿو،
ڪابه خوشبو اهو نه ماڻي ٿو.
(23)

ڪيڏي نه سادي ۽ سهڻي ڳالهه ڪئي آهي آثم! گل جي خوشبوءِ وٺڻ وارو ئي ان جو قدردان ٿيندو آهي. نباتات سان پيار، ٻوٽن ۽ گلن جي ڳالهه ڪندڙ شاعر فطرت جا شاعر هوندا آهن. انهن جي شعر ۾ فطرت جي ننڍن ننڍن عنصرن تي به نظر هوندي آهي. ڪجهه شاعر ته وڻن ٻوٽن جي زبان به سمجهندا آهن. بلڪه وڻن کي هڪڙي نه بلڪه انيڪ زبانون هونديون آهن. اها ڳالهه آثم هن طرح ڪري ٿو:

ٿو وڻ وڻ مون سان ڳالهائي،
هر وڻ کي ڪوڙ زبانون آهن.(24)

اها ڳالهه ڪيڏي نه عجيب آهي ته وڻن سان پيار ڪندڙ اڄ جي دور ۾ گهٽ، بلڪه انهن جي ڪٽائي ڪرڻ وارا وڌيڪ هوندا آهن. پر انهن جي زبان ۽ ٻولي به ٿيندي آهي. ڪين درد به ٿيندو آهي. اهڙي درد ۽ وڻن جي نزاڪت کي آثم سمجهي ورتو آهي. جيڪو لکي ٿو ته هن سان وڻَ ڳالهائن ٿا. جن کي زبان به آهي. جيڪو پنهنجو درد ۽ پنهنجي ڳالهه به ڪيس ٻڌائن ٿا.

شاعريءَ ۾ فطرت پسندي جو مقصد اهو آهي، ته شاعر پنهنجي آس پاس قدرتي منظرن منجهان چند شيون ڪٽي انهن جي شاعريءَ اندر عڪاسي ڪري ۽ ان کي حسن  بخشي ٿو.  اهڙا سنڌي ادب ۾ ڪيئي جديد شاعر موجود آهن. جن جي شاعريءَ ۾ جهجهي مقدار ۾ فطرت ۽ ٻيون قدرتي شيون ملن ٿيون.

## ناياب جانورن ۽ پکين جي بچاءَ ۾ رچيل شاعري:

شاعري صرف ڪنهن به هڪ موضوع تي ئي نه بلڪه انيڪ موضوعن تي گفتگو ڪندي رهندي آهي. ان جا مختلف پاسا ۽ رُخ هوندا آهن. جيڪي اسان جي نظر کان اوجهل رهندا آهن. شاعر جي اندر ۾ جيڪا وارتا يا ڪو واقعو جنم وٺندو آهي. هو ان کي سهڻي نموني چٽي پيش ڪندو آهي. شاعرن جو جانورن ۽ ناياب پکين سان پيارُ، انهن جي طبعيت يا مزاج تي منحصر ڪندو آهي. هو پنهنجي آس پاس موجود جانورن ۽ پکين جي زبان ٿي سامهون ايندا آهن. اسان وٽ سنڌ ۾ اهڙا ڪيترائي شاعر آهن، جن پنهنجي شاعريءَ وسيلي پنهنجي علائقي جي حسين جانورن ۽ پکين جي بچاءَ جي باري ۾ ڳالهايو ۽ احتجاج ڪيو آهي. اها رڳو اڄ جي دور جي ئي ڳالهه نه آهي بلڪه جانورن جي تعريف ۽ انهن جي اهميت بابت اسان کي ڪلاسيڪل شاعرن وٽ به خوب بحث نظر اچي ٿو. ايتري قدر جو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ وٽ ته هڪڙو سُر "ڪارايل (مور يا هنج) جي نالي سان موجود آهي.  شاهه لطيف ۽ ان کان بعد وارن اساسي شاعرن کان ويندي اهڙي روايت جديد شاعرن وٽ به موجود آهي. جن نه رڳو جانورن جي تعريف ۾ لکيو آهي، بلڪه انهن جي بچاءَ لاءِ به ڪوشان رهيا آهن. جن ۾ سڀ کان اول صف ۾ شيخ اياز نظر اچي ٿو.  اياز پکين ۽ جانورن جي درد کي پنهنجو درد سمجهيو آهي. هو لکي ٿو:

وري ٽانگهه تلوَّرَ جي، عرَبَ آندا ٿي،
ڪيڏا ماندا ٿي، پاران پکيءَ رت
لئه.(25)

*

هن کي ڦهڪائي هنيهءِ، ڇا لئه ايئن
ڳُليلَ،
پاٽيءَ پيئَڻ ويلَ، پنڇي ڏُرڪيو ڏُڪَ
سان؟ (26)

*

اوچي وئي آڪاس کان ڪُنل آڙيءَ رڙ،
ڌرتيءَ ڪئي ڌڙ ڌڙ پر ڪنهن ٻڌي ڪا
نه ڪا. (27)

*

ڪري پئي ڪونج، فيڙُ ٿيو بندوق مان،
اڃا جنهن جي گونج، ڪيٽيءَ ڪري
ڪُوڪرا. (28)

هُن وٽ پکين جي مارڻ تي جيڪو درد آهي، سو حقيقي شاعر ئي محسوس ڪري ٿو. اياز پکين جي شڪار ۽ ان جي مارڻ کي ننديو آهي. اسان وٽ سنڌ ۾ جيڪا ناياب پکين جي شڪار جي روايت عربن پاران وڌي وئي آهي. سا وڏيڪ ڏڪائيندڙ ۽ دکدائڪ محسوس ٿئي ٿي. اياز اڄ جي ڪنهن ٻار کي هڪَل ڪري اها تلقين ڪري ٿو ته پکين جو مارڻ چڱو ڪم ڪونهي ته، ان جو مطلب آهي ته هو پکين جي بچاءَ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي. ايئن پکيءَ جي ڦاسڻ جي ڳالهه نارايڻ شيام پڻ لکي ٿو:

اُڏامندي ته پکي کو نه ڄار ۾ ڦاٿو،
سميٽي پر ڪٽي وينو تڏهن ئي پيد

پڇس! (29)

پکين کي پلا کهڙي ڪَل ته سندن انتظار ۾ کهڙو شڪاري ڄار وڇائي ويٺو آهي. پکي ته اڏامندي به شڪار ڪيا وڃن ٿا. پر پکين جي شڪار کان پکين جي آزادي انهن جي اُڏام ۾ آهي. اهڙيءَ طرح رڳو نارايڻ شيام ئي نه بلڪه حبدار سولنگيءَ وٽ به پکين جي آزاديءَ جي ڳالهه پڙهڻ لاءِ ملي ٿي. هو لکي ٿو:

پڃرو خالي آ،
جنهن ۾ ٻاجهر سان پريل،
پئي هڪ پيالي آ. (30)

*

باغ جي وڻ تي پکي ويٺو هيو،
ٻارڙو ان لئه لڪي ويٺو هو. (31)

حبدار سولنگيءَ ڪيڏي نه سٺي تجويز پيش ڪئي آهي. هو اهڙو نفيس شاعر محسوس ٿئي ٿو جنهن کي پکين جي قيد تي به اعتراض آهي. جيڪو نه ٿو چاهي ته ڪو به ناياب سهڻو پکي پڪڙي ان کان آزادي کسي وٺجي. اڄ جي دور ۾ اهڙا ڪيئي ماڻهو ملن ٿا جيڪي پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ ناياب پکي وٺي رکن ٿا. مگر انهن جي آزادي ڪين کسي ٿا وٺن. حبدار سولنگي ان عمل جي مذمت ڪري پکين لاءِ سراپا احتجاج ڪيو آهي. نه صرف اهو پر هو ننڍڙي جيوت جي باري ۾ به فڪرمند آهي، هو لکي ٿو:

پيرُ آيو ڪِولِ مٿان منهنجو،
هڪڙو ننڍڙو گُناهه ٿيو مون کان.

رات پر جسم تي گُهميون ڪوليون. (32)

حبدار سولنگيءَ وٽ فطرت جي هر خلقت جو فڪر موجود آهي. هو ته ننڍڙي ڪِول طرف به غور و فڪر جي تلقين ڪري ٿو، هو ان جي حيثيت ڪي اسان مٿان ظاهر ڪري انهيءَ جو درد احساس ڏياري ٿو. هُن جي فڪر جي رڳو حد ڪِول جي مرڻ جي ڪونهي. بلڪه هڪڙي قتل جي آهي. ننڍڙي خلقت هجي يا ڪا ناياب جانورن جي جيوت، شاعر ته سيني جي لاءِ لڪن ٿا، ڳالهائن ٿا. جيئن اياز هڪڙي هرڻيءَ جي ڪُسڻ تي هيئن لکي ٿو:

هرڻي ڏيئي سِير، تو جا ڪاتي سان
ڪُٺِي،
دارا جي تقدير، اُبري آئي مون اڳيان. (33)

*

اي مِينهن! مرڻ ايندا،
تون تار ترائي ڪر، هر رات هرڻ ايندا. (34)

شيخ اياز وٽ ماحوليات تي گهري نظر ته ڏسو! هو واقعي ئي پنهنجي ماحول ۽ ان جي عنصرن منجهان بخوبي ئي واقف شاعر هو. جنهن باريڪ بينيءَ سان ان جي هر انگ تي مشاهداتي نظر وجهي ان جي هر رنگ کي خوبصورتي نموني چٽيو آهي! ٿرَ ۾ برسات پوڻ بعد واري ماحول جو ڪجهه عڪس ئي الڳ هوندو آهي. شيخ اياز اتي هرڻين جو ذڪر ڪيو آهي.

هرڻي هڪڙو نفيس ۽ نماڻو ناياب جانور آهي. ان جو شڪار يعني فطرت جي حسن جو شڪار آهي. اياز هرڻيءَ جي ڪُسڻ جو اظهار ڪري ٿو. اهڙي ريت جڏهن ٿر ۾ برساتون پونديون آهن، ته ننڍا ننڍا ڊورا پرجي ايندا آهن. جن تي رات جي

وقت هرڻ پاڙي پيئڻ جي لاءِ نڪري ايندا آهن. ۽ اتان جا مقامي ماڻهو انهن جو آساني سان شڪار ڪندا آهن. اياز رڳو ان جو ئي اظهار نه ڪيو آهي بلڪه هو انسان کي بگهڙ صفت ڪوٺي ٿو، لکي ٿو:

ڪڏهن چيريندي، ڦاڙهو ماري جهنگ
۾؟
ڇا تو بگهڙ کي، آهي سوچيندي ڏٺو؟
(35)

انسان جون ڪيئي صفتون آهن، هو ڪڏهن حساس آهي ته ڪڏهن جذباتي، ڪڏهن رحم دل ته ڪڏهن ظالم، ڪڏهن رُخو آهي ته ڪڏهن درياهه دل، ڪڏهن هو سٺو آهي ته ڪڏهن ان جهڙو ڪُتو ڪير به نه! اهڙيون سڀ صفتون انسان ۾ ازل کان ئي موجود آهن. هو انهن سڀني صفتن سان گڏ گڏ وڌندو ويجهندو رهيو آهي. جتي هو جهنگ جا ڦاڙها چيريندو هُيو، اتي هو اڄ انسان چيريندي نظر اچي رهيو آهي. هُن وٽ ڪو به رحم ئي ڪونهي.

<u>وڻن ۽ ٻيلن جي واڍيءَ خلاف شاعرن جي دانهن</u>

شاعري انسان جي نه صرف احساسن، جذبن، اُمنگن، اميدن، آسرن، سهارن ۽ ان جي داخلي خيالات جي ترجمان هوندي آهي. مگر شاعري رڳو انهن شين کي ئي بيان ناهي ڪيو، بلڪه شاعري انقلاب، مزاحمت ۽ آواز جي بلنديءَ جو پڻ عنصر رهي آهي. اهو ئي سبب آهي، ته شاعري مزاحمت طور يا احتجاج طور هر ان شيءِ جي مخالفت ڪندي نظر ايندي آهي، جيڪي معاشري جي خرابي طور شمار ڪيا ويندا آهن. اهڙيءَ ريت وڻ ۽ ٻيلا فطرت جا حسين مظهر شمار ڪيا وڃن ٿا. انهن جي ڪٽائي يا واڍ يقينن معاشري جي لاءِ نقصان جو باعث آهي. وڻن جي ڪٽائي

يا انهن جي واڍ سان انسان نه صرف آڪسيجن کان محروم رهي ٿو. بلڪه ان جا ٻيا ڪيئي نقصانات هوندا آهن. وڻ اسان کي سج جي تپش کان بچائن ٿا ۽ برساتون کڻي اچن ٿا.

وڻ بچائڻ جي سلسلي ۾ هڪ مسئلو اهو به آهي ته وڻ هڪڙي اداري کي لڳائڻا هوندا آهن، ته بچائڻا وري ٻئي کي هوندا آهن ۽ ملڪيت ٽئين جي هوندا آهن. سڄو سال وڻن جي ڪٽائي ڪري ٽرڪن جون ٽرڪون ڀري وڻ مختلف جاين تي استعمال جي لاءِ کڻايا ويندا آهن. پر اهي ڪٽڻ وارا اهو نه سوچيندا آهن ته انهن وڻن کي وڏو ٿيڻ ۾ ڪيترا سال لڳا؟ ۽ سندن پالنا ڪنهن ڪئي؟ ۽ ڪيتري ڏکي ڪئي؟ ۽ ان جو وڻن سان لڳاءُ ڪيترو رهيو. اهو شاعر سمجهي سگهي ٿو جيڪو ان وڻن جي درد کي پنهنجي اسلوب وسيلي بيان ڪري ۽ ان جي حسناڪيءَ يا ان جي خوبصورت انگن، عنصرن جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪري.

اسان وٽ سنڌي ادب ۾ اهڙا ڪيئي شاعر موجود آهن، جيڪي نه صرف ڪلاسيڪل دور جا بلڪه جديد دور جا به وڏا نالا آهن، جيڪي وڻن جي ڪٽائي خلاف لکندا رهندا آيا آهن. هتي اسان چند جديد شاعرن جي شاعري ۾ وڻن جي ڪٽائي جي مزاحمت جو اڀياس ڪنداسين. جديد دور جو نوجوان شاعر اسحاق سميجو وڻن جي واڍ لاءِ هيئن محسوس ڪري ٿو:

ڪو وڻ وڍجي ته هي ماني نه ڪائي،
چون ٿا آهه ٿورو ’سائڪو‘ ڪجهه (36)

*

وڻن وڍجڻ تي واويلا به بهتر،
مگر ڪو وڻ لڳائڻ جو به سوچي! (37)

يعني وڻ لڳائڻ بابت ڪير به سوچيندو ئي ناهي، گهٽ ئي اهڙا ماڻهو موجود آهن، جيڪي شوق سان وڻ لڳائڻ چاهيندا آهن. جڏهن ته اڪثريت وڻ ناهي لڳائيندي. بلڪه لڳائڻ ته پري جي ڳالهه، پر ان جي واڍ تي به ڪو احتجاج يا ڪا مزاحمت به ناهي ڪندي. وڻن جي واڍ خلاف شاعر جي پنهنجي اسلوب ذريعي نه صرف سوال اٿاريو آهي. بلڪه چند اهڙن ماڻهن جو به ذڪر ڪيو آهي. جيڪي وڻن جي واڍ تي گهڻو ڏکارو ۽ مايوس ٿي وڃن ٿا. ۽ انهن جي اهڙي ئي روييي کي هي دنيا 'سائڪو 'ڪري ڪوٺي ٿي. اهو ڪيڏو نه عجيب آهي ته ماڻهن ڪڏهن به وڻن جي واڍ تي نه ته ڪو ڏک جو اظهار ڪيو آهي ۽ نه ئي انهن ڪو اعتراض ڪيو آهي. هو ان ڳالهه کي عام ۽ سادو سمجهن ٿا، ڪين انهن جي حُسن يا سونهن جو ڪو اندازو ئي ڪونهي. توڙي جو فطرت ۽ ماحول جا شاعر انهن کي بار بار ان طرف متوجهه ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پر ان هوندي به ڀين عام فردن کي ان سان ڪا دلچسپي ئي ڪونهي. اهڙي ئي ڏک جي اظهار کي وفا هن طرح بيان ڪندي لکيو آهي:

پيلي اهڙو وڍ پيو،
وڻ وڻ ٿاري ٿاري هو. (38)

*

جيلن جا وڻ ويا وڍجي،
اُس ٿي رهي آسيرن تي. (39)

وفا وڻن جي واڍ کي معاشري جي خرابي سمجهيو آهي. ڀيلن جي واڍ انهن جي حُسن ۽ سونهن جو نه صرف قتلِ عام آهي بلڪه اهو اسان جي قدرتي مظهرن جي شاهڪار جو به خون آهي. ڀيلن مان وڻ ائين ڪٽايا وڃن ٿا جو اها سڏ

ئي ناهي پوندي ته ڪو ان جاءِ تي اڳ ڪو ٻيلو به هيو. اهڙيءَ ريت وفا هڪڙي ٻي انوکي ڳالهه ڪري ٿو جنهن ۾ اهو ظاهر ٿئي ٿو ته جيڪي قيدي ويچارا جيلن ۾ رهيل آهن. اهي ڪيترا نه اذيت ۾ هوندا آهن، جڏهن جيلن جي آڳند تي ٿورو ٿهلڻ لاءِ نڪرندا آهن، ته ڪين اُس ۾ ويهڻو پوندو آهي. يعني جيلن جي هالن يا ان ميدان اندر وڻ پوکرايا وڃن ته يقينن انهن جو فائدو اتان جي نه صرف سپني قيدين کي ٿئي ٿو بلڪه اتان جي آفسرن ۽ سپاهين کي پڻ ٿيندو.

انسان ازّل کان وٺي خوبصورت شين جو شيدائي رهيو آهي. سڀ کان پهرين شيءِ جيڪا انسان جي اکين اڳيان گذرندي آهي، سا آهي فطرت ۽ ان جي عنصرن جا مظهر يا حسناڪي، اهي سڀ شيون ڪنهن نه ڪنهن طرح سان انسان کي پاڻ سان ڳنڍي رکنديون آهن. ساڳي ريت ڪيئي اهڙا شاعر آهن، جن کي مختلف قسمن جا ٻوٽا ۽ وڻ وڻن ٿا. هر شاعر جو يا پوءِ ائين کڻي چئجي ته هر عام فرد جي چاهت جو گُل يا پوءِ ٻوٽو مختلف ٿيندو آهي. انهن گُلن ۽ ٻوٽن جي پوکڻ وارا ته آڱرين تي ڳڻڻ جيترا فرد هوندا آهن، پر ڪين پٽڻ ۽ ٻوٽي منجهان الڳ ڪرڻ وارا ڪيئي فرد موجود آهن. هي اهي فرد آهن جيڪي ڪو به ٻوٽو يا گُل لڳائڻ ناهن چاهيندا، بلڪه پٽڻ چاڻندا آهن. گُلن جي پٽڻ تي ڪنهن به فرد کي ڪو خاص فرق ناهي پوندو، جڏهن ته هڪ شاعر لاءِ اها وڏي سوچ ويچار جي ڳالهه هوندي آهي، ان باري ۾ ادل سومرو لکي ٿو:

گلَ ٽاريءَ مان ڇني پوءِ، آڱريون سوچڻ لڳيون. (40)

يعني گُلن جي ڇنڻ تي، انهن جي پٽڻ تي هڪڙو شاعر جيڪو افسوس ڪري ٿو. اهو ڪنهن عام فرد کي ناهي ٿيندو، شاعر وٽ گُل جي حسن ۽ ان جي سونهن جو ئي نه بلڪه ان جي موجودگيءَ يا ان جي هجڻ جي اهميت هوندي

آهي. ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن جيڪي گُلن کي پٽڻ کان پوءِ سوچن؟ شايد ئي هجن. گُلن جي پٽڻ بابت حبدار سولنگي لکي ٿو:

باغ ۾ وڃڻ، فطرت سان ڪائي دشمني
چئبي،
پٽڻ گل باغ مان فطرت جو قتلِ عام ئي
چئبو. (41)

هاڻي ته اسان وٽ باغ ئي ناهن رهيا، جن ۾ اسين وڃين فطرت سان ملي سگهون. هڪڙي پاسي ماڻهو باغن ۾ وڃي فطرت سان ملن ٿا ته ٻئي پاسي اتي پهچي ان ئي فطرت سان هٿ چراند ڪري ان جي سونهن کي وڃائن ٿا. ان ئي ڳالهه جو خلاصو ڪندي حبدار سولنگي لکيو آهي ته باغ ۾ وڃڻ فطرت سان دشمني آهي. ڇاڪاڻ ته اوهين جڏهن به باغ ۾ ويندا ته ضرور اتي جا گل يا ٻوٽا پٽڻ چاهيندا.

فطرت جي اهڙي ماڏداڻ ۾ ڪو ڪو پل اهڙو هوندو آهي، جنهن ۾ فطرت پنهنجا سيئي رنگَ کيڙي ڇڏيندي آهي. ان ۾ ڪيئي ٻوٽا، ڪيئي وڻ، ڪيئي گل ۽ ڪيئي ڪانڊيرا به ڦٽي ٻاهر ايندا آهن. انهن مٿان جڏهن به فطرت پاران ماڪ يا پوءِ برسات پوندي، ته اهي ڪِڙي ڪڙا ٿي پوندا آهن. ۽ فطرت پاران ڏنل سڀني رنگن سان رنگين ٿي اُڀري ايندا آهن. جهڙي ريت فطرت انهن جي پوک جو سامان گڏ ڪري انهن جي جمال کي اوج بخشي ٿي. اهو پاڻ ۾ هڪڙو معجزو آهي. پر ان فطرت جي حسين رنگن کي انسان پاران نِندي ان جي بي حرمتي ڪئي ٿي وڃي. فطرت ته اتي به پنهنجي گلزاري ٿي ڪري جتي رڳو صحرا آهي، رِڻ آهي، ريگستان آهي، واري ئي واري آهي. اُتي به فطرت پاران ڪندا ڪانڊيرا، آڪ ۽

ڦُليون ڦٽي نروار ٿي پونديون آهن. پر انهن کي ڪير ائين هٿ وجهي نه سگهندو آهي. انهن تي ڪير به پنهنجي ميري اک ناهي وجهندو. ڪٿي ته فطرت پهاڙن، جبلن جي ڏارن ۾ به حسين گُلَ اپاري ٿي ڇڏي. شيخ اياز لکي ٿو:

لوڏيا لوهَه پريان،
ڳاڳيءَ ڳاڙها گُلڙا،
پٿر ڇپ مٿان. (42)

ڪيڏو نه عجب آهي، جڏهن فطرت برسي ٿي ته هو پهاڙن ۽ جبلن مٿان به پنهنجا رنگَ ڪيڏي سامهون ٿي رکي! اهي ڏارن ۽ پٿرن جي سنهڙين جاين تي به اُپري نڪري بيهن ٿا. رڳو اتي گل ئي نه پر اتي ننڍا ننڍا وڻ به ڦٽي ٿا پون، جتي پکي اچي رهن ٿا. ۽ پنهنجو گهر ٺاهين ٿا. پنهنجي پرڙا چندي اچي شام پهر انهن ٿارين تي اچي ويهن ٿا. پر انهن ٿارين ۽ گلن تي جڏهن تازي بارش پوندي آهي ته اهي سڳند سان پرجي پونديون آهن. شيخ اياز لکي ٿو:

جڏهن گهندَ گڙن،
گونجن ڦول سُڳند سان،
ٿاريون جهانءِ جُهلن!. (43)

## حوالا:


1: عاجز، علي، دوست، "سائر جو سوداءُ"، سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع، ص:9

2: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، "مور نگر تي مينهن"، روشني پبليڪيشن ڪنڊياور، 2020ع، ص:21

3: لطيف، فياض، ڊاڪٽر، "شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2020ع، ص: 464

4: مهراڻي، شير، ڊاڪٽر، ”شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات“، ثقافت کاتو، حڪومتِ، سنڌ، ڪراچي، 2013ع، ص: 146

5: حسين، فهميده، ڊاڪٽر ”شاهه عبدالطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري“، سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، شمارو ٻيو، اپريل -جون 2013ع، ص: 33

6: نڪر هيرو، ”قاضي قادن جو ڪلام“، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، 1996ع، ص: 145

7: نڪر هيرو، ”قاضي قادن جو ڪلام“، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، 1996ع، ص: 148

8: سنڌي، عبدالمجيد، سنڌي، ”شاهه ڪريم جو ڪلام“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 93

9: سنڌي، عبدالمجيد، سنڌي، ”شاهه ڪريم جو ڪلام“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 80

10: شاهه سيد ضياء عباس، ”ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو“، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 157

11: نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر، ”ميين شاهه عنات جو ڪلام (تحقيق ۽ تصحيح)“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع، ص: 101

12: بلوچ، بخش، نبي، ڊاڪٽر، ”شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام (جلد پهريون)، اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ، ڪراچي، 2017ع، ص: 939

13: بلوچ، بخش، نبي، ڊاڪٽر، ”شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام (جلد پهريون)، اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ، ڪراچي، 2017ع، ص: 936

14: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، مقالو : ”جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسند فڪر جي آميزس“، ڪينجهر تحقيقي جرنل، شمارو –17، 2014ع، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سنڌ، ص:

15: سيف سرور، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جو تاريخي تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو “، مهراڻ سائنس پبليڪيشن، ڪراچي، ص: 410

16: سيف سرور، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جو تاريخي تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو “، مهراڻ سائنس پبليڪيشن، ڪراچي، ص: 411

17: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب)، ”ڳاءِ انقلاب ڳاءِ“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 11

18: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 370
19: بخاري، استاد، "گيت اسان جا جيت اسان جي"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص: 13
20: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، "دل جو رستو (مرتب)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2003ع، ص: 44
21: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، "دل جو رستو (مرتب)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2003ع، ص: 35
22: شيام نارايڻ (مڪمل غزل)، سهيڙيندڙ: مصطفيٰ نانگراج، "راهون پنڌ پيون "روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1998ع، ص: 47
23: شاهي، ناٿن، آئم "ڇا ڇيس آئيني"، رم جهم پبليڪيشن، دادو، 2006ع، ص: 54
24: شاهي، ناٿن، آئم "ڇا ڇيس آئيني"، رم جهم پبليڪيشن، دادو، 2006ع، ص: 35
25: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 196
26: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 169
27: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 170
28: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 192
29: شيام نارايڻ، "ذات ۽ حيات"، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1997ع ، ص: 17
30: سولنگي حبدار، "خواب ٿا ڪولن اکيون"، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2015ع، ص: 131
31: سولنگي حبدار، "خواب ٿا ڪولن اکيون"، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2015ع، ص: 138
32: سولنگي حبدار، "خواب ٿا ڪولن اکيون"، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2015ع، ص: 81
33: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 169

34: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 799

35: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 193

36: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، "مور نگر تي مينهن"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2020ع، ص:60

37: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، "مور نگر تي مينهن"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2020ع، ص:85

38: شاهي، ناٿن، وفا، "اوجاڳن جو انت"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2006ع، ص: 127

39: شاهي، ناٿن، وفا، "اوجاڳن جو انت"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2006ع، ص: 167

40: سومرو، ادل، "وساري نه ڇڏجو"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2004ع، ص: 52

41: سولنگي جبدار، "خواب ٿا ڪولن اکيون"، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2015ع، ص: 144

42: شيخ، اياز "پن ڇڻ پڇاڙان"، ڊجيٽل پبلشر، سنڌي ادبي شاخ سکر، 1993ع، ص: 26

43: شيخ، اياز "پن ڇڻ پڇاڙان"، ڊجيٽل پبلشر، سنڌي ادبي شاخ سکر، 1993ع، ص: 41

باب چوٿون

# باب چوٿون: سنڌو درياهه ۽ سنڌي شاعري

## سنڌوءَ لفظ جي لغوي ۽ لفظي معنيٰ:

لفظ سنڌوءَ جي 'هڪ جُلدي جامع سنڌي لغت '۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لفظ سڌوءَ جي لفظي معنيٰ هن ريت ڪئي آهي:

"**سنڌو:** سنڌ مان وهندڙ درياهه، جيڪو هماليه جبل مان نڪري ڪشمير، سرحد، پنجاب، ۽سنڌ مان وهي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري. "[1]

يعني سنڌو جي لغوي معنيٰ هماليه جبل منجهان وهندڙ هڪڙو درياهه آهي. جيڪو مختلف علائقن منجهان گذرندو سنڌ مان ٿيندو، عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت 'سنڌو 'نه صرف هڪ درياهه جو نالو، بلڪه هڪڙي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جو به نالو آهي. ساڳي طرح 'سنڌوءَ 'لفظ جي اصطلاحي معنيٰ سنسڪرت زبان ۾ وڪيپيڊيا تي هن ريت ڪئي وئي آهي:

"Sindhu means river and sea in the classical Sanskrit". (2)

سنسڪرت ٻوليءَ ۾ 'سنڌو 'لفظ جو مطلب آهي: 'سمنڊ يا وڏو درياهُه'. 'سنڌو 'جو ٻيو مطلب سنسڪرت ۾'سيند 'آهي، جنهن جو مطلب آهي "وَهَڻُ".

آڳاٽي دور ۾ ڪابل ندي ۽ گومتي ندي وغيره 'سنڌونديءَ 'جون پريندڙ شاخون سڏيون ويندڙيون هيون. دراصل 'سنڌ 'کي اهو نالو 'سنڌوءَ نديءَ 'جي ڪري ئي مليو آهي. جيڪو منجهس گذري ٿو. سنڌوءَ کي هڪ ٻئي نالي 'مهراڻ 'سان به سڏيو ويندو آهي. ۽ سنڌو نديءَ کي انگريزيءَ ۾ اِنڊس (Indus) به چيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت ڊڪشنري ڊاٽ ڪام جي ويب سائيٽ تي لفظ "انڊس "جي اصطلاحي معنيٰ هن ريت ڪئي وئي آهي:

"A River in an Asia, from following Tibet through Kashmir and to the Arabian Sea Pakistan." (3)

سنڌو ماتريءَ کي 'انڊيڪا 'سڏيو ويو جنهن کي اڳتي هلي لاٽن (**Latin**) ٻوليءَ ۾ "انڊس "۽ "انڊيا "چيو ويو. سنڌ کي نه رڳو 'سنڌو ندي 'پر ان کي ٻئي نالي 'مهراڻ 'سان به سڏيو ويندو آهي. مرزا قليچ بيگ لکي ٿو: "سنڌ کي اهو نالو سنڌ جي نديءَ کان مليو، جا منجهس وهي ٿي ۽ جنهن کي پهريائين 'سنڌو ندي 'سڏيندا هُوا ۽ پوءِ 'مهراڻ 'نالو پيس. "(4)

پر سنڌ جي اصل نالي بابت محمد ابراهيم جويو لکي ٿو: ”سنڌ کي سندس نالو لفظ ”سنڌو “مان مليو، جنهن جي معنيٰ آهي ’پاڻي. ’سندس نالو ان عظيم نديءَ جي حوالي سان آهي جيڪا ان جي زرخيز ميدانن مان وهي ٿي. “(5)

اها ڳالهه ته سنڌ ۽ سنڌوءَ جي لاءِ ڪا به نئين يا اڻ سڃاتل نه رهي آهي، ته سنڌ ۽ سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي آبادي هميشه کان ئي زرخيز رهندي آئي آهي، جنهن جو پهريون حوالو موهن جو دڙو ۽ هڙاپا جهڙيون عظيم تهذيبون آهن.

ان جا ڪيئي حوالا اسان کي سنڌ جي تاريخن ۾ ملندا آيا آهن. جن جو ذڪر هر تاريخدان ڪنهن نه ڪنهن ريت ڪيو آهي. ڪڏهن ان ويدڪ دور کي بحث هيٺ آندو آهي، ته ڪڏهن وري ان جو ذڪر “چچ نامي ”۽ ٻين مشهور تاريخي حوالن مان ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ طرح لفظ هندوستان جو اصل مطلب “سنڌوندي وارو ملڪ ”آهي. جنهن تي اڳتي هلي مسلمانن پڻ حڪومت ڪئي. ۽ ان هندوستان کي بعد ۾ “برهمڻي ڌرم کي مڃيندڙن ”جو به ديس سڏيو ويندو آهي.

## سنڌو درياهه جي عظمت ۽ تاريخ:

اندس ندي يا سنڌو ندي، درحقيقت چين جي شهر تبت کان ٿيندي ڪئلاش، ان بعد هندوستان کان وهندي ڪشمير ۾ داخل ٿئي ٿي، جتان کان هماليه جي پهاڙن وسيلي پهرين افغانستان کان ٿيندي پاڪستان (پنجاب) ۾ داخل ٿي وڃي ٿي ۽ اتان کان ٿيندي آخر ۾ سنڌ جي شهر ٺٽي ۾ عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. سنڌو نديءَ جو هي ايڏو سفر ان کي اوترو ئي عظيم ۽ وڏو بڻائي ٿو. ڇاڪاڻ ته هڪ درياهه جي عظمت ان جي فاصلي ۽ ان جي رفتار سان ماپبي آهي. انهيءَ ڪري هي سنڌو ندي به قدامت جي لحاظ کان عظمت واري آهي.

آڳاٽي زماني ۾ آريه لوڪ سنڌو ندي جا ڪنارا والاري ويٺا هئا، انهيءَ سبب ڪري آڳاٽن ايرانين انهن سپني هندن جي رهڻ وارن کي ”سنڌو ”ڪري سڏيو هيو. پر ان جو اُچار قيرائي ”هندو ”ڪيو ويو. سنڌ ۽ سنڌو تهذيب جي شروعات لڳ ڀڳ 6000 هزار قبل مسيح کان به اڳ ٿي سگهي ٿي، سنڌ کي ”سنڌ ”جو نالو به سنڌو نديءَ جي بدولت مليو آهي. هندي ۾ لفظ ”سنڌو ”جو مطلب آهي “سنڌونديءَ جي ڪناري رهندڙ”. ان باري ۾ ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو ته: ”آڳاٽن ايرانين انهن سپني هنڌن جي رهاڪن کي گڏي ”سنڌو” سڏيو، پر اُچار ڦيرائي ڪيائون ”هندو”، جو ايراني لوڪ عام طرح ’س ’کي ڦيرائي ’ه ’ڪندا آهن: انهيءَ ريت ”هندو ”لفظ جي معنيٰ ٿي ”سنڌو نديءَ جي ڪناري رهندڙ. ”(6)

سنڌو نديءَ جو ذڪر اسان کي سڀ کان پهرين قديم هندو ويدن ۾ ملي ٿو. دنيا جي انهن قديم ويدن کي سنڌوءَ جي ڪناري تي تخليق ڪيو ويو. جنهن ۾ رگ ويد توڙي ٻين ويدن ۾ به سنڌوءَ جي ساراهه ۾ گيت چيل آهن. رگ ويد جهڙي پراڻي مذهبي ڪتاب ۾ سنڌ جو نالو به ”سنڌو ”آهي. پر ان سان گڏ رگ ويد ۾ هڪڙو ٻيو نالو به آهي ”سپت سنڌو”. (جنهن جي معنيٰ آهي: سنڌو ماتر جي ستن دريائن وارو ملڪ) ان باري ۾ ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي لکي ٿو: ”رگ ويد ۾ جيڪو ”سپت سنڌو ”(سنڌو ماتر جي ستن دريائن واري ملڪ) جو ذڪر آهي. ”(7)

سنڌو درياهه کي ان ڪري ئي ستن دريائن وارو ملڪ چيو ويندو هو. چاڪاڻ ته ان ۾ هند ۽ سنڌ واري اڳوڻي سڄي ايراضي شامل هئي جنهن ۾ سڀ درياهه ملي ڪري سنڌوءَ جي عظمت کي وڌايو.

آڳاٽي زماني ۾ سنڌو ندي موهن جي دڙي وٽان وهندي هُئي، اتي جو اصلوڪو شهر سنڌو ندي ۽ اُلهندي ڪناري جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ هُيو، ان ئي اُلهندي

واري ٻيٽ کان ويندي سنڌو نديءَ تي ڪيئي تڙ ملن ٿا جتي مختلف پنڊتن ويهي ويڊ لکيا.

نه رڳو ايترو پر سنڌو نديءَ کي پوڄا جي حيثيت به حاصل هئي، جيترو احترام ۽ عظمت جا اهي ويڊ سمجهيا ويندا هئا، اوترو ئي سنڌو نديءَ کي عظيم ۽ معتبر سمجهيو ويندو هُيو. ان کان علاوه سنڌو نديءَ جو پيٽ هڪڙي خزاني کان گهٽ نه سمجهيو ويندو هُيو. ڇاڪاڻ ته اهو تصور عام هيو ته سنڌو نديءَ جي پيٽ مان ڪيئي سونا ٽُڪر ۽ ذرڙا ملندا هئا. اهو ئي سبب آهي ته سنڌو نديءَ جو ٻيو نالو "سوني "ندي به سڏيو ويو. ان باري ۾ پيرو مل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو ته: "آڳاٽن رشين سنڌو نديءَ کي "سوني "ڪوٺيو آهي. هن جو اهو ئي سبب آهي ته سنڌو نديءَ جي واريءَ مان اڄ تائين سون جا ذرا لڀن ٿا. "(8)

اها ئي سنڌو نديءَ جي وڏي عظمت آهي. جو ان کي سونَ ورني ڇيو وڃي ٿو. رڳو ان ڳالهه لاءِ نه ته ان ۾ ڪو سونَ جا ننڍڙا ذرڙا موجود آهن، پر ان ڪري به جو ان نديءَ جي بدولت سنڌ ۽ سنڌ رهواسي خوشحالي، زرخيزي وغيره ڏسندا آيا آهن. سنڌو نديءَ کي سونَ ورني جهڙو عظيم خطاب انهيءَ ڪري مليو آهي جو اها پنهنجي ئي ماروئڙن جي روزگار جو وسيلو ٿيندي آئي آهي. جنهن جا ڪيئي مثال به موجود آهن، خاص طور تي سنڌوءَ جي پاٽيءَ ۾ ملندڙ ناياب مڇيون، جنهن ۾ پَلو، ڪُرڙو ۽ موراڪي وغيره جهڙي نسل جون مڇيون ملن ٿيون. جنهن ڪري ان کي "سونَ ڏيڻ "سان تشبيهه ڏني ويندي آهي. ۽ ان جي عظمت جا ڳڻ ڳايا ويندا آهن.

## سنڌو درياهه تي تجارتي مرڪز:

سنڌ جي خطي کي اها سڄي اهميت ئي "سنڌوءَ درياهه "ڪري ملندي آئي آهي. سنڌوءَ جي ڪري ئي سنڌ مٿان ڪيئي حڪمران حڪومت ڪري چڪا آهن. چاڪاڻ ته سنڌو نديءَ ڪي هڪڙي تجارتي مرڪز طور ڏٺو ويندو رهيو. اهو ئي سبب آهي جو ٻين صدي قبل مسيح ۾ سڪندرِ اعظم سنڌ کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪيو. ان وقت به سنڌ جو شهر "پٽالا "هڪ ڪامياب تجارتي مرڪز هو. چاڪاڻ ته اهو سنڌوءَ ڪناري ٺهيل هيو، جتي بحري جهاز ايندا ويندا هئا. اهو ئي سبب هو جو سڪندرِ اعظم سنڌ تي حملو ڪري پنهنجيءَ سلطنت ۾ شامل ڪيو. ان باري ۾ ابراهيم جويو صاحب لکي ٿو: "سڪندرِ اعظم ٻئين صدي قبل مسيح ۾ سنڌ کي پنهنجي وسيع سلطنت ۾ شامل ڪيو. ان وقت به سنڌ ۾ پٽالا جو شهر هڪ تمام ڪامياب تجارتي مرڪزي شهر هو. سنڌو نديءَ جي ڪناري تي، اتي بعد ۾ هڪ وڏي جهازن جي ڪارخاني طور خوشحال اقتصادي نظام جو بنياد وڌو ويو. "(9)

ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته سنڌ "سنڌو نديءَ "ڪري سڄي دنيا ۾ مشهور هئي. جنهن جي واپار ۽ زرخيزيءَ جو چرچو عام و خاص ۾ مشهور هئڻ ڪري سنڌ تي ڪيئي حملا ٿيندا رهيا. سنڌو ندي هميشه سنڌ جي حقيقي سڃاڻپ رهي آهي. درحقيقت سنڌوءَ ندي جي ڪري سنڌ کي مختلف رنگن واري سرزمين تصور ڪيو ويو. جنهن جي مصر جهڙي ملڪ سان مشابهت به ٿيندي رهندي آئي. چاڪاڻ ته مصر کي خود هڪڙي عظيم "نيل درياهه "جهڙي حسين ۽ خوبصورت ندي آهي. جيڪا پڻ سنڌو نديءَ جيان ان جي جياپي جو سبب رهي آهي.

ان سان گڏ سنڌو ندي انهن اهم ٿورن تجارتي مرڪزن منجهان هڪ هئي، جتي هزارن سالن يا ان کان به اڳ سڄي دنيا مان تجارتي جهاز ايندا هئا. ان باري ۾

ميجر جنرل اي. آر هئگ لکي ٿو: ”بين الاقوامي تجارت جي شروع ٿيڻ سان سنڌوءَ جو چوڙ وارو علائقو ڏيساوري واپار جو اهم مرڪز هو. هي ماڳ هڪ وڏي تجارتي ۽ فطري آمدرفت جي ان وسيلي جي چيڙي ۾ آهي، جيڪو هندوستان جي ميداني علائقن مان گذري وچ ايشيا تائين ويندو هو.“ (10)

اهم ڳالهه اها به هئي ته سنڌوءَ جي تڙن تي ڪيئي تجارتي بندرگاهون موجود هيون. جتي وڏا وڏا بحري جهاز بيهندا هئا. جيڪي يقينن تجارتي گرز سان ئي ايندا ويندا هئا. يا پوءِ واپاري سلسلي جا اهم مرڪز سنڌو نديءَ تي موجود بندرگاهه ئي هئا. اهو ئي سبب هو ته سنڌ جي تجارتي آمدرفت وسيع پيماني تي هلندي هئي، جيڪا گهڻي مقبول هئي ۽ سڄيءَ دنيا منجهان سنڌوءَ ڪناري وڏا وڏا اهم واپاري ايندا ويندا رهيا. جنهن ۾ خاص طور مغرب مان ايندڙ واپارين سنڌ جي وڻج واپار کي وڏيڪ ترقي ڏني. ايتري قدر جو مغرب جا واپاري سنڌ جي صنعتڪارن کان پنهنجيءَ پسند مطابق واپاري شيون گهرائيندا رهندا هئا. ان باري ۾ عطا محمد ڀنڀرو پنهنجي ترجمو ڪيل ڪتاب ۾ لکي ٿو ته: ”مغرب جا واپاري سنڌ جي صنتڪارن کان آرڊر تي پنهنجيءَ پسند مطابق مال تيار ڪرائيندا هئا.“ (11)

يعني ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته سنڌو ندي واپار يا تجارت جو اهم مرڪز رهي آهي. جنهن ۾ سنڌوءَ تي واپاري پنهنجي صنعت جو پنهنجي پسند مطابق واپار ڪندا رهندا هئا، جنهن ۾ خاص طور ريشم، ڪپت، زراعت ۽ ٻين نجي سامانن وغيره جو واپار سنڌوءَ جي بندرگاهن تان ٿيندو رهيو آهي. ٻاهرين صنعتڪارن ڪي سنڌوءَ ڪناري وسيلي انهن جي ئي ڏايل يا پسند ڪيل واپار با آساني سنڌوءَ ڪنڌيءَ ملندو هيو، جنهن ۾ ايشيا کنڊ سان گڏ ڪجهه ٻين ڪنڊن منجهان به وڏا وڏا واپاري ايندا ويندا رهيا هئا. تنهن ڪري اها ڳالهه نه صرف سنڌ جي عظمت بلڪه سنڌو نديءَ جي عظمت کي به اُجاگر ڪندي آئي آهي. اهو

هڪڙو وڏو اعزاز آهي ان خطي يا علائقي لاءِ جنهن وٽ اهڙي عظمت واري ندي هجي. جيڪا انهن جي روزگار ۽ تجارت جو اهم ذريعو هجي.

## سنڌو درياهه ۽ شاعري:

شاعري اسان جي جذبن، احساسن، اُمنگن ۽ اسان جي اندر جو آواز هوندي آهي، اها جيتري سادي هوندي آهي اوتري ئي گهري ۽ فڪر آميز به. شاعريءَ وسيلي ئي سماج پنهنجي سمورن مسئلن ۽ واقعن کي با آساني اظهاري سگهندو آهي. شاعر پنهنجي سيني احساسن ۽ فطري رنگن کي شاعريءَ ۾ ڪٺي ايندو آهي. جنهن ۾ هو پنهنجي آس پاس جا اُهي سيئي حسين عنصر ڪٺي انهن جي گهرائي تائين جانچ پڙتال ڪري پيش ڪندو رهندو آهي. جنهن ۾ پهاڙ، جهرڻا، آبشار، صحرا، سمنڊ، درياهه، ڍنڍون، ڍورا ۽ اهڙا فطرت جا ٻيا به ڪيئي سهڻا سهڻا عنصر شامل آهن. شاعريءَ ۾ سيئي عنصرَ هڪ جيترا محسوس ٿيندا آهن، انهن جي حُسناڪي وڏيءَ مهارت سان شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪندو آيو آهي. ان ڳالهه جي اسان کي خبر آهي ته شاعري انسان جي احساسن ۽ جذبن جي ترجماني ڪري ٿي، ۽ ان جي فڪر جي اظهار جو هميشه مرڪز رهي آهي. پر شاعريءَ صرف ايترو ناهي ڪيو، بلڪه شاعريءَ انسان کي ڪيئي موضوعن طرف متوجهه پڻ ڪرايو آهي. جنهن ۾ ”سنڌو ندي ” پڻ شامل آهي.

سنڌو درياهه سنڌ ۽ سنڌي قوم جي حقيقي سڃاڻپ رهيو آهي. جنهن جي عظمت، قدامت، تاريخ ۽ تهذيب ڪيئي سالَ پراڻي آهي. سنڌو نديءَ بابت شاعريءَ ۾ ان جي عظمت، تاريخ ۽ قدامت سان گڏ سنڌو درياهه سان عشق، سنڌو درياهه سان پيار، سنڌو درياهه جي تباهڪاري وغيره جهڙن موضوعن کان

علاوه ٻيا به ڪيئي موضوع ملن ٿا. جنهن ۾ سنڌو درياهه سان عشق، ان لاءِ درد ۽ ان لاءِ عقيدت وغيره شامل آهن. اهو ئي سبب آهي جو سنڌو درياهه سان شاعريءَ جو ڳانڍاپو به قديم ئي نظر اچي ٿو. جنهن جو سڀ کان پهريون ذڪر ويدن ۾ ملي ٿو. پر نه رڳو ايترو درياهه جو ذڪر ڪلاسيڪل شاعرن وٽ به ملي ٿو. جنهن ۾ اوهان کي سهڻيءَ ميهار واري داستان ۾ عام پڙهڻ لاءِ ملي ٿو. آساسي شاعريءَ کان پوءِ سنڌو درياهه بابت شاعري جديد شاعرن وٽ به اچي وئي. جن ان ۾ وڌيڪ نکار ۽ خوبصورتي پيدا ڪئي.

## <u>ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ درياهه جو ذڪر:</u>

ڪلاسيڪل شاعري سنڌي ادب جو هڪ اهڙو بنياد آهي، جنهن ۾ سنڌ جي اوليائن سماج ۽ ان جي مسئلن بابت جيڪا چٽسالي ڪئي آهي، سا اٿلپ آهي. سنڌ جي آساسَ ۾ ڪلاسيڪل شاعرن جو هڪڙو وڏو اهم ڪردار رهيو آهي، جن پنهنجي شاعريءَ وسيلي شاعريءَ جي جهانَ ۽ ان جي وسعت ۾ واڌارو آندو. ڪلاسيڪل شاعرن سنڌي شاعريءَ کي لوڪ ادب مان ڪڍي، شاعريءَ کي نوان موضوع بخشيا. ان ۾ ڪيئي حسين داستان به ملن ٿا، پر ان سان گڏ سنڌ جي صورتحال بابت به چڱو خاصو تاريخي پسمنظر به ڏسڻ لاءِ ملي ٿو.

عام طور تي سنڌي شاعريءَ ۾ سنڌو درياهه جو ذڪر هوئڻ ته هر عام کان خاص شاعر وٽ به ملي ٿو. جنهن ۾ درياهه خوشحالي، خشڪسالي، درياهه جي عظمت، درياهه جو حُسن، درياهه سان هٿ چراند، درياهه جي تباهه ڪاري، درياهه ۾ پوندڙ بيڪار مادا ۽ خود درياهه بادشاهه جي تاريخ ۽ ان جي وڏائي جو ذڪر ملي ٿو. سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعريءَ ۾ درياهه جي حسن جي عڪاسي ۽ ان جي وڏائي بيان ڪيل آهي. ڪلاسيڪل شاعريءَ

جو جڏهن به ذڪر اچي ٿو ته ان جو مطلب هڪ روايت يا تسلسل جو ذڪر ملي ٿو. سنڌي ڪلاسيڪل شاعري اندر جيڪي اعليٰ پايي جا شاعر آهن، جن پنهنجي شاعريءَ ۾ درياهه جي تاريخ ۽ عظمت کي بيان ڪيو آهي، تن ۾ قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم، شاهه لطف الله قادري، ميون شاهه عنات رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست وغيره جهڙا شاعر ان صف ۾ شامل آهن.

هتي اسين پنهنجي هن موضوع سان جُڙيل چند اهم سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ ۾ درياهه جي عظمت جو مطالعو ۽ اڀياس ڪنداسين، تن ۾ قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، ميون شاهه عنات رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جهڙا معتبر ڪلاسيڪل شاعر شامل هوندا.

## قاضي قادن:

قاضي قادن اهو پهريون اساسي شاعر آهي جنهن جو ڪلام شاهه عبدالڪريم جي ڪلام سان گڏ مليو آهي. قاضي قادن جي ڪلام جا هونئن ته ڪيئين موضوع ۽ نوان رخ ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. جنهن ۾ فطرت به آهي ته هدايت ۽ ناصحاڻه بيت به. پر ان هوندي به هن شاعر وٽ درياهه بادشاهه جو ذڪر به ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. هي اهو پهريون شاعر آهي جنهن ’سنڌو درياهه ’کي ’مهراڻ ’سڏيو آهي. ۽ ان جي تاريخ، عظمت، قدامت جو خوب حسين انداز سان ذڪر به ڪيو آهي. هو ان جي عظمت ۽ وهڪري جي ڳالهه هن ريت ڪئي آهي.

ٽِڪو تيڏو وَهي، جيڏو مُهُه مِهَراڻ،
ڏيهۃ سيوئي هِڪڙو، ڏِير لٽوسين پاڻ.

(12)

سنڌو نديءَ جو جيڏو وڏو پيٽ آهي. اوڏو ئي تيز رفتار سان اهو وهي رهيو آهي. ان جي تيز رفتاري پوري ملڪ اندر ساڃي آهي. درياهه بادشاهه کي ڏسي ان جهڙو صبر اسان به ڪريون. انهيءَ صبر جي ڳالهه قاضي قادن سهڻيءَ لاءِ هيئن لکي آهي:

اُڀائي ڇِيئَونِ جي، سو نه ڪيائين ڪَن،
تان ئي پيئي پرِيان سان، گهگهر گهاتوڙن.

(13)

سهڻي ميهار جي قصي ۾ سهڻيءَ جي درياهه بادشاهه ۾ گهڙڻ وارو نظارو قاضي قادن ڪجهه هيئن ٿو ٻڌائي، جنهن ۾ هو درياهه جي دهشت جو ذڪر به ڪري ٿو. مٿين بيت ۾ قاضي قادن لکي ٿو ته درياهه جو ڪُن خونخوار جانورن سان ڀريل آهي، درياهه جي دهشهت ڀرئي آواز ۽ ڪُن جي باوجود سهڻي ان ۾ گهڙي ٿي. پر ان هوندي به سهڻيءَ ان جي ڪا به پرواهه نه ڪئي ۽ پار ٿي وئي.

<u>شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو</u>

شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو وهائو تارو سڏيو ويندو آهي. شاهه عبدالڪريم سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي بنياد جو ٻيو وڏو شاعر آهي، جنهن جو پهرين وڏي ڪلاسيڪي شاعر قاضي قادن کان پوءِ گهڻو ۽ اهم ڪلام مليو آهي. سندس ڪلام ۾ تصوف جي اپٽار، حقيقت، شعريت، عشق، نيازمندي ۽ هدايت وغيره ملي ٿي. انهن سڀني موضوعن جي

باوجود به شاهه عبدالڪريم وٽ  درياهه جو ذڪر ملي ٿو. هو به سنڌو درياهه جي رواني ۽ ان جي دهشت جو ذڪر هيئن ڪري ٿو:

سائر ڏيئي لٽ، اوچي نيچي ٻوڙئي،
هيڪائين هيڪ ٿيو، وئي سڀ جهت.(14)

درياهه جڏهن پنهنجي ٻُغياني ۾ اچي ٿو ته ان جي اڳيان جيڪو ڪجهه به اچي ٿو اهو لسَ ڪري هليو وڃي ٿو. هو ڪا به شيءِ نه ٿو ڏسي. هر هڪ شيءِ کي ميساري، لتاڙي ٿو ڇڏي. چاهي اها هيناهين هجي يا پوءِ مٿاهين.. سڀ شيون ليسَ ڪندو ’هڪ ’ڪندو وڃي ٿو. ۽ برابري به ائين ئي ٿيندي آهي.

متو واهڻ ڪُنَ ڪري، سنبويين ساڄَ،
ڀِري نه ڀئا ڀِنَ ۽، مون پائيندي واجهَه.(15)

عشق جو روگ به ڪهڙو نه عجيب آهي، هي اهڙو ته اڙانگو پنڌ آهي جنهن جي لاءِ پاڻ جلائڻو ٿو پوي، ڪٿي پرينءَ جي سِڪ ساڙي ٿي ڇڏي، ته ڪٿي جدائي جيري ماري ٿي وجهي! جهڙو درياهه متل آهي، تهڙو ئي اندر به متو پيو آهي! سڄو راڄ بي خبر آهي، پر خبر ان کي جنهن کي پرينءَ جي سڪ هوندي آهي، هو واجهائيندو رهندو آهي ۽ راهون ڳوليندو رهندو آهي.

## <u>ميون شاهه عنات رضوي</u>

ميون شاهه عنات رضوي ڪلاسيڪل تسلسل جو اهم شاعر سڏجي ٿو. قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم، مخدوم نوح رحه ۽ شاهه لطف الله قادريءَ کان پوءِ ميين شاهه عنات رضوي شاعري جو رُخ ئي تبديل ڪري ڇڏيو. هُن جيڪي

شاعريءَ ۾ نيون روايتون متعارف ڪرايون، سي ان ڪان اڳ وارن شاعرن وٽ نه هيون. هن جي شاعريءَ ۾ فطرت جا رنگ، جمالياتي حُسن، سڪ، چوڙو، سينگار، جسماني جمال ۽ ان سان گڏ ٻيا به ڪيئي اهم موضوع ملن ٿا. پر انهن سڀني جي هوندي ميين شاهه عنات وٽ درياهه جو ذڪر پڻ موجود آهي. جتي هن درياهه جي آس پاس واري منظر ڪي حسين نموني هيئن بيان ڪيو آهي:

سائرِ لهريُون، ريجَ وڻ، ڇِينءَ سي ٽِڪِنِ ٽِڪَ،
وڏا وَڻ ويڙين ۾، ڪير ڳٽيندو ڪڪَ. (16)

درياهه جي لهرن سان جيڪا ڪناري تي ريجَ پهچي ٿي، ان جي ڪري ننڊڙن ذرڙن جيان ساوڪ ان ڪناري جي ڪپ تي نظر اچي ٿي، ۽ چولين سان سرسبز ۽ ذرخيز ٿيڻ جهڙو منظر به نظر اچي ٿو. ميين شاهه عنات رضويءَ به اهڙيءَ طرح درياهه جي منظر ڪي مٿين بيت ۾ حسين نموني چٽيو آهي. اهڙيءَ ريت ميين شاهه عنات رضوي سُهڻيءَ سُر ۾ درياهه جي رواني جو ذڪر ڪيو آهي. چوي ٿو:

تِکان تِڪَ گهٽي، سِڪ تِهان ئي اڳري،
پاتا اُنَ پاتارَ ۾، دريا دُنگَ هَٿِي.(17)

درياهه جي تِڪَ، رواني ۽ ان جي تيز رفتار پنهنجيءَ جاءِ تي آهي، ان ۾ چولين ۽ موجن جو چوهه به پنهنجيءَ جاءِ تي آهي پر سهڻيءَ جي سِڪ به اوتري ئي وڌيڪ تيز گهٽي آهي، اهو ئي سبب آهي ته درياهه جو اهڙو ڏهڪاءُ پاتار تائين هوندي به سهڻي ان ۾ گهڙي پوي ٿي.

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ميين شاهه عنات رضويءَ کان پوءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو اهو سدا بهار شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ وسيلي

سنڌي شاعريءَ جي روايت کي تبديل ڪري ڇڏيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ذريعي انسان کي محبت، امن، ڀائيچاري، پريت ۽ ايڪي جو سبق ڏنو آهي. هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيئي نوان موضوع آندا، جنهن ۾ فطرت نگاري، جماليات، رومانويت، علامت نگاري ۽ عشقيه داستانن ۾ اهي سڀ موضوع جيڪي اڳ وارن شاعرن به آندا هئا. پر جيڪا وسعت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي بيت ۾ آندي ۽ جيڪو چسُ رسُ شاهه عبداللطيف جي بيت ۾ مليو، سو ڪائنس اڳ وارن شاعرن وٽ موجود نه هو. هن ڪلاسيڪل شاعريءَ کي هڪڙو اوج ۽ عروج بخشيو آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي وٽ هوندئن ته ڪيئي موضوع ۽ واقعا ملن ٿا، پر ان جي شاعريءَ ۾ سمنڊ ۽ درياهه جو ذڪر به خوب آهي. جيئن هي سهڻيءَ جو درياهه ۾ گهڙڻ وارو واقعو ڏسو:

ڪَنڌي اُڀيُون ڪيتريون، "ساهَڙُ ساهَڙُ" ڪِنِ،
ڪني سانگو ساهَ جو، ڪي "گهورِيَس" ڪيو
گهڙنِ،
ساهَڙِ سَندو تَنِ، سِرُ سَهائي ڳِهڙن جي. (18)

عشق جي باهه کي ته درياهه بادشاهه به وسائي نه سگهيو! نه ته سهڻيءَ جهڙي بهادر عورت درياهه واري اهڙي دهشت کان گهبرايو ئي ڪو نهَ. هُن ڪا به پرواهه ئي نه ڪئي! ۽ موجن پرئي مهراڻ ۾ هڪڙي ڪچي گهڙي تي چڙهي ڪاهي پئي. جڏهن ته ڪنڌيءَ تي بيهي ڪيتريون ئي درياهه درياهه پڪاري رهيون آهن، گهٽن کي ته پنهنجي جان پياري آهي، پر گهٽين کي اهو اونو ئي ڪونهي، اهي درياهه تان صدقي ٿي ان ۾ گهڙڻ جي سگهه رکن ٿيون، درياهه بادشاهه انهن جو آهي، جيڪي مشڪندي ان ۾ لهي پون ٿيون. اهڙي دل

ڪنهن وٽ هوندي! جيڪي مشڪندي مُسڪرائيندي درياهه کي پاڪر پائن، يا ان جي سير ۾ سچي جو سچو ارپي ڇڏين.

دهشت ڏوم درياه ۾، ڇِت ڪڙڪو ڪُن
ڪري،
توڏي تاڪُن وچُ ۾ مٿان وير وَري،
آءُ ساهڙِ منهنجا سُپرين پرِتئون پير پري،
هادي هٿ ڌري، اونهي مان اُڪارئين. (19)

ڪٿي ته معشوق لاءِ اهڙا به جتن ڪاٽڻا ٿا پون، جيڪي واقعي ئي ناقابل يقين هوندا آهن. جن ۾ اوهان جي اندر جي آواز کان سواءِ ڪو ٻيو آواز اوهان ٻڌي به ناهيو سگهندا. محبوب سان ملڻ جي جيڪا سِڪ اوهان جي اندر ۾ مَچ ٻاري رکي ٿي، اهو مَچ ڪنهن به سمنڊ، ڪنهن به درياهه، ڪنهن به نديءَ يا ڪنهن به ڍنڍ سان اسين اُجهائي نه سگهنداسين. پر درياهه جي دهشت ڏسي به عشق کي ڪو آرام نه ٿو اچي، جتي درياهه جي موج جي دهشت آهي، ۽ ڪُن ڪڙڪا ڪري رهيو آهي، اُت سهڻي پاڻ کي محفوظ نه ٿي سمجهي، ۽ ڪيس واڳُن جو به خوف آهي، تنهن ڪري هو درياهه کي "پريتم "سڏي ٿي. پنهنجي پيار جو رکوال سمجهي ٿي. اوهان تصور ڪريو! درياهه کي ڪنهن به ڪڏهن "پريتم "ڪونيو آهي پلا! اهو شاعريءَ جو ڪمال آهي جنهن ۾ درياهه جي لاءِ ايڏو پيار، ايڏي عظمت ڏيکاري وئي آهي. تنهن ڪري سهڻي به درياهه کي پريتم سڏي ٿي. ان کي پاڻ ڏانهن پير پري اچڻ لاءِ منت ڪري ٿي ته اي درياهه بادشاهه! اي منهنجا رهبر! مون تي پنهنجي ٻاجهه ڪري اچ، مون کي هن مشڪل گهڙيءَ مان پار ڪرائي. هوءَ درياهه

کي پنهنجو پريتم، پنهنجو پريم سمجهي ان کي اهڙي وصيت ڪندي رهي ٿي. ته ان مشڪل وقت ۾ هو ان جي لاءِ راهه آسان ڪري ڇڏي.

سچل سرمست:

سچل سرمست سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي ٽمورتيءَ جو ٻيون نمبر وڏو شاعر سڏبو آهي. جنهن ۾ پهرين شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ پوءِ سچل ۽ پوءِ سامي اچي ٿو. سچل جي شاعريءَ ۾ زبان جي ماهيت، موسيقي، اظهار جو حُسن، جمالياتي خوبيون به موجود آهن. سچل سرمست خاص طور تي ڪافيءَ جو شاعر سڏيو ويندو آهي. جنهن ٻيون به ڪيئي نيون صنفون ايجاد ڪيون. سچل جي شاعريءَ ۾ به اسان کي آبَ جو جهجهو ذڪر ملي ٿو. ۽ ان ۾ درياهه بادشاهه جو پڻ ذڪر عام فهم پڙهڻ لاءِ ملي ٿو. جيئن سچل سهڻيءَ واري بيان ۾ درياهه جو ذڪر ڪندي چيو آهي ته:

سائر مَنجهه سَهسَ، گهيڙا گهڙڻ آئِيا،
ڪو سِرُ سيٽاهِيو ڪَڍي، ماٺي ڳَئون مَسَ،
"سچو "لَنگهي لَس، شَرط وجي پيو شَهه ۾.
(20)

سنڌي لوڪ داستانن ۾ هي هڪڙو اهڙو واحد داستان آهي، جنهن ۾ ايتري ته سچائي آهي ۽ محبوب لاءِ ايمانداري آهي جو هو سڀ جو سڀ ڏکائيون، تڪليفون ۽ درد وساري ڪنهن به شيءِ جي پرواهه نه ڪندي ان ۾ گهڙي پون ٿا.

سهڻي ميهار جي قصي يا داستان ۾ ته سهڻيءَ کي بهادري ۽ ان جي شجاعت جي ڪري سڀني ئي شاعرن ڳايو آهي، سچل به ان جي ڳالهه ڪري ٿو، ته درياهه توڙي جو گهڻي موج سان وهي رهيو آهي، پر سهڻي پوءِ به نڪر

جو ٿانوَ ڪٽي درياهه ۾ بي خوف ائين لٿي آهي، جڻ اها ترڻ ڄاڻندي هجي. اها ئي حقيقي محبت آهي. اهو ئي سچو عشق جو پيمانو آهي. اهڙيءَ طرح سهڻيءَ واتان ٻئي هنڌ سچل هيئن چورايو آهي:

اسان پرين وچ ۾، وهي ٿو درياهه،
آهي ڪو نه اسان جو، هاديءَ رهي همراهه!
سپيريان تون ساهُه، "سچوءَ "تان صدقي ڪيو.
(21)

يا

اسان پرين وچ ۾، دور وهي درياءُ،
چوليون ڇَران تي ڪري، پيو وڇتي واءُ،
سُٺي آهان آءُ، ميان هن مشتاق جون! (22)

محبت جي وچ ۾ اڪثر رُڪاوٽون ۽ رَنڊڪون ته هونديون ئي آهن، اهو ڪٿي ممڪن آهي، ته عشق جي راهه تي ڪنڊا نه هجن، يا ان لاءِ ڪا پيڙا نه هجي. ايڏي آسانيءَ سان محبوب ماڻي سگهجي ته پوءِ ته ڪو مسئلو ئي ڪونهي. پر آڙاهه ضرور هوندو آهي. ڏکيائي ضرور هوندي آهي.

سهڻيءَ لاءِ به وڏي رنڊڪ درياهه آهي، ۽ سهڻيءَ، مهيار ۽ درياهه جي وچ ۾ ڪو ٻيو همراز به ڪونهي، نه ڪو مدد ڪرڻ وارو، پر پرينءَ تان ساهه به قربان ڪري سگهجي ٿو. ڪٿي ته درياهه جون اهڙيون خوفناڪ چوليون به هاڻ ڏاري ٿيون رکن، پر محبوب جي تڙپ ان جي سِڪ ڪٿي ويهڻ ڏيندي آهي ڀلا! پر درياهه جي اهڙي دهشت هوندي به سهڻي ان جي عظمت تي ڪا به آنچ اچڻ ناهي ڏني.

ائين ئي اسان وٽ ڪيئي اسان جا آساسي شاعر آهن، جن وٽ انيڪ درياهه جي حسن، ان جي موج، ان جي دهشت، ان جي رواني، ان جي سندرتا بابت بيت

ملن ٿا. قاضي قادن کان پوءِ مخدوم نوح رحه، پوءِ شاهه لطف الله قادري، ميون شاهه عنات رضوي ۽ ايندي شاهه عبداللطيف کان ٿيندي سچل ۽ سامي تائين ڪيئي آساسي شاعر آهن. پر اسان هتي فقط چوند ڪلاسيڪل شاعرن جو تذڪرو ڪيو آهي، جيڪي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ اهم مڃيا وڃن ٿا. بهرحال درياهه جو تذڪرو ڪلاسيڪل شاعرن وٽ اهم روايت جو حصو آهي، جنهن ڪري ان جو اثر اسان کي جديد شاعريءَ تي به نظر اچي ٿو.

## جديد شاعرن وٽ سنڌو درياهه جي عظمت، تاريخ، حسن ۽ ان جي تباهڪاريءَ تي ٿيل شاعري

سنڌوءَ جي عظمت:

آب جيئن ته هر هنڌ، هر صورت ۽ مقدار ۾ زندگيءَ جي علامت رهيو آهي، ۽ ساهوارن لاءِ هميشه ڪارائتو ۽ جيوتَ جو ذريعو رهيو آهي. اهو ڌرتيءَ جي وجود تي زندگيءَ جي لاءِ سڀ کان اهم عنصر آهي. پاڻي اسان جي ماحول لاءِ پڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو، خود انساني وجود ۾ 70% کان به وڌيڪ پاڻي موجود آهي، ساڳيءَ ريت دماغ ۾ به ايترو ئي پاڻي موجود هوندو آهي.

پاڻي هر جيوت ۽ هر انسان جي لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو. هند ۽ سنڌ جي ماڻهن لاءِ سنڌو ندي به زندگيءَ وانگر ئي حيثيت جي حامل آهي. هندو مذهب ۾ سنڌو درياهه جي جيتري عظمت ۽ اهميت ڳايل آهي، ايتري ٻين مذهبي ڪتابن ۾ موجود نه آهي. سنڌ، سنڌو تهذيب ۽ قديم سنڌو سلطنت ۾ پاڻيءَ کي اوليت ۽ اهميت حاصل رهي آهي. سنڌ ۾ درياهه جي عبادت يا پوءِ ’جل پوڄا ’ اڄ تائين سنڌي تهذيب جي هڪ خاص حصي طور مڃي ويندي آهي. اها تهذيب

ورهاڱي کان اڳ توڙي ورهاڱي کان پوءِ به ساڳي ئي اهميت ۽ حيثيت ۾ برقرار آهي. جل جو ڪڏهن به ورهاڱو ممڪن ئي ڪونهي! اهو ڪنهن به هڪ جي لاءِ ڪونهي! بلڪه اهو سڀنيءَ جو آهي، جل ڪهڙو به هجي ان جي ڪا ذات پات ناهي ٿيندي ۽ نه وري ئي ڪو ان جو هڪڙو گهر يا رستو ٿيندو آهي.ان جو هڪ مثال ڏسو:

هي مٿرا جا مندر، سانجهيءَ ويلي جمنا گهاٽ،
من ۾ سنڌوءَ جا سَوَ سپنا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟ (23)

ورهاڱو ڪنهن به ريت ڪنهن به قوم، ان خطي، ان علائقي ۽ ان جي ماڻهن لاءِ چڱو ناهي هوندو، ان ۾ نه رڳو ماڻهن جي ملڪيت پر انهن جي احساسن، جذبن ۽ ان جي دلين جي به ورهاست ٿي ويندي آهي. اهڙيءَ ريت جڏهن ورهاڱيءَ کان پوءِ سنڌي هندن جي هندوستان ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ويا ته اهو واقعو ڪو عام واقعو نه هو، هُنن نه صرف پنهنجو مال متاع پر هنن پنهنجو ديس پنهنجي مٽي ۽ پنهنجي سنڌوءَ کي ٿي ڇڏيو. جنهن سنڌوءَ انهن جي پالنا ڪئي پئي، ۽ هزارن سالن کان ڪندو رهيو هو. انهن لاءِ اها ڪا آسان ڳالهه نه هئي ته هو پنهنجو واپار، پنهنجي تجارت ۽ پنهنجي زندگيءَ جي علامت ان درياهه کي ڇڏي وڃن. جنهن انهن کي هميشه خوشحال رکيو ۽ پاليو. اهو ئي سبب آهي جو اهي سنڌوءَ جي عظمت کي اڄ به وساري ناهن سگهيا. توڙي جو انهن وٽ ٻه عظيم نديون جمنا ۽ گنگا موجود آهن، جن جي گهاٽن تي جُڙيل مَندر سانجهيءَ جو ڏسي به اهي سنڌوءَ جي ياد کي تازا ڪندا آهن. ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ ڪناري ۽ گنگا جمنا ڪناري، اهڙو حسين سانجهيءَ جو منظر ڏسڻ جا عادي رهيا هئا. اهڙي ئي هڪ منظر کي ادل سومري هيئن بيان ڪيو آهي:

تار تو ۾ مست سنڌو پيو وهي،
سنڌ! تنهنجي سونهن شل قائم رهي.
(24)

جي سنڌو تار وهي ٿو ته ان سان سنڌ جي خوشحالي ۽ ذرخيزي جو سبب سنڌو بڻجي پوي ٿو. جنهن کي ادل سومري ڳايو آهي. پر سنڌوءَ تي اهڙي سونهن گهٽ ئي رهي آهي. اهڙيءَ طرح تاجل بيوس سنڌوءَ جي 'سانوڻ 'هوندي سوڪهڙي کي ڳايو آهي، هو چوي ٿو:

سنڌو! آ سانوڻ پوءِ به تون پاتار ۾،
ڪٿان سکين ڪاهلي! واٽن تي وهڻ.
(25)

تو وٽ اهڙو سانوڻ موجود آهي جيڪو هر مُند ۾ برسات وانگر خوشحالي جو آئيندو آهي. ان جي باوجود تون پوءِ به خالي ۽ پاتار ۾ آهين. تون اهڙي ڪاهلي ٿو ڪٿان سکيو آهين. جتي سنڌو خوشحالي جو ڏيک ڏئي ٿو، اتي وري سنڌو ندي بهادرن جي علامت رهيو آهي. سنڌ ۽ سنڌوءَ جي جيڪا عظمت آهي ان تي وطن واسين کي هميشه فخر رهيو آهي، چاڪاڻ ته اهي سنڌو جي سپيتا کي هميشه دشمنن جي حملن ۽ انهن جي ناڪام سازشن کان بچائيندا رهيا آهن. انهن هميشه سنڌو نديءَ جو دفاع ڪيو آهي، انهن سنڌوءَ تي سام ڪنئي آهي.

سنڌو سوڍن سام، صدين ڪان،
مهر پريو مهراڻ جنهين ۾، هيرا جواهر
جام،
صدين، ڪان، سنڌو
سوڍن سام.(26)

سنڌوءَ بابت قديم زمانن کان تصور آهي ته ان ۾ ڪيئي هيرا جواهرات ۽ موتي آهن، جنهن جي عظمت يا قدامت صدين کان آهي، ان جي موج واري تاريخ به پراڻي آهي، پر اهو هميشه سوڍن ۽ بهادرن جي سام رهيو آهي.

درياهه کي اسين ڀلا آخر ڪهڙي ڀيٽا ڏئي ٿا سگهون! جيتري ان جي وڏائي آهي، جيتري ان جي قدامت آهي، جيتري ان جي تاريخ آهي يا وري جيتري ان جي عظمت آهي، پر تنهن هوندي به ان جي لاءِ ڪا سٺ سرجڻ تي ڪيئي شاعر پنهنجي دل وتان لکندا رهيا آهن. شيخ اياز به انهيءَ کي هيئن ڀيٽا ڏئي ٿو:

سنڌو سنهري! تو کي ڏني مون،
ڳوڙها وهائي، ڇا ديپ – مالا! (27)

هيءَ هڪ فنڪار جي ڀيٽا آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي درياهه کي سونهارو سڏي ٿو، جيڪو ان کي رستا ڏئي ٿو. جيڪا ڀيٽا درياهه شاهه اسان کي ڏني آهي ته اسين به ان کي ڳوڙها وهائي، ديپ ٻاري مالها هٿن ۾ جهلي ڀيٽا ڏيون.

## <u>سنڌوءَ درياهه سان عشق:</u>

جيترو سنڌ ۾ "سنڌ "سان عشق ڳايو ويو آهي، اوترو يا ان کان وڌيڪ "سنڌو درياهه "سان عشق ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. هي ڪا عام ڳالهه ناهي بلڪه هيءَ منفرد ڳالهه آهي ته شاعر پنهنجي نديءَ، پنهنجي درياءَ، پنهنجي ڍنڍن، پنهنجي ڍورن ۽ پنهنجي واهن سان عشق ڪن ٿا. شاعرَ هميشه ئي قدرت جي رنگن کي ڳائيندا آيا آهن. هر شاعر پنهنجي علائقي جي ڪنهن نه ڪنهن حسين قدرتي منظر ۽ لقاءَ سان پيار ڪندو آهي. اهو ان جي باري ۾ ايترو ته لکندو آهي جو ان جي قدامت جو قد ٿيڻ وڏي ويندو آهي. ڪي پنهنجي سمنڊ سان پيار ڪندا آهن، ڪي شاعر

پنهنجن پهاڙ ن سان، ڪي شاعر پنهنجن آبشارن سان، ڪي شاعر پکين سان، ڪي شاعربارش ۽ بادلن سان ته ڪي شاعر وري ڍنڍن ۽ ندين سان پيار جو اظهار پنهنجيءَ شاعريءَ وسيلي ڪندا آهن. هر خطي ۾ ڪا نه ڪا اهڙي قدرتي شيءِ موجود هوندي آهي جيڪا انهيءَ قوم جي سڃاڻپ ٿي پوندي آهي. ساڳيءَ ريت اسان سنڌ واسين جي لاءِ به "سنڌو ندي "قدرت جو ڪرشمو مڃي ويندي آهي. اهو ئي سبب آهي ته سنڌ جي ڪيئي حسين شاعرن ان ندي جي نه صرف تاريخ، عظمت، حسن ۽ ان جي قدامت جي ساراهه ڪئي آهي، پر ان جي ٻوڏن سوڪن، تباهي توڙي زرخيزين بابت ڪيئي سهڻا شعر چيا آهن. جيئن سنڌ توڙي سنڌو نديءَ جا ڪيئي داستان اسان وٽ لوڪ داستان جي حيثيت ۾ مشهور ٿي ويا. ۽ انهن پنهنجي هڪڙي الڳ جاءِ ٺاهي. انهن ۾ درياهه بادشاهه سان منسلڪ داستان "سهڻي ميهار "آهي. هي شعر ڏسو:

سائِر، تو ۾ ساهُه، سهڻيءَ توڙي سنڌ جو،
سا دل کهڙي سڪ ۾، جيڪا ٿي نه درياهه،
منهنجو عشق اٿاهه، آهي تنهنجي اوڄَ سان.
(28)

يا

منجهه ئي ديو مها، آهين آبِ سنڌ تون،
تو سان ئي ته هئا، مورا، ميلا، محبتون! (29)

ڪجهه نديون نراليون ٿينديون آهن، اُهي ڌڙڪنديون آهن! انهن کي به دل هوندي آهي، اهي پنهنجي ماروئڙن لاءِ ۽ ماروئڙا پنهنجي ان نديءَ لاءِ پيا ڌڙڪندا آهن! اسين سڀ ڪٿي نه ڪٿي جڙيل هوندا آهيون. پر هر جاءِ تي هر ماڻهو انهيءَ جو اظهار ڪري سگهندو آهي، جيئن ڪو شاعر ڪري ٿو سگهي ٿو. اهو به هڪڙو

ڏانءُ آهي، هُنر آهي. سپ ڪٿي ٿا ائين پيار جو اظهار ڪري سگهن. درياهه به ساهُه کڻي ٿو. جيئن اي درياهه! تون هِن سهڻي سنڌ جو ساهُه آهين. تنهنجي اوڇَ ۽ تنهنجي موج سان سچي سنڌ جو اُٿاهه عشق آهي. اها ڪا دل ئي نه آهي جيڪا درياهه جي عشق سان پرپور نه هجي. انهيءَ ڪري تون ئي سنڌ جو مها ديو آب ۽ جياپو آهين، تون آهين ته مورا ۽ ميلا به آهن. درياهه جي عظمت رڳو هتان سنڌ جي سنڌين وٽ ئي نه بلڪه ورهاڱيءَ کان پوءِ ويل هندن سنڌين جي دل ۾ به اڄ ڌڙڪي رهي آهي. اهڙيءَ طرح ڪٿي ڪٿي وري درياهه سان پيار جو اظهار عجيب آهي، جيئن اِهو مهاڻي جو منظر ڏسو:

وانجهي ونجهه وراءُ، سنڌوءَ ٻيڙي سِير تي،
ڪيڏا ڪڙڪا ڪُن ۾، لهرين مان ته لنگهاءِ،
سنڌوءَ ٻيڙي سِير تي. (30)

ڪُن ڪڙڪا ڪري رهيو آهي، درياهه پنهنجي پوري موج ۾ آهي، ان جي رواني به دهشت جو منظر ڏئي رهي آهي، پر اي! مهاڻا تون پنهنجي ٻيڙيءَ کي انهن تيز لهرن مان لنگهائي، ان جي وچ ۾ پنهنجي ٻيڙيءَ جو ونجهه ورائي. يا وري ٻي جاءِ تي ڪنهن ٻئي شاعر ان مهاڻي کان هيئن چورايو آهي:

تون سنڌو ندي آءُ ڪچو پو به اُجو ڙي!
تون سونُ سچي پوءِ به هي دوست سُچو ڙي!
حالات حوالي چو ڪريون پيارَ پري ناءُ!
تون آءُ!، سِگهو آءَ! (31)

هي ٻي ڪيفيت آهي، جنهن ۾ سنڌوءَ کي عظيم ندي ڪري ڪوٺي ٿو پر ان هوندي به هو اُجارو رهجي وڃي ٿو. اي! درياهه تون ته سونُ آهين،

هڪڙي خزاني جهڙو! پر مان پوءِ به سچو ئي سچو! جي تون اڇي وڃين سيگهو ته مان به اهي سڀ شيون ماٺي وٺان! پر ڪٿي ته سنڌوءَ تي سِر ڏيڻ جي به ڳالهه ڪئي وئي آهي:

قسم آ آب، سنڌو جو ته هِن ڌرتيءَ تي سِر آهي،
وطن تي شل ٿئي صدقي، حياتي مختصر آهي.
(32)

ڪجهه شاعرن لاءِ وطن ئي سڀ ڪجهه هوندو آهي، جنهن تان هو پنهنجي زندگي وارڻ لاءِ تيار هوندا آهن، انهن لاءِ ته ٻيا سڀ قسم به اجايا ٿيندا آهن، هو ٻين قسمن کان وڌيڪ معتبر قسم پنهنجي "نديءَ "جو سمجهن ٿا. يا پوءِ انهن جي ڌرتيءَ جو قسم هوندو آهي. آب يا مِٽي واقعي ٻئي معتبر آهن، انهن لاءِ آب ۽ مٽي، انهن جي ندي، انهن جون ڍنڍون ۽ انهن جا ڍورا به انهن جي لاءِ اهم هوندا آهن. جن تان هو پنهنجو پاڻ کي فِدا ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن. اها ڪا روايت ڪونهي، بلڪه اها انهن جي خمير جو حصو آهي، هو ان کي پنهنجي تهذيب جو حصو سمجهندا آهن، هي انهيءَ ثقافت ۽ روايت جو حصو مڃين ٿا. ۽ اهو ائين ئي سالن کان هلندو اچي پيو. اهڙا ڪيئي شعر سنڌ جي جديد شاعرن سنڌ جي آب لاءِ سرجيا آهن.

<u>سنڌو درياهه جو حُسن:</u>

ڪنهن به خطي يا علائقي جي نديءَ جو حُسن بنيادي طرح ان جي ايراضي، ان جي ڊيگهه ۽ ان جي رواني، تغياني ۽ ان جي ان علائقي لاءِ خوشحالي وغيره سان ماپيو وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت دنيا جي قديم ترين ثقافت منجهان، سنڌو ماٿري جي ثقافت انهيءَ جي خوشحالي وارو وڏو حصو ان جو سنڌو درياهه آهي. ۽ اهو

ئي سبب آهي ته اتي جا شاعر پنهنجي درياهه جي حُسن، انهيءَ جي قدامت، انهيءَ جي عظمت ۽ ان جي خوبصورتيءَ جا گيت لکندا ۽ ڳائيندا رهن ٿا. سنڌو درياهه به انهن ندين منجهان آهي، جن جي قدامت، عظمت ۽ حُسن ٻين درياهن کان گهٽ ڪونهي، هو تبت کان ٿيندو، ڏگهو سفر طئي ڪندو اچي عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو ان وچ ۾ هو ڪيترن ئي خوبصورت علائقن کي سيراب ڪندو ايندو آهي. جتان جا رهواسي ان جي حُسن جا پوڄاري آهن. شاعرن لاءِ سنڌو ته ماتا (ماءُ) آهي. اهي سڀ انهيءَ کي پنهنجي ڌرتي جيترو چاهين ٿا. ان ڪري ان جي صبح، ان جي سرمئي شام، ان تي ڪونجن جي اُڏام، ڪونجن جي ڪُوڪ ۽ ٻيا ڪيئي حسين منظر ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. ابراهيم منشي اهڙي ئي هڪ منظر کي هيئن بيان ڪري ٿو:

ڪيڏي سُهڻي شام سنڌوءَ جي، هنڌين ماڻين هام سنڌوءَ
جي،
ڪُونجن وانگ اُڏام سنڌوءَ جي، دانهن ۽ ڪُوڪ اڄ عام سنڌوءَ
جي،
ٻارڻ جنهن تي ٻريو ٻريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو. (33)

جيڪڏهن اهڙي نديءَ سان ڪا هٿ چراند ٿئي ٿي، يا ان جا وهڪرا مٽائڻ لاءِ ڪي منصوبا جوڙيا وڃن ٿا ته پوءِ اها قوم ان جي رکوال هوندي آهي! شاعر هڪ آواز ٿي مزاحمت ڪن ٿا.

سنڌوءَ جي حسن سان هٿ چراند تي به سنڌي شاعر تڙپندا رهيا آهن. اهو سنڌو درياهه ئي آهي جنهن جي شام جي هاڪ هر تڙ ۾ ٿيندي آهي، جتي ڪونجن جون ڪوڪون، انهن جي اُڏام ۽ شام جو حسين منظر ڏسڻ لاءِ ڪيئي

ماڻهو گڏ ٿي سنڌوءَ ڪناري اچن ٿا. اها سنڌوءَ جي حُسن جي خوبي آهي. ان جي حُسن بابت علي دوست عاجز هيئن لکيو آهي:

ننڍڙي ننڍڙي ناءُ، واءُ –
هي سنڌوءَ جو درياءَ!
تنهنجي ڳالهين مان چيٽن جو،
ايندو آهي ساءُ، ساءُ،
هي سنڌوءَ جو درياءَ! (34)

هي سنڌوءَ جو درياهه! جنهن تي ننڍڙيون ننڍڙيون ٻيڙيون گهمي رهيون آهن، جن جو ڪو به وقت مقرر ڪونهي! اڪثر جڏهن درياهه ڪناري اسان انهن جي اچ وڃ ڏسندا آهيون ته اها اسان کي فرحت بخشيندي آهي! يعني ڪڏهن ته ان ڳالهه ڪري اسان جي دل جي موسم ئي تبديل ٿي ويندي آهي، جنهن موسم جا اسين عاشق هوندا آهيون، ائين لڳندو آهي ته ڪٿي اها موسم هاڻي ئي ته ناهي ٿي! هي اهو درياهه جو حسن آهي، جيڪو اسان جي اندر جي احساسن تائين گهرو آهي ۽ ان جي پيڙهه اسان جي دل تائين! پر جتي درياهه جو حُسن ايترو خوبصورت چٽيو ويو هجي اتي ان جي ٻئي حسن يعني ان جي موج ۾ تيز لهرن جو به ذڪر ضرور ٿيڻ کپي. جيئن:

درياهه اندر جا دهشت آ، ڪنهن وقت قيامت ٿي ويندي،
تون مان ته رڳو هن سنڌوءَ تي، ڪا لهر اُپاري ويندا سين.
(35)

ڪي اثر اسان کي اهڙن قدرتي ڪرشمن منجهان ملندا آهي، جن ۾ اسان جو دلي لڳاءُ هوندو آهي، درياهه جي رواني متاثر ڪندا آهن. جيڪا انسان جي

همت افزائي لاءِ مثالي حيثيت رکي ٿي. ان جي رواني يا ان جو وهڪرو اسان جي لاءِ سبق آموز آهي، نه بيهڻ جو سبق! مسلسل هلڻ ۽ پنڌ ڪرڻ جو سبق! جدوجهد سان اڳتي وڌڻ جو سبق! اهو ئي سبق مٿئين شعر جو به آهي ته درياهه مٿان لهر اُڀارڻ ڪا سولي ته ڪونهي! هي جڏهن پنهنجي دهشت ۾ اچي ٿو ته قيامت برپا ڪري ٿو وجهي! ان جو هڪڙو خوفناڪ روپ به آهي! اهو به درياهه جو حُسن آهي، ڇاڪاڻ ته جماليات مطابق حُسن جا ڪيئي عنصر، ان جا ڪيئي روپ، ۽ ڪيئي رنگ ٿي سگهن ٿا. ان جون ڪيئي شاخون، ڪيئي رُخ، ۽ ڪيئي نوان جوڙ اسان جي سامهون ايندا آهن، پوءِ چاهي اهي حسين هجن توڙي بدصورت! پر اهي جماليات جي حصي ۾ ايندا آهن. ساڳي ريت سنڌو درياهه کي روشنيءَ جي علامت به سمجهيو ويو آهي. جيئن بخشل باغي لکي ٿو ته:

روشنيءَ جا سوين پيچرا نڪرندا،
سوچ سنڌوءَ جي روشني بتي ٿي پوي. (36)

سنڌو جيتري عظمت جهڙو درياهه ورلي ئي ڪو هجي! يا پوءِ ورلي ورلي ئي ڪو سنڌو جهڙي درياهه تي ڪا شاعري لکي وئي هجي! پر جيترو حسين سنڌو بابت سنڌي ٻوليءَ جي شاعرن لکيو آهي، اوترو شايد ڪنهن ٻوليءَ جي شاعرن پنهنجي نديءَ لاءِ لکيو هجي! شاعر پنهنجي نديءَ کي روشني جي علامت چوي! ان ڪان رستا ڦٽي ان جي پيچرن کي پنهنجو پيچرو سمجهي. يا پوءِ ان جي پنڌ کي پنهنجو پنڌ! اهڙي حسين مشابهت سنڌي شاعرن وٽ ئي ملي ٿي. جيڪو پنهنجي نديءَ جي حُسن کي عام ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪندو رهي ٿو.

## سنڌو درياهه ۽ سرسبز سنڌ:

ڪنهن به ملڪ، خطي يا علائقي جي زمين ڪان به واقفيت پڻ تخليقڪار لاءِ آهي، ڇاڪاڻ ته اها اسان جي ضرورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪچو تجارتي مالُ پيدا ڪندي آئي آهي. البته ان خطي جو پاڻي تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. اتان جون نديون، ڍنڍون ڍورا ۽ واهڻ وغيره ان زمين جي زرخيزي لاءِ هڪڙي خاص اهميت جا حامل هوندا آهن.

اسان وٽ سنڌ ۾ به سنڌو درياهه سنڌ جي خوشحالي ۽ ان جي زرخيزيءَ جو هڪڙو اهم ذريعو آهي، جيڪو نه صرف سنڌ بلڪه جتان جتان هُن جو گذر آهي، اتان جي هر خطي جي لاءِ ان جي اهميت هڪجهڙي آهي. ڇاڪاڻ ته پاڻيءَ جيترو انسان لاءِ ضروري آهي اوترو ئي زمينن، ٻنين ۽ فصلن لاءِ به. انهن جو نه رڳو استعمال آهي، پر انهن ذريعي جيڪو تجارتي فائدو آهي، اهو ان خطي جي خوشحاليءَ جو باعث آهي. اهو ئي سبب آهي ته سنڌو ندي به ٻين وڏن درياهن جيان تبت ڪان ٿيندو عربي سمنڊ تائين جي سيني علائقن ۽ خطن لاءِ سرسبز ۽ زرخيزيءَ جي علامت رهيو آهي. نه صرف ما ٿهن پر سنڌو ندي هر جيوت لاءِ اهم رهيو آهي، جيئن علي دوست عاجز لکي ٿو:

سائي ڌائي سنڌ، سنڌو تنهنجي سَهج سان،
جرڪي جيوت، جند، جر جي ڇلندڙ جام سان. (37)

درياهه جو حُسن وڏيڪ ان جي اندر جي جيوت سان آهي، جيڪي به جيوَ يا مڇيون ان ۾ رهن ٿيون، سي هڪ ٻئي ڪان وڏيڪ حسين آهن! هي جيڪا به جيوت اڄ جرڪي رهي آهي، ۽ هي جيڪا به اڄ سائي سنڌ آهي، سان تنهنجي ئي سهجَ سان آهي. تنهنجي جر سان ئي سڀ پُر ٿيندا آهن. تون ئي هن سائي سنڌ

جو سرواڻ آهين. سنڌ ۽ سنڌو درياهه جي وهڪري سان هميشه هٺ چراند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جيئن سيد سراج لکي ٿو:

پاڻيءَ منجهه پساهُ،
آمر سمجهين چو نه ٿو،
سنڌوءَ ۾ آ ساهُ. (38)

مٿين وائي سيد سراج پاران سنڌ تي ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ واري دور جي مهم دوران لکي وئي آهي. جنهن سان شاعر جو عشق ۽ ان جي عظمت ظاهر ٿئي ٿي. سنڌ جي خوشحالي ۽ ساک کي هميشه ڪنهن نه ڪنهن نقصان رسائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي، جنرل پرويز مشرف واري دور ۾ به ڪالاباغ ڊيم جي سنڌوءَ تي اڏاوت واري مهم سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ ڪنهن امتحان کان گهٽ نه هئي. جنهن جي گهٽن ئي شاعرن مزاحمت ڪئي. اهڙيءَ ريت سنڌوءَ جي لاءِ ڪيئي شاعر دعاڳو به رهيا آهن، جيئن:

ڏوڪيندو درياهه، سڌو وهندو سنڌ ڏي،
سُڪن پوندو ساهه سکر ٿيندي سنڌڙي!(39)

*

اڇي ٿو الله،
سائو ڪندو سنڌ کي،
دادلو درياهه! (40)

شاعر دعا گهري ٿو ته الله ڪندو درياهه دادلو پرجي وهي ايندو ۽ سنڌ سڄيءَ کي پنهنجي وهڪري سان سائو ڪندو، ۽ جڏهن درياهه پنهنجي چوهه

سان وهي ايندو آهي ته سُڪا سگڙ به سبپ ساوا ۽ ذرخيز ٿي پوندا آهن. هر طرف خوشحالي هوندي آهي.

<u>سنڌوءَ جي سوهڪڙي تي ماروئڙن جي دانهن، درد</u>

اهو ڪاٿي ممڪن آهي، ته درياهه بادشاهه رڳو تغياني، رواني يا پوءِ خوشحاليءَ جو ئي نشان هجي!؟ يعني صرف ان ۾ موج ۽ اوج به ڪونهي! ڪڏهن ڪڏهن ته سالن جا سالَ هو منهن موڙي ويندو آهي، ۽ پنهنجي چاهيندڙ ۽ پوڄا ڪندڙن سان رُسي ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ان جي خالي پيٽ ۾ رڳو واري ئي پئي اُڏرندي آهي، جيڪو پنهنجي وجود سان  ڪڏهن ايڏو ته دهشت پيدا ڪندڙ هوندو آهي جو ماروئڙا ان جي دهشت ڪان ان جي روانيءَ ڪان پيا ڏڪندا آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن ته اهڙي بادشاهه درياهه ۾ به سوڪ ٿي ويندي آهي، جنهن تي ان جي ماروئڙن جو حال بي حال ٿي ويندو آهي، ان جي اهڙي خشڪساليءَ تي ماروئڙن جو ٻيو ڪو وارث ئي ناهي رهندو. پوءِ اهي ساڳيا ئي ماروئڙا ان جي دانهن هن ريت ڏيندا آهن:

درد وندا هي دانهون توتي، ڏيندا درياءَ شاهه دلير،
ورهن جا اڄ وانگيئڙن ڪان، ويساهه ڏيئي تو ورتا وير.
سارا سورنهن سال سُڪي تو، پيٽ ۾ پاليا پرت
پنوهار،
ريلن ۾ تو رائو ڏيئي، ڄايا لاٽا لوٽ ليار،
پاسا تو ته پسائڻ ڇڏيا، پيريءَ وارا تنهنجا پار،
ملاح پٽي ويا مَڏيون تو تان، ٻيڙيون ٻاري ٿيا ٻڪرار،

پرم ڏيئي پاڻين کي پوءِ، پنيٺ بنجي پريئه پير. (41)

سنڌ جي معصوم ماروئڙن جو دانهي به درياهه ۽ واهي به درياهه ئي هوندو آهي، درياهه ئي انهن جو داتا آهي ۽ انهن جي جياپي جو هڪڙو وڏو ذريعو به. اي درياهه! اي شاهه! اي دلير! اسان جي تو کي دانهن آهي، توتي اسان جو ويساهه به آهي، اسان کي ائين سوهڪڙو نه ڏي ۽ اسان جي لاءِ سائو ٿي.

اي درياهه شاهه! تون پنهنجي امرت سان ڪيئي نبابات ۽ حيوانات سان گڏ انسانن کي پالي رهيو آهين، جي تون ائين ئي سوڪهڙو ڪندين ۽ پنهنجا پاسا پاڻيءَ کان خالي رکندين ته تو مٿان وينل ملاحَ ۽ پنهنجيون ٻيڙيون ڪپائي وجين ٻڪرار ٿيندا. تنهن ڪري انهن جو ڪو پرم ته رک! يا ڪٿي وري پنهنجن مائرن کي اُڃ مارين ٿو. اهڙو ٻيو مثال ابراهيم منشي هيئن ڏنو آهي:

درد وندن جون دانهون توتي، ديس منهنجي جا درياهه
شاهه،
کهڙي روڪ آ روڪيو توکي، پنوهر پياسا ٿي ويا پاهه،
صدين کان تو سِيرون ڏيئي، واهيا وانگين واهڙ واهه،
منهنجي ڌرتي ڏيهه سڄي جو، سنڌوءَ تون ئي ساهه
پساهه. (42)

ڪجهه قومن جا حقيقي معنيٰ ۾ اثاثا انهن جا پهاڙ، انهن جا آبشار، انهن جا ريگستان ۽ انهن جا درياهه ئي هوندا آهن، اي! درياهه شاهه تنهنجي صدين جي تاريخ آهي، تون صدين کان سنڌ کي سيراب ڪري رهيو آهي، تون ئي اسان جو ساهُه پساهه آهين، تون اڃي اهڙو سُڪو آهين، جهڙو سنڌ تي تاتارين ڪاهه ڪري سڀ تباهه ڪيو هجي. آخر ڪنهن تو کي روڪيو آهي، تون ته هِن ديس جو

بادشاهه آهين، رکوالو آهين. پوءِ آخر اهڙي سوک ڇا لاءِ کئي اٿئي؟ اسان ته هڪڙي ڦُڙي لاءِ ڦٿڪي رهيا آهيون.

يا جڏهن سنڌوءَ جي پاٽيءَ کي سنڌ لاءِ روڪيو ويو ٿو. ان لاءِ هي شعر ڏسو:

سينڌ سنڌوءَ جي سُکل واري، جنهن ۾ جر ڦڙو نه
جاري،
وري به کاري ديو تياري، هيبت ۾ اڄ هاري ناري،
ڌرتي جو کو ڏيان ته ڌريو، کريو قوم کناري کريو.
(43)

حڪمرانن پاران هميشه سنڌوءَ جي پاٽيءَ جي روڪٿام رهندي آئي آهي، ۽ يقينن اهڙي صورتحال سنڌ ۽ توڙي سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڏُکائيندڙ آهي، جتي سنڌوءَ جهڙو عظيم درياهه به واريءَ جو ڍيڪ ڏيندو هجي، ۽ جتي جَل جو ڦُڙو به موجود نه هجي، جتي هاري پنهنجي زمينن لاءِ پريشان هجن ته اُتي اها دانهن واجب ٿئبي. جيئن هيءَ دانهن ڏسو:

اي سنڌو! ماٺار ڇو آ،
کين کا ڇولي ڇُلي تي! (44)

سنڌو هميشه ئي سائو ناهي رهندو، ان ۾ به سوڪهڙو ۽ صحرا جهڙو منظر نظر ايندو رهيو آهي، پر جڏهن به ائين ٿيو آهي ته ان جو اثر سنڌ ۾ رهندڙ هارين نارين تي وڌيڪ ٿيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو شاعر سنڌ جي خشڪساليءَ تي افسوس ظاهر ڪري ٿو. ڪٿي ڪٿي اسان کي انهن مُهاڻن جو درد به پڙهڻ لاءِ ملي ٿو.

اِن آس سا ڪنڌيءَ تي، ٻيڙي جهلي ڪڙو آ،
ايندو سنڌوءَ ۾ پاڻي، وهندو درياهه آخر. (45)

ڪيڏو نه درد ڀريو منظر آهي، جتي مهاڻو خالي ٻيڙي جهليو درياهه جي ڪناري ان آس سان، ان اميد سان درياهه بادشاهه کي نهاري رهيو آهي، ته هڪڙي ڏينهن اهو به ضرور سيراب ٿي ايندو ۽ ٻيهر ان جي ٻيڙي ان ڀريل درياهه جو سير ڪندي ۽ ڪنڌيءَ پار ٿيندي. سنڌوءَ جو سُڪل پيٽ ڏسي ماروئڙن جو حال بدحال ٿيو وڃي. هڪڙو ٻيو مثال ڏسو:

نِڙي سنڌوءَ جي سُڪل،
ٻُک ۾ بتيلا، ڏاڙهي ٿو هي ڏيکڙو. (46)

ڪٿي سنڌوءَ جي نِڙي ته ڪٿي سنڌوءَ جو پيٽ سير لاءِ خالي ۽ خشڪ آهي، اهڙيءَ صورتحال ماروئڙن جي لاءِ ٻُک، بدحالي، غربت ۽ بي حسيءَ جو سبب بڻجندي آهي. اهڙو منظر ته واقعي ئي ڏاڙهيندڙ آهي. سنڌوءَ جي خالي پيٽ جو منظر ڪڏهن ڪڏهن هوا کي به سڏڪائي ٿو وجهي. جيئن:

پاڻي پاڻي ٿو ڪري، سنڌو اُجارو،
وارو ڙي وارو، سنڌو سُڪي وئي ساٿيو!
(47)

*

هوا ٿيڪي تي ڏيئي سنڌوءَ کي سُڏڪي،
سنڌو پر مُرڪي، چئي ٿو ناهي ڳالهه ڪا!
(48)

سنڌو جهڙو عظيم ۽ بادشاهه درياهه به ڪڏهن خالي پيٽ سمهي پوي ٿو! جنهن مٿان هوا هميشه رقص ڪيو، اڄ اها هوا ان مٿان سڏڪا پري رهي آهي. ان مٿان روئٽهارڪي تي رهي آهي، پر جتي ماروئڙا پاٽي پاٽي ڪري رهيا آهن، ۽ اُجارا آهن، ان جاءِ تي سنڌوءَ جو پيٽ ته واري واري آهي! تنهن هوندي به سنڌو موٽ ۾ مُرڪي ٿو پوي! مُرڪ اهڙي به هڪڙو حوصلو ڏئي ٿي! اميد جاڳائي ٿي! يا وري هي ڏسو:

سنڌو سُڏي ٿو پيو، سنڌ ڏسي صحرا،
ڪُوماٽيل چهرا، ڪنڌيءَ مهاڻن ڏسي.
(49)

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته جڏهن درياهه بادشاهه ۾ اوچ ڪونهي ۽ سوڪهڙو آهي ته اتي سيئي مُهاڻا اداس آهن، ڪوماٽيل آهن.. جيڪي سنڌوءَ جي آسري تي جِي رهيا آهن. جيڪي سنڌو ماتا سان چاهه رکڻ سان گڏ ان جي پوڄا ڪن ٿا. سنڌو جي چاڙه سان نه رڳو پکي پکڻ يا ٻي جيوت دانهيندي نظر اچي ٿي پر ان ۾ ماروئڙن لاءِ به درد آهي. جيئن

گهيرا ڏيئي تو گهارا پائي، راڄ روئاريا راتو رات،
سانگيئڙن جي ساهه ۾ سونڪو، سپ ڪنهن سر تي ٿي
سڪرات،
ڪاري رات ۽ ڪُلهن ڪَلها، ووءِ ووءِ واتو وات،
هيئان پاٽي پالوتون ۽ اُپ مان پئي ٿي برسات
ڪَلهن ڪِيهون راڻن ريهون، ڪو نه رهيو اُت ڪنهنجو ڪير. (50)

سنڌو درياهه پنهنجي ئي چاهيندڙ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ايترو ته روڄ پاڄ وجهي ٿو ڇڏي جو ان جي سانگيئڙن کي به سک جو ڪو ساهه نه ٿو رهي، انهن مثان ته جڻ سڪرات طاري آهي، ڪاري رات مثان برسات، پاڻي چوڌار، هر طرف ئي پاڻي آهي. هتي ته هر طرف دانهون ڪوڪون آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن اهو ئي سنڌو ڪوڪلو به ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. جيئن:

ناهن سنڌوءَ گهاٽ تي، ڏيئن – قطارون،
ڪاڏي ويون اوچتو، پکين – اُڏارون،
تاساريون تڙ تي الا! پيڙين – نهارون، (51)

هي منظر ته روئاري ٿو وجهي، سنڌو گهاٽ تي ٻگهين قطارن جي صورت ۾ پکيئڙا ان آسري وينل هوندا هئا ته سنڌو انهن جي اُڃ اجهائي ٿو انهن جي ٿڪاوٽ لاهي ٿو! پر هي ڇا اچ ته اهي قطارون به ڏسڻ ۾ نه ٿيون اچن، جي ڪو پکي سنڌو گهاٽ لهي به ٿو ته اهو تاسارو ئي رهي ٿو. ڪٿي ته پاڻيءَ کي نه ڏسي پکين جون اکيون به سواليه بڻجي وڃن ٿيون. جيڪي ان حال تي بيحال ڏسجن ٿا. ڪٿي ته سنڌ جي مهاڻن جو حال ڏاڍو ڏکائيندڙ آهي، ۽ اهي انهن لاءِ بد دعا ڪن ٿا جيڪي سنڌو کي تباهه ڪرڻ چاهين ٿا. جيئن:

تنهنجو داڏُ درياهه، ٿيندو ڏينهين ٿورڙين!
جن جن تو سان جاڙ ڪئي، ٿيندا ترت تباهه.
ساري سنڌ جو ساهُه، روڪڻ سولو ڪين آ!
(52)

جن ماڻهن جو جيئڻ مرڻ جلَ هوندو آهي، انهن لاءِ سڀ ڪجهه ان سان ئي هوندو آهي، اهو ئي انهن جي روزگار ۽ جيئڻ جو ذريعو هوندو آهي. ان ڪري درياهه ئي انهن جي لاءِ انهن جو سڀ ڪجهه ٿي وڃي ٿو، جنهن جو هو

نه صرف تحفظ ڪن ٿا پر ان هر ڳالهه نندين ٿا جيڪا درياهه جي خلاف هجي يا پوءِ جيڪي عنصر ان کي تباهه ڪرڻ چاهين ٿا. اهو ممڪن ئي نه آهي ته سنڌ جي ساهه "سنڌوءَ "جو ڪير ڪجهه بگاڙي به سگهي! اهو به ممڪن نه آهي ته سنڌوءَ جو ڪو سودو ڪري، جيئن علي دوست لکي ٿو:

سائر جو سوداءُ، جيڏيون لڳم جيءَ کي،
مري ويندس ماءُ، جيئنديس ڪيئن مان ڄرَ بنا!
(53)

سنڌو ندي يا سنڌو درياهه سنڌ واسين يا ان جي ماروئڙن لاءِ ڪا خالي ندي يا ڪو عام درياهه ڪونهي! هو ته ان جي جياپي، ان جي جيوندان جو سبب آهي! ڪيئي شاعر ان جي لاءِ سِر قربان ڪرڻ جهڙا سٽا شعر لکي رهيا آهن. پر ان جي سودي تي يا ان جي واپار تي هرگز به سهمت ٿيڻ لاءِ تيار ئي ڪونهن.

# سنڌو درياهه جي تباهڪاري

سنڌوءَ جي تباهڪاري:

اسين جنهن خطي يا علائقي ۾ رهون ٿا اُتي جيڪي به فطرتي وهڪرا يا قدرتي نديون وهي رهيون آهن انهن جو نظام به پنهنجو پنهنجو آهي، پر انهن سان جيڪا هٿ چراند ٿي آهي، اها ڪٿي نه ڪٿي ان خطي جي ماڻهن لاءِ به نقصان جو باعث ٿي آهي. فطرت يا قدرت سان ڪير وڙهي نه سگهيو آهي! ۽ نه ڪير ان

جو ڪو رستو روڪي سگهي ٿو. قدرت هميشه پنهنجا رستا پاڻ ٺاهيا آهن ۽ پاڻ ئي ٺاهيندي رهندي آئي آهي. اهڙيءَ طرح دنيا جون سڀئي نديون ۽ درياهه به پنهنجو رستو پاڻ ئي ٺاهيندا صدين کان وهڪري هيٺ رهيا آهن. پر جيڪڏهن ڪٿي انهن جي رستا روڪ ڪئي آهي، يا انهن جي رُخ کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ته اتي هڪڙي وڏي تباهي آئي آهي. اهو ئي سبب آهي ته مصنوعي هٿ چراند قدرت جي ڪنهن به شيءِ سان هاڃيڪارڪ رهي آهي.

سنڌو نديءَ جو مسئلو به ڪجهه ساڳيو ئي آهي، نه رڳو ائين پر ان جي به حد بندي جڏهن به ڪئي وئي آهي ته ان به وڏي آندهي آندي آهي. ۽ پنهنجي ئي ماروئڙن کي تباهه ڪندو رهيو آهي. يا وري جڏهن ان جو پاڻي ڪنهن به ڊيم ذريعي بند ڪيو ويندو آهي ته به سنڌ جي ماڻهن لاءِ تباهي ۽ بربادي کان گهٽ نه هوندو آهي، جيئن:

سنڌوءَ جو پاڻي،
ڄاڻي سڃاڻي!
ڪير وجهي ٿو قيد ۾؟ (54)

سنڌ ۽ سنڌوءَ درياهه جو مڪمل پاڻي چوري ڪيو ويندو آهي، ان ۾ ڪيئي رُڪاوٽون به پيدا ڪيون وينديون آهن، جنهن ۾ سنڌوءَ جو گهڻو ٽڪو پاڻي پنجاب ۾ روڪي استعمال ڪيو ويندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جا ڪيئي شاعر ان وارتا ئي اڪثر مٿين شعر وانگر بيان ڪندا آيا آهن. سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي هميشه کان ئي روڪ ٿي آهي، بخشل باغي چوي ٿو:

ڪيسين سنڌوءَ جو پلا، قيد ڪندين پاڻي،
نيٺ ته پڃاڻي ٿيندي انهيءَ قيد جي. (55)

ڪجهه اهڙا عنصر به آهن، جن هميشه سنڌوءَ جي پاڻي کي روڪڻ جي ناممڪن ڪوشش ڪئي آهي. اهڙي صورتحال به آخر ڪيسين رهندي! آخر ڪيسين سنڌوءَ ۽ ان جي عظمت سان ڪيڏ ڪيو ويندو، ان جي عظيم وهڪري کي ڪير روڪي سگهيو آهي ڀلا!؟ يا پوءِ ڪير فطرت سان وڙهي سگهيو آهي. ان ئي آس ۾ سنڌو آخر پاڻ ئي وهي هلندو هڪ ڏينهن!

موج ڪري مهراڻ ميان تو، ماري مارن مال چڙيا،
آٽا لٽا ۽ آجها به پنهنجا، اڄ چڙيا، ڪن ڪالهه چڙيا،
گوتا ڪيندي گوُنگن جيئن ڪن، لُڇندي پنهنجا لال چڙيا،
جُوءِ سڄيءَ ۾ جهانگين لئه تو، جاڳائي جنجال چڙيا،
تنگ پڇي ته به ڪين رهي ٿي، هي به هريٺي واري
هير. (56)

جڏهن سنڌ ۾ به ٻوڏ آئي، جڏهن به اهڙي صورتحال پيدا ٿي آهي، ته اسين ان جو ذميوار سنڌوءَ کي ڪوٺيندا آهيون، ائين ئي ابراهيم منشي به مٿين شعر ۾ اها ڳالهه ڪري ٿو. ته اي درياهه! جڏهن تون موجَ ۾ اچين ٿو ته ڪنهن به شيءِ کي ڏسندو ناهين، تون پنهنجي ئي ماروئڙن جا مال ۽ متاع ماري موجَ ڪري ويندو آهين. پنهنجي ماروئڙن جا گهرَ تباهه ڪري ويندو آهين ۽ انهن کي بي گهرَ ڪري رهندو آهين. ڪٿي ته تون ڪير پياڪَ ٻارَ پنهنجي مائرن کان ڌار ڪيا آهن. پنهنجي ئي سنڌ جي ماروئڙن کي تباهه پيو ڪرين. اهڙو ئي ذڪر شمشيرالحيدري به هن ريت ڪري ٿو:

اڄ وري مهراڻ آيو موج ۾،
اڄ وري ڌرتي ٻُڏي وئي کوج ۾! (57)

ڌرتيءَ جي ٻُڏڻ جو واحد سبب درياهه بادشاهه آهي، جي هو موج ۾ اچي ٿو جي هو پنهنجو مُنهن موڙي ٿو ته هو سنڌ ۽ ٻين علائقن لاءِ تباهڪاري آڻي ٿو. هو اهو نه ٿو ڄاڻي ته هي مارو‍ئڙا ان جا ئي آهن، جيڪي ان کي پوڄن ٿا. پر سنڌ ۾ هر ٻئين ٽئين سال ٻوڏ واري صورتحال رهندي آئي آهي. ان صورتحال ۾ غريب لاءِ خادم گهراڻو لکي ٿو:

سنڌو جي موج مستي نرالي،
ڪٿي خوشيون ڪٿ اڪ آلي.
هر طرف اچي ويو آهي آب،
غريبن جي ٿي وئي بدحالي. (58)

اي درياهه بادشاهه! تنهنجي موج تان قربان، تنهنجي اهڙي چولين سان سنڌ ۾ خوشحالي ۽ ذرخيزي اچي ٿي، پر جڏهن تون موجَ ۾ اچين ٿو ته هر طرف پاڻي ئي پاڻي ڦهلجي وڃي ٿو جيڪو غريبن، مزدورن ۽ ڪُزمي ماڻهن لاءِ بک، بدحالي ۽ بيوسيءَ جو سبب بڻجي ٿو. رڳو ايترو ئي نه پر سنڌ هميشه ڌارين جي اک تي رهي آهي، جن هميشه سنڌوءَ جي واڪاڻ ٻڌي سنڌ تي ڪيئي حملا به ڪيا آهن. ۽ انهن سنڌ جي ساک کي هميشه نقصان پهچايو آهي. چاڪاڻ ته سنڌ هڪڙو اهڙو خطو رهي آهي، جيڪا زرخيز هئڻ سان گڏ جَلَ جي ڪري ئي خوشحال به رهي آهي. ان جي ساک تي ڪيئي حملا ٿيا آهن.

دانهن نه دريا شاهه! ساڙ نه ماڻهو سنڌ جا،
آهن ماڻهو اوپرا، جن ڪئي تو تي ڪاهه،
سيان ٿيندين سنرو، دادلا درياهه!
ميان! ٻارهين ماهه، پونديءِ ڪن ڪپار ۾. (59)

سنڌوءَ جي سونهن ان جي ذرخيزي ڪيئي ڌارين کي سنڌ ڏانهن متوجهه ڪيو آهي، جن پنهنجي لشڪر ڪشي ڪري سنڌ ۽ سنڌوءَ تي قبضي جي ۽ حڪومت جي هميشه ڪان ڪوشش پئي ڪئي آهي. پر ان ڳالهه سان ڪو به فرق ناهي پيو ته دادلي درياهه تي حڪومت ڪير ٿو ڪري! سنڌوءَ جو ٻيو وڏو تعلق فطرت سان به جڙيل رهيو آهي، جنهن ۾ ٻيلا، جهنگ، ۽ ٻوٽا وغيره اچي وڃن ٿا جيڪي سنڌوءَ مان جنم وٺي پروان چڙهن ٿا. اهي سنڌو جي ڪپ تي آباد آهن. پر ڪيئي فطرت جا دشمن انهن جي وڍ ڪري سنڌوءَ کي ڪاوڙ ڏيارين ٿا جنهن ڪري سنڌو تباهي مچائي ٿو ۽ پوءِ سنڌ ۾ ٻوڏ جي صورتحال کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

درياءَ ڪئي دانهن، ٽِسي وَڍِ وٽن ۾،
”ڪپَر منهنجو ڪنڌ آ، ٻيلو منهنجي ٻانهن.“
ڪلها جنهن جا ڪانهن، آسڻ پنهنجا ان تي. (60)

سنڌ هميشه درياهه بادشاهه جي موج ڪري ٻوڏون سَٺيون آهن، سنڌ کي ڪيئي ٻوڏن لوڙهيو ۽ پوءِ ٻوڙيو به آهي، اها ڪا به سنڌ جي رهواسين لاءِ نئين ڳالهه نه آهي. ٻوڏن جا ٻيا به ڪيئي نقصان سامهون ايندا آهن. جڏهن درياهه بادشاهه پنهنجي موج ۽ مستي ۾ اچي ٿو ته اهو پوءِ ڪنهن نسل يا ڪنهن به قوم کي ناهي ڏسندو. جيئن:

ٻوڏون ٿينديون ٻيٽيون، ٽيٽيون،
روز سنڌوءَ ۾ پونديون ڙُرٽيون. (61)

کهڙو اهو بند! کهڙو اهو پڇرو! کهڙي اهڙي روڪ! کهڙي اها رٿا آهي جيڪا سنڌوءَ جي رواني کي چئلينج ڪري سگهي.. هو صدين کان بي چيو رهيو آهي. ۽ صدين کان ئي دادلو به! ان اڳيان سڀ شيون حقير آهن. هو بادشاهه آهي، هُن کي ڪنهن جي به پرواهه ناهي هوندي. تنهن ڪري ئي ته اهو رُوٺيبون هٺي ٿو، پنهنجا رستا پاڻ ناهي ٿو. ۽ پوءِ تباهيءَ جو سبب بڻجي ٿو.

ڪٿي ڪٿي درياهه پنهنجي ماروئڙن کي مايوس ڪري ڇڏيندو آهي! هو سال جا ڪجهه مهينا جڏهن پنهنجو وهڪرو بند ڪندو آهي ته ماروئڙن جون دليون اداس ٿي وڃن ٿيون. تڏهن ڪنهن ڏکاري جي دل مان هيءَ دانهن نڪري ٿي:

ٿري ڪاغذ جي ٻيڙي دير تائين،
نديءَ ۾ ايترو پاڻي به ناهي! (62)

سنڌو ندي پنهنجي اڄ تائين جي وجود سان گهٽا ئي پيرا ائين خالي خالي رهي آهي. جنهن ۾ رڳو واري ئي واري اڏرندي ڏٺي ويندي آهي. پر هي ڪيڏو نه درد ڀريو شعر آهي! هڪ پاسي ته ندي هميشه ئي پُر رهي ٿي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ان جي پنهنجي وجود ڪري تباهيون ٿين ٿيون، پر ٻئي پاسي وري ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ پاڻيءَ ڏُک به ڪونهي. ان جو اهڙو حال ڏسي ڪا نه ڪا دانهن ائين ئي دل مان نڪري ٿي.

## حوالا:


1: بلوچ، نبي بخش، خان، ڊاڪٽر "هڪ جلدي: سنڌي لغت"، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، 2017ع، ص: 391

2: https://en.wikipedia.org

3: https://www.dictionary.com

4: بيگ، قليچ، مرزا ”سنڌ جي تاريخ“، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2019ع، ص: 1

5: چانڊيو، جامي ”سنڌ ڪيس“، سي پي سي ايس، 2009ع، ص: 6

6: آڏواڻي، مهرچند، ڀيرو مل ”قديم سنڌ ”سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع، ص: 43

7: آڏواڻي، مهرچند، ڀيرو مل ”قديم سنڌ ”سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع، ص: 07

8: آڏواڻي، مهرچند، ڀيرو مل ”قديم سنڌ ”سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع، ص: 99

9: چانڊيو، جامي ”سنڌ ڪيس“، سي پي سي ايس، 2009ع، ص: 6

10: پنهور، محمد، عطا (ترجمو) ”قديم سنڌ جي تجارتي تاريخ“، روشني پبليڪيشن ڪنڊياور، 2004ع، ص: 11

11: پنهور، محمد، عطا (ترجمو) ”قديم سنڌ جي تجارتي تاريخ“، روشني پبليڪيشن ڪنڊياور، 2004ع، ص: 13

12: ٺڪر هيرو ، ”قاضي قادن جو ڪلام ”روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1996ع، ص: 90

13: ٺڪر هيرو ، ”قاضي قادن جو ڪلام ”روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1996ع، ص: 98

14: ميمڻ، سنڌي، عبدالمجيد، ڊاڪٽر ”شاهه ڪريم جو ڪلام ”روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 150

15: ميمڻ، سنڌي، عبدالمجيد، ڊاڪٽر ”شاهه ڪريم جو ڪلام ”روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 194

16: سميجو، سعيد ”ميين شاهه عنات رضويءَ جو چونڊ ڪلام ”حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 7

17: سميجو، سعيد ”ميين شاهه عنات رضويءَ جو چونڊ ڪلام“، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 102

18: قليچ، بيگ، مرزا ”شاهه جو رسالو ”سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، 2007ع، ص: 111

19: قليچ، بيگ، مرزا "شاهه جو رسالو "سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، 2007ع، ص: 118

20: انصاري، علي، عثمان (مرتب) "سچل سرمست جو رسالو (سنڌي ڪلام)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1997ع، ص: 85

21: انصاري، علي، عثمان (مرتب) "سچل سرمست جو رسالو (سنڌي ڪلام)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1997ع، ص: 88

22: انصاري، علي، عثمان (مرتب) "سچل سرمست جو رسالو (سنڌي ڪلام)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1997ع، ص: 89

23: سميجو، اسحاق، "دل جو رستو "روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2003ع، ص: 25

24: سومرو، ادل "سمنڊ جاڳي ٿو"، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2016ع ، ص: 39

25: بيوس، تاجل "سنڌ منهنجي امان"، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 50

26: منشي، ابراهيم، "گوندر ويندا گذري "روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 175

27: شيخ، اياز، ڪي جي ٻيجل ٻوليو "روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2008ع، صفحو: 142

28: دوست علي، عاجز، "سائرَ جو سوداءُ"،سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع، ص: 23

29: دوست علي، عاجز، "سائرَ جو سوداءُ"،سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع، ص: 24

30: منشي، ابراهيم، "گوندر ويندا گذري "روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 176

31: عاجز، علي، دوست "رنگ رتو آڪاس"، سارنگار ادبي ۽ ثقافتي سوسائٽي، 2009ع، ص: 67

32: گدائي، عبدالڪريم، "لاٽ ٻرندي رهي"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 297

33: منشي ابراهيم، "ڌرتي دين ڌرم"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص: 76

34: عاجز، علي، دوست "رنگ رتو آڪاس"، سارنگار ادبي ۽ ثقافتي سوسائٽي، 2009ع، ص: 67

35: شيخ، اياز، "ڪي جو ٻيجل ٻوليو"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2008ع، ص: 156

36: باغي، بخشل، "سنڌو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 29
37: دوست علي، عاجز، "سائرَ جو سوداءُ"،سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع، ص: 24
38: سراج، سيد "شفقت رتي شام "پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور، 2014ع، ص: 15
39: بيوس، تاجل، "سنڌ منهنجي امان"، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 51
40: بيوس، تاجل، "سنڌ منهنجي امان"، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 88
41: منشي ابراهيم، "ڌرتي دين ڌرم"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص: 23
42: منشي ابراهيم، "ڌرتي دين ڌرم"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص: 27
43: منشي ابراهيم، "ڌرتي دين ڌرم"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص: 76
44: سراج، سيد "شفقت رتي شام "پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور، 2014ع، ص: 15
45: باغي، بخشل، "سنڌو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 45
46: باغي، بخشل، "سنڌو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 50
47: باغي، بخشل، "سنڌو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 61
48: باغي، بخشل، "سنڌو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 61
49: باغي، بخشل، "سنڌو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 62
50: باغي، بخشل، "سنڌو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 62
51: منشي، ابراهيم، "ڌرتي دين ڌرم "روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ، 2017ع، ص: 23
52: باغي، بخشل، "سنڌو ديسُ مهانُ"، سپ پبليڪيشن، نواب شاهه، 2011ع، صفحو: 97
53: عاجز، دوست، علي "سائر جو سوداءَ"،سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع، ص: 16
54: عاجز، دوست، علي "سائر جو سوداءَ"،سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع، ص: 29
55: باغي، بخشل، "سنڌو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 61
56: منشي ابراهيم، "ڌرتي دين ڌرم"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص: 24
57: حيدري، شمشير، "لاٽ"، نئون نياپو اڪيڊمي، 2012ع، ص: 27
58: گهراڻو، خادم "سمنڊ ڪنارو"، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2016ع ، ص: 24
59: بيوس، تاجل، "سنڌ منهنجي امان"، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 51

60: بيوس، تاجل، "سنڌ منهنجي امان"، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 52
61: بيوس، تاجل، "سنڌ منهنجي امان"، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 142
62: بيوس، تاجل، "سنڌ منهنجي امان"، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 145

باب پنجون

# نتيجا ۽ ببليوگرافي

## نتيجا (Conclusions)

تحقيق جا نتيجا تحقيق جي علمي ۽ تجزياتي ڇنڊڇاڻ مان حاصل ڪيا ويندا آهن. هن تحقيق مان جيڪي نتيجا حاصل ٿيا آهن. انهن جو تفصيل مقالي ۾ موجود آهي، جن مان هتي چند پيش ڪجن ٿا.

❖ هن سڄيءَ ڪائنات ۾ جيڪو به وايو منڊل آهي اهو اسان جو ماحول آهي. جنهن ۾ فطرت جون ڪيئي حسناڪيون ۽ رينگنيون شامل آهن. جن کي شاعرن پنهنجي انداز سان پيش ڪيو آهي. خاص طور سنڌي شاعرن

❖ عنصر جيڪي هڪڙي عام فرد لاءِ ڪا حيثيت نه ٿا رکن، سي شاعرن ان مان اتساهه حاصل ڪن ٿا.

❖ مطالعي مان اهو به معلوم ٿي سگهيو آهي ماحول انساني جيوت سان گڏ ٻين ساهه وارن جي لاءِ جيئڻ جو ذريعو هوندو آهي، جنهن ۾ هو ساهه کڻن ٿا، کائن ٿا، پيئن ٿا ۽ رهن ٿا. تنهن ڪري شاعر ان جي حسن جي بيان سان گڏ ان تحفظ کي به تخيلقي صورت ڏين ٿا.

❖ فطرت ۽ ماحول جي بچاءَ لاءِ نه رڳو ادارن پرلوڪ، ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعرن به پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪيو آهي.

❖ مطالعي مان اها پڻ معلومات حاصل ٿي آهي. اڪثر شاعرن جي شاعريءَ ۾ فطرت ۽ ماحول جي ضرور ذڪر هيٺ اچن ٿا ڪجهه شاعرن کي ٻوٽن سان، وڻن سان، بادلن سان، ڪڪرن سان، آبشارن، گلن سان، سمنڊن سان، دريائن ۽ ڍنڍن سان، پهاڙن سان، ڪي وري صحرائن سان پيار ڪندي نظر ايندا آهن.

❖ ڪلاسيڪل سنڌي شاعرن کان وٺندي جديد سنڌي شاعرن جي تائين جي شاعريءَ ۾ فطرت ۽ ماحول لاءِ لکيل شاعريءَ ۾ فطرت جا ڀرپور رنگ سمايل آهن. جيئن پکي پکڻ، ڳُڙکيٽن، آسمان، بادلن، ڪڪرن، برسات، ماڪ ڦُڙن، ٻَنن تي ڪرندڙ قطرن، ڪنوڻ، گجگوڙ، پکين جي ڪنبڻ، آسمان، چنڊ ۽ چانڊوڪي، گُلن ۽ ٻوٽن، ٻئنرن ۽ باغن، ڪنول جي گلن، ڦولهاريل سرنهن، باک، پرهه، سرمئي سانجهه جو ذڪر ملي ٿو. جنهن منجهان اهو ثابت ٿئي ٿو اهو فطرت ۽ ماحول سان گهري نموني ڳنڍيل آهن.

❖ فطرت ۽ ماحول کي خوبصورت بنائيندڙ ناياب جانورن ۽ ناياب پکين بابت به مور، ڪونج، آڙي، ڪانگ، باز، تلور سان گڏ هرڻ ۽ مارخور جهڙن ناياب جانورن جي شڪار تي مذمت جوڳا شعر موجود آهن.

❖ منهنجي هن مقالي اندر فطرت ۽ ماحول کي جٖلا بخشيندڙ وڻن ۽ ٻيلن جي واڍ خلاف شاعرن جو رويو ۽ احتجاج جو پڻ تنقيدي جائزو پيش ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ هر فطرتي طور تي اپرندڙ ٻيلن، وڻن، ٻوٽن ۽ گلن جي واڍ خلاف سراپا احتجاج ڪندي نظر ٿا اچن.

❖ منهنجي هن مقالي اندر سنڌ جي فطرت ۽ ماحول لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندڙ ”سنڌو درياهه “جي لاءِ رچيل شاعريءَ جو پڻ تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس پيش ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ سنڌو درياهه جي عظمت، تاريخ، قدامت، زرخيزي، خشڪسالي ۽ ان جي تباهيءَ جو به تذڪرو آهي. سنڌو درياهه تي نه رڳو عروضي شاعري بلڪه ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ به ان جي اهميت يا عظمت جو عڪس نظر اچي ٿو.

❖ مشاهدي مان اها ڄاڻ پڻ حاصل ٿي ته سنڌي شاعرن وٽ سنڌو نديءَ جي عظمت دنيا جي ٻين ڪيترين ئي وڏين ندين کان وڌيڪ اهم آهي. ڇاڪاڻ ته انهن وٽ سنڌو درياهه نه رڳو هڪ درياهه بلڪه اهو انهن جي لاءِ ماتا جهڙو رتبو رکي ٿو. جنهن سان هو اوترو ئي پيار ڪن ٿا.

❖ هن مقالي اندر ان ڳالهه تي به روشني وڌي وئي آهي ته ڪيئن سنڌو درياهه کي هٿرادو نموني تباهه ڪيو وڃي ٿو. ان جي حسن ۽ سونهن سان ڪيئن هٿ چراند ڪئي وڃي ٿي. سنڌو درياهه جي پاڻي جي روڪ سان گڏ ان جي رخ تبديل ڪرڻ سان گڏ ان ۾ گند ڪچرو اڇلائڻ ٿائين

شامل آهي. غير ضروري مادا سنڌو جهڙي پاڪ درياهه ۾ ڇوڙ ڪري ان ۾ رهندڙ جيوت کي تباهه ڪري رهيا آهن.

## ببلوگرافي


1: آزاد خالد، جروار محمد خان (مرتب)، "دفتري لغت "، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع

2: آڏواڻي، مهرچند، ڀيرو مل "قديم سنڌ "سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع

3: انصاري، علي، عثمان (مرتب) "سچل سرمست جو رسالو (سنڌي ڪلام)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1997ع

4: بلوچ، بخش، نبي، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام (جلد پهريون)، اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ، ڪراچي، 2017ع

5: بيگ،قليچ، مرزا "شاهه جو رسالو "سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، 2007ع

6: بلوچ، بخش، نبي، ڊاڪٽر، "هڪ جُلدي سنڌي لغت"، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار اِدارو، حيدرآباد، 2017ع

7: بيگ مرزا قليچ، ”عالمِ نباتات“، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2018ع

8: بيگ قليچ مرزا، ”عالم آبي“، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2013ع

9: بلوچ، بخش، نبي بلوچ ڊاڪٽر، ”ميين شاهه عنات جو ڪلام (تحقيق ۽ تصحيح)“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع

10: بيگ، قليچ، مرزا ”سنڌ جي تاريخ“، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2019ع

11: بلوچ، بخش، نبي، ڊاڪٽر، ”شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام (جلد پهريون)، اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ، ڪراچي، 2017ع

12: بخاري، استاد، ”گيت اسان جا جيت اسان جي“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع

13: بيوس، تاجل ”سنڌ منهنجي امان“، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع

14: باغي، بخشل، ”سنڌو ديسُ مهانُ ”سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع

15: پنہرو، محمد، عطا (ترجمو) ”قديم سنڌ جي تجارتي تاريخ“، روشني پبليڪيشن ڪنڊياور، 2004ع

16: ٺڪر هيرو ، ”قاضي قادن جو ڪلام ”روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1996ع

17: جتوئي، اصغر ”پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾“، سچائي اشاعت گهر دڙو، 2017ع

18: چانڊيو، جامي ”سنڌ ڪيس“، سي پي سي ايس، 2009ع

19: حيدري، شمشير، ”لاٽ“، نئون نياپو اڪيڊمي، 2012ع

20: رياضت ٻرڙو (مرتب) ”ڌات ڌيئا ٻاريا“، ڌاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 2010ع

21: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع

22: سميجو اسحاق ڊاڪٽر، "دل جو رستو (رومانوي غزل)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2003ع

23: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، "مور نگر تي مينهن"، روشني پبليڪيشن ڪنڊياور، 2020ع

24: سنڌي، عبدالمجيد، سنڌي، "شاهه ڪريم جو ڪلام"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع

25: سيف سرور، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جو تاريخي تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو "، مهراڻ سائنس پبليڪيشن، ڪراچي

26: سولنگي حبدار، "خواب ٿا ڪولن اکيون"، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2015ع

27: سومرو، ادل، "وساري نه ڇڏجو"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2004ع

28: سميجو، سعيد "ميين شاهه عنات رضويءَ جو چونڊ ڪلام "حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع

29: سومرو، ادل "سمنڊ جاڳي ٿو"، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2016ع

30: سراج، سيد "شفقت رتي شام "پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور، 2014ع

31: شيخ، اياز "آڪن نيرا ڦُليا"، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1988ع

32: شيخ، اياز "پن ڇڻ پڇاڙان"، ڊجيٽل پبلشر، سنڌي ادبي شاخ سکر، 1993ع

33: شاهاڻي راز، "ڪلاسيڪي شاعري (فلسفو ۽ تاريخ)"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2019ع

34: شاهه سيد ضياء عباس، "ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو"، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع

35: شيام نارايڻ (مڪمل غزل)، سهيڙيندڙ: مصطفيٰ نانگراج، ”راهون پنڌ پيون “ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1998ع

36: شاهي، ناٿن، آٿم ”ڇا ڇيس آئيني“، رم جهم پبليڪيشن، دادو، 2006ع

37: شيام نارايڻ، ”ذات ۽ حيات“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1997ع

38: شاهي، ناٿن، وفا، ”اوجاڳن جو انت“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2006ع

39: شيخ، اياز، ڪي جي ٻيجل ٻوليو ”روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2008ع

40: عاجز، علي، دوست، ”سائر جو سوداءُ“، سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع

41: عاجز، علي، دوست ”رنگ رتو آڪاس“، سارنگار ادبي ۽ ثقافتي سوسائٽي، 2009ع

42: ڦل، مشتاق ”دل ته ڇوي ٿي“، سنڌيڪا اڪيڊمي ، 2010ع

43: قاضي، انجم، ”ڳوڙهو ڳوڙهو سوڳ ۾“، مُرڪ پبليڪيشن شهداد ڪوٽ، 2018ع

44: گدائي، عبدالڪريم، ”لاٽ ٻرندي رهي“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع

45: گهراڻو، خادم ”سمنڊ ڪنارو“، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2016ع

46: لطيف فياض ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2020ع

47:لغاري، اڪبر، ”سنڌي ادب جو مختصر جائزو“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2010ع

48: لغاري، فقير، الله بچايو، ”دادلو درياهه “انٽرنيٽ ايڊيشن، عباس ڪوريجو ويب سائيٽ، 2016ع

49: محبوب، ارم (سهيڙيندڙ) ”حسن درس جو رسالو“، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي ، 2017ع

50: ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جو فڪري پس منظر“، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، 2017ع

51: ميمڻ، سنڌي، عبدالمجيد، ڊاڪٽر ”شاهه ڪريم جو ڪلام ”روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع

52: مهراڻي، شير، ڊاڪٽر، ”شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات“، ثقافت کاتو، حڪومتِ، سنڌ، ڪراچي، 2013ع

53: منشي، ابراهيم، ”گوندر ويندا گذري ”روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع

54: منشي ابراهيم، ”ڌرتي دين ڌرم“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع

55: نظاماڻي رئوف، ”ماحوليات: ڌرتي ۽ انسان جو آئيندو“، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2022ع

English Books:

Oxford English Sindhi Dictionary, Oxford University Press, 2010.

اردو کتابیات:

1: شمس الحق، محمد، ”ماحولیات“، قومي کونسل برائي فروغِ اردو زبان، وزارتِ ترقي انساني وسائل، حکومتِ هند، 2022ع

2: قاسمي عادل امام اختر، مولانا، ”ماحولیاتي آلودگي- احکام اور مسائل“،

مهتم جامعه رباني منور شريف، بهار، 2016ع

رسالا ۽ مخزن:

1: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، مقالو : ”جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسند فڪر جي آميزس“، ڪينجهر تحقيقي جرنل، شمارو –17، 2014ع، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سنڌ.
2: حسين، فهميده، ڊاڪٽر ”شاهه عبدالطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري“، سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، شمارو ٻيو، اپريل -جون 2013ع

Websites:

1: https://en.wikipedia.org
2: https://www.dictionary.com

**باب پهريون**

## تحقيق جوطريقيڪار

موضوع جو تعارف:

فطرت ”فَطَرَ “لفظ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”اندران ڦٽي پوڻ يا جنهن پيدا ڪيو“. پيدا ڪرڻ واري کي ’فاطر ‘چوندا آهن. اهي شيون جيڪي فطري طور پيدا ڪيون ويون آهن. فطرت جو انگريزيءَ ۾ متبادل لفظ Nature آهي، جيڪو رومي زبان جي لفظ ’نيچرا ‘مان ورتو ويو آهي. نيچرا يوناني لفظ ’فائيسس ‘ جو ترجمو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ’پيدائش‘.

فطرت قدرتي طور تي وجود ۾ آيل ڪائنات کي چئجي ٿو، جنهن جي سرشتي کي سمجهڻ لاءِ انسان ابتدا کان وٺي ڪوششن ۾ آهي. جيئن سج، چنڊ، تارا ۽ سياره وغيره. جن مان انسان توانائي حاصل ڪري ٿو يا لطف اندوز ٿي سگهي ٿو، پر انهن کي پنهنجي طاقت ۽ خواهش مطابق ڦيري گيري نه ٿو سگهي. ڇوته فطرت کي ٺاهڻ ۾ انسان جو ڪو به هٿ نه آهي. فطرت انسان جي آس پاس جي دنيا ۾ موجود انهن قدرتي منظرن کي چئجي ٿو ، جيڪي انسان جي پيدا ٿيڻ کان اڳ موجود هئا.

قدرتي منظر، ماڳ، پاڻي، وڻ، ٻوٽا، جبل، ڍنڍون ڍورا، درياهه ۽ سمنڊ وغيره خود ماڻهوءَ جو پنهنجو وجود به فطرت جو هڪ مظهر ئي آهي. يعني ته اهي سڀ منظر ۽ وجود جيڪي انساني ڪوششن جو نتيجو نه هجن بلڪه قدرت جا جوڙيل هجن، سي فطرت جو حصو هوندا آهن. رومانوي شاعر ۽ اديب اڪثر ڪري فطرت جي مظهرن کان اتساهه وٺي لکندا آهن. ادب ۽ فن ۾ فطرت يا قدرتي ماحول جو تفصيل، فطرت جي مظهرن جي عڪاسي ڪندا آهن. انگريزي شاعريءَ ۾ وليم ورڊس ورٿ فطري منظرن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو. سنڌيءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ شيخ اياز قدرتي منظرن جا بهترين عڪاس شاعر سمجهيا وڃن ٿا.

فطرت جو اعليٰ ڪردار اسان کي ڪلاسيڪل شاعرن وٽ ملي ٿو. فطرت انسان جون اهي مجموعي وصفون آهن، جيڪي انسانيت جو گڏيل اثاثو آهن. خلقلهار انهيءَ داخلي احساسن، جذبن ۽ محرڪن کي انسان جي شخصيت ۾ پيدائشي طور تي سمائي ڇڏيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن خارج مان ڪا اهڙي ڳالهه، خيال يا فلسفو اڀري ٿو، جيڪو انساني فطرت سان ٺهڪندڙ هجي، ته انسان جي طبيعت ان کي جلد ئي قبول ڪري وٺي ٿي.

شاعريءَ ۾ فطرت جو مقصد آهي، شاعريءَ ۾ فطرت جي عڪاسي، ان جي مختلف مظهرن جي پيشڪش ۽ خاص طور هڪ تخليقي فن پاري اندر قدرتي ماحول ۽ ڪائنات جو جيئرو جاڳندو وجود. شاعر پنهنجي آس پاس جي ماحول ۽ قدرتي منظرن منجهان ڪي نظارا ڪڍي، انهن جي شاعريءَ اندر عڪاسي ڪري، انهن ڪي حسنُ ۽ زندگي بخشي ٿو. آسماني نظارا (يعني سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، ڪڪر، ڪنوڻون، جهڙ ڦڙ) توڙي زمين تي نظر ايندڙ منظر (وڻ، ٽڻ، ٻوٽا، جبل، سمنڊ، درياهه، نديون، جانور، ڊنڊون، پکي، پکڻ، جيت جٿيا) سڀ شاعريءَ ۾ فطرت جا عڪاس ٿينداآهن. شاعريءَ لاءِ فطرت بنيادي ايڪو ۽ اتساهه جو ذريعو رهندي آئي آهي، ۽ دنيا جي مختلف ٻولين جي شاعرن وانگر، سنڌي شاعرن پڻ فطرت جي انهن معجزاتي پهلوئن کي وڏي حسن ۽ ڪاريگريءَ سان پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. خاص ڪري ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ اهو واضح ڏسي سگهجي ٿو. جيئن:

آڄُ رسيلا رنگَ، بادل ڪڍيا ٻُرج سِين،
سازَ، سارنگيُون، سُرندڙا، ٻَجايَئين ٻُرچَنگَ،
صراحيون سارنگ، پلٽيُون راتِ پَدامَ تي. (1)

آسمان تي ڪڪر عمارتن جيان چوٽين مٿان سهڻا ۽ چٽا رنگ چٽيا آهن. ڪَڪرن ۾ اهڙي طرح گجگوڙ پئي ٿئي، جيئن سڀئي ساز زور سان وڄي رهيا هجن ۽ سارنگ جي مُند وسي صحرا کي سيراب ڪري ڇڏيو هجي. هتي فطرت جي دلفريب عڪاسي آهي. شاعر وٽ فطرت جا سڀئي رنگ ۽ حسين منظر موجود آهن. فطرت جا پرُڪيف نظارا پنهنجي حسن سان انساني اک ۽ دل کي محظوظ ڪن ٿا، ماحولياتي آلودگيءَ جي ڪري فطرت جا اهي خوبصورت منظر ڏينهون ڏينهن ڌندلائجندا پيا وڃن، ۽ انهن جي ختم ٿيڻ سان انساني احساسن ۽ خاص طور

شاعريءَ ۾ آيل موضوعاتي تبديلي ئي اسان جي مقالي جو بنيادي موضوع آهي. اسان سڀني کي معلوم آهي ته شاعري انساني زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿي، ۽ ان جي فڪر جي اظهار جو مک ذريعو رهي آهي، پر شاعريءَ رڳو ايترو ناهي ڪيو، بلڪه شاعريءَ انسان کي فطرت ۽ ماحول جي ٿيندڙ تباهيءَ کي روڪڻ لاءِ پڻ سجاڳ ڪيو آهي. ناياب وڻن، ٻوٽن، پکين ۽ جانورن جي ٿيندڙ نسل ڪشيءَ تي نوحا لکيا آهن.

شاعرن جو جانورن ۽ پکين سان پيار انهن جي طبعيت يا مزاج تي انحصار ڪندو آهي. اسان وٽ سنڌ ۾ اهڙا ڪيترا ئي شاعر آهن، جن پنهنجي شاعريءَ وسيلي جانورن ۽ پکين جي بچاءَ جي باري ۾ ڳالهايو ۽ احتجاج ڪيو آهي. اها رڳو اڄ جي دور جي ڳالهه نه آهي بلڪه جانورن ۽ پکين بابت گفتگوءَ جي روايت اسان کي ڪلاسيڪل شاعرن وٽ به نظر اچي ٿي. ايتري قدر شاهه عبداللطيف وٽ ته هڪڙو "سُر ڪارايل (مور يا هنج) "جي نالي سان موجود آهي . جديد شاعرن ۾ شيخ اياز جي ان ڏس ۾ سڀ کان وڌيڪ اهميت آهي.

هرڻي ڏيئي سير، تو جا ڪاتيءَ سان ڪُٺي،
دارا جي تقدير، اڀري آئي مون اڳيان. (2)

*

اي مينهن مرڻ ايندا،
تون تار ترائي ڪر،
هر رات هرڻ ايندا. (3)

هرڻي هڪ نفيس ۽ نماڻو جانور آهي ان جو شڪار يعني فطرت جي حسن جو شڪار آهي. اياز هرڻيءَ جي ڪُسڻ جو اظهار ڪري ٿو، اهڙيءَ ريت جڏهن ٿر ۾ برساتون پون ٿيون ته ننڍا ننڍا ڏورا پرجي ايندا آهن، جن تي رات جي وقت هرڻ پاڻي پيئڻ لاءِ نڪري ايندا آهن ۽ شڪاري انهن جو آسانيءَ سان شڪار ڪندا آهن، اياز وٽ هرڻ جي مارڻ جو جيڪو درد آهي سو هڪ شاعر ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. ائين ئي اسان ڪي حبدار سولنگي وٽ هڪ ننڍي جيوت جي باري ۾ فڪرمندي ملي ٿي، هو لکي ٿو:

پير آيو ڪِول مٿان منهنجو،
هڪڙو ننڍڙو گناهه ٿيو مون کان،
رات پر جسم تي گهميون ڪِوليون.(4)

شاعر وٽ رڳو ڪِول جي مرڻ جي ڳالهه ڪونهي بلڪه هڪ قتل جي ڳالهه آهي. ائين ئي پکين جي ڦاسڻ جي ڳالهه نارايڻ شيام لکي ٿو:

اڏامندي ته پکي ڪو نه ڄار ۾ ڦاٿو،
سميٽي پر ڪٿي وينو تڏهن ئي پيدُ
پيس.((5)

پکين کي پلا ڪهڙي ڪَل ته سندن انتظار ۾ ڪو شڪاري ڄار وڇائي ويٺو آهي. پکي ته اڏامندي به شڪار ڪيا وڃن ٿا. پر پکين جي شڪار کان پکين جي آزادي انهن جي اڏام ۾ آهي. اهڙيءَ طرح ”سنڌوءَ ”جو به وڏو تعلق فطرت سان جڙيل رهيو آهي جنهن ۾ ٻيلا، جهنگ ۽ ٻوٽا وغيره اچي وڃن ٿا جيڪي سنڌوءَ جي پاڻيءَ مان زندگي حاصل ڪن. تاجل بيوس لکي ٿو:

درياءَ ڪئي دانهن، ٻَسي وَڍي وٽن ۾،
ڪَپر منهنجو ڪنڌ آ، ٻيلو منهنجي ٻانهن،

ڪُلها جنهن جا ڪانهن آسڻ پنهنجا ان
تي. (6)

درياهه اسان جي آٿت، سهارو ۽ اميد هوندا آهن، جي انهن جي ڪپ تي موجود ٻيلن يا گهاٽن وڻن جي واڌ ڪبي ته هو ضرور دانهيندو، ۽ ان جو ذميوار انسان پاڻ ئي آهي، چاڪاڻ جو ان سان ٻيو خطرو ٻوڏ جو به ٿيندو آهي. اهي وڻ يا ٻيلا ئي آهن، جيڪي ٻوڏ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هميشه ٿنڀن جيان ڪردار ادا ڪندا آهن.

هن مقالي ۾ ماحول ۽ فطرت جي وصف، شاعريءَ ۽ فطرت جي تعلق ڪانسواءِ، قديم کان جديد دور تائين سنڌي شاعريءَ ۾ فطرت نگاريءَ تي سرسري نظر وڌي وئي آهي.

ان کان پوءِ سنڌي شاعريءَ تي ماحولياتي تبديلين جي اثرن تي به نظر وڌي وئي آهي. ڇو ته سموري دنيا ۾ ماحولياتي گدلاڻ، انساني فڪر ۽ سرگرمين تي اثر وڌا آهن. عالمي ادارا، تنظيمون ۽ ماحول دوست تخليقڪار فطرت جي تباهيءَ خلاف عالمگير تحريڪون هلائي رهيا آهن. جن جا اثر دنيا جهانَ جي ادب وانگر سنڌي شاعريءَ تي پڻ پيا آهن. اسان وٽ خاص طور، ٻيلن ۽ وڻن جي واڍي، ناياب جانورن جي شڪار ۽ خاص طور سنڌو درياهه تي بندن ٻڌجڻ خلاف سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ زبردست تحريڪ هلندي آئي آهي. موجوده زماني ۾ خود ڪارونجهر جي بچاءَ لاءِ هلندڙ تحريڪ پڻ فطرت جي بچاءَ جي تحريڪ آهي. جنهن تي تمام گهڻي شاعري موجود آهي. هن تحقيقي مقالي ۾ سواءِ ڪارونجهر واري موضوع تي ٿيل شاعريءَ جي باقي سمورن موضوعن کي مقالي ۾ شامل ڪري، انهن جو تحقيقي جائزو ورتو ويو آهي ۽ نتيجا ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

## سنڌي ٻوليءَ جون فطري خُوبيون:

ٻولي اهو وسيلو آهي، جنهن سان جانور/پکي 'ٻوليندا 'آهن ۽ انسان 'ڳالهائيندا 'آهن. ٻولڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ بنيادي فرق 'شعور 'جو آهي. جانور/پکي غيرشعوري طور جبلتاً ٻوليندا آهن، جڏهن ته اها ساڳي جبلت ارتقائي عمل مان گذري، آوازن جي ٻولن مان لفظن ۽ جملن جي صورت وٺي شعوري سطح تي انسان جي اظهار جو وسيلو بڻي ۽ انسان جي سڃاڻپ بڻجي وئي. عربيءَ ۾ ته انسان کي 'حيوان ناطق 'يعني 'ڳالهائيندڙ جانور 'چيو ويو آهي، ۽ هاڻي ٻوليءَ کان سواءِ ڪنهن به انساني سماج جو تصور ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي.

ٻولي پاڻمرادو/ ازخود اختيار ڪيل تنظيم رکي ٿي. اها ڪنهن به گرامر جي اصولن کي سامهون رکي جوڙيل ڪانه هوندي آهي، بلڪ گرامر ٻوليءَ جي فطري جوڙجڪ جو اڀياس ڪري ٺاهيا ويندا آهن. انهيءَ جو مطلب اهيو ٿيو ته گرامر ٻوليءَ جي بنيادي ڍانچي (structure) يا بناوٽ (frame work) جو علم آهي. ڪنهن به ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ انهيءَ جي بنيادي بناوٽ (frame work) کي سمجهڻ ضروري آهي، ڇو ته هر هڪ ٻوليءَ جي پنهنجي پنهنجي مخصوص بناوٽ آهي، جيڪا ڳالهه هڪ ٻوليءَ ۾ هوندي، سا ضروري ناهي ته ٻيءَ ۾ به هجي. ان ڪري هر ٻوليءَ جون پنهنجون اصلوڪيون/فطري خوبيون ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهن. اهوئي سبب آهي، جو ڪنهن هڪ ٻوليءَ لاءِ ٺاهيل گرامر کي ٻيءَ سان لاڳو ڪرڻ مناسب ڪونهي.

ان کان علاوه ٻوليءَ کي ان ڪري به فطري خوبين رکڻ جو اعزاز آهي ته ان ۾ جيڪي به پکي پکڻ ٻولن ٿا يا پوءِ جيڪي به جانورن جي ٻولي سمجهن ٿا، اهي ان ٻوليءَ جو ئي اعزاز سمجهيو ويندو آهي.

## ماحول:

ماحول جي لغوي معنيٰ آهي "آس پاس يا اردگرد. "يعني اهي شيون جيڪي اسان جي آس پاس موجود هجن يا پوءِ اردگرد هجن، مجموعي طور تي زمين، فضا، حرڪت ۽ پاڻيءَ ڪي يا ٻين زمين تي موجود انهن سڀني شين ڪي ماحول چيو ويندو آهي. اسان جي اردگرد جيڪي شيون موجود آهن انهن ۾ فطرت، ٻوٽا ۽ جانور وغيره به شامل آهن. جيڪي گڏجي اسان جي ماحول ڪي ترتيب ڏين ٿا.

ماحول جي لفظي معنيٰ ڪندي سنڌي لغت جلد پهرينءَ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو: "ماحَولُ: ذ (ع) آسپاس – چوڌاري – وايو منڊل – جيڪي وهي واپري پيو. "(7)

اردگرد جو مطلب هوندو آهي، ته اسان جي وايو منڊل ۾ جيڪو ڪجهه به موجود آهي سو ماحول آهي. اسان جي ماحول ۾ جن جن شين جو وڏو ڪردار آهي يا ان جي واڌ ويجهه ۾ ڪردار ادا ڪن ٿا، ماحول نه رڳو زمين تي موجود شين بابت آگاهي ڏئي ٿو بلڪه اهو اسان جي وايو منڊل يا ڪائنات جي فضا جو به ٻڌائيندو رهي ٿو. ماحول جي عڪاسي عام طور تي اسان ڪي نثر جي صورت ۾ گهٽي پڙهڻ لاءِ ملندي رهي آهي پر ان جو حسين اظهار اسان ڪي شاعريءَ ذريعي ٿئي ٿو، شاعري فطرت ۽ ماحول جو ڀرپور اظهار جو مرڪز رهي آهي. پر شاعريءَ رڳو ايترو ئي ناهي ڪيو، بلڪه شاعريءَ انسان ڪي انيڪ موضوعن ڪان متوجهه پڻ ڪرايو آهي. ساڳي ريت شاعريءَ اندر ادبي ماحول به آهي. فطرت نگاري بعد ادبي ماحول شاعريءَ جي هر شعر جي عڪاسي ڪري اسان ڪي محسوس ڪرائي ٿو ته آخر ان شعر اندر ڪهڙي منظر جي عڪاسي ۽ چٽسالي ڪئي وئي آهي. شعر جو مڪمل ماحول ۽ ان جي موضوع جو خاص حسن ئي

ان اندر ماحول جي ڇٽسالي آهي. ماحول جي وصف بيان ڪندي هڪ اردو ليکڪ محمد شمس الحق لکي ٿو: ”ماحول  مان مُراد آهي ”ارد گرد (ويجهو) جا حالات، ماحول ڪيترين ئي شين سان ملي ڪري ٺهندو آهي، جيئن روشني، حرڪت، مٽي ۽ پاڻي وغيره. “(8)

ماحول جنهن ۾ تمام حياتياتي، طبعياتي ۽ ڪيميائي عنصر شامل هوندا آهن. عام اصطلاح ۾ ماحول اسان جي آس پاس موجود شين سان ئي تعبير ڪيو ويندو آهي، پر حقيقت ۾ جيڪو ڪجهه به دنيا ۾ آهي، ان ڪي ماحول چيو ويندو آهي.  ماحول اندر وڻ ٽڻ، ٻوٽا، نباتات، حياتيات، حيوانات، موسمون، فضا، مٽي، پاڻي، واري، جاندار ۽ اهي سڀئي قدرتي يا فطرتي شيون جيڪي اسان جي آس پاس ملن ٿيون، اهي سڀ گڏجي ماحول ناهين ٿيون ۽ اهي ماحول جو حصو هونديون آهن. جيئن شيخ اياز سرنهن جي گُل جي ٽِڙڻ ۽ ان جي آس پاس جي ماحول کي هيئن بيان ڪري ٿو:

آءُ سرنهن گل ڪيا، مينهن پيا آءُ،
آءُ پرين آءُ. (9)

هن شعر ۾ جيڪو ماحول ڏيکاريو ويو آهي، سو بيحد خوبصورت نموني چٽيو ويو آهي. جنهن ۾ فطرت جي حسين ماحول کي کهڙيون شيون حسين بڻائي رهيون آهن انهيءَ جو ذڪر آهي،  سرنهن جو گل جڏهن ڦولارجي، نڪري ۽ پوري جوڀن سان جوان ٿيندو آهي، ته ان ۾ ڪو ان جو پنهنجو ڪمال ناهي هوندو، بلڪه اهو برسات جو ڪمال هوندو آهي. برسات جي ڪري ئي ان گُلَ جو نڪرڻ ٿي پوندو آهي. اڪيلي ڪو ان ۾ گل يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ جو ڪو ڪمال نه آهي، بلڪه ان سان موجود ٻين سڀني گڏيل شين جو ميلاپ به آهي.

## موضوع جي اهميت:

فطرت، ماحول ۽ حياتيات جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. اهو تعلق انسان جي لاءِ به ايترو ئي اهم آهي جيترو هن ڌرتيءَ تي رهندڙ ٻي حياتيات جي لاءِ آهي. لفظ حياتيات هڪ اصطلاح آهي، جيڪو فطرت ۽ انسان جي وچ ۾ خاص تعلق جو حامل به آهي. فطرت ڏانهن انسان جو رويو، ان جو طرز عمل، جديديت سان گڏ فطرت کان دوري ۽ هڪ ٻئي جي لاءِ هڪ وڏي ٻي حسي معلوم ٿئي ٿي. جنهن کان پوءِ انسان فطرت ۽ ماحوليات جي توازن بحرانن جو شڪار رهندو آيو آهي. دنيا جهڙيءَ ريت فطرت کان پري ٿي رهي آهي، سو هڪ الميو آهي. ماحوليات جي توازن کي برقرار رکڻ لاءِ بين القوامي سطح تي ڪوششون به ورتيون پيون وڃن، تنهن هوندي به اهو ڪافي نه آهي. اهو فطرت ۽ ماحوليات جو بحران ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي. هڪ ٻيو اهم پهلو اهو به آهي ته ان جو ذميوار به انسان پاڻ ئي آهي. جيڪو مصنوعي ماحولياتي سبب پيدا ڪري فطرت ۽ ماحول کي خراب ڪري رهيو آهي. نتيجي ۾ فطرت ۽ ماحول تباهيءَ جي منهن ۾ آهن. قدرتي آفتن، مصنوعي توانائين ۽ انسان جي عملن ان کي هڪ جيترو ئي تباهه ڪيو آهي. ان سموري صورتحال جا جديد سنڌي ادب ۽ خاص طور شاعريءَ تي به اثر پيا آهن جن تي ڪو به ذڪر جوڳو بحث موجود نه آهي.

تنهن ڪري هن مقالي ”فطرت ۽ ماحول جي بچاءَ ۾ رچيل شاعريءَ جي تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس ”ذريعي اسان اها معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته فطرت ۽ ان جي بچاءَ يا ماحوليات بابت شاعرن جو ڪهڙو ردِ عمل آهي يا انهن ان صورتحال کي ڪيئن ڏٺو آهي.

## تحقيق جو طريقڪار:

هن تحقيق جي لاءِ اسان ڪلاسيڪل شاعريءَ جي تاريخ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ سان گڏ جديد تحريڪي، فڪري لاڙن ۽ رجحانن کي سامهون رکي انهن جي دنيا ۾ موجود  ادب ۾ ٿيندڙ تحقيق جا پيرا کڻندي ذريعن مان حاصل ٿيندڙ مواد جو مشاهدو ۽ مطالعو ڪري نتيجا ڪڍيا آهن. هن تحقيقي مقالي ۾ تحقيق کي تاريخي ۽ تجزياتي تحقيقي اصولن موجب پرکيو ويو آهي. هن تحقيق ۾ موضوع سان لاڳاپيل هر قسم جي مواد جي پوري ڇنڊ ڇاڻ ڪري هر هڪ پهلوءَ تي گهربل بحث ڪيو ويو آهي. بنيادي ۽ ثانوي ذريعن مان ٿيندڙ حاصل مواد گڏ ڪرڻ لاءِ مختلف ڪتبخانن مان مدد ورتي وئي آهي. مضمون سان لاڳاپيل ڪجهه اهم ڪتابن تائين رسائي حاصل نه ٿي سگهڻ جي صورت ۾، انهن تائين پهچڻ لاءِ ’انٽرنيٽ ‘جو پڻ استعمال ڪيو ويو آهي، انٽرنيٽ منجهان به اهي پي ڊي ايف ڪتاب شامل ڪيا ويا آهن، جن جو مڪمل حوالو موجود آهي، جيڪي پڻ ڪارگر ثابت ٿيا. اهڙيءَ ريت مضمون بابت حاصل ٿيل مواد ڪيترن ئي ڪتابن، تحقيقي رسالن، مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل هيو، جنهن جو بغور جائزو ورتو ويو ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ اهم نڪتن کي تحقيق ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه تحقيق لاءِ مختلف عالمن ۽ محققن کان پڻ صلاحون ۽ مشورا ورتا ويا. حوالن لکڻ لاءِ ماڊرن لئنگيئجز ايسوسيئيشن (MLA) وارو جديد طريقو استعمال ڪيو ويو آهي. حوالن کي هر باب جي آخر ۾ آندو ويو آهي ۽ تحقيق جي سموري عمل ۾ جيڪي به نتيجا

حاصل ٿيندا ويا، انهن کي آخري باب ۾ پڻ پيش ڪيو ويو آهي ته جيئن پڙهندڙ تحقيق مان حاصل ٿيندڙ سيني نتيجن جو هڪ جاءِ تي ئي مطالعو ڪري سگهي.

## مواد جا ذريعا (Resources of Data):

تحقيق ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريون ۽ مکيه ڪم مواد (Data) حاصل ڪرڻ هوندو آهي. تحقيق ۾ مواد کي مرڪزي حيثيت حاصل هوندي آهي. هن تحقيق لاءِ مختلف ماخذن مان حاصل ڪيل مواد کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون بنيادي مواد ۽ ٻيو ثانوي مواد.

## بنيادي مواد (Primary Sources)

بنيادي مواد، اهو مواد آهي جيڪو اصل دستاويز تان يا اصل ڪتاب تان ورتو وڃي، جنهن ۾ مصنف جي اصل راءِ يا حقيقت ڏنل هجي. انهيءَ ڪري تحقيق جي شروعات بنيادي مواد سان ڪئي ويندي آهي. هن تحقيق جي بنيادي مواد ۾ سڀ کان اول تحقيقي رسالا، ٿيسز، لغتون ۽ جديد سنڌي شاعرن جي شاعريءَ بابت ڇپيل ڪتابَ شامل ڪيا ويا آهن.

## ثانوي مواد (Secondary Sources)

ثانوي مواد اهو آهي، جيڪو اصل صورت ۾ اصل ڪتاب تان نه ورتو وڃي (يعني اهو ڪنهن ٻئي ڪتاب تان ورتل هجي.) پر انهي مواد کي اصل ڪتاب تان ڪنهن ٻئي ورتو هجي (يعني ڪو ٻيو ليکڪ ان مواد کي لکي ۽ انهيءَ کي ڪنهن

ڀئي تان اُڏارو ورتو هجي. مون هن تحقيقي مقالي لاءِ ڊاڪٽر شير مهراڻوي جي پي ايچ ڊي ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات“، ڊاڪٽر فياض لطيف جي پي ايچ ڊي ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات ”سنڌي جديد شاعرن جي شاعريءَ جي ڪتابن مان مدد ورتي مقالي کي ڪارگر بڻايو آهي. گڏوگڏ جديد سنڌي شاعريءَ تي ڇپيل تحقيقي جرنل، رسالن ۽ لغتن وغيره کي ثانوي مواد طور شامل ڪري ڏنو آهي.

## اڳ ۾ ٿيل تحقيق جو جائزو:

ڪنهن به موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ ان موضوع متعلق موجود مواد جو تجزيو ڪيو ويندو آهي، جيڪو تحقيق کي پايه تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ نهايت ڪارگر ۽ بنيادي اهميت رکندو آهي. هن عمل سان محقق نه رڳو ماضيءَ ۾ ٿيل تحقيقي ڪم کان واقف ٿئي ٿو پر ان جي روشنيءَ ۾ هو پنهنجي تحقيق کي وڌيڪ ڪارآمد پڻ بڻائي سگهي ٿو. هن موضوع جي حوالي سان شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ جماليات جي حوالي سان لکيل تحقيقي مقالن ۾ فطرت جي حوالي سان ڪجهه نه ڪجهه مواد ملي وڃي ٿو. گڏوگڏ محمد علي ابڙي پاران ايم.فل جي لکيل ٿيسز ۾ پڻ فطرت جي حوالي سان سنڌي شاعريءَ جي حصي تي ڪجهه روشني پئي ٿي، پر گهڻو تڻو مواد فطرت جي عڪاسيءَ تي مشتمل آهي. ان حوالي سان ان مخصوص موضوع تي ڪابه تحقيق موجود نه آهي.

### تحقيق جو دائرو:

تحقيق جي حد بنديءَ مان مراد آهي، اهو دائرو جنهن اندر تحقيق ڪئي وڃي. ڪنهن موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ تحقيق جو دائرو موضوع يا عنوان جي مدد سان مقرر ڪيو ويندو آهي. انسان تي ماحول جو اثر ازل کان رهيو آهي. زندگيءَ جي شروعاتي وقت کان وٺي آسمان تي اڏامڻ تائين انسان فطرت جي ڪيترين ئي شين کان سکيو آهي. شاعريءَ تي به ان جا اثر ابتدا کان وٺي موجود آهن. البته منهنجي هن مقالي جو دائرو خاص طور جديد سنڌي شاعري ۽ ان ۾ به فطرت جي تحفظ لاءِ سنڌي شاعرن جو تخليقي ردِ عمل آهي، جنهن جو بنياد انگريز دور ۾ پيو ۽ ان جي صحيح معنيٰ ۾ ارتقا ورهاڱي کان پوءِ ٿي.

<u>تحقيق جو مقصد:</u>

شاعريءَ ۾ فطرت نگاريءَ جو مقصد اهو آهي ته شاعر پنهنجي آس پاس قدرتي منظرن منجهان چند شيون ڪٺي انهن جي شاعريءَ اندر عڪاسي ڪري حسن بخشي ٿو. شاعر آسماني نظارا (يعني سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، ڪڪر، ڪنوڻون، جهڙ ڦڙ) توڙي زمين تي نظر ايندڙ هر منظر (وڻ، ٽڻ، ٻوٽا، جبل، سمنڊ، درياهه، نديون، جانور، ڍنڍون، پکي، پکڻ، جيت جڻيا) اهي سڀ شاعريءَ ۾ فطرت نگاريءَ جا خاص جزا هوندا آهن. شاعريءَ لاءِ فطرت بنيادي ايڪو ۽ اتساهه جو ذريعو رهندي آئي آهي، ۽ دنيا جي مختلف ٻولين جي شاعرن وانگر سنڌي شاعرن پڻ فطرت جي انهن معجزاتي پهلوئن کي وڏي حسن ۽ ڪاريگريءَ سان پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو. اهڙيءَ ريت انسان جڏهن جانورن وانگر غارن ۾ رهيو، وڻن جي ميون ۽ پنن کي به کائيندو رهيو ته انهن پنن سان پنهنجو جسم به ڍڪيندو رهيو. ائين نالن رکڻ کان وٺي مثالن ۽ تشبيهن ڏيڻ تائين فطرت ۽ ماحول جي ئي حصار ۾ رهيو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته انسان پاڻ کي عقل ڪل ٿو سمجهي ۽

آسمانن ۾ اڏامڻ بعد انهن ئي جانورن، پکين ۽ وڻن ٻوٽن خلاف ڪات ڪهاڙا کڻڻ لڳو، جن ارتقا ۽ تهذيبي ترقيءَ کان اڳ سندس بک جي باهه وسائي ۽ تن کي ڍڪڻ لاءِ پنهنجا پن آڇيا. جديد دور ۾ ماحوليات کي درپيش خطرن انساني زندگيءَ ۽ سماج کي به متاثر ڪيو آهي، ان ڪري هن تحقيق جو مقصد ماحوليات کي درپيش خطرن تي شعري ردعمل کي جاچڻ هُيو، ته جيئن سنڌي شاعريءَ جي ان اهم پهلوءَ کي روشنيءَ ۾ آڻي سگهجي.

## حوالا:

1: بلوچ، بخش، نبي، ڊاڪٽر، ”شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام (جلد پهريون)، اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ، ڪراچي، 2017ع، ص: 936

2: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب) ”ڳاءِ انقلاب ڳاءِ“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 169

3: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب) ”ڳاءِ انقلاب ڳاءِ“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 193

4: سولنگي، حبدار، ”خواب ٿا ڪولن اکيون“، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2015ع، ص: 81

5: شيام، نارايڻ، ”ذات ۽ حيات ”نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1997ع، ص: 17

6: بيوس، تاجل، ”سنڌ منهنجي امان ”تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 142

7: بلوچ، نبي، بخش، ڊاڪٽر، ”هڪ جُلدي سنڌي لغت“، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار اِدارو، حيدرآباد، 2017ع، ص: 597

8: شمس الحق ، محمد، ”ماحوليات“، قومي ڪونسل برائي فروغِ اردو زبان، وزارتِ ترقي انساني وسائل، حڪومتِ هند، 2022ع، ص: 35

9: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب)، ”ڳاءِ انقلاب ڳاءِ“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 11

باب ٻيو

# ماحول ۽ ماحوليات

## ماحول جي وصف:

ماحول جي لغوي معنيٰ آهي ”اردگرد يا آس پاس. “يعني اهي شيون جيڪي اسان جي اردگرد موجود هجن يا پوءِ آس پاس هجن، گڏيل طور تي زمين، فضا، حرارت ۽ پاڻيءَ کي يا ٻين زمين تي موجود سڀني شين کي ماحول چيو ويندو آهي. ماحول جي لفظي معنيٰ ڪندي سنڌي لغت جلد هڪ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

”ماحَولُ: ذ (ع) آسپاس – چوڌاري – وايو منڊل – جيڪي وهي واپري پيو. “[1]

اسان جي آسپاس جيڪي شيون موجود آهن انهن ۾ انسانيت، فطرت، ٻوٽا ۽ جانور وغيره به شامل آهن. جيڪي گڏجي ماحول کي ترتيب ڏين ٿا. ماحول جي لفظي معنيٰ اوڪسفرڊ انگريزي سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ هن ريت بيان ٿيل آهي: ”اِنوائِرومينٽ (Enviroment)- اسم (Noun): طبعي ماحول، آس پاس جي فضا يا حالتون. “[2]

فطرت جنهن زندگيءَ جي جياپي جي لاءِ هڪ مناسب ماحول ان جا مڪمل جزا انسان جي لاءِ پيدا ڪيا آهن. جيڪي انسان جي رهڻ لاءِ ڪافي ڪارائتا آهن. اسان جي آس پاس ملندڙ شيون مرڪب جي صورت ۾ قدرت اسان لاءِ ٺاهيون آهن. هر هڪ عنصر جو پاڻ ۾ باهمي تعلق آهي. اهي سڀئي مرڪب گڏجي هڪ ماحول جوڙين ٿا. ماحول جي وصف بيان ڪندي هڪ اردو ليکڪ محمد شمس الحق لکي

ٿو: ”ماحول مان مُراد آهي ”ارد گرد (ويجهو) جا حالات، ماحول ڪيترين ئي شين سان ملي ڪري ٺهندو آهي، جيئن روشني، حرڪت، مٽي ۽ پاڻي وغيره.“[3]

ماحول جنهن ۾ تمام حياتياتي، طبعياتي ۽ ڪيميائي عنصر شامل هوندا آهن. عام اصطلاح ۾ ماحول اسان جي اردگرد موجود شين سان ئي تعبير ڪيو ويندو آهي، پر حقيقت ۾ جيڪو ڪجهه به دنيا ۾ آهي، ان کي ماحول چيو ويندو آهي. ماحول اندر وڻ ٽڻ، ٻوٽا، نباتات، حياتيات، حيوانات، موسمون، فضا، پاڻي، جاندار ۽ اهي سڀئي قدرتي يا فطرتي شيون جيڪي اسان جي آس پاس ملن ٿيون، اهي سڀ گڏجي ماحول ناهين ٿيون ۽ اهي ماحول جو حصو هونديون آهن. ان باري ۾ محمد شمس الحق لکي ٿو ته: “اسان جو ماحول انهن ٻارهرين اثرن ۽ حالاتن جو مرڪب آهي جن جي اندر اسان سڀ (يعني انسان، حيوان ۽ نباتات وغيره) رهون ٿا.“[4]

ماحول مان مراد آهي زمين تي يا زمين جي ڪنهن به حصي تي موجود تمام جاندار ۽ بي جان شين جو قدرتي طور تي موجود هئڻ آهي. جنهن ۾ جاندارن ۽ بي جان شين، موسمن، آبهوا ۽ قدرتي ذريعن جو پاڻ ۾ تعلق هوندو آهي. ۽ اهو سڀ ملي ڪري ماحول منجهان ماحوليات جو روپ اختيار ڪري ٿو. يعني ماحول اسان جي اردگرد جي آبهوا ۽ وايو منڊل آهي، ته ائين ئي هن سڄي ڪائنات ۾ باقي جاندار ۽ بي جان شين جو ردِ عمل ئي ماحوليات آهي.

اسان جي اردگرد جيڪي موسمياتي تبديليون نظر اچن ٿيون. اهي سڀئي ماحوليات جي ڪري ئي هونديون آهن. جيئن بارشون، سيارو، اونهارو، بهار ۽ سرءُ يا فضا ۾ هوا جو دٻاءُ وغيره شامل آهن. اهي تبديليون حقيقي طور تي ماحوليات کي مؤثر بنائڻ ۾ ڪردار ادا ڪنديون آهن. انهن موسمن جو اثر نه

صرف اسان جي ماحول تي پر انسان جي خوشنودي ۽ ان جي صحت جي لاءِ به ضروري هونديون آهن.

## ماحوليات ۽ ان جا جُزا

### ماحوليات:

ماحوليات ڌرتي تي موجود حياتيات جي مطالعي جو نالو آهي. ماحوليات بنيادي طور تي حياتيات ۽ اسان جي ڌرتيءَ جي ماحول (وايو منڊل) جي اڀياس ڪرڻ ۽ ان جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ڪي چيو ويندو آهي. جنهن ۾ اسان کي پنهنجي ارد گرد (آسپاس) موجود شين بابت معلومات يا علم جو شعور ڏيندو آهي. ماحوليات بابت دفتري لغت ۾ هن طرح لفظي معنيٰ ڪئي وئي آهي:

" ماحولياتي (Enviromental)". [5]

جيڪو انسانن ۽ حيوانن ۾ بنيادي فرق شعور ۽ غير شعور جو علم ڏئي ٿو. جيتوڻيڪ هن ڌرتيءَ تي انسان کان علاوه ٻي مخلوق به موجود آهي تنهن هوندي به انسان جي انهن سڀني کان مٿانهين حيثيت آهي، جنهن منجهان ائين محسوس ٿئي ٿو ته هي ماحول انسان جي لاءِ خلق ٿيل آهي. ان باري ۾ رئوف نظاماڻي لکي ٿو ته: "جيتوڻيڪ جيوت جي حوالي سان انسان جو تعداد ڌرتي تي نه هئڻ جيترو آهي پر پنهنجي حيثيت ۽ ڌرتي ۽ ان جي ماحول کي متاثر ڪرڻ جي حوالي سان ان جي هڪ حاوي حيثيت آهي. "[6]

پر هن ڪائنات ۾ رڳو حيوانات ۽ انسان نه بلڪه ڪجهه ٻيا نباتات به موجود آهن. جيڪي خاص طور تي ڌرتي جي گولي تي ملن ٿا. جنهن ۾ وڻ ٽڻ، ٻوٽا، پکي پکڻ، جيت جڻيا ۽ ساموندي مخلوق به شامل آهي. اسان جي ارد گرد ڪيئي انيڪ

مخلوقن سان گڏ ڀيون شيون به ملن ٿيون جن سان هن سڄي گولي جو وايو منڊل ترتيب ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ خاص طور هوا ۽ پاڻي اهم آهن. جيڪي هن سڄي گولي جي آبهوا جا زميدار به آهن.

جيئن ماحول گهڻين شين جو مرڪب آهي، تيئن ئي ماحوليات به آهي. جيڪا ماحول منجهان ڦٽي آهي. جنهن ۾ روشني، حرارت، پاڻي ۽ مٽي وغيره شامل آهن.

## ماحوليات جا جُزا/ قسم:

ڌرتيءَ تي موجود هر اها شيءِ جيڪا جاندارن سان ڳانڍاپو يا ان جو ڪو تعلق ڏيکاري. اهي سڀ جُزا ملي ڪري جاندارن لاءِ ڪو ماحول جوڙيندا هجن، اهي ماحولياتي جُزا يا ماحوليات جا قسم سڏيا ويندا آهن. اسين جڏهن به ماحوليات جي باري ۾ ڳالهائيندا آهيون، ته اسين ڌرتي تي موجود وجود جي باري ۾ به ڳالهائڻ شروع ڪندا آهيون. اهڙيءَ طرح هن ڌرتيءَ تي موجود، هوا، پاڻي، ٻوٽا، پهاڙ، نديون، درياهه، سمنڊ، ڪَڪر، آسمان، آبشار ۽ ٻي جيوتَ ملي ڪري هڪڙو ماحول جوڙن ٿا. جنهن منجهان ماحوليات جو جنم ٿئي ٿو. ۽ پوءِ ان ماحوليات اندر به جُزا ٿين ٿا.

## 1: حياتي/حيواناتي ماحوليات (Bioecology):

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپيل ”دفتري لغت “۾ حياتي ماحوليات جي لفظي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي: ”حياتي ماحوليات (Bioecology)“ (7)

حياتيات يا بائيولاجي (Biology) جياپي جي اڀياس (زندگيءَ يا حياتيءَ) جي علم کي چئبو آهي. هي هڪ ڪشادو ۽ گهڻ رُخو علم آهي. جيڪو هن ڪائنات جي سمورن جاندارن سان سلهاڙيل آهي. علم حياتيات هن ڌرتيءَ جي ماحول جي جُزن منجهان هڪ جُزو آهي. هن قسم ۾ ڌرتيءَ تي موجود سڀني جاندارن جو ذڪر ٿيندو آهي. جنهن ۾ انسان، جانور ۽ ٻوٽا وغيره شامل هوندا آهن. حياتي ماحوليات يا حيواناتي ماحوليات اسان جي جيوت ئي نه، بلڪه هن پوري عالم جي جيوت جي علم ۽ مطالعي بابت هڪ ڳوڙهو موضوع آهي. ان باري ۾ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو: "ٽيون جاندار شيون، يعني حيوان جيئن ته ماڻهو، مِرُون، پکي، سُرٽا، مڇيون ۽ جيت انهن کي عالمِ حيوانات ٿا چون." (8)

## 2: علم نباتات (Botny):

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپيل "دفتري لغت "۾ علمِ نباتات جي لفظي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي: "ٻوٽن جو علم (Botany)" (9)

علمِ نباتات بنيادي طور تي يوناني ٻوليءَ جي لفظ "Botany" مان ورتل آهي. جيڪو حقيقت ۾ ٻوٽن جي علم کي چئجي ٿو. علمِ نبابات جنهن ۾ ٻوٽن جي قسمن، ان جي بناوٽ ۽ ساخت يا ان جي حياتي جي حصي بابت علم حاصل ڪري اڀياس ڪرڻ کي چئبو آهي. اسين هن علم ذريعي ٻوٽن جي بيمارين ان جي جينيٽڪس تبديلين کان وٺي پيوند ڪاريءَ تائين ٻوٽن جو جائزو وٺندا آهيون.

علم نباتات خاص طور وڻن، ٻوٽن، گلن ۽ گاهن جي علم کي چئون ٿا ان باري ۾ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو: "ٻيون اُهي شيون جن کي نباتي جان آهي، جيئن ته وڻ، ٻوٽا، گاهه، گل، انهن کي عالم نباتات ٿا چون." (10)

ٻوٽن جا بيشمار قسم ٿيندا آهن، جنهن ۾ مختلف وڻ، مختلف گُل ۽ مختلف قسم جي ميوَن جا ٻوٽا وغيره شامل آهن. جن ۾ هر ڪنهن جي ساخت ۽ ان جي طبعيت يا مزاج مختلف هوندو آهي. در حقيقت انهن سڀني شين جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ کي علمِ نباتات چئبو آهي.

## 3: جسماني ماحوليات:

طبعي ماحول انسان جي آس پاس جي ماحول جو اهو حصو آهي جنهن ۾ صرف جسماني عنصر هوندا آهن. جهڙوڪ: پاڻي، مٽي، زميني ساخت، معدنيات، هوا، فضا ۽ قدرتي نباتات وغيره شامل آهن. هن قسم ۾ اسان فضا، ليٿوس فيئر ۽ هائڊروس فيئر جو ذڪر ڪندا آهيون. يعني ارضيات ۾ زمين جو علم ۽ ان جو اڀياس ڪرڻ وغيره.

### ليٿوسفيئر (Lithosphere):

آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس پاران ڇپيل ”آڪسفورڊ انگريزي سنڌي ڊڪشنري“ ۾ ليٿوسفيئر (Lithosphere) جي لفظي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي:

”ارضيات: زمين جو مٿيون تهه، سخت مٽي (Lithospere)“ (11)

بنيادي طرح هي زمين جو ٺوس حصو هوندو آهي. هن حصي ۾ زمين اندر موجود ملندڙ ذرڙن ۽ معدنيات جهڙين شين جو ذڪر ٿيندو آهي. جنهن ۾ مٽي، پٿر ۽ تيل وغيره جو ذڪر هجي.

زمين جي ماحول مان مُراد آهي اهو ماحول جتي انسان رهي ٿو. زمين ئي انسان جو گهر آهي. جتي انسان ٻين حيوانات سان گڏ رهي ٿو. انسان ۽ ٻي جيوت سان تعلق رکندڙ ماحول جو اڀياس ڪرڻ جي لاءِ زمين تي موجود تمام جاندارن ۽ انهن تي اثر انداز ٿيندڙ زمين جي ماحول جو جائزو وٺڻ ضروري آهي. زمين جو نظام سڀني جاندارن جي لاءِ دوستاڻو آهي. جتي هر قسم جي جيوت رهي سگهي ٿي. زمين جو ماحول حياتيات جي لاءِ مؤثر آهي. جنهن ۾ حياتيات، حيوانات ۽ نباتات سڀئي اچي وڃن ٿا. ان باري ۾ محمد شمس الحق لکي ٿو: "زمين جي ماحول ۾ اسان کي ٻن قسمن جا ماحول ملن ٿا. هڪڙو طبعي ۽ ٻيو حياتياتي، حياتياتي ماحول ۾ اسان کي نباتات، حيوانات ۽ سڀ اها جيوت جن کي اسان پنهنجي اکين سان ڏسي نه سگهندا آهيون، اهي سڀ به ان ۾ شامل آهن. اهي ٻئي عنصر مادي ۽ توانائي جي ڦيري سان هڪٻئي تي اثر انداز ٿيندا آهن "(12)

## هائيڊروس فيئر (Hydrosphere):

آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس پاران ڇپيل "آڪسفورڊ انگريزي سنڌي ڊڪشنري "۾ هائيڊروس فيئر (Hydrosphere) جي لفظي معنيٰ هن طرح ڏنل آهي:

"آبي گولو، ڌرتيءَ تي پکڙيل پاڻي (Hydrosphere)" (13)

هائيڊورس فيئر بنيادي طور تي هن ڌرتي جي موجود مڪمل پاڻي جي اڀياس جو نالو آهي. هن حصي ۾ پاڻيءَ بابت معلومات يا ڄاڻ حاصل ڪئي ويندي آهي. پاڻيءَ جي آلودگي، آبي ذخيرا ۽ ان جي صاف سترائي بابت اڀياس ڪيو ويندو آهي. جيتوڻڪ پاڻي جي بناوت ۽ ان ۾ موجود مختلف قسمن جا آبي جانور ۽ مڇين

جو به علم حاصل ڪيو ويندو آهي. پاڻي بنيادي طور تي ٻن قسمن جي هوائن (يعني گئسز جو نهيل آهي) جو جڙيل آهي. ان باري ۾ مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب "عالمِ آبي "۾ لکي ٿو:"پاڻيءَ جي بناوٽ عجيب آهي. هو ٻن قسمن جي هوائن مان جڙيل آهي، هڪڙي کي آڪسيجن ۽ ٻي کي هائڊروجن چون ٿا. پاڻيءَ کي ڦيرائي انهن ٻن هوائن ۾ جُدا ڪري سگهجي ٿو، يا انهن ٻنهي کي گڏي منجهائن پاڻي جوڙي سگهجي ٿو. "(14)

يعني جڏهن ٻن گئسز جو پاڻ ۾ ميلاپ ٿئي ٿو ته منجهان پاڻي وجود ۾ اچي ٿو. ۽ اهڙيءَ طرح پاڻيءَ اندر اسان کي سمنڊ، درياهه، ننڍيون ننڍيون ڍنڍون ۽ ننڍا ننڍا ڍورا پڻ ملن ٿا. جنهن ۾ مختلف قسم جي جيوت جِي رهي آهي.

## ماحول ۽ شاعري جو پاڻ ۾ تعلق:

اسان پنهنجي آسپاس هن گولي تي گهڻيون ئي نيون شيون ۽ ڪيترا نوان عجيب منظر ڏسون ٿا. جن منجهان ڪي، اسان کي بلڪل نوان، خوبصورت ۽ حسين لڳن ٿا. اهي سڀئي قدرت جا نظارا ڪنهن نه ڪنهن طرح سان اسان جي ماحول جو حصو هوندا آهن. جيڪي اسان کي متاثر ڪندا آهن. انهن ۾ حياتيات، نباتات ۽ آبي حيوانات کان ويندي هر جيوت هن دنيا جي ماحول کي بڻائي ۽ سنواري رهي آهي.

جهڙيءَ طرح ماحول هن ڌرتيءَ جي جسم جو حصو هوندو آهي. اهڙيءَ ئي طرح هر هڪ شيءِ ۽ قدرت يا فطرت جي حسن ۽ ان جي رنگ ڍنگ جو انگ به نرالو ٿيندو آهي. فطرت پنهنجي حُسن ۽ خوبصورتيءَ جي ڪري پنهنجو مٽ پاڻ

آهي. اهو ئي سبب آهي جو انسان فطرت جي ڪنهن به شيءِ کي جڏهن ڏسي ٿو ته هو ان جي حسن جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو آهي.

ساڳي ريت جڏهن فطرت جا اهي حسين رنگ هڪ عام فرد ڏيندا، شاعر تائين پهچن ٿا ته اهي وڌيڪ خوبصورتيءَ سان پيش ڪيا وڃن ٿا. يعني فطرت ۽ شاعري جو پاڻ ۾ جيڪو ڳانڍاپو آهي. اهو اسان جي آس پاس جي ماحول جي ڪري ئي هوندو آهي. هن ماحول ۾ اسان کي ڪٿي حسين گُل، ته ڪٿي حسين ٻوٽا، ته ڪٿي حسين ڍنڍون، ته ڪٿي حسين پهاڙ، ته ڪٿي حسين آبشار، ته ڪٿي حسين پکي، ته ڪٿي حسين سمنڊ ۽ ڪٿي ڪٿي مختلف جيوت جي خوبصورتي موهيندي آهي.

شاعري پنهنجي ماحول ۾ اهڙو ته اثر رکي ٿي جو هو هڪ ئي وقت ڪنهن عام فرد جي احساسن کي تبديل ڪري سگهي ٿي. ان باري ۾ اسحاق سميجو لکي ٿو: ”دراصل شاعري اهڙي گهڙي آهي، جيڪا وسي اندر جي موسم کي به تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. اها هڪ ئي وقت بهار به آهي ۽ ميگهه ملهار به آهي. ڪڙڪي ڪِرندڙ وڄ به آهي ته وساورنيءَ جا ست رنگ به آهي. ڏيل آڳ به آهي، سُتل پيڙ به آهي، جاڳيل زخم به آهي. مُرڪندڙ نهار به، ته روح به آهي. (15)

شاعري ايتري وسعت رکي ٿي ته هو هڪ ئي وقت هڪڙي فرد جي سڄي مزاج (Mood) کي پنهنجي ماحول جي ذريعي تبديل ڪري سگهي ٿي. هوءَ پنهنجي ڳالهه ۾ ايترو وزن رکندي آهي، جو ان جي اثر کان ڪير بچي نه ٿو سگهي. شاعريءَ جا ڪيئي روپ ۽ رنگ آهن. جيڪي شاعريءَ ۽ ماحول جو پاڻ ۾ تعلق وارو واضع ثبوت آهي. هڪڙو شاعر ڪنهن به حسين ڳالهه يا فطرت جي ڪنهن خوبصورت منظر جي جڏهن منظرڪشي ڪندو آهي ته يقينن اهو پنهنجي ماحول مان ڪنهن شيءِ جي ڳالهه چئي رهيو هوندو آهي. يعني شاعر ان ماحول

جي موجوده شين کي پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪرڻ کان سواءِ ان جي خوبصورتي جو حسين اظهار ڪڏهن به نه ٿو ڪري سگهي. ان سڄي معاملي کي اسين فطرتي يا قدرتي حسن به چوندا آهيون. جنهن ۾ شاعر قدرت فطرت جي ماحول کي نظر ۾ رکندي اتان کان شيون پنهنجي شاعريءَ ۾ کڻندو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو: ”ماڻهو ازل کان نه فقط انساني سونهن ۽ سندرتا جو شيدائي رهيو آهي، پر قدرتي فطرت جي حسن کان به تمام گهڻو متاثر رهيو آهي. قدرتي حسن ۾ ڪائنات جا اهي سيئي حسين نظارا ۽ موهيندڙ منظر اچي وڃن ٿا، جن ۾ سج، چنڊ، ستارا، اوچا آبشار، نيريون نديون، اڏول پربت، گلن تي پوندڙ ماڪ ڦڙا، آڪاش ۾ ڇانيل گهنگهور گهٽائون، مطلب ته ڪائنات ۾ موجود رنگ برنگي گلن، ٻوٽن، سمنڊن، دريائن، پهاڙن ۽ صرائن کان وٺي اُپ ۾ موجود سمورن لقائن، اسرارن ۽ مظهرن تائين جون حقيقتون ۽ حسناڪيون فطرتي حسن ۾ شامل آهن.“(16)

شاعر وٽ فطري حسن ۽ قدرت جي سونهن کان علاوه ٻيا عام موضوع به ماحول منجهان کنيل هوندا آهن. يعني انساني حياتيات جي ڪجهه غير معمولي يا معمولي مسئلن بابت وغيره. شاعريءَ ۽ ماحول جو پاڻ ۾ ايترو ئي گهرو تعلق آهي. جيترو شاعري ۽ شاعر جو هوندو آهي.

## ماحولياتي گدلاڻ جون تباهيون ۽ فطرت تي ان جا اثر:

اسان کي معلوم آهي ته شاعري انسان جي ترجماني ڪري ٿي، ۽ ان جي فڪر جي اظهار جو مرڪز رهي آهي. پر شاعري رڳو ايترو ناهي ڪيو، بلڪه شاعري انسان کي انيڪ موضوعن طرف متوجهه پڻ ڪرايو آهي. جنهن ۾ فطرت جا خوبصوت رنگ، سرمست هوائون، جتي صبح جي ٿڌڙي ٿڌڙي تازي

هوا، جتي زمين تي ڪِرندڙ سج جا ڪِرڻا، گل، ٻوٽا، وڻ، ڍنڍون، درياهه، سمنڊ، پهاڙ ۽ انڊلٺ جهڙا ناياب رنگ به شاعريءَ جي انگ انگ ۾ ڳائجندا رهيا آهن. اهي سڀئي قدرت جا اهي شاهڪار رنگ آهن، جيڪي ڪنهن به عام شاعر جا خاص موضوع ٿي ويندا آهن.

پر ان جي ابتڙ اڄ ڪلهه جي ترقي يافته مصروف دور ۾ مصروف زندگيءَ اسان کي فطرت جي حسن کان پري ڪري ڇڏيو آهي. ۽ ماحولياتي آلودگيءَ جي ڪري فطرت جا اهي خوبصورت منظر اسان کان پري ٿي رهيا آهن. ماحولياتي مطالعي ذريعي نه صرف شاعر جي ماحوليات ۽ فطرت سان دلي لڳاءَ کي پرکيو ويندو آهي، پر ان سان فطرت جي دشمنن عنصرن، ماحولياتي گدلاڻ، فطرت جي تباهه ڪارين ۽ انهن جي نقصانن جو تجزيو پڻ ڪيو ويندو آهي.

ماحولياتي آلودگي نه صرف انسان کي دنيا جي حسين رنگن کان محروم رکي ٿي. بلڪه قدرت جي انهن سڀني حسين آشڪارن کي به آلوده ڪري ٿي. ماحول جي بچاءَ ۽ ان جي حفاظت لاءِ اسان انسان ايترو ڪجهه نه ڪري رهيا آهيون، جيترو ڪرڻ گهرجي. گڏوگڏ قدرت جي حسن کي اسين مصنوعي توانائين ذريعي تباهه و برباد ڪري رهيا آهيون. ان باري ۾ رئوف نظاماڻي لکي ٿو: ”سڄي دنيا جي موسم تبديل ٿي رهي آهي. اسان جي ملڪ سميت گهڻن علائقن ۾ گرمي پد وڌي رهيو آهي. گليشيئر پگهرجي رهيا آهن. دريائن ۾ ٻوڏ ۽ سمنڊن ۾ طوفانن جا خطرا وڌي رهيا آهن. گهڻا ماهر چون ٿا ته اهو هڪ فطري عمل آهي ۽ ان ۾ انسان جو ڪردار نهايت گهٽ آهي. جيئن ڌرتي مختلف دورن مان گذري آهي ائين اهو به هڪ اهڙو ئي مرحلو آهي. انهن ۾ گهڻائي اهڙن ماهرن جي آهي جيڪي انهن سرمائيدارن جي حمايت ڪن ٿا، جيڪي پنهنجي صنعتن ۾ ماحول کي محفوظ ڪرڻ لاءِ عالمي طور تجويز ٿيل قدم نه ٿا کڻڻ

چاهين. اها هڪ مجيل حقيقت آهي ته ماحول ۾ تبديلي جو گهڻو حصو انسان جي معاشي ترقي جي ڊوڙ ۾ رذل رهڻ جو لازمي نتيجو آهي. ”(17)

عالمي سطح تي ماحول کي بچائڻ جي لاءِ جيڪي تجويزون ڏنيون ويون آهن. اگر ان تي صحيح طرح سان عمل ڪيو وڃي ته اسان وٽ ماحول منجهان (قدرت/فطرت) کي درپيش خطرا ٽري سگهن ٿا. ائين ڪرڻ سان نه صرف نباتاتي زندگي بچي سگهي ٿي، بلڪه حياتيات لاءِ به اها ڳالهه گهڻي قدر اهم آهي. اسان وٽ موجود ٻين حيوانات کي انسان جي مقابلي وڏيڪ نقصان رسي رهيو آهي. انسان پنهنجي ٻي حسي جي ڪري اڄ ڪوڙ ئي جنگلات مصنوعي طريقي سان تباهه ڪري رهيو آهي. جنهن ۾ نه صرف اسان جي ماحول لاءِ اها نقصانڪار ڳالهه آهي بلڪه اها پڻ جيوت جي لاءِ هاڃيڪارڪ ثابت ٿي رهي آهي. نه صرف ايترو پر اسان جي ماحول اندر پاڻيءَ ۾ موجود ڪيميائي آلودگي ۽ فضا ۾ موجود گئسن جي آلودگي انسان سان گڏ مختلف جيوت لاءِ به قابلِ تشويش ڳالهه آهي.

ساڳي ريت اسان وٽ مصنوعي توانائي به گهڻي تباهي آندي آهي، جنهن ۾ خاص طور انهن فيڪٽرين جو وڏو هٿ آهي، جيڪي ڪيمڪل جي نالي تي اهو زهر اڇلي رهيون آهن، جيڪو نه صرف قدرت جي عنصرن بلڪه انسان جي پنهنجي زندگيءَ جي لاءِ به ڪنهن خطري هيٺ گهٽ ڪونهي. ان باري ۾ حضرت مولانا مفتي اختر امام عادل قاسمي لکي ٿو ته: ”اڄ اسان جي فضا پاڻي ۽ زمين ۾ موجود ڪيميائي مادا ۽ نقصان ڏيندڙ عنصر خطرناڪ حد تائين موجود آهن. ماحول ۾ آلودگيءَ جي واڌ جا ڪيترائي سبب آهن. جيتوڻڪ انسان ترقي به ڪئي آهي، پر ان ترقيءَ ۾ انساني صحت ۽ ماحول کي درپيش خطرن تي توجهه پڻ گهٽ ڏني وئي آهي. ”(18)

اڻ سڌيءَ طرح اسان جي ماحول ۾ اگر اهي عناصر موجود آهن، ته يقينن اهي نه صرف انساني صحت بلڪه ماحول اندر فطرتي/ قدرتي عنصرن جي لاءِ به خطرو آهن. اسان وٽ آبي ماحوليات اندر مختلف ڪيميائي پاڻيائن جي ڪري آبي مخلوق مرندي نظر ايندي آهي. ان زهريلي ڪيميڪل کي ڍنڍن ڍورن، ندين ۽ درياهن ۾ ڇوڙ ڪيو ويندو آهي. آب اسان جي بنيادي ضرورتن منجهان سڀ کان اهم ضرورت آهي، جي اسين ان ۾ ئي ڪا ملاوٽ يا ڪا تباهڪاري پيدا ڪريون ٿا ته اهو انسان لاءِ پنهنجي لاءِ به گهڻو خطرناڪ ثابت ٿيندو. ان باري ۾ حضرت مولانا مفتي اختر امام عادل قاسمي لکي ٿو ته: ”پاڻيءَ ۾ ڪيئي طرح جون ننڍيون ننڍيون زهريليون شيون ۽ مادا شامل ٿي ويا آهن. پاڻيءَ جي آلودگيءَ جي ڪري معدي ۽ جگر جون بيماريون وڌي رهيون آهن. صنعتي علائقن مان نڪرندڙ زهريلا مادا گهڻو ڪري، بنا صفائي جي ندين ۽ نالن ۾ ڇوڙ ڪيا وڃن ٿا. نه صرف ايترو پر آ بي حيات لاءِ پڻ اهي زهريلا مادا خطرناڪ ۽ موت جو سبب ٿيندا آهن. اهڙي پاڻيءَ کي ته زراعت لاءِ به ڪم نه ٿو آڻي سگهجي، نه ئي اهو ٻوٽن ۽ وڻن لاءِ ڪارگر آهي. اهڙن ٻوٽن کي استعمال ڪرڻ پڻ انساني زندگيءَ لاءِ خطري کان خالي نه آهي.“(19)

يعني ڪيمائين آفتن جو پاڻيءَ جي ماحول کي خراب ڪرڻ ۽ ان سان انساني ۽ آبي جيوت کي نقصان ڏيڻ به انساني مصنوعي تباهڪاري چئبي. آب اسان جي جيئڻ جو هڪ واحد ذريعو آهي. جنهن جي تباهه ڪاري، انساني جيوت جي تباهه ڪاري آهي.

اهڙيءَ طرح قدرتي ماحول پنهنجو الڳ وجود رکندو آهي. ان جي وجود کي تهس نهس ڪرڻ جي ڪوشش، وڻن جي واڍ آهي. انسان صدين کان وٺي پنهنجي فائدي ۽ مطلب لاءِ پنهنجي لالچ ۽ حرص جي لاءِ قدرت جي معصوميت

کي ختم ڪرڻ ۾ رُڌل آهي.انسان قدرت جي تحفظ جي لاءِ ڪجهه به نه ڪري سگهيو آهي. وڻ اسان لاءِ ڇانو، راحت ۽ سڪون جو ذريعو آهن. وڻن جو خاتمو، مطلب پکين، جانورن ۽ انسانن جي راحت ۽ سڪون جو خاتمو آهي. فطرتي نظام ۾ وڻن جو خاتمو ساهوارن جي راحت ۽ سڪون واري هڪ پوري سماج جو خاتمو آهي. وڻ، جيڪي انسان، جانورن ۽ جيت جڻين جي محبتن ۽ سڪون جا امين آهن. وڻن جي واڍ، ماحولياتي تباهي آهي. ان باري ۾ حضرت مولانا مفتي اختر امام عادل قاسمي لکي ٿو ته: ”زميني آلودگي گهٽ ڪرڻ لاءِ، ٻيلا لڳائڻ نهايت ئي مؤثر ڪم هوندو آهي. ٻيلن ۽ وڻن جي گهٽتائي جي نتيجي ۾ زمين خشڪي ۽ ڪَلر جو شڪار ٿي ويندي آهي. “(20)

اهو هڪڙو وڏو آلميو ڇئبو ته اسين پنهنجي ماحول جي بگاڙ جو پاڻ ئي سبب آهيون. اسان پنهنجي آس پاس ٿيندڙ واقعات کي نظرانداز ڪندا آهيون، يعني وڻن جي واڍ، انهن جي ڪٽائي اسان جي ماحول جي فطري حسن جو پڻ خاتمو آهن. زمين جي آبهوا ۽ فضا جي خوبصورتي وڻ هوندا آهن. ۽ اسان کي انهن جو تحفظ ڪرڻو پوندو.

وڻڪاري ۽ وڻن جي واڍ نه صرف اسان جي ماحول لاءِ بلڪه جانورن جي لاءِ به نقصاده هوندي آهي. ٻيلن ۾ ڪيترن ئي قسم جي جانورن، پکين ۽ ٻي جيوت سان گڏ اسان کي هڪ مڪمل حياتِ نوع نظر اچي ٿي. ۽ ٻيلا اسان جي لاءِ هڪ پُرسڪون ماحول جو سبب پڻ بڻجن ٿا. اڳ جي دور ۾ آبادگار اڪثر پنهنجي زمين کي صاف سٿرو رکڻ جي لاءِ وڻن جي مختصر واڍ ضروري سمجهندا هئا. پر اج جي دور ۾ انسان پنهنجي صعنتي مقصد کي پورو ڪرڻ جي لاءِ وڻن جي واڍ کي وڏيڪ اهم سمجهي رهيو آهي. ۽ انهيءَ کي عار محسوس نه ڪري رهيو آهي، جيڪو ڪيس ٿيڻ ڪپي. ان باري ۾ رئوف نظاماڻي لکي ٿو:

”هونئن انساني تاريخ ۾ ننڍا آبادگار پنهنجي پيٽ گذر لاءِ پوک ڪرڻ لاءِ وڻن ڪي وڍي زمين کي صاف ڪندا هئا، پر ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ اهو لاڙو بدلجي ويو ۽ جهنگل جو صنعتي مقصدن لاءِ وڏي پئماني جي زراعت لاءِ استعمال وڌي ويو. “(21)

اِها ڪنهن دور يا زماني جي ڳالهه نه آهي، بلڪه اهو اسان جي مطلب ۽ مفاد جي حق ۾ آهي، ته اسين قدرت جي انهن ڀيلن کي پنهنجو پاڻ پنهنجي مقصد لاءِ وڍائي استعمال ڪري رهيا آهيون. اسين ان کي وڌائڻ بجاءِ ان جي خاتمي جا زميوار آهيون.

## ماحوليات جا سنڌي شاعريءَ تي اثر:

سنڌي شاعريءَ جو ماحول تي اثر اسان کي سنڌي شاعرن وٽ ملي ٿو. جنهن ۾ فطرت جون اهي مجموعي وصفون آهن، سنڌي ڪلاسيڪل شاعري اسان جو گڏيل اثاثو آهي. جنهن ۾ اسان کي فطرت ۽ قدرت بابت گهڻي شاعري ملي ٿي. انسان بنيادي طور تي ان شاعريءَ کان ضرور متاثر ٿيندو آهي، جنهن ۾ فطرت ۽ ان جي رنگن بابت ڪا ڳالهه ڇيل هجي.

سنڌي شاعريءَ تي جڏهن به ماحوليات جو اثر يا ذڪر ڪجي ٿو، ته سڀ کان اول اسان کي سنڌي تاريخ جا پيرا ڪٽڻا پوندا. جنهن منجهان اسان کي سنڌي شاعريءَ بابت ان جي سٽاءَ ۽ ان جي تاريخ جي خبر پئجي سگهندي. گڏوگڏ سنڌي شاعريءَ جو شروعاتي دور ۽ ان تي ماحول جا اثر پڻ تحقيق ڪرڻ لاءِ ملي سگهن ٿا. ان ڏس ۾ سڀ کان اول اسان کي سنڌي ادب ۾ ”لوڪ شاعري “ نظر اچي ٿي. جنهن جا آثار سومرن جي دور کان ملن ٿا. سنڌي لوڪ شاعري نه

صرف اسان جو بنيادي ايڪو آهي، پر اها اسان جي ماحول بابت ٿيندڙ ڳالهين جي عڪاسي پڻ ڪندي رهي آهي.

لوڪ ادب يا لوڪ شاعري سنڌو تهذيب جي پيڙهه واري حيثيت رکي ٿي. جنهن ۾ عام فردن پاران عام فهم ٻوليءَ ۾ پنهنجي جذبن، احساسن، ريتن رسمن، رواجن، رهڻي ڪهڻي، غمن ۽ خوشين جي اظهار جو ذريعو هوندي آهي. لوڪ شاعريءَ ۾ به اسان کي مختلف قسمن جا انيڪ موضوع پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ملن ٿا. جن ۾ فطرت نگاري ۽ جماليات به آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ جو حوالو ڏيندي، سندس راءِ هن طرح بيان ڪئي آهي: ”لوڪ ادب ۾ سنڌي ثقافت جي سونهن ۽ سوڀيا، سڳنڌ ۽ سرهاڻ سمايل آهي. هن ادب جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ آهن، انهيءَ ڪري ان ۾ سنڌ ڌرتيءَ واري فطري سونهن آهي. ” (22)

مٿين حوالي منجهان اها ڳالهه واضح آهي ته سنڌي لوڪ شاعري ۾ ئي سنڌ ڌرتيءَ جي حقيقي ماحول کي چٽيو ويو آهي. يعني سنڌي لوڪ شاعري ئي اها بنيادي شاعري آهي جنهن تي سڀ کان اول ماحول جو اثر نظر اچي ٿو. هن جو هڪ مثال اڪبر لغاري هيئن پيش ڪيو آهي:

هيءَ ڪانديرڙي لس،
هيءَ واسرڙي وس،
آئون ڪلندي ڪُڏندي آچان. (23)

لوڪ شاعري کان پوءِ اسان وٽ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ به اسان کي ماحول تي سنڌي شاعريءَ جو اثر ڏسڻ ۾ ملي ٿو. بلڪه اها هڪڙي وڏي روايت طور نظر اچي ٿي. ڪلاسيڪل دور جي شاعرن ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، شاهه لطف الله قادري، ميون شاهه عنات رضوي،

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو، روحل فقير، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، صاحبڏنو فاروقي، سچل سرمست، ٻائي چين راءِ (سامي)، حمل فقير لغاري ۽ خليفو نبي بخش وغيره شامل آهن. جن سنڌي ڪاسيڪل شاعريءَ کي اوج بخشيو ۽ ان کي فني معيار عطا ڪيو. ڪلاسيڪل شاعري ۾ فڪر، اعليٰ اخلاقي قدر، صوفياڻي لهر، فطرت ۽ جمال موجود آهي. جنهن پنهنجو الڳ ئي ماحول جوڙيو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو: "مجموعي طور تي ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ ۾، زندگيءَ جي اعليٰ ۽ آدرشي قدرن جي اُپٽار، صوفياڻي رمزيت ۽ تمثيلي ندرت جي جمال سان گڏوگڏ آفاقي ۽ وجداني احساسن جي اظهار جو اهڙو رنگ ملي ٿو، جيڪو فڪري توڙي فني حوالي سان تمام گهڻو موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهي ۽ ان مان هڪ ئي وقت فطرتي، فڪري، فني، جسماني، افادي، وحداني ۽ وجداني سونهن جهلڪندي محسوس ٿئي ٿي." (24)

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ڪلاسيڪل شاعرن پنهنجي رنگ ۾ نواڻ آڻي، لوڪ شاعريءَ کان پنهنجو پاڻ کي ڌار ڪري ڇڏيو. اها سندن حقيقي انفراديت آهي. ڪلاسيڪل شاعر حقيقت ۾ فطرتي شاعر آهن. جن وٽ فطرت ۽ ڪائنات جي حُسن بابت ڳالهه خوبصورتيءَ سان پيش ڪيل نظر اچي ٿي. گڏوگڏ انهن جي شاعريءَ ۾ پنهنجي آس پاس جي ماحول جو عڪس پڻ نظر ايندو آهي. انهن جيڪي ڪجهه پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي، ۽ پرکيو آهي. اهو پنهنجي شاعريءَ وسيلي اظهاريو آهي. انهن فطرت سان پيار ڪيو آهي. انهن جو حياتيات ۽ نباتات سان چاهه، انهن جي ئي شاعريءَ وسيلي نظر اچي ٿو.

انهن سڀني آساسي شاعرن منجهان شاهه عبداللطيف پنهنجو هڪڙو الڳ معيار ۽ مقام رکي ٿو. جنهن جي ڪلام ۾ نه صرف فطرت نگاري بلڪه جماليات

ڪان ويندي تصوف جي رمزن تائين سڀئي موضوع شامل آهن. شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ جمال، فن ۽ فڪر جي اڏام، موسيقيت، ۽ فطرت جي خوبصورتي بيان ٿيل آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي پڻ فطرت ۽ ماحول جو شاعر سڏيو ويندو آهي جنهن جي انيڪ بيتن ۾ فطرت ۽ ماحول ڀريا پيا آهن. هُن نه رڳو ڪنهن هڪ قصي يا داستان، بلڪه سڀني داستانن اندر جيڪو حُسن ڀريو آهي، سو منفرد آهي. شاهه صاحب نوري ڄام تماچيءَ جي مزار جي ماحول کي هن طرح بيان ڪري ٿو:

هيٺ جر، مٿي مجر، پاسي ۾ وڙاهه،
اڇي وڃي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءِ،
لڳي اتر واءَ، ته ڪينجهر هندورو ٿئي. (25)

ڪيڏو نه حسين ماحول چٽيو آهي لطيف سائين، تماچيءَ جي مزار ۽ ان جي آس پاس، ارد گرد شين بابت، وڻن بابت ۽ ڪينجهر جي ڇولين ۾ هُن ان مزار کي هندورو ڪري پيش ڪيو آهي. واقعي اهو اهڙو ماحول لطيف ئي پيش ڪري سگهي ٿو.

ڪلاسيڪل شاعريءَ پنهنجو اهڙو اثر ڇڏيو، جو اهو اثر اڄ تائين سنڌي شاعريءَ منجهان نڪري ناهي سگهيو، ان اثر جا آثار اسان کي بعد واري جديد شاعريءَ تي پڻ نظر اچن ٿا. جديد ۽ ڪلاسيڪل ادب جي فرق ۾ اسان کي اهو معلوم آهي ته شاعريءَ هڪڙو الڳ رستو اختيار ڪري پنهنجي اندر نين صنفن کي شامل ڪيو. جڏهن دنيا جي ادب اسان جي سنڌي ادب تي پنهنجا اثر ڇڏڻ شروع ڪيا، ته اسان وٽ به اهي سڀئي لاڙا ۽ تحريڪون اسان جي شاعريءَ ۾ پڻ نظر اچڻ لڳيون. جديد ادب هڪ تحريڪ جو نالو آهي. جيڪا لامحدود تحريڪ ٿي اڀري. هي نظريو ڪو نئون نظريو ناهي، بلڪه انسان جي تاريخ سان گڏ گڏ

موجود رهيو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ لکي ٿو: ”ترقي پسند هڪ جامع ۽ متحرڪ اصطلاح آهي، ترقي پسندي هڪ رويو، لاڙو ۽ تحريڪ آهي، جيڪا هر دور ۾ موجود رهي آهي. ترقي پسند ڪو موجوده دور جو محدود رويو ناهي، نه وري ان جو دائرو محدود آهي. ترقي پسنديءَ جو نظريو انساني تاريخ جي اڻ ڪٿ بابن جي هر دور ۾ موجود رهيو آهي. ”(26)

جديديت جو لاڙو سنڌي ادب ۾ 70 واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿيو .جديديت سنڌي ادب ۾ ”نئي شاعري ”جي نالي سان ۽ اردوءَ ۾ ”نيا ادب ”جي نالي سان متعارف ٿي. هي لاڙو يورپ ۾ 20 صدي جي وچ ڌاري ”نئي لاڙي ”سان اڀري سامهون آيو. جنهن پوري دنيا جي ادب ۾ نواڻ آڻڻ شروع ڪري ڇڏي. ان ۾ وڏا وڏا شاعر ۽ اديب پوري دنيا مان شامل ٿي لکڻ لڳا. ۽ هلندي هلندي هن ۾ ايڏي ته جدت آئي جو هي لاڙو جديديت کان ترقي پسند ادب ۾ داخل ٿي ويو.

سنڌي جديد شاعريءَ ۾ شيخ اياز جيڪي تجربا ڪيا، سي مڙني شاعرن منجهان بنهه منفرد آهن. هُن سنڌي جديد شاعريءَ جا رُخ ئي تبديل ڪري ڇڏيا، هُن سنڌي جديد شاعريءَ کي نيون صنفون، نوان گهاڙيتا ۽ نوان موضوع ڏنا. هُن سنڌي شاعريءَ جي سڄي ماحول کي تبديل ڪري ڇڏيو. مگر تنهن هوندي به شيخ اياز ڪلاسيڪل شاعريءَ جي اثر هيٺ رهيو. هو وائيءَ جي صنف ۾ سورج مُکيءَ جي ڪيت جو هن طرح ذڪر ڪري ٿو:

پر هِي ساري ڪيت ڪي،
ڪيڙُ پيو پيلي؟
سورج مُکيءَ ڪي،
جيڪر اڄ چئجي،

اکيون کٽي سچ ڏي!(27)

اياز وٽ فطرت سان عشق، پيار ان جي سڄي شاعري ۾ ڀرپور نظر ايندو آهي. هن جو تشبيهون، استعارا ۽ صنعتون سڀئي فطرت جي محور جي ارد گرد گهمندا رهندا آهن. هُن جي شاعريءَ ۾ اهي سڀئي فطرت جا رنگ نظر اچن ٿا. جيڪي ڪنهن فطري شاعر وٽ هوندا آهن.

نه صرف شيخ اياز بلڪه اهو هر شاعر جي طبعيت ۽ مزاج ۾ هوندو آهي ته هو فطرتي طور تي شاعريءَ سان سلهاڙجڻ ڪانپوءِ فطرت جي حسن جي ڳالهه ڪري. ان لاءِ شاعر پنهنجي آس پاس جي ثقافت، ريتن رسمن، رواجن ۽ پنهنجي ثقافتي ورثي کي لازم ملزوم ڪري ڳائيندو آهي. ان ۾ هو پنهنجي شاعريءَ اندر خاص ڪري پنهنجي مِٽيءَ ۽ درياهَ جي نالي ڪندو آهي. ان باري ۾ علي دوست عاجز لکي ٿو:

جهڙو ماهو ڪير، پاڻي ناهي پيٽ ۾،
تڏهن طبعيت کي مليو، ڌرتيءَ جيڏو ڌيرُ،
آءُ پانيان اڪسير، پاڻي آڳلا پيا چون! (28)

ورلي ئي ڪو شاعر هجي، جيڪو پنهنجي مٽيءَ ۽ پنهنجي درياهَ يا نديءَ سان پيار نه ڪندو هجي، هتي به اسان وٽ شاعر پنهنجي مٽيءَ کي طبعيت سان تشبيهه ڏئي رهيو آهي. ته ڪيس اهڙي طبعيت هُن کي ان جي ڌرتي عطا ڪئي آهي. جنهن ۾ ٺهراءُ آهي، ڌيرج آهي ۽ صبر آهي. ڪير آهي جيڪو پنهنجي ڌرتيءَ جي وهندڙ درياهَ کي گدلو لکي. اهو ته ڪنهن ماهي ڪير جهڙو ۽ کنڊ جهڙو مٺو آهي. پر نه رڳو اهو اسان وٽ ته وٽن جي به پنهنجي حيثيت آهي، پر ايتريقدر جو

بوندون جي به هڪڙي ماحول جي جوڙڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿيون. اهو ماحوليات جو سهڻو مثال هي ڏسو:

وڻ ٽا جهومن واءُ ۾،
ساون پنن جي،
مٿان بوندون ٿيون وسن.
مٽي ٿي مهڪي پئي،
رستن ڪچن جي،
مٿان بوندون ٿيون وسن.(29)

بارش پنهنجي پاڻ سان ڪيئي عنصر کڻي ايندي آهي، ان ۾ رڳو بادلن، ڪڪرن، بجلي، گجگوڙ، ڦڙين، قطرن، هوا، طوفان ۽ بوندن جو ئي ذڪر نه ٿو اچي بلڪه ان سان جُڙيل ڪيئي فطرت جون حسين شيون موجود هونديون آهن، جيڪي هڪڙو خوبصورت ماحول جوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. بارش جي اچڻ سان اڳ واءُ گهلي ٿو، وڻ جهومن ٿا، ڳائن ٿا، نچن ٿا! خوشيءَ جو اظهار ڪن ٿا، بارش انهن جا ساوا خوبصورت پَن ڌوئي ٿي ڇڏي، انهن کي اڇو اُجرو ڪري ڇڏي ٿي، انهن جي حسن ۾ اضافو ٿئي ٿو. گڏوگڏ مٽيءَ جي پنهنجي سڳنڌ ٿيندي آهي بارش جي ڪري ئي! ان ۾ جيڪو هڳاءُ پيدا ٿئي ٿو اهو بارش جي بدولت آهي! بارش جڏهن به پوي ٿي ته ان سان جُڙيل پورو ماحول ئي تبديل ٿي وڃي ٿو. جيڪي شيون اڳ اڻ وڻندڙ هُيون، اُهي بارش بعد يا بارش پوڻ دوران سهڻيون ۽ وڻندڙ لڳنديون آهن. تنهن ڪري به بارش ڪا اڪيلي ماحول جي جوڙيندي ڪونهي! ان ۾ ٻيا به ڪيئي عنصر موجود هوندا آهن. ماحول اسان جي هر طرف موجود آهي، اهو اسان کي ڪنهن سمنڊ، درياهه، ڪنهن ڍنڍ تي به گهڻو ٽٽو ڏسڻ

لاءِ ملي ٿو. جتي شام جو پهرَ ۾ پکين جي لانڍ موجود هوندي آهي ۽ ان سان گڏ ان ڍنڍ يا نديءَ جي ڪناري تي ٻيا ڪيئي اهڙا عنصر موجود هوندا آهن، جيڪي ملي اتان جي حسن ۾ اضافو ڪندا آهن. اهڙي ئي هڪڙي ڍنڍ تي لهندڙ پکيءَ جي گهمڻ واري منظر ۽ ان لاءِ شڪاريءَ جو تذڪرو ڪندي مشتاق ڦل هيئن لکي ٿو ته:

ڍنڍ تي لهندڙ پکي،
ڍنڍ ۾ ترندڙ پکي.
ڏس ڪنڌيءَ جي لام تي،
شام جو لڏندڙ پکي.
۽ پرينءَ جي پار ڏي،
صبح جو اڏندڙ پکي.
ڪيترا سهڻا سڀاجها ٿا لڳن! (30)

اوهان ڪڏهن اهڙيءَ ڍنڍ تي وڃو، جتي ڍنڍ ۾ سج لهندو هجي، آسمان ڪارو ٿي وڃي، ۽ سج جي لالاڻ چوڌاري اوهان جي اکين تي ڇانيل هجي، ان جي ڪناري ڪارا ۽ اڇي رنگ جا سهڻا پکي اوهان کي ۽ اوهان انهن کي ڏسي رهيا هجو. مٿيون منظر به ڪجهه ساڳيو ئي ڏيک ڏئي رهيو آهي، جنهن ۾ ڍنڍ تي پکي لهن ٿا، ڍنڍ ۾ پکي ترن ٿا، شام جو پهر آهي، وڻن جون لامون پکين جي ڪري لڏي رهيون آهن، ۽ اهي ساڳيا ئي پکي وري صبح مهل ائين اڏري ٿا وڃن، جڻ اهي پرينءَ پار ويندا هجن. اهڙو ئي هڪڙو شام جو منظر جنهن ۾ شام ٿئي ٿي، سج لهي ٿو، ڳاڙهاڻ ٿئي ٿي ۽ ان شام جي ماحول جو ذڪر سعيد ميمڻ هيئن ڪيو آهي:

چوڏس ڳاڙهي روشني،
ڏنڊلا ساوا وڻ،
سج لهي ٿو شام جو.
هوريان هوريان ڳوٺ ڏي،
موٽن ٿا هو ڌڻ،
سج لهي ٿو شام جو. (31)

سج لهي ٿو شام جو! عام طور تي اهو فقرو به عام آهي، ته اهو روزمره جو ئي ٿيندڙ واقعو آهي، ان ۾ ڀلا ڪهڙي ڪا نئين ڳالهه آهي! پر جڏهن به اهو فقرو ڪنهن شاعر ڀاران لکيو يا ڳايو ويو آهي ته ان جو اهو ئي مطلب آهي ته شام جي پهرَ ڏانهن ڪنهن شيءِ طرف ڏيان ڇڪائجي! اسان وٽ شامون روز اينديون وينديون آهن! پر شاعر انهن شامن ۾ ڪيئي ماحوليات عنصر ڏسي وٺندو آهي ۽ پوءِ اهي پنهنجي طريقي ۽ پنهنجي اسلوب سان بيان ڪندو آهي. چوڏس لالاڻ جي روشني ڦهليل آهي، وڻ ٽڻ ٻوٽا ڏنڊلا نظر اچي رهيا آهن، ۽ ان ئي پهرَ ۾ هوڏانهن ڳوٺ طرف اهو ڌڻ موٽي رهيو آهي جيڪو چرڻ لاءِ چراغان ويل هو! جيڪو هاڻي چري ڪري شامن واري لالاڻ جي روشنيءَ هوندي موٽي ٿو.

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن درياهه، ڍنڍ يا نديءَ جي ڪناري اسان کي ڪجهه اهڙا به حسين منظر ڏسڻ لاءِ ملن ٿا جيڪي واقعي ئي خوبصورتيءَ جو مثال آهن. اهڙو ئي هڪڙي وائي رضا بخاري لکي ٿو جنهن ۾ جرَ تي لام ترندي نظر اچي ٿي.

ڏس ته چنبيليءَ لام،
جرَ تي ترندي ٿي وڃي!
اودي رنگن جي پني،

مدهوشيءَ ۾ شام،

جرَ تي ترندي ٿي وڃي! (32)

هي ڪيڏو نه سهڻو خيال آهي، ”مدهوشيءَ ۾ شام“. مٿان پاڻيءَ تي لڏندڙ ان چنبيليءَ جي لام جو حسن به ڏسجي ته ڪيئن ٿي اها لام پاڻيءَ ۾ ٻُڏيون هڻي ٿي يا وري ٻاهر نڪري ٿي، يا ان پاڻيءَ جي مٿان لامارا ائين ڏئي ٿي جيئن ڪو پکي پاڻيءَ تي پنهنجي شڪار لاءِ لامارا ڏيندو آهي. انهيءَ سبب ڪري ان ٿاريءَ جي پنن رنگَ اوڊيا آهن، جنهن سان شام مدهوشيءَ ۾ ٻڏل نظر اچي ٿي. يقينن اهو منظر به ڪنهن درياهه يا ڍنڍ جو ئي آهي جتي اهڙا خوبصورت منظر عام ڏسڻ لاءِ ملندا آهن. ۽ ان کي صرف ڪو شاعر ئي ائين بيان ڪري سگهندو آهي. شاعر صحرا ۾ به رنگَ پري ڏيکاري ٿو هو رڻ کي به پنهنجي شاعريءَ وسيلي حُسن جو معجزو چوي ٿو. ان وٽ ماحول جو هر ننڍو وڏو عنصر ساڃي ئي معنيٰ رکي ٿو، اهڙيءَ ريت تتل واريءَ تي اصغر جتوئي هيئن رنگَ پريا آهن:

جهڙُ ڦڙُ وُني جَهامَ،

تتل واريءَ تي.

”من مسافر تنها، رڻ ۾ لِٿي شامَ“،

تتل واريءَ تي. (33)

ريگستان اهو واحد علائقو هوندو آهي جتي سواءِ واريءَ ۽ ڪانڊيرن جي ڪو ٻيو منظر ڏسڻ جهڙو ناهي ملندو، پر شاعر پنهنجي نگاهِ حسن سان اتي به ماحول ۽ فطرت جي ڳانڍاپي کي گهري اک سان ڏسي ٿو وٺي، جتي واري تتل هجي ۽ جهڙالو موسم ٿئي، ۽ پوءِ بارش پئجي رهي هجي. ۽ ڪو مسافر ان رڻ ۾ لهندڙ شام گهوري رهيو هجي. شاعر تنهن ڪري ئي ته فطرت ۽ ماحول جا عاشق

هوندا آهن، ۽ انهن لاءِ صحرا جهڙو ٿوس واريءَ وارو علائقو به سيراب هوندو آهي. اهڙو ئي هڪڙو ٻيو منظر اصغر هيئن ٻڌايو آهي:

ڳهميل واريءَ تي پيا، سورج جا ڪرڻا!
ڌرتي تي پئي آرسي!
ڏوپي ماڪَ ڦُڙن سان، پنَ چمڪيا آڪ جا!
ڌرتي تي پئي آرسي!
تتل واريءَ تي پيا، مينهڙا وَڏَ ڦُڙا!
ڌرتي تي پئي آرسي! (34)

هي منظر بارش ڪان پوءِ جو آهي! جنهن ۾ بارش ٿر جي تتل واريءَ تي ڪرڻ جيان پوي ٿي، گهميل واريءَ تي سج جا ڪرڻا چمڪي رهيا آهن. ٿر جي ريگستان ۾ جيڪي به وڻن ٽڻ ٻوٽا ڦٽندا آهن انهن تي ڇڻ ڪو نئون نکار يا ڪو شفاف پاڻي چڙهيل محسوس ٿيندو آهي. بارش جي شيشي جهڙن ڦڙن سان آڪ جا کهرا سُڪا پنَ به چمڪندا رهندا آهن، رڳو آڪَ جي ئي ڳالهه نه آهي پر ان ۾ ڪيئي ٻيا به سنا سنا ٻوٽا هوندا آهن جيڪي ٿرَ وٽ وارياسي پٽن تي ٿيندا آهن. جنهن ۾ ڪيئي اهڙا ٻيا به خوبصورت وڻَ سونهن سان پرجي پوندا آهن.

هڪڙي پاسي شاعر پنهنجي حسين خيال ۽ تصورن جي دنيا ۾ فطرت ۽ ان ماحول کي اڪثر بيان ڪندا رهندا آهن، ته ٻئي پاسي وري انهن جا دشمن به ڪيئي آهن، جيڪي فطرت ۽ ماحول سان هٿ چراند ڪندا آيا آهن. يا جيڪي قدرت جي ان حسين عنصرن جا دشمن هوندا آهن. انهن جو هڪڙو مثال حبدار سولنگي هيئن ڏنو آهي:

نه باغن ۾ وڃڻ فطرت سان ڪائي دشمني چئبي،

پٽن گل باغ مان فطرت جو قتلِ عام ٿي چئبو. (35)

اسان وٽ اهي ماڻهو گهٽ ٿي آهن جيڪي باغن يا گلن سان پيار ڪندا هجن، انهن جو ڳاٽپو ڪري سگهجي ٿو، پر اهي ماڻهو هڪڙي پاسي اگر جي فطرت سان پيار نه ٿا ڪن ته گهٽ ۾ گهٽ ان جي تباهڪاريءَ جو سبب ته نه ٿين! ڪيئي ماڻهو باغن ۾ صرف اتان جي سونهن ۽ حسن ڏسڻ ويندا آهن، ڪيئي اتي شاعريءَ ڪرڻ ويندا آهن، پر ڪيئي صرف اتي گلَ پٽيندا ۽ انهن لاءِ نقصان ڪندا آهن. پوءِ ان جو نتيجو قاضي انجم هيئن بيان ڪري ٿو:

بيٺو وڻ اداس آ، خالي اٿم لام،
ڪيڏي ٿي وئي شام، پکي موٽيو ڪو نه آ. (36)

اها ڪهڙي نه بيوسي آهي وڻن جي! جتي انهن جون لامون لاٿيون وڃن ٿيون، جن تي انهن پکين جا آکيرا آهن جيڪي پنهنجي ٻچن لاءِ صبح جو ڪجهه چڳڻ لاءِ نڪرن ٿا ۽ وري شام ورندي انهن لاءِ ڪو داڻو آڻين ٿا، پر اگر جي نه وڻن جي ائين واڍ ٿيندي رهي، انهن جي ڪٽائي ائين ڪبي! ته ڪهڙا پکي اتي اچي رهندا! يا پوءِ ڪهڙو انهن لاءِ ڪو ٻيو گهر ٺهي سگهي ٿو پلا! رڳو اها فطرت سان ئي نه پر ماحول سان به هٿ چراند آهي، جيڪي عنصر فطري طور تي جڙيل رهن ٿا، سي ماحول جو خاص حصو هوندا آهن. جڏهن اسان پنهنجي آس پاس حسين باغيچا ڏسندا آهيون، اهي نه رڳو پنهنجي اندر وسيع حُسن بلڪه وسيع جيوتَ رکيو ويٺل هوندا آهن. انهن جي اهڙي تباهڪاريءَ جو مطلب آهي، ان جيوتَ جي تباهڪاري. انهن کي ائين پٽڻ چيپاٽڻ، چيٿاڙڻ هرگز به سني ڳالهه ڪونهي، ائين حسين شاعر مشتاق ڦل لکي ٿو:

گل کي تون چيپاتين چو ٿو،
گل کي تون چيٿاڙين چو ٿو.

گل جو واس ڪيئي جُڳ رهڻ،
سونهن هٿن سان ساڙين چو ٿو؟ (37)

سچيءَ دنيا ۾ وٽن، ٻيلن ۽ ٻوٽن پوکڻ جو هڪڙو الڳ ئي نظام آهي، جنهن ۾ هو نه رڳو سرڪاري سطح تي بلڪه عوامي سطح تي به اهڙي مهم هلائڻ وارا ڪيئي افراد موجود هوندا آهن. ڪيئي اهڙا ماڻهو به آهن، جيڪي ائين سونهن کي ساڙين ٿا يا پوءِ ان جي ائين بي حرمتي ڪن ٿا، انهن جي خوبصورتي ۽ انهن جي سونهن انهن کان برداشت ئي نه ٿيندي آهي جنهن ڪري هو اهو سڀ ڏسي نه سگهندا آهن، اهي ساڙ ۾ پريا پيا هوندا آهن، هو ڪنهن به حسين شيءِ کي بخشيندا نه آهن، هر طرح سان ڪوشش ڪندا آهن ته ان کي ننديون! اڪثر ماڻهن ۾ اهو عام آهي ته اهي گلن کي پٽي، ان کي چيپاتي ان جا ٽڪرا ڪري ڇڏين ٿا، بجاءِ جي ان جو واسُ وٺن يا ان جي خوشبوءِ مان مستفيد ٿين، هو ان کي ائين ئي تباهه ڪري ڇڏيندا آهن، پر ان هوندي به گل هميشه ئي رهڻا آهن، اهي ڪڏهن به مرڻا نه آهن. گل هجن توڙي اُهي ٻيلا يا پوءِ وڻّ، اهي اسان جي ڇانوَ جو سبب ٿيندا آهن. جيئن حسن لکيو:

ڇٽي ڇانو آخر آ، پٽ تي سمهي پئي،
وٽن جا وڏا بند ڪانير هيٺان. (38)

اسين جيڪا به ماحول سان هٿ چراند ڪري رهيا آهيون، ان جو اڳ پوءِ نقصان به اسان کي ئي ٿي رهيو آهي، اسين اهو نه ٿا ڏسون ته جيڪي وڻ اسان جي جياپي لاءِ اسان جي ڪم اچن ٿا اسين انهن لاءِ ئي ڪات ڪهاڙا کنيو بيٺا رهون ٿا. جيڪي اسان جي چانوَ جو سبب آهن اسين انهن جا ئي دشمن آهيون. دنيا جي سڀني مُلڪن ۾ اهڙا ميوا ڏيندڙ وڻ ٻوٽا خاص طور نه صرف پوکيا ويندا آهن، پر انهن جي باغيچن لاءِ خاص نظام پڻ ناهيو ويندو آهي، جيئن اسان وٽ انبن جي اُپاءَ لاءِ خاص قسم جا باغ منسوب آهن. اهڙا وڻ رڳو اسان کي چانوَ ئي نه بلڪه اهي ته اسان کي ميوا به ڏيندا آهن. ساڳي ئي شعر ۾ ڏسو:

وري وڻ کي بيهي، تصور ۾ ڏوٺي،
نندن ٻارڙن پٺي کنيا ٻير هيٺان. (39)

اڪثر اسان جي ڳوٺن ۾ اهي وڻَ چانوَ ۽ ميوا ڏيڻ جو سامان مهيا ڪندا آهن. شهر جي مقابلي ٻهراڙيءَ ۾ اهي وڻ اسان جي ماحول سان جُڙيل رهن ٿا. جيڪي نه رڳو وڏن پر ٻارن جي وندر جو به سامان ٿيو پون. اهي هڪڙي پاسي اسان جي لاءِ آرام ۽ سڪون پيدا ڪن ٿا ته ٻئي پاسي وري اسان جي کائڻ لاءِ ميوا وغيره ڏين ٿا. پرانسان انهن جي واڌ کان مُڙي نه ٿو، اهو به نه ٿو سوچي ته اتي ڪي جاندار يا فطرت جا ڪجهه شاهڪار رهن ٿا. جن جا اسان گهر اجاڙي رهيا آهيون. حسن لکي ٿو:

پکي وڻ جي ٽاريءَ ۾ تبديل ٿي ويو،
اُها وڻ جي ٽاري، اُتان کان اُڏي وئي. (40)

ڪنهن به وڻ وڏڻ کان اڳ ڪو به واڌي اهو ناهي سوچيندو ته ان تي ڪهڙي جيوت رهي ٿي يا پوءِ ان تي ڪهڙي جيوت جو گهر تي سگهي ٿو. اسان جي آس پاس موجود شين جو اسين ڪڏهن به سوچيو ئي ڪونهي! اهي شيون جيڪي اسان جي ماحول جو حصو آهن. جن سان هي ماحول ٺهيو آهي، جن سان هن ماحول جي بقا آهي. پکي ته هميشه ئي پنهنجو گهر انهن وڻن کي ئي سمجهندا آيا آهن، پر جي اهو وڻ ئي وڍجي وڃي! يا ان جي ڪنهن به شاخ کي ڪٽي اڇلائي ٿو ڇڏجي ته ان ۾ پکي به ان جو شڪار ٿين ٿا.

پر اسان جي ماحول ۾ رڳو وڻ ٻوٽا ئي نه بلڪه ٻيا به ڪيئي اهڙا اسباب آهن جيڪي هن ماحول کي وڌيڪ خوبصورت ۽ دلڪش بڻائي رهيا آهن. جنهن ۾ خاص طور تي ڪنهن ڳوٺ جو منظر ته دلڪش ۽ دلفريب هوندو آهي، جنهن ۾ ماحوليات پنهنجي پوري جوڀن سان نظر ايندو آهي. اهڙو ئي هڪڙو شعر جنهن ۾ آڙيون اڏامي رهيون آهن، جنهن ۾ سج لاڙ تان لهي ٿو، حسن درس لکي ٿو:

اڏاڻيون ڏور پئي آڙيون، سمو ڪنهن سار
وانگي هو،
لڙيو پئي لاڙ تان سورج، مُهاڻي ٻار وانگي
هو.

وڻن تي ڪانگ ها ويٺل، ڳليءَ مان ڳئون
پئي آيون،
پراڻو ڳوٺ هو ليڪن، پرينءَ جي پار

وانگي هو. (41)

هي منظر هڪڙي ڳوٺ جو آهي، جنهن ۾ ڳئون ڪنهن ڳليءَ مان پنهنجي ماڳ ڏانهن واپس اچي رهيون آهن، ۽ شام جو پهر آهي ته ڪانگ وڻن ۾ موٽي آيا آهن. هوڏانهن آڙيون به اُڏامنديون واپس پنهنجي گهرن طر وڃڻ لڳيون آهن. ۽ سج لاڙ تي ائين لڙيو آهي جڻ ڪنهن مُهاڻي ٻار جو معصوم چهرو لڳندو هجي. هي اهڙو پهرَ ڪيڏو نه دلڪش آهي، جنهن ۾ فطرت جا سڀ رنگ ۽ ماحول سان پرپور نڪريل آهن. اڪثر ڳوٺن ۾ اهڙا منظر ڏسڻ لاءِ ملن ٿا، جيڪي اسان جي ماحوليات جو حصو آهن. جيڪي اسان ڌيان ۾ ناهيون آڻيندا. پر ان هوندي به هو اسان جي ماحول کي حسين بڻائيندا آهن پنهنجي وجود سان يا پنهنجي موجودگيءَ سان. اهڙا ئي ڪجهه ٻيا به حسين ۽ خوبصورت عنصر اسان جي ئي ماحول ۾ آس پاس پهاڙن پٿرن جي صورت ۾ به موجود هوندا آهن. انهن جي سونهن پڻ اسان کي متاثر ڪندي آهي. جي انهن مٿان ڪڏهن بارش ٿي پوي ته پوءِ ته ان جو نڪار ڏسڻ وٽان هوندو آهي. چاڪاڻ جو پهاڙن تي پوندڙ مينهن انهن پٿرن جي خوبصورتي کي وڌائي ڇڏي ٿو، انهن ۾ جان وجهي ٿو. جيئن اياز لکي ٿو:

ڪارونجهر تي اوڙڪون، اڄ به ساڳيا مينهن،
ها، پر جوين ڏينهن، رهي رهن ڪينڪي. (42)

ڪارونجهر مٿان اڄ بادل اوڙڪون ڪري آيا آهن، گجگوڙ ڪري رهيا آهن، بجلي ڪِري رهي آهي، ۽ برسات اها ئي زوردار ٿي آهي. پر اهڙا ڏينهن روز نه ايندا آهن. توڙي جو اهو حسين منظر ڪڏهن ئي ڏسڻ لاءِ ملي ٿو پر اهو معجزو

لڳي ٿو. پهاڙ جي خوبصورتي بارش سان آهي. پر ٻئي پاسي پٽ جو منظر به وڻندڙ آهي. جيئن:

تاريُن کندا کيترا، ڇيڙن ڳاڙها گل،
ڇا هيءَ توهر ٻُل، جو هو ڦٽو پٽ تي؟ (43)

پٽ تي ڪڏهن اوهان ٿوهر جا وڻ ڏٺا آهن؟ ويران واريءَ مٿان ٿوهر گل کڊي ٿو! اهو معجزو ئي چئبو. جتي پاڻيءَ جو پري پري تائين کو نشان ئي کونهي! سواءِ بارش جي مند ۾، جيڪا ان واريءَ جي پٽ کي سيراب ٿي کري. پر ان پٽ تي ٿوهر جو کانديرو ڳاڙها سهڻا گل ٿو پيدا کري. اسان کڏهن ايڏو غور نه کيو هوندو، ته اسان جي آس پاس ڇا ٿي رهيو آهي. اسان جي اردگرد کهڙا ٻوٽا ڦٽي رهيا آهن. پر پٽ تي ٿوهر جو کانديرو ڳاڙها گل کڊي ماحول کي خوشگوار بڻائي ٿو ڇڏي. پر ان ساڳي ئي صحرا ۾ ان ساڳي ئي ماحول اندر هڪڙو ٻيو به سهڻو ٻوٽو ڦٽي ٿو. اياز لکي ٿو:

آکن نيرا ڦُليا، مٿان مينهن وسن،
سارو ڏينهن گسن، کارونجهر سان
ککريون. (44)

کارونجهر جبل مٿان جڏهن بادل ايندا آهن، ۽ ان تي وسڻ شروع کندا آهن، ته ان کارونجهر جو حسن ۽ نکار ئي الڳ هوندو آهي، کارونجهر جبل تي قسمين قسمين ٻوٽا پاڻمرادو ڦٽي پوندا آهن. جن جي سونهن جو کو جواب ئي ناهي هوندو. انهن ٻوٽن منجهان هڪڙو ٻوٽو "آک "جو به آهي. جنهن ۾ سهڻا نيري رنگ جا ننڍڙا ننڍڙا پتکڙا گل ٿيندا آهن. جيکي ان جي سونهن ۾ وڌيک اضافو کندا آهن. ۽ جڏهن کارونجهر تي وسکارو ٿيڻ بعد اهي ڦٽي نکري

جوان ٿي سامهون ايندا آهن ته انهن جي خوبصورتي ماحول کي تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. ڪجهه فطرت جا عنصر ماحول کي خوبصورت بڻائڻ ۾ پورو ڪردار ادا ڪندا آهن، جن ۾ گل مهر جو گل به آهي. شيخ اياز لکي ٿو:

ميان! مان ڄاڻان،
ٽيندو ڇا گل مهر سان،
پنَ ڇڻَ پڇاڻان. (45)

ڪجهه اهڙا به رنگ فطرت جا ٿيندا آهن، جن جي ڇٽڻ يا ان جي مُند جي ختم ٿيڻ جو ڏُک ضرور ٿيندو آهي، ائين هڪڙو گُل مهر جو به 'گُل' آهي. جنهن جي هڪڙي ئي مُند آهي. جنهن ۾ هو ڪِلي ٿو ۽ پنهنجي سونهن ڏيکاري ٿو! پر انهن جي به هڪڙي مُند ٿيندي آهي. يعني اهي پنهنجي مقرر وقت تي ئي ڪِڙندا، ٽڙندا ۽ ڦهلجندا آهن. انهن جي جوڀن جو نظارو سال جا ٻارنهن ئي مهينا ناهي هوندو، پر اهي صرف چند مهينن لاءِ ئي سامهون ايندا آهن ۽ پوءِ وري غائب ٿي ويندا آهن.

ماحوليات جا ڪيئي اهڙا به تصور ماڻهوءَ جي ذهن ۾ ايندا هوندا جيڪو عام ماڻهو سوچي ئي نه ٿو سگهي، يا شايد اهو ان طرف ڪا خاص دلچسپي به نه ٿو رکي. اوهان ڪڏهن پنهنجي آس پاس اک گهمائي ڏسو! ڪيتريون اهڙيون بي ٽُڪيون شيون موجود آهن جن تي ڪو به غور ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي! پر انهن سيني کان اهم آهي فطرت جون شيون! يعني اهي ته سڀ سهڻيون، حسين ۽ خوبصورت هونديون آهن، پر ان هوندي به عام ماڻهن جو ان طرف ڪو ڌيان ئي نه هوندو آهي! ڇا توهان ڪڏهن سوچيو آهي ته اوهان جي گهرن ۾ جيڪي وڻن ۾ آکيرا ٺين ٿا انهن جو ڇا حال آهي!؟ انهن پکين جا گهر به اسان جي گهرن جيان آهن! انهن جي زندگي به اسان جي زندگيءَ وانگر آهي! انهن جا مسئلا به اسان جي

زندگيءَ جي مسئلن جهڙا، انهن جي روزمره جي نوڪ جهوڪ به انسان جي نوڪ جهوڪ جهڙي هوندي! يا پوءِ اهي سڀ جو سڀ اسان کان مختلف هوندا آهن. يا الڳ سوچيندا آهن. اهڙي ئي هڪڙي خوبصورت تصور جو ٿورو جائزو وٺو. شيخ اياز ان کي هيئن لکي ٿو:

ڇُئه، ڇُئه چيهي کي،
مٽيءَ هاٺا پيرڙا،
ٿانگر تي نه رکي! (46)

اهو تصور ڪيڏو نه سهڻو ٿو لڳي! جيئن اسين پنهنجي گهرن ۾ گدلاڻ نه ٿا آڻيون، يا جي آڻيون به ٿا ته ان تي اسان جي روڪٽام ٿئي ٿي! چاهي گهر جي ڪنهن به ڀاتي پاران چو نه ٿي ٿيندي هجي! پر ٿيندي ضرور آهي! انسان پنهنجي ماحول کي صاف سٿرو ڏسڻ چاهيندو آهي! پر ڇا اهڙو ڪو تصور پکين لاءِ به آهي!؟ ڇا اهي به ائين ئي سوچين ٿا! ڇا ڪا مادا پکي پنهنجي ٽر جي پهچڻ تي ان جي پيرن جي گدلائڻ ڪري ان کي روڪيندي هوندي!؟ يا پوءِ ان کي ٿاريءَ تي ويهڻ کان جهيلندي هوندي. سوچڻ تي ڪيڏو نه خوبصورت تصور آهي. پر حقيقت ۾ اهو ئي اسان جو ماحول آهي جنهن ۾ اهي سڀ فطرت جون شيون اسان جي اردگرد آهن، جن جي به ڪا زندگي آهي، جن تي به سوچڻ گهربو آهي. اهڙو ئي هڪڙو ٻيو منظر جنهن ۾ هڪ پکيءَ جي ٺُڪ ٺُڪ ڏرتي ڏوڏي تي چڏي، جنهن ۾ ان جي اهڙي ڪٿِ ڪٿِ کي شيخ اياز ٻڌي ٿو ۽ چوي ٿو:

ڏرتيءَ ڪئي ڏڪِ ڏڪِ،
ڄڙ کي جهوجهاڙي وِئي،
ڪاٺ ڪُٽي ٺڪِ ٺڪِ. (47)

فطرت جي هن وايو منڊل ۾ ڪيئي حسين جاندار جِي رهيا آهن ۽ پنهنجو پنهنجو ڪم سرانجام ڏئي رهيا آهن، پر انهن سڀنيءَ جو ڪم ٿوري فرق سان ئي مختلف هوندو آهي، انهن منجهان ئي هڪڙو پکي اهڙو به آهي جنهن جو ڪم صرف ڪاٺ کي ڪٽڻ آهي! هو ڪڏهن پنهنجي گهر جي ٺاهڻ لاءِ ته ڪڏهن بنا ڪنهن گهر جي به ڪاٺ کي پيو ڏڪ هڻندو رهندو آهي! ان سان جيڪو آواز پيدا ٿيندو آهي! اهو ڌرتيءَ تي دل جي ڌڙڪڻ جهڙو محسوس ٿيندو آهي. ائين لڳندو آهي ڄڻ ڌرتيءَ جي دل هجي! يا جيڪڏهن ڪا دل هجي ها ڌرتيءَ کي ته پوءِ اُها دل اِها ئي هجي ها! جهڙو هي منظر آهي ته لڳندو ائين آهي ڄڻ ڌرتي ان مهل ڌڙڪي رهي آهي، ۽ وڻ جي جَڙ جهونجهاڙجي رهي آهي! ۽ جيڪو ان جي ڪٽڻ يا چهنب جي ٺُڪ جو آواز وڻ جي ٿُڙ سان ٽڪرائي ٿو ته اهو ڌڙڪن وڌائي ٿو ڇڏي. اهڙا ڪيئي پکي مختلف علائقن ۾ رهن ٿا جن جي زندگي به هڪٻئي کان مختلف ٿيندي آهي، انهن جي رهڻي ڪهڻي، شڪار جو طريقو ۽ ٻيو سڀ هڪ ٻئي کان مختلف ٿيندو آهي. پر هر علائقي ۾ رهندڙ جاندارن جا طور طريقا هڪٻئي کان منفرد هوندا آهن. انهيءَ سبب ڪري ڪجهه پکي وري پهاڙن جا به رهاڪو هوندا آهن، جيڪي پهاڙن مان نڪرندا ئي ڪونهن! جيئن باز ۽ سِرڻ وغيره. ڪجهه پکي وري صحرا ۽ ريگستان ۾ رهڻ پسند ڪندا آهن، جيئن موڙ ۽ تِتر وغيره. پر اڪثر انهن مان واريءَ کي پسند ڪندا آهن. جيڪي هميشه ڪنهن گهاٽي وڻ جي ڇانوَ ونڻ لاءِ پهچندا آهن. يا پوءِ ڪجهه چُڳڻ لاءِ اچي ويندا آهن. اهڙو ئي منظر شيخ اياز هيئن بيان ڪيو آهي:

هي جي واريءَ ڍير،
ڪهڙي پکيءَ پيرڙا،
ستن تي ڇٽيل ٻير؟ (48)

واريا سي پٽن تي اوهان اڪثر اهڙن جاندارن جي پيرن جا نشان ضرور ڏسندا آهيو، جيڪي اتان جا رهواسي هوندا آهن، جيڪي ان ماحول ۾ رهڻ جا عادي هوندا آهن، جيڪي اتان جي ماحول سان گڏ رلي ملي ويندا آهن. اڪثر اُتي نانگن، ڪيڪڙن ۽ پکين سان گڏ ٻيا به ڪيئي ننڍا ننڍا جيتَ جڻيا وغيره رهندا آهن. جن جا پيرڙا واريءَ تي اڪثر اسان کي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جيڪي اڪثر لنگهن جي آس پاس موجود هوندا آهن. اهڙيءَ ريت واريءَ جي ڍير تي ڪجهه پکين جو گهمڻ، يا انهن جي پيرن جا نشان اڪثر ئي موجود هوندا آهن، انهن جو مطلب هوندو آهي ته يا اهي چانوَ وٺڻ لاءِ ويٺل هئا يا پوءِ ڪنهن شيءِ جي کائڻ لاءِ، ائين ئي هتي به ڪجهه ٻيڙ وڻ هينان چٽيل آهن. ضرور اها ڪنهن پکيءَ جي شرارت هوندي يا پوءِ ان جي ئي ڪا حرڪت آهي جنهن ڪري پٽَ تي ٻيڙ ڪِريل آهن.

ماحوليات اسان جي انهن سڀني شين سان جڙيل آهي جيڪي به اسان جي هن ڌرتي، هن گولي تي موجود آهن، توڙي جو اهي جاندار هجن يا بي جان! پر انهن سڀني شين جو تعلق اڻ سڌي ريت اسان جي فطرت ۽ اسان جي ماحول هيٺ ايندو آهي! ۽ اها ئي ’ماحوليات‘ جي صحيح تشريح مڃي ويندي آهي.

## حوالا:

1: بلوچ، نبي، بخش، ڊاڪٽر، "هڪ جُلدي سنڌي سنڌي لغت"، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار اِدارو، حيدرآباد، 2017ع، ص: 597

(2)Oxford English Sindhi Dictionary, Oxford Univeristy Press, 2010, Page: 580

3: شمس الحق ، محمد، "ماحوليات"، قومي ڪونسل برائي فروغِ اردو زبان، وزارتِ ترقي انساني وسائل، حڪومتِ هند، 2022ع، ص: 35

4: شمس الحق، محمد، "ماحوليات"، قومي ڪونسل برائي فروغِ اردو زبان، وزارتِ ترقي انساني وسائل، حڪومتِ هند، 2022ع، ص: 35

5: آزاد خالد، جروار محمد خان (مرتب)، "دفتري لغت "، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع، ص: 247

6: نظاماڻي رئوف، "ماحوليات: ڌرتي ۽ انسان جو آئيندو"، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2022ع، ص: 26_27

7: آزاد خالد، جروار محمد خان (مرتب)، "دفتري لغت "، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع، ص: 89

8: بيگ مرزا قليچ، "عالمِ نباتات"، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2018ع، ص: 1

9: آزاد خالد، جروار محمد خان (مرتب)، "دفتري لغت "، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع، ص: 98

10: بيگ مرزا قليچ، "عالمِ نباتات"، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2018ع، ص: 1

Oxford English Sindhi Dictionary, Oxford Univeristy Press, 2010, Page: 1022 (11)

12: شمس الحق، محمد، "ماحوليات"، قومي ڪونسل برائي فروغِ اردو زبان، وزارتِ ترقي انساني وسائل، حڪومتِ هند، 2022ع، ص: 36

Oxford English Sindhi Dictionary, Oxford Univeristy Press, 2010, Page: 861 (13)

14: بيگ قليچ مرزا، "عالم آبي"، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2013ع، ص: 15

15: سميجو اسحاق ڊاڪٽر، "دل جو رستو (رومانوي غزل)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2003ع، ص: 13

16: لطيف فياض ڊاڪٽر، "شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2020ع ص: 464

17: نظاماڻي رئوف، "ماحوليات: ڌرتي ۽ انسان جو آئيندو"، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2020ع، ص: 44

18: قاسمي عادل امام اختر، مولانا، "ماحولياتي آلودگي- احکام اور مسائل"، مهتم جامعه رباني منور شريف، بهار، 2016ع، ص: 7

19: قاسمي عادل امام اختر، مولانا، "ماحولياتي آلودگي- احکام اور مسائل"، مهتم جامعه رباني منور شريف، بهار، 2016ع، ص: 8

20: قاسمي عادل امام اختر، مولانا، "ماحولياتي آلودگي- احکام اور مسائل"، مهتم جامعه رباني منور شريف، بهار، 2016ع، ص: 8

21: نظاماڻي رئوف، ”ماحوليات: ڌرتي ۽ انسان جو آئيندو“، سنڌ سلامت ڪتاب گھر، 2020ع، ص: 8-9

22: لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2020ع، ص:125

23:لغاري، اڪبر، ”سنڌي ادب جو مختصر جائزو“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2010ع، ص: 24

24: لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2020ع، ص:138

25: لطيف، فياض، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2020ع، ص:135

26: ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جو فڪري پس منظر“، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، 2017ع، ص: 279

27: سميجو، اسحاق، (مرتب) ”ڳاءِ انقلاب ڳاءِ“، (مزاحمتي شاعري)، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 253

28: عاجز، علي دوست، ”سائر جو سداءُ“، سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع، ص: 26

29: قاضي، انجم، ”ڳوڙهو ڳوڙهو سوڳ ۾“، مُرڪ پبليڪيشن شهداد ڪوٽ، 2018ع، ص: 109

30: ڦل، مشتاق ”دل ته چوي ٿي“، سنڌيڪا اڪيڊمي ، 2010ع، ص: 92

31: رياضت ٻرڙو (مرتب) ”ڏات ڏيئا ٻاريا“، ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 2010ع، ص: 54

32: رياضت ٻرڙو (مرتب) ”ڏات ڏيئا ٻاريا“، ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 2010ع، ص: 160

33: جتوئي، اصغر ”پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾“، سچائي اشاعت گھر دڙو، 2017ع، ص: 31

34: جتوئي، اصغر ”پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾“، سچائي اشاعت گھر دڙو، 2017ع، ص: 32

35: رياضت ٻرڙو (مرتب) "ڏات ڏيئا ٻاريا"، ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 2010ع، ص: 171

36: قاضي، انجم، "ڳوڙهو ڳوڙهو سوڳ ۾"، مُرڪ پبليڪيشن شهداد ڪوٽ، 2018ع، ص: 146

37: ڦل، مشتاق "دل ته چوي ٿي"، سنڌيڪا اڪيڊمي ، 2010ع، ص: 65

38: محبوب، ارم (سهيڙيندڙ) "حسن درس جو رسالو"، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي ، 2017ع، ص: 71

39: محبوب، ارم (سهيڙيندڙ) "حسن درس جو رسالو"، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي ، 2017ع، ص: 71

40: محبوب، ارم (سهيڙيندڙ) "حسن درس جو رسالو"، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي ، 2017ع، ص: 82

41: محبوب، ارم (سهيڙيندڙ) "حسن درس جو رسالو"، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي ، 2017ع، ص: 78

42: شيخ، اياز "آڪن نيرا ڦُليا"، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1988ع، ص: 18

43: شيخ، اياز "آڪن نيرا ڦُليا"، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1988ع، ص: 29

44: شيخ، اياز "آڪن نيرا ڦُليا"، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1988ع، ص: 42

45: شيخ، اياز "پن ڇڻ پڇاڻان"، ڊجيٽل پبلشر، سنڌي ادبي شاخ سکر، 1993ع، ص: 13

46: شيخ، اياز "پن ڇڻ پڇاڻان"، ڊجيٽل پبلشر، سنڌي ادبي شاخ سکر، 1993ع، ص: 13

47: شيخ، اياز "پن ڇڻ پڇاڻان"، ڊجيٽل پبلشر، سنڌي ادبي شاخ سکر، 1993ع، ص: 17

48: شيخ، اياز "پن ڇڻ پڇاڻان"، ڊجيٽل پبلشر، سنڌي ادبي شاخ سکر، 1993ع، ص: 18

باب ٽيون

# شاعري ۽ فطرت جو پاڻ ۾ تعلق

## شاعري ۽ فطرت:

شاعريءَ لاءِ انگريز ڏاهي وليم ورڊس ورٿ چيو هو ته ”شاعري اندر جي طاقتور اُڌمن جو بيساخته اظهار آهي. ”شاعري اسان جي احساسن، جذبن جو هڪڙو جهان آهي.

شاعري ۽ شاعراڻي فطرت هر شاعر ۾ الڳ الڳ هوندي آهي. شاعريءَ ۾ شاعر جي خارجي ۽ داخلي ڪيفيتون جُدا جُدا هونديون آهن. هر شاعر جو پنهنجو پنهنجو رنگ (Colour) ٿيندو آهي. جنهن کي اسين شاعراڻي فطرت چئون ٿا. ڪجهه شاعر پنهنجي وطن جو درد رکن ٿا ته ڪجهه وري پنهنجي شاعريءَ ۾ محبِ وطن هوندا آهن. ڪجهه شاعرن جي فطرت ۾ انهن جي مِٽيءَ جو هڳاءُ هوندو آهي ۽ ته ڪجهه شاعرن جي فطرت ۾ پنهنجي وطن جي هر حسين شيءِ سان لڳاءُ هوندو آهي. جيئن ڪجهه کي پنهنجي وطن جي درياهه، ان جي صحرا، ان جي رڻ، ان جي وڻجارن، ان جي واهن، ان جي رستن، ان جي پهاڙي چوٽين، ان جي آبشارن، ان جي آبهوا ۽ ان جي هر هڪ شيءِ سان عشق ٿيندو آهي. جڏهن ته ڪجهه شاعرن کي ڪائنات جي هر منظر سان عشق هوندو آهي. جيئن ڪهڪشائون، جيئن تارا، جيئن چنڊ، جيئن ڪتيون، جيئن آسمان ۾ نظر ايندڙ شيون، ۽ جيئن صبح جو ڦٽندڙ پرڀاتِ، يا سانجهيءَ جو منظر وغيره. اهو ئي شاعراڻي فطرت جو چٽو پٽو عڪس آهي، جيڪو شاعر جي داخلي فطرت جو ترجمان پڻ هوندو آهي.

اسان کي معلوم آهي ته شاعري انسان جي ترجماني ڪري ٿي، ۽ ان جي فڪر جي اظهار جو مرڪز رهي آهي. پر شاعريءَ رڳو ايترو ناهي ڪيو، بلڪه شاعريءَ انسان کي انيڪ موضوعن کان متوجهه پڻ ڪرايو آهي. ساڳي ريت شاعريءَ اندر ادبي ماحول به آهي. فطرت نگاري بعد ادبي ماحول شاعريءَ جي هر شعر جي عڪاسي ڪري اسان کي محسوس ڪرائي ٿو ته آخر ان شعر اندر

ڪھڙي منظر جي عڪاسي ۽ چٽسالي ڪئي وئي آھي. شعر جو مڪمل ماحول ۽ ان جي موضوع جو خاص حسن ئي ان اندر ماحول جي چٽسالي آھي.

سنڌ جي اڪثر شاعرن ۾ فطرت جا اھي سڀئي رنگ موجود آھن، جن ۾ سڀ کان اول ڌرتيءَ تي جنم وٺندڙ تھذيبن ۽ داتا درياھه بابت ڪجھه شاعر وري ان سان عشق بابت لکن ٿا. انھن منجھان علي دوست عاجز به ھڪ آھي. جنھن جو درياھه سان عشق ھن شعر ۾ واضع ڏسي سگھجي ٿو:

پاڻي پاڻ الله آ، پاڻي سڀ ساھه،
ڌرتيءَ منجھه درياھه، دل وانگي ڌڙڪي
پيو. (1)

شاعريءَ ذريعي ئي اوھين پنھنجي فطرت جو بھتر بچاءُ ڪري سگھندا آھيو، ڪجھه تھذيبن جا داتا ان تھذيب يا قوم لاءِ درياھه ٿيندا آھن. جيڪي سندن حقيقي اوتار آھن.

انيڪ شاعرن ۾ فطرت جا سڀ رنگ ڏسجن ٿا، جن کي فطرت جي ھرھڪ شيءِ سان پيار آھي، جيڪي فطرتي طور به انھن جي جماليات کان متاثر ٿي وڃن ٿا. شاعريءَ ۾ ڪِلندڙ قدرت جا ڪوڙ سارا نظارا فطرت جو مظھر ھونداآھن. جيئن ڪنول جا گل ٽڙن، اندلٺ اڀري جنھن ۾ ڳاڙھو، نارنگي، ڦيلو، سائو، آسماني، نيرو ۽ واڱڻائي رنگ ھجي. يا پوءِ عشق سونھن، قدرت، تلخي، دنياداري، وطن ۽ انسانيت جا رنگ سمايل ھجن. اھو سڀ ھڪ شاعر جي داخلي ڪيفيت جو نتيجو ھوندو آھي. ساڳي طرح شاعريءَ جي رنگينيت ۾ سڀئي رنگ آھن، تيئن ئي شاعر جي اندر ۾ به سڀ رنگ ڪڙندا رھندا آھن. جيئن اسحاق سميجي جي ھن شعر ۾ ھوا جي رنگينيت ڏسو:

تنهنجي چُنريءَ پنيان، تنهنجي واليءَ وٽان،
انڊلني انڊلني جهلملائي هوا. (2)

شاعر ئي قدرت جي سونهن جو وڏو شائق آهي، جيئن مٿين شعرن ۾ قدرت جي سونهن جا منظر ڀرپور ۽ بي شمار ملن ٿا. شاعري انسان جي ڪيفيتن جو تڪڙو ۽ آسان اظهار آهي. شاعري نه فقط اظهار پر احساسن جي زبان به آهي. اهو ئي سبب آهي جو شاعري ۾ موضوع جي حوالي سان ڪا به حد بندي نه هوندي آهي. ان ۾ اسان کي ڪيئي زندگيءَ سان لاڳاپيل روزه مره جا موضوع پڙهڻ لاءِ ملندا آهن.  شاعري ۽ فطرت جو ڳٿ جوڙ ائين ئي آهي جيئن اسان وٽ شاعريءَ لاءِ ان جي فن جو علم هئڻ ضروري هجي. فطرتي شاعري به شاعريءَ جي موضوعن منجهان هڪڙو اهم ۽ ڳوڙهو موضوع آهي. اها شاعري جنهن ۾ لفظ، منظر ۽ معنيٰ فطرت کي ويجهو هجن.

شاعريءَ ۾ فطرت جو مقصد يا ان جي اهميت ڪنهن به تخليقڪار جي آس پاس موجود قدرتي طور تي جنم وٺندڙ، وڌندڙ ويجهندڙ ۽ ڪائنات توڙي هن دنيا جي حسن کي تڪميل بخشيندڙ شين جي منظرن جي فنڪارانه طريقي سان اظهار جو نالو آهي. شاعري درحقيقت انهن قدرتي شين جي ڳوڙهي اڀياس ۽ تحقيق تائين پهچي ٿي. شاعر پنهنجي اک سان پنهنجي آس پاس جيڪي به قدرتي شيون ڏسي ٿو، جن ۾ ڪائنات، آسماني نظارا (يعني سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، ڪڪر ۽ ڪنوڻيون) وغيره سان گڏ زمين تي موجود وڻ ٽڻ، ٻوٽا، پهاڙ، جبل، سمنڊ، درياهه، جهرڻا، آبشار، ڍنڍون، جانور، پکي ۽ ٻيو جيڪا به مخلوق سندس جي اک مان گذري ٿي هو ان کي پنهنجي شاعريءَ وسيلي فطرت جي هر هڪ شيءِ جي حسن کي اظهاري سامهون آڻي ٿو. فطرت جي تشريح

ڪندي ڊاڪٽر فياض لطيف پنهنجي پي ايڇ ڊي مقالي ۾ لکي ٿو ته: ”فطرتي ۽ قدرتي حُسن کي حُسنِ فطرت، طبعي يا ڪائناتي حُسن به چئجي ٿو. ”(3)

ٻين لفظن ۾ حُسن ۽ فطرت هڪ ئي شيءِ نظر اچي ٿي. جيڪي ٻئي هڪٻئي جي لاءِ اهم آهن. يعني جيڪا اسان جي اک ڏسي ٿي، جيڪو ان شيءِ جو ظاهري حُسن اسان جي اک کي وڻي ٿو. اهو ئي ته فطرت جي سونهن جو مَهورَ آهي.

شاعريءَ اندر جڏهن اسين فطرت جي حسن جي يا ان جي مظهرن جي ڳالهه لکندا آهيون، ته اسين ان ۾ ڏسندا آهيون ته شاعر پنهنجي تخيل ذريعي ان حسن کي ڪهڙي نه حسين نموني چٽي ٿو. عام طور تي اهو ڏٺو ويو آهي، ته شاعريءَ ۾ انيڪ موضوع ٿين ٿا. پر ان انيڪ موضوعن منجهان فطرتي حسن بابت هر شاعر ضرور لکندو آهي. ڪجهه شاعر پنهنجي وطن جي حسين پهاڙن جي ڳالهه ڪندا آهن، ڪجهه شاعر پنهنجي وطن جي درياهه جي ڳالهه ڪندا آهن، ڪجهه شاعر پنهنجي وطن جي باغات جي ڳالهه ڪندا آهن، ڪجهه شاعر پکين، جانورن، ٻوٽن ۽ بارشن جي سونهن جو ذڪر ڪندا آهن. اهو سڀ جو سڀ ماحولياتي اثر، شاعر پنهنجي آس پاس ملندڙ شين جي باري ۾ سوچي پوءِ لکندو آهي. اهو مڪمل مشاهدو هڪڙي شاعر وٽ ان جي ماحولا منجهان ڪنيل ۽ ڏنل هوندو آهي. جنهن کي فطري سونهن جو مشاهدو به چئي سگهجي ٿو. ان باري ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي پنهنجي ڪتاب ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات ”۾ هڪ فيلسوف جو حوالو هن ريت بيان ڪري ٿو: ”اسان جڏهن ان نقطه نگاهه سان فطرت بابت ڳالهيون ٿا ته اسان جي ذهن ۾ هڪ شاعراڻو تصور جُڙي اچي ٿو. اهو ئي طريقو آهي جيڪو هڪ لٺ کي شاعراڻي وڻ کان ڌار ڪري ٿو.”(4)

هر عام فرد جڏهن به ڪنهن حسين شيءِ کي ڏسي ٿو ته هو پنهنجي تصوراتي دنيا ۾ ان بابت شعر لکڻ چاهي ٿو. توڙي جو هو شاعر نه آهي. اسان جي اندر موجود شعر لکڻ جي چاهت به فطرت جي حُسن وٽان ئي پيدا ٿيندي آهي. اسين هر ان شيءِ منجهان جلد ئي متاثر ٿي ويندا آهيون جيڪا پنهنجي وجود ۾ خوبصورت هجي. شاعري انهن سپني حسين شين جو هڪڙو سادو اظهار آهي. مگر شاعريءَ ۾ فطرت جو ٻيو رُخ صرف فطرت جو حُسن ئي نه بلڪه ان جو تشبيهه طور يا استعاري به استعمال ڪيو ويندو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿي: ”شاعريءَ ۾ فطرت جو ٻيو رُخ تشبيهه ۽ استعاري ذريعي هڪجهڙائي يا برابريءَ سان ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، جيئن ماڪ ڦڙن کي رات جا لڙڪ چوڻ، چنڊ کي رات جي پيشانيءَ تي تلڪ سان تشبيهه يا اُماس جي رات ۾ وشال آسمان ۾ چمڪندڙ تارن کي ’ستارن سان پريل چُني ’چوڻ وغيره ۽ فطرت کي پيش ڪرڻ جو ٽيون رُخ عام ٻوليءَ ۾ فطرت جي منظرن جو ذڪر ڪرڻ ٿيندو آهي جيڪو عام طور شاعر ڪندا رهندا آهن.“(5)

يعني شاعر پنهنجي مهارت آهر پنهنجي تجربي هيئت تشبيهه ۽ استعاري ذريعي جيڪا فطرت جي خوبصورتي چٽي ٿو، ۽ جيڪو ان جو روپ پيش ڪري ٿو، اهو بيحد منفرد ۽ نرالو آهي. رڳو ائين ڪونهي ته ان ۾ فطرت جي ڳالهه آهي، بلڪه ان ۾ سماجڪ استعارا به فطرت جي ڪنهن به عنصر سان ملائي پيش ڪيا وڃن ٿا. جيئن مٿين حوالي ۾ ’چُني ’جو ستارن سان ميل ڏيکاريل آهي.

## ڪلاسيڪل سنڌي شاعرن جي شاعريءَ ۾ فطرت:

اها شاعري جيڪا پنهنجي افاديت، گهرائي، حسن ۽ صداقت جي ڪري زمانن جي طوفانن ۽ انقلاب تي حاوي هجي. جيڪا پنهنجي هيئت ۽ سٽاءَ ۾ تازي هجي، ان کي ڪلاسيڪل شاعري چئبو آهي. ڪلاسيڪل شاعري جنهن کي اساسي شاعري به چيو ويندو آهي. ڪلاسيڪل شاعري اهڙي شاعري آهي جنهن جي قدامت هميشه ساڳي ئي رهي آهي. اهڙي شاعري جنهن ۾ شاعرانه خوبين جي اظهار بدران ڪا اعليٰ مقصد واري معنيٰ سمايل هجي ته اها ڪلاسيڪل شاعري هوندي آهي. هن شاعريءَ ۾ ساڳي طرح انيڪ موضوع موجود آهن، جيڪي اسان جي عام فهم ۾ اچن ٿا.

ڪلاسيڪل شاعري سنڌي ادب جو هڪ اهڙو سرمايو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي صوفي بزرگن سماج ۽ ان جي مسئلن بابت جيڪا اپٽار ڪئي آهي، سا لازوال آهي.

عام طور تي سنڌي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري اسان کي لوڪ شاعرن وٽان ملي ٿي. جنهن ۾ وڻن، ٻوٽن ۽ پنهنجي مٽيءَ ۽ درياه جو ذڪر ملي ٿي. لوڪ شاعريءَ اسان جو اثاثو آهي. تنهنڪري لوڪ شاعري پيڙهه جو ڪم ڪيو آهي. لوڪ شاعريءَ ۾ ٻيا به ڪيئي موضوع پڙهڻ لاءِ ملن ٿا پر اسان جو اهو بحث نه آهي. بلڪه سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعريءَ ۾ فطرت جي عڪاسي اسان جو موضوع آهي. ڪلاسيڪل شاعريءَ جو جڏهن به ذڪر اچي ٿو ته ان جو مطلب آهي هڪ دور ۽ هڪ روايت جو ذڪر آهي. سنڌي ڪلاسيڪل شاعري اندر جيڪي اعليٰ پايي جا شاعر آهن، جن پنهنجي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري کي چٽيو آهي، تن ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح رحه هالائي، شاهه عبدالڪريم، شاهه لطف الله قادري، ميون شاهه عنات رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، خواجه محمد زمان لنواري وارو، عبدالرحيم گرهوڙي وارو،

سچل سرمست،سامي، خليفو نبي بخش، صوفي دلپت ۽ حَمل فقير وغيره جهڙا شاعر ان صف ۾ شامل آهن. انهن سيني وڏن شاعرن جي تخليقي سگهه ئي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو هڪ الڳ معيار ٺاهيو آهي.

ان ۾ ڪوئي شڪ نه آهي ته ڪلاسيڪل ادب هجي يا ڪلاسيڪل شاعري، انهن ٻنهي ۾ فطرت جي عڪاسي ضرور ملي ٿي. هتي اسين پنهنجي هن موضوع سان سلهاڙيل چند اهم سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ ۾ فطرت جو مطالعو ۽ اڀياس ڪنداسين، تن ۾ ڪلاسيڪل شاعريءَ جي سرواڻن ۾ قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، ميون شاهه عنات رضوي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جهڙا معتبر ڪلاسيڪل شاعر شامل هوندا.

## قاضي قادن:

قاضي قادن سمن جي دؤر جو بلند پايي جو شاعر ٿي گذريو آهي. قاضي قادن جي والد جو نالو ابو سعيد هو. قاضي قادن جا وڏا بکر کان هجرت ڪري سيوهڻ ۾ اچي آباد ٿيا. قاضي قادن قرآن، حديث ۽ فقهه ۾ مجيل عالم هو، جنهن ڪري ئي ڄام نظام الدين جي زماني ۾ کيس قاضي مقرر ڪيو ويو هو. سڀ کان اول قاضي قادن جا ست بيت "بيان العارفين "شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي مفلوظات ۾ آيا. جيڪي شاهه ڪريم پنهنجي گفتگوءَ دوران چيا هئا، ۽ پوءِ اهي بعد ۾ "بيان العارفين "جي زينت بڻيا. قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ اسان کي فطرت جا ڪيئي رنگَ نظر اچن ٿا. جيئن:

ڪَڏهين ٻيري ٻوڙَ، ڪَڏِهين ڦلُ نه هِڪڙو،
ڪَڏهين ڀريان پور، ڪَڏهين سِڪان سڏ ڪي.(6)

ٻيڙ جو وڻ يا ان جو ڦل ته هر ڳوناٺي زندگيءَ جو حصو رهندو آيو آهي، جيڪو ڳوناٺي ماحول جو خاص عنصر به مڃيو ويندو آهي. هن شعر ۾ قاضي قادن ٻير جي وڻ ۾ سندس ڦلَ جي هجڻ جي ڳالهه کي تشبيهه طور استعمال ڪيو آهي. جنهن ۾ ٻيڙ جي وڻ جو ڪڏهن ته ڦلَ ڪائڻ کان به گهٽو هوندو آهي، اهڙيءَ طرح سڄڻ جي سِڪ به هوندي آهي. اهو قاضي قادن مٿان ماحول جو اثر ئي ته آهي، جو هو فطرت جي ڪجهه عنصرن جو ذڪر تشبيهه طور ڪٽي اچي ٿو. اهڙيءَ ريت قاضي قادن هڪ ٻئي منظر کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

ٻاڙيءَ ۾ ٻڙُ هيڪڙو، سو مون گهٽو سُهاءُ،
ناڙِ وِلاسي سَڄَڻان، چڙي پيي وڙاء.(7)

ٻيلي اندر هڪڙي وڻ جي اڪيلائي قاضي قادن پنهنجي اندر جي اڪيلائيءَ سان ملائي ڪري هڪڙو حسين منظر تخليق ڪيو آهي. هڪڙو ٻڙ جو وڻ فطرت جي نشاني هوندو آهي. جيڪو هن شعر ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. قاضي قادن وٽ فطرت جي منظرنگاري هڪ ڳوڙهي اڀياس جو ثبوت آهي. هر شاعر ٿورو گهڻو جيڪو پنهنجي ماحول ۾ آس پاس ڏسي ٿو ، اهو ان جي منظرڪشي ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي ته جيئن قاضي قادن فطرت جي ان منظر کي چٽيو آهي، اهڙيءَ ريت سندس ڪيئي بيت ملن ٿا.

<u>شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو:</u>

سنڌي آساسي شاعريءَ ۾ قاضي قادن کان پوءِ جنهن شاعر جو وڏيڪ ڪلام ملي سگهيو، اهو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو (جيڪو شاهه عبدالطيف جو تڙ ڏاڏو) آهي. شاهه عبدالڪريم جا وڏا هِرات جا رهاڪو هئا. سندس والد جو نالو لعل محمد هو. شاهه عبدالڪريم کي سنڌيءَ جو ”وڻائو تارو ”به ڪوٺيو ويو آهي. شاهه عبدالڪريم جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي لوڪ داستانن سهڻي ميهار، ليلا چنيسر، عمر مارئي، ۽ سسئي پنهون جو ذڪر ملي ٿو. هن بزرگ شاعر جا ڪُل 92 بيت ملي سگهيا آهن. جيڪي وحدت الوجود ۽ تصوف جي نظريي سان ٺمٽار آهن. شاهه عبدالڪريم جي شاعريءَ ۾ اسان کي فطرت جا انيڪ نظارا پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. جيئن:

هنج ٽِتهين هوءِ، اُوني ۾ اوڙاهه جو،
اي ڪانيرو ڪوءِ، جو ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري.(8)

هنج پکي جيئن ته موتي چُڳندو آهي، تنهن ڪري اهو اونهي پاڻيءَ ۾ نظر ايندو، ڇاڪاڻ جو موتي اونهي پاڻيءَ جي تري ۾ هوندا آهن، اها ڪانيري جي عادت آهي، جو ننڍي پاڻيءَ جي مٿان لامارا ڏي، ڇاڪاڻ جو ڪانيري جو قوت ننڍي مڇي هوندي آهي. شاهه عبدالڪريم وٽ اهڙن ڪيترن ئي ناياب پکين جو ذڪر ملي ٿو.

پکين جو پاڻيءَ تي اچڻ هڪڙو فطري عمل آهي، مگر ان جي تشبيهه هڪڙي عورت سان ڏيڻ واقعي ئي لاجواب ڳالهه آهي. شاهه عبدالڪريم سڄڻ جي سارَ کي پکين جي پاڻِيءَ لاءِ تڙپ ڏيکاري ٿو. ٻڌائڻ چاهي ٿو ته سڄڻ ان جي روح ۾ کهڙي نموني سمايل آهي. اهڙي نموني شاهه عبدالڪريم وٽ پکين جي اهميت هن شعر ۾ به نظر اچي ٿي:

پٽھاڙي سِرِ ٻَھڙو، جَرَ تي پکي چِنءَ،
اسان سڄڻ تِنءَ، رھيو آھي روح ۾.(9)

ھي منظر ھڪڙي تلاءَ يا ڍنڍ جو آھي جتي موتين جو اونھي پاڻي ۾ ھئڻ جو ذڪر آھي، ھنج پکي اونھي پاڻيءَ تائين گوتو لڳائي اھو موتي حاصل ڪندو آھي. مگر اھا ڳالھه ڪانيري پکيءَ لاءِ گھٽي اوکي ۽ ٻي پھچ آھي. شاھه عبدالڪريم فطرت جي ان منظر کي تصوف سان ڳنڍي ڇڏيو آھي. جنھن ۾ دنيا جي طلب کي پکيءَ جي طلب سان تشبيھه ڪري پيش ڪيو آھي. شاھه عبدالڪريم آساسي شاعرن ۾ پھريون اھو شاعر آھي، جنھن وٽ رومانوي داستان پڻ ملن ٿا. جنھن ۾ سسئيءَ جو جبلن، ماروي جو واري ۽ سان سڀنڌ پڻ شاھه ڪريم جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو. يعني پورو ھڪڙو فطرت جو ماحول شاھه ڪريم کان پوءِ وارن شاعرن اپنايو آھي.

## ميون شاھه عنات رضوي:

شاھه لطف اللہ قادريءَ کان پوءِ ڪلاسيڪل شاعريءَ جي تسلسل کي برقرار رکڻ وارو ٻيو وڏو شاعر 'ميون شاھه عنات رضوي 'آھي. ھي پھريون اھو شاعر ھو، جنھن جو مڪمل رسالو مليو، ۽ جنھن وٽان وائي جي صنف به ملي. سندس اڳ وارن شاعرن وٽ سلسيلوار سُرن جي ڪا به ترتيب موجود نه آھي. سندس وڏا بکر مان ھئا. سندس والد جو نالو سيد نصير الدين ھو. ميين شاھه عنات جي شاعريءَ ۾ نه صرف تصوف بلڪه ٻيا به ڪيئي موضوع پڙھڻ لاءِ ملن ٿا. جن ۾ جماليات سان گڏ فطرت جھڙن عنصرن جو به جُز موجود آھي. شاھه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ اسان کي فطرت جا انيڪ نظارا پڙھڻ لاءِ ملن ٿا. جيئن:

بادلؔ! وَسئو وَسُ، تو وُٺي وَسَ ٿئي،
اُڃئا جي ’عِناتُ ’چئي، راتِ تني کي رَسُ،
وَڇ نه سِڪي گاهه کي، رَڃَ نه لڳي ڪَسُ. (10)

هر شاعر وٽ فطرت جا سڀ رنگ موجود هوندا، هو چاهي ته ڪنهن به هڪ رنگ تي شاعريءَ جو ميدان سجائي سگهي ٿو، يا پوءِ ڪنهن هڪ صنف تي پيو لکندو رهي. ان جي باوجود سڀني شاعرن وٽ فطرت جي رنگن منجهان بارش رارو رنگ ضرور نظر ايندو آهي. جيڪو مٿي ميين شاهه عنات رضويءَ وٽ به موجود آهي. مٿين بيت ۾ ميين شاهه عنات ڪيڏي نه حسين نموني سان بادِلن جي وسڻ جي ڳالهه ڪري ٿو، جن جي وسڻ سان نه صرف انسان بلڪه جانورن لاءِ به خوب چارو مهيا ٿيو پوي. اهو فطرت کي هڪڙو عرض محسوس ڪجي ٿو. جنهن ۾ شاعر بادِلن سان ڳالهيون ڪن ٿا. ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ فطرت جي نظارن ۽ مظهرن جي اهڙي عڪاسي ملي ٿي. جو لڳي ٿو ته ڪنهن مصور پنهنجي سڄي مهارت سان اها شيءِ ترتيب ڏني هجي. اهڙيءَ طرح فطرت جي هڪ ٻئي عنصر کي ميون شاهه عنات هيئن بيان ڪري ٿو:

چنڊ تنهنجي بات، مون کي آهن مَن ۾،
الله لڳ عنات چئي، تون اڄو منجهه رات،
تن جنهن جي تات، سي ڏسي تون ڏيکار
مون.(11)

عام طور تي ڪلاسيڪل شاعرن وٽ چنڊ تشبيهه طور استعمال ٿيندو رهيو آهي. جنهن جي پنهنجي حيثيت آهي. چنڊ فطرت جي حسن منجهان هڪڙو خاص عنصر آهي. جنهن جي حسن، سونهن ۽ ان جي سندرتا کي ورلي ئي

ڪنهن شاعر پنهنجي محبوب سان نه پيتيو هوندو. ميين شاهه عنات وٽ به ان چنڊ جي سونهن، ان جي روشنائي جي خاص اهميت آهي. جنهن ڪي هو پنهنجي محبوب جي ديدار جو ذريعو سمجهي ٿو.

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي:

ميين شاهه عنات رضوي کان پوءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪمال جو شاعر ٿي گذريو. سنڌ جو هي عظيم شاعر 1689ع ۾ ڄائو ۽ سن 1752ع ۾ وفات ڪئي. شاهه عبداللطيف شاهه عبدالڪريم جو ڏڻ پوٽو ۽ شاهه حبيب جو فرزند هو. ڪيس شاعري شاهه عبدالڪريم کان جهڙوڪر ورثي ۾ ملي هئي. شاهه عبداللطيف واحد اهو ڪلاسيڪل شاعر آهي جنهن پنهنجي همعصرن کان علاوه ڪائنس اڳ وارن شاعرن ۽ بعد وارن ۾ وڏيڪ پذيرائي ماڻي. سندس شعر ۾ فڪر جي گهرائي ۽ وسعت موجود آهي. شاهه عبداللطيف به ٻين ڪلاسيڪل شاعرن جي روايت کي برقرار رکندي تصوف جي رمز سان گڏ نوان موضوع پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ شامل ڪيا. جن ۾ جماليات ۽ فطرت جي حسناڪي کان ويندي ماحوليات بابت به سندس شاعري ملي ٿي. شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ هڪڙو مڪمل رنگين جهان نظر اچي ٿو. جيئن:

اڄُ پُڻ اُتَرَ پارَ ذي، ڪَڪَرِيون ڪاريون،
وَسي ٿو وَڏڦُڙو، ٿهَڪَن ٽِپُون ٽاڍِيُون،
لَٽِيَن لُڪَ لَطِيفُ چئي، ڍائُون ٽاساريُون،
پِڃَندي پَٽاريُون، وَري وَٿاڻين آئِيُون.(12)

شاهه عبداللطيف وٽ ڪيئي رنگ آهن، لاڪ جي ڳاڙهاڻ، سانوڻ جي موسم ۾ اڇن ڪڪرن کي ٻاڦ چوڻ جو هُنر شاهه عبداللطيف جهڙي عظيم شاعر وٽ ئي ملي سگهي ٿو. جڻ هن اهي سڀئي رنگ هڪڙي ڪنواري چُنريءَ مٿان چٽيا هجن. اها فطرت جي ڪماليات آهي جو ان کي شاهه لطيف جهڙي عظيم شاعر پنهنجي فني ڪاريگريءَ سان استعمال ڪيو آهي. جيئن هن فطرت جا سڀ رنگ هن شعر ۾ چيا آهن:

آڄُ رسيلا رنگَ، بادل ڪڍيا ٻُرج سِين،
سازَ، سارنگيُون، سُرندڙا، ٻَجايَئين ٻُرچَنگَ،
صراحيون سارنگ، پلٽيُون راتِ پَدامَ تي، (13)

هي ڪيڏو نه عظيم فطرت جو خيال آهي، جنهن کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي مهارت سان پيش ڪيو آهي. آسمان تي ڪڪر عمارتن جيان چوٽين مٿان سهڻا ۽ چٽا رنگ چٽيا آهن. ڪَڪرن ۾ اهڙي طرح گجگوڙ پئي گجي، جيئن سڀئي ساز زور سان وڄي رهيا هجن. ۽ بارش سارنگ جي مُند وسي صحرا کي سيراب ڪري ڇڏيو هجي. فطرت يا ماحول جي لاءِ جيترو ٻين شاعرن لکيو آهي اوترو ئي اسان جي لوڪ ادب ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ به مختلف شاعرن وٽ ضرور نظر اچي ٿو. رڳو ائين ئي نه جديد شاعرن اثر ورتو آهي. بلڪه اهي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان انهن کان اڳ وارن شاعرن کان سڌو متاثر ٿيا آهن.

## جديد سنڌي شاعرن جي شاعريءَ ۾ فطرت:

جديديت جو لاڙو سنڌي ادب ۾ 70 واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿيو .جديديت سنڌي ادب ۾ "نئين شاعري "جي نالي سان ۽ اردوءَ ۾ "نيا ادب "جي نالي سان

متعارف ٿي. هي لاڙو يورپ ۾ 20 صدي جي وچ ڌاري "نئين لاڙي "سان اڀري سامهون آيو. جنهن پوري دنيا جي ادب ۾ نواڻ آڻڻ شروع ڪري ڇڏي. ان ۾ وڏا وڏا شاعر ۽ اديب پوري دنيا مان شامل ٿي لکڻ لڳا. ۽ هلندي هلندي هن ۾ ايڏي ته جدت آئي جو هي لاڙو جديديت کان ترقي پسند ادب ۾ داخل ٿي ويو.

سنڌي شاعريءَ ۾ به پڻ اسان کي جديد شاعرن ۾ ڪشنچند بيوس، مرزا قليچ بيگ، مير عبدالحسين سانگي وغيره جهڙا شاعر ملن ٿا جن نين روايتن جو شاعريءَ ذريعي آغاز ڪيو.

جديد شاعري 1935ع کان شروع ٿي آهي. جڏهن عروضي شاعريءَ جو بنياد پيو ۽ غير عروضي شاعريءَ جو رواج هو. جديد شاعريءَ جو باني ڪشنچند بيوس آهي. ڪشچند بيوس سڀ کان پهرين جديد شاعريءَ ۾ ان جي هيئت ۽ گهاڙيٽي ۾ تبديلي آندي. جديد شاعريءَ پنهنجو بنياد اڳ موجود ڪلاسيڪل روايتن کي تبديل ڪري پنهنجون نيون روايتون آنديون.

جديد شاعريءَ ۾ نئين روايتن جو شاعريءَ ذريعي آغاز ڪيو ويو ۽ نئين صنفن جو پڻ جنم ٿيو. جديد شاعري پنهنجي صنفن ۽ گهاڙيٽن جي ڪري سجاتي وڃي ٿي. جنهن ۾ مقبول  صنفن جهڙوڪ غزل، پابند نظم، آزاد نظم، نثري نظم، گيت، هائيڪو، سانيٽ ۽ ترائيل وغيره جو جنم ٿيو.

جديد سنڌي شاعريءَ جي شروعات ۽ رجحان بابت ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو: "سنڌيءَ ۾ صحيح معنيٰ ۾ جديد شاعريءَ جي ابتدا ترقي پسند شاعرن ئي ڪئي هئي. اها جدت مواد، ٻولي، خيال ۽ سوچ سان به تعلق رکي ٿي، ته شعر جي اندروني ناچي پيٽي، بناوت، پيشڪش ۽ اسلوب سان به وابسته آهي. " (14)

درحقيقت جديد سنڌي شاعريءَ جا موضوع به اهي ساڳيا ئي هئا. جيڪي اسان کي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ ملن ٿا. ان ۾ اهو ساڳيو ئي فڪري رسُ ۽ چسُ

پڻ پڙهڻ لاءِ ملي ٿو. جنهن ۾ تصوف، روحانيت، وحدالوجود، فڪر جي گهرائي، جماليات ۽ ان جا قسم، سماجڪ مسئلن کان وٺندي فطرت جي حسن ۽ جمال جو مڪمل ذڪر ملي ٿو.

جديد شاعريءَ جو فطرت سان ايترو ئي گهرو تعلق آهي، جيترو ڪلاسيڪل شاعريءَ جو تصوف ۽ وحدالوجود جي نظريي ۽ ان جي تخيل سان. اسان وٽ به ڪيئي جديد شاعر اسان کي اهڙا با ڪمال ملن ٿا جن پنهنجي شاعريءَ ۾ فطرت جي حسُن کي خوب سرجيو ۽ سنواريو آهي. جديد شاعريءَ جي شروعات کان وٺندي ايندڙ دور جي سڀني جديد فڪر جي شاعرن وٽ فطرت ۽ قدرت جو ذڪر ضرور هوندو آهي.

اهو ممڪن نه آهي ته جيڪي به جديد فڪري لاڙا ۽ رجحان اسان کي سنڌي ادب ۾ مغربي ادب مان مليا انهن کان علاوه به سنڌي جديد شاعريءَ کي پنهنجو موضوع ۽ پنهنجو اسلوب موجود هو. پر تنهن هوندي به ترقي پسند ادب (فڪري ادب)، جديديت ۽ رومانويت وغيره جهڙن لاڙن سنڌي جديد شاعرن وٽ هڪڙو الڳ فڪري معيار برپا ڪيو.

ان ۾ ڪوئي شڪ نه آهي ته ڪلاسيڪل شاعري هجي يا جديد شاعري، انهن ٻنهي ۾ فطرت جي عڪاسي ضرور ملي ٿي. هتي اسين پنهنجي هن موضوع سان سلهاڙيل چند اهم سنڌي جديد شاعرن جي شاعريءَ ۾ فطرت جو مطالعو ۽ اڀياس ڪنداسين، تن ۾ جديد شاعريءَ جي سرواڻن ۾ ڪشنچند بيوس، شيخ اياز، استاد بخاري، نارائڻ شيام، وفا ناٿن شاهي، اسحاق سيجو ۽ علي آڪاش جهڙا معتبر جديد شاعر شامل هوندا.

ڪشنچند بيوس:

جديد شاعريءَ جو باني ڪشچند بيوس 1885ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. ڪشنچند بيوس جي والد جو نالو تيرٿداس ڪتري هو. ڪشچند بيوس جو تخلص ”بيوس “هو. هن جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نواڻ آندي، جنهن ڪلاسيڪل جي فرسوده رسمن ۽ عقيدن کي ختم ڪري جديد شاعريءَ جو بنياد وڌو. هن شاعريءَ مان فارسي استعارن ۽ تشبيهن کي پوئتي ڌڪي، نج سنڌي شاعريءَ جا استعارا ۽ تشبيهون ڪٽي آيو. سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئون لاڙو پيدا ڪيو ۽ رجحان به ڪشنچند بيوس جي ڪري ئي پيدا ٿيو. جديد سنڌي شاعريءَ جي ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي وڌڻ ويجهڻ جي لاءِ هن نئين راهه ڏني. جنهن جو ثبوت اڄ شيخ اياز، ڪيلداس فاني ۽ ٻيا ڪيترائي آهن. جڏهن ته ڪشنچند بيوس سنڌ جو عوامي ۽ انقلابي شاعر طور تسليم ڪجي ٿو، ڇاڪاڻ ته هن ئي سنڌي شاعريءَ کي نوان اسلوب ۽ موضوع ڏنا.

ڪشچند بيوس فني حوالي سان پنهنجي شاعريءَ کي گيت، ڪافي ۽ نظم وغيره ۾ بيان ڪيو آهي. ڪائنس غزل جي صنف گهٽ ئي پڙهڻ لاءِ ملي آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڪيترائي نوان موضوع ۽ رجحان پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. پر رڳو ايترو ئي نه ڪيئي لاڙن جي باوجود ڪشنچند وٽ فطرت جي حسن ۽ فطرت بابت به ڪافي شعر پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. بيوس جي شاعريءَ ۾ وطن جو فطري ماحول آهي، جنهن ۾ فطرت جي عنصرن، پکي پکڻ ڪان ويندي آسمان، ڪنوڻ، پکين جي ڪنين، بجلي ۽ گُلن جي ذڪر سان گڏ بيوس رات جي منظر جي عڪاسي ڪندي هر هڪ شيءِ کي تفصيلي طور پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ ڪڙڪيٽي جو به ذڪر ڪيل آهي، بيوس لکي ٿو:

چا ڪڙ ڪڻيتي ڪي آهي ڪنوڻ ڪنين ۾،
بجلي ٻتي ڦري ٿي گويا ڳلن ڦلن ۾..(15)

ڪڙڪڻيتي جي اونداهه ۾ روشني ڪنهن اونداهي رات ۾ ڏيئي جهڙي هوندي آهي. هن شعر جي حُسناڪي اها آهي ته ان ۾ ڪڙڪڻيتي جي ٻرن ڪي ڪنوڻ سان تشبيهه ڏني وئي آهي. ۽ ڪنوڻ جو گُلن تي ڪِرڻ ڪنهن ٻتي جي مثل بيان ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت ڪشنچند بيوس فطرت ۽ ماحول جي حسن جي ساراهه مختلف فطرت جي رنگن ۾ شعرن ذريعي ڪئي آهي. ڪٿي ته هو بادلن ۽ ڪڪرن جي باري ۾ هيئن لکي ٿو:

گرجندي ڳوندي اچي،
اولهه ڪنان ڪاري گهٽا
ساز سرندن ساڻ
وڄندي بادلن واري گهٽا. (16)

اوهين ڪڏهن ڪڏهن بادلن يا ڪڪرن جو اهڙو ميڙ ضرور ڏٺو هوندو جيڪو گهٽو گهرو يا گهٽو پريل هوندو آهي، اڪثر ان سان گڏ بجلي ڪڙڪي رهي هوندي آهي، ۽ ان ۾ ڪڪرن جو گجرڻ، انهن جي سفر جي ڳالهه، ۽ ان جو ڪنهن ساز جيان وڄڻ به هڪڙو طلسم آهي. ڪشچند ان سڄي پسمنظر کي خوشيءَ سان تشبيهه طور استعمال ڪري، بادلن ۽ برسات جي وسڻ جو خوشي سان اظهار ڪيو آهي.

<u>شيخ اياز:</u>

شيخ اياز جنهن جو سچو نالو شيخ مبارڪ علي آهي. شيخ اياز 2 مارچ 1923ع عيسويءَ تي شڪارپور ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو غلام حسين هو. شيخ اياز شروعاتي تعليم شڪارپور مان ورتي. شيخ اياز جي شاعري فڪري حوالي سان ٻن دورن تي مشمتل آهي. پهريون دور ترقي پسند ۽ ٻيو دور تصوف جو آهي. اياز جي شاعري ۾ پهرئين ۽ پوئين دور ۾ نمايان تبديليون نظر اچن ٿيون. جنهنڪري ادبي حلقن ۾ تعريفي ۽ تنقيدي، ٻنهي حوالن سان گفتگوءَ جو موضوع بڻيو.

شيخ اياز ويهين صديءَ ۾ رڳو هڪ وڏو جديد تخليقي شاعر ئي نه، پر پاڻ سان گڏ هڪ دور کڻي آيو، جنهن جا اثر اڄ سڄو سنئون سنڌي شاعري تي آهن ۽ شايد ڪيترا زمانا اچا رهندا. جديد سنڌي شاعري ۾ شيخ اياز کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن به شاعر يا اديب پنهنجي دور جي شاعر ۽ پاڻ کان پوءِ ايندڙ ادبي نسلن تي ايترا اثر ڇڏيا جو شيخ اياز کي جديد سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ جينيس جو درجو مليل آهي. جنهن پنهنجي باڪمال فڪر، فن ۽ تخليقي ٻوليءَ سان پنهنجي دور جي شاعري ئي نه، پر ڪو نئون دور تخليق ڪيو هجي.

شيخ اياز جديد سنڌي شاعريءَ جو اهو پهريون وڏو شاعر هو، جنهن سنڌي شاعريءَ جي فارسي مان جند ڇڏائي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح رح، شاهه لطف الله، ميون شاهه عنات رضوي ۽ ان کان پوءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سامي، سچل سرمست ۽ صوفي شاعرن کي ڇڏي ڪري سنڌي شاعرن جي هڪ وڏي انگ تي، فارسي شاعريءَ جو وڏو اثر هو، پر شيخ اياز انهيءَ روايت کان بغاوت ڪري پنهنجي تخليق سان سنڌي شاعريءَ کي هڪ نئي دور ۾ وني آيو. جنهن ۾ ڪيئي نيون روايتون ۽ صنفون متعارف ڪرايون.

شيخ اياز پنهنجي لهجي، سوچ ۽ فڪري روايتن جو شاعر هو، جنهن کي جديد شاعر سڏيو ويندو آهي جو هن شاعريءَ ۾ نين صنفن جو واڌارو ڪيو. ۽ شاعريءَ ۾ نيون تحريڪن جو آغاز ڪيو. جيڪو ان کان اڳ گهٽ شاعرن وٽ ملي ٿو. شيخ اياز فطرت جو شاعر آهي. جنهن فطرت جي حسن ۽ ان جي جمال کي ڳايو. جنهن ڪري ڪلاسيڪل شاعرن کان پوءِ اياز ئي وڏو فطرت جو شاعر آهي. سرنهن جي گُلن جي ڳالهه هِن بي مثال منظر سان ڪري ٿو:

آءُ سرنهن گل ڪيا، مينهن پيا آءُ،
آءُ پرين آءُ. (17)

اياز محبوب جي سِڪ ۽ ان جي اچڻ جي ڳالهه فطرت جي هِن بي مثال منظر سان ڪري ٿو. سرنهن ۾ جڏهن گل ٿين ٿا، ۽ مينهن پون ٿا ته هڪ ادبي ماحول تخليق ٿئي ٿو. گڏوگڏ اياز پنهنجي ان شعر ذريعي پنهنجي محبوب جي انتظار جو اظهار ظاهر ڪيو. اياز نه رڳو سرنهن جي گلن جو ذڪر ڪري ٿو، بلڪه هو ٿر ۾ پوندڙ بارش کي هڪ نئين راڳ سان آلاپي به ٿو:

رم جهم رم جهم راڳ اُنهن سان،
ٿرَ برَ باهه لڳايا...
مٽي ماٽي لايان. (18)

هر قوم جي لاءِ ان جو وطن يا ان وطن جي مٽيءَ جي اهميت سڀ کان الڳ ۽ اهم هوندي آهي، هر شخص جي اها خواهش هوندي آهي ته هو پنهنجي وطن جي مٽيءَ ۾ ئي دفن ڪيو وڃي.اياز وٽ پنهنجي سنڌ جي ماحول ۽ فطرت جو هڪڙو الڳ ئي فڪر ملي ٿو. جنهن ۾ هو پنهنجي مٽيءَ کي وڏيڪ اهميت

ڏيندي ان جي شانَ مانَ وڌي اعتماد سان ڳائي وڃائي پيش ڪري ٿو. بارش جو پوڻ، راڳ جو ڳائجڻ، ٿرَ ۽ برَ ۾ باهه جو لڳائڻ به هڪڙو الڳ ئي قدرتي منظر چٽيو ويو آهي.

## استاد بخاري:

استاد بخاري سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر آهي. سندس اصلي نالو سيد احمد شاهه بخاري هو. سندس والد جو نالو سيد حاجن شاهه هو. استاد بخاري 16جنوري 1930 ع تي تعلقي ۽ ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ غلام چانڊيي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو بهترين ۽ جديد سنڌي شاعرن ۾ پهرينءَ صف جو شاعر هو. استاد بخاري پنهنجي لڪيل خوبصورت شاعريءَ جي ڪري ئي نه پر هُن فني حوالي سان به ڪمال ڪيو آهي. استاد بخاري واحد اهو شاعر هو جيڪو پنهنجي همعصرن ۾ وڏيڪ مقبول شاعر رهيو. استاد بخاري جو ڪلام عام فهم ۽ گهٽو سَهنجو هئڻ جي ڪري ئي هو عوامي شاعر هيو. جنهن نه صرف سادي ٻوليءَ جو استعمال ڪيو، بلڪه عام لغت کي بهترين ترڪيب سجائي پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو. استاد جي شاعري نه صرف عام بلڪه اها فڪر جي گهرائيءَ سان به مالا مال آهي.

استاد بخاري نه صرف عوامي پر هو رومانوي شاعر هو. جيڪو خاص طور تي سنڌ جي ٻهراڙيءَ واري حصي جو رومانوي نشانبر هو. جيڪو پنهنجي رومانوي اظهار ۾ بي خوف هيو. استاد بخاري نه صرف رومانوي بلڪه انقلابي، قومي، طبقاتي شعور جو حامل هو ان سان گڏوگڏ استاد بخاري فطرت پسند ۽ جماليات پسند شاعر پڻ هو. سندس شاعريءَ ۾ حسن پروري، عاشقي، فن سان محبت، قوميت، انقلابيت، جماليات ۽ فطرت پسنديءَ جا گهڻ طرفا عڪس نظر اچن ٿا.

استاد بخاري جي شاعري عشق جو اظهار، فن سان محبت، ٻوليءَ سان عشق جو لطيف ذريعو هو، اتي هن وٽ شاعري هڪ فڪري مورچو به هو، جتي هو پنهنجي دور کي جاڳائڻ، لوڏڻ، ڌوڏڻ ۽ متحرڪ ڪري تبديل ڪرڻ نه ٿي چاهيو. استاد بخاريءَ وٽ جماليات ۽ فطرت جو گڏيل ميلاپ نظر اچي ٿو، جيئن:

چڊڙا بادل، وٽندڙ ٽِڙڪو، ڦولهاريل سِرنهون،
سامهون تنهنجو چِلڪي چهري، اولا، تون هي
تون.(19)

ڪيڏي نه بهترين فطرت سان تشبيهه آهي محبوب کي، جو هن جي چهري جي چمڪ چڊڙن بادلن، وٽندڙ ٽِڙڪي، ۽ ڦولهاريل سرنهن سان ڀيٽي وئي آهي. ان شعر ۾ استاد بخاري فطرت جي ماحول کي بيان ڪندي بادلن، سج جي وٽندڙ اُس ۽ ڦولهاريل سرنهن جو هڪڙو حسين منظر چٽيو آهي. جنهن کي هڪ شاعر پنهنجي شاعريءَ وسيلي بيان ڪري ٿو. استاد بخاريءَ وٽ نه صرف سج ۽ بادلن جو ذڪر ملي ٿو، بلڪه گُلن، پنئرن ۽ باغن جو به پڻ ذڪر ملي ٿو، جيئن:

هڪ گل قطار پنئر ته هڪ پنئر گنج گل،
هِن باغ جي بهار جون کهڙيون ڪڇيون
ڪيون. (20)

گل جو پوئنر سان جيڪو تعلق يا رشتو آهي، سو گهڻو ئي گهرو ۽ مقبول رهيو آهي، ان جو ڪو به مثال نه ٿو ملي. جتي جتي به گل هوندا اتي اتي پوئنر پنهنجي پوري وجود سان موجود هوندا. استاد بخاري هي ڪيڏو نه سهڻو منظر باغ جو پيش ڪيو ويو آهي. ڪٿي ته گل هڪڙو ۽ پنئرن جي قطار هوندي آهي، ڪٿي وري پنئر هڪڙو ۽ گُل وڏيڪ آهن. اِهو هڪڙو باغ جو منظر آهي. پنئرن

جي گُلن لاءِ سِڪ يا ۽ گلن جي پنئرن جي لاءِ اُنسيت جو هڪڙو الڳ ئي معيار ڏيکاريو ويو آهي. استاد بخاري فطرت جو حسين شاعر آهي.جنهن وٽ فطرت ۽ ماحول بابت ڪيئي سهڻا سهڻا خيال آهن، هُن وٽ رڳو باغيچن، گلن، پوئنرن جو ذڪر ڪونهي، بلڪه ان جي ڪيئي غزلن ۾ فطرت جا خوبصورت رنگ ۽ منظر ڏسڻ ۾ ملن ٿا.

نارايڻ شيام:

سنڌ جو هي ناميارو شاعر 22 جولاءِ 1922ع تي نوشهروفيروز ۾ ڄائو. نارايڻ شيام سنڌ جي جديد شاعرن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. مگر بدقسمتيءَ سان نارايڻ شيام ورهاڱي جي ڪري سنڌ ڇڏي ٻئي طرف هليو ويو. تنهن ڪري سندس شاعريءَ تي ان سطح جو اثر پڻ گهٽجي ويو. تنهن هوندي به نارايڻ شيام جي سنڌي شاعريءَ ۾ هڪڙي الڳ ئي حيثيت آهي. نارايڻ شيام سنڌي شاعريءَ ۾ نفاست ۽ نزاڪت پيدا ڪئي. نه صرف ايترو پر هي اهو پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن سنڌي شاعريءَ ۾ هائيڪي ۽ سانيٽ جي روايت وڌي. نارايڻ شيام، شيخ اياز کان پوءِ سنڌيءَ جو وڏو شاعر مڃيو ويو آهي. سنڌ ۾ اياز ۽ هند ۾ نارايڻ شيام اهڙا به شاعر هئا، جن سنڌ ۽ هند جي وايو منڊل کي ڳنڍي رکيو. نارايڻ شيام جا ڪيترا ئي ڪتاب هند ۽ سنڌ ۾ ڇپيا.

نارايڻ شيام وٽ ڪيئي موضوع ۽ جديد لاڙا به سندس شاعريءَ ۾ ملن ٿا. هو ڪلاسيڪل شاعريءَ کان به واقفيت رکي پيو، تنهن ڪري سندس شاعريءَ ۾ جماليات، رومانويت ۽ فطرت جهڙا موضوع پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. خاص طور تي سندس شاعري ۾ جماليات ۽ فطرت جو وڏيڪ ذڪر آهي. نارايڻ

شيام فطرت جو عاشق شاعر هو. هُن وٽ جيترو حُسن ۽ جمال محبوب لاءِ نظر اچي ٿو، اوترو ئي هو فطرت ۽ قدرت جي حُسن جو به عاشق شاعر آهي. ان پنهنجي ماحول منجهان ڪيئي فطرت جا رنگ ڪنيا آهن. سندس شاعريءَ ۾ فطرت ۽ ماحول مان ڪنيل تخيل جو هي نظارو ڏسو:

ھِتي ڳولين ٿي جنهن کي، چانڊوڪي!
جاءِ ان صبح آهه بدلائي![21]

ڪڏهن ڪڏهن رات جي به پنهنجي ڪيفيت ٿيندي آهي، ڪڏهن ماٺ هوندي، ڪڏهن وري ان ۾ گجگوڙ ٿيندي پڌبي! پر هتي ڪيڏي نه سهڻي نموني رات جي تبديلي صبح ۾ ڏيکاري وئي آهي. نارايڻ چانڊوڪيءَ کي پٽڪندڙ روشني جيان لکي ٿو، جنهن ۾ هُن کي ڳوليندي صبح ٿي وڃي ٿي. ۽ اُها چانڊوڪي به ماند پئجي وڃي ٿي. اهو سڀ فطرت جي حسن جي هڪڙي جهلڪ آهي، جنهن ۾ رات جي چاندني آهي، جنهن ۾ صبح جو پهريون پهر آهي.

نارايڻ شيام گهڻ رُخو ۽ عام فهم شاعر آهي، هُن وٽ ڪيفيتون ئي شاعريءَ جي حقيقي خوراڪ ٿينديون آهن. هن جي شاعريءَ ۾ فطرت ساهُه کڻندي نظر اچي ٿي. نارايڻ شيام شاعريءَ جي ميدان ۾ ايترا ته گُل پوکيا جو شاعريءَ نه رڳو پنهنجي خوشبوءِ ڦهلائي، بلڪه شاعريءَ جو هڪڙو نئون جهانَ اڏيو. جتي ڪنول، پوئنر، باک ۽ رات جو ذڪر نظر ٿو اچي.

ڪِليو جڏَن ڪنول، پؤنر نڪتو اُڏامي،
ڦٽي باک ۽ راتڙي پڻ وهاڻي.[22]

ڪجهه شاعرن وٽ فطرت جي رنگن ۾ به ڪي خاص رنگ يا خاص عنصر بحث هيٺ هوندا آهن، جيئن ڪجهه گلن جي باري ۾ لکن ٿا، ڪجهه پوئنرن لاءِ،

ڪجهه پرهه لاءِ ۽ ڪجهه چانڊوڪي جي لاءِ لکن ٿا. انهن سڀني جي لکڻ جو پنهنجو پنهنجو اندازو، زوايو، تجربو ۽ مشاهدو آهي، هو ماحول جي هر انگَ تي نظر رکي لکندا آهن. نارايڻ شيام وٽ فطرت ۾ نباتات جي الڳ ئي اهميت ملي ٿي، جنهن ۾ هو گُلن جي مختلف قسمن ۽ ان جي بيهڪ جو بخوبي ئي تجزيو پيش ڪري ٿو. مٿيون صبح جو منظر آهي، جنهن ۾ باک ڦٽڻ سان رات ختم ٿي وڃي ٿي، ۽ صبح جو سج جي ڪِرڻن جي ڪري ڪنول ڪِلي بيهي ٿو، جنهن مان هڪڙو پؤنرو نڪري پوي ٿو. يقينن اهو منظر نارايڻ شيام ڀَسيو هوندو، جنهن ڪري هُن کي ان شعر جي ذريعي بيان ڪري ڇڏيو آهي.

## آٿم ناٿن شاهي:

آٿم ناٿن شاهيءَ جو اصلي نالو غلام رسول سولنگي هيو. ۽ سندس ادبي نالو 'آٿم ناٿن شاهي' هو. هي شاعر 2 جنوري 1937ع ۾ دادو ضلعي جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ پيدا ٿيو. سندس شمار ناليوارن شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هن فني حوالي سان شاعريءَ جي سڀني صنفن ۾ تجربا ڪري ان کي هڪڙو نئي انداز سان سنواريو. هي شاعر جديد شاعرن ۾ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. سندس موضوع نوان، اڻ ڇهيا، نفيس ۽ دلڪش آهن. خاص طور آٿم جي شاعريءَ ۾ جيڪو فطرت جو جمال ۽ ڪمال موجود ملي ٿو، سو ورلي ئي ڪنهن شاعر جي شاعريءَ ۾ نظر اچي ٿو. هو به فطرت ۽ ماحول جو شاعر آهي، جيڪو پنهنجي چاهه سان انهن منظرن ۽ انهن حسين فطرت جي عنصرن جو خوب ذڪر ڪري ٿو. نه رڳو هو تعريف ڪندي نظر ٿو اچي پر هو تاڪيد پڻ ڪندي نظر اچي ٿو. آٿم جو گلَ ۽ ٻوٽن سان پيار هن شعر ۾ ڏسو:

قدر گل جو نه جيڪو ڄاڻي ٿو،
ڪابه خوشبو اهو نه ماڻي ٿو.
(23)

ڪيڏي نه سادي ۽ سهڻي ڳالهه ڪئي آهي آثم! گل جي خوشبوءِ وٺڻ وارو ئي ان جو قدردان ٿيندو آهي. نبابات سان پيار، ٻوٽن ۽ گلن جي ڳالهه ڪندڙ شاعر فطرت جا شاعر هوندا آهن. انهن جي شعر ۾ فطرت جي ننڍن ننڍن عنصرن تي به نظر هوندي آهي. ڪجهه شاعر ته وڻن ٻوٽن جي زبان به سمجهندا آهن. بلڪه وڻن کي هڪڙي نه بلڪه انيڪ زبانون هونديون آهن. اها ڳالهه آثم هن طرح ڪري ٿو:

ٿو وڻ وڻ مون سان ڳالهائي،
هر وڻ کي ڪوڙ زبانون آهن.(24)

اها ڳالهه ڪيڏي نه عجيب آهي ته وڻن سان پيار ڪندڙ اڄ جي دور ۾ گهٽ، بلڪه انهن جي ڪٽائي ڪرڻ وارا وڌيڪ هوندا آهن. پر انهن جي زبان ۽ ٻولي به ٿيندي آهي. ڪين درد به ٿيندو آهي. اهڙي درد ۽ وڻن جي نزاڪت کي آثم سمجهي ورتو آهي. جيڪو لکي ٿو ته هن سان وڻَ ڳالهائن ٿا. جن کي زبان به آهي. جيڪو پنهنجو درد ۽ پنهنجي ڳالهه به کيس ٻڌائن ٿا.

شاعريءَ ۾ فطرت پسندي جو مقصد اهو آهي، ته شاعر پنهنجي آس پاس قدرتي منظرن منجهان چند شيون کڻي انهن جي شاعريءَ اندر عڪاسي ڪري ۽ ان کي حسن بخشي ٿو. اهڙا سنڌي ادب ۾ ڪيئي جديد شاعر موجود آهن. جن جي شاعريءَ ۾ جهجهي مقدار ۾ فطرت ۽ ٻيون قدرتي شيون ملن ٿيون.

## ناياب جانورن ۽ پکين جي بچاءَ ۾ رچيل شاعري:

شاعري صرف ڪنهن به هڪ موضوع تي ئي نه بلڪه انيڪ موضوعن تي گفتگو ڪندي رهندي آهي. ان جا مختلف پاسا ۽ رُخ هوندا آهن. جيڪي اسان جي نظر کان اوجهل رهندا آهن. شاعر جي اندر ۾ جيڪا وارتا يا ڪو واقعو جنم وٺندو آهي. هو ان کي سهڻي نموني چٽي پيش ڪندو آهي. شاعرن جو جانورن ۽ ناياب پکين سان پيارُ، انهن جي طبعيت يا مزاج تي منحصر ڪندو آهي. هو پنهنجي آس پاس موجود جانورن ۽ پکين جي زبان ٿي سامهون ايندا آهن. اسان وٽ سنڌ ۾ اهڙا ڪيترائي شاعر آهن، جن پنهنجي شاعريءَ وسيلي پنهنجي علائقي جي حسين جانورن ۽ پکين جي بچاءَ جي باري ۾ ڳالهايو ۽ احتجاج ڪيو آهي. اها رڳو اڄ جي دور جي ئي ڳالهه نه آهي بلڪه جانورن جي تعريف ۽ انهن جي اهميت بابت اسان کي ڪلاسيڪل شاعرن وٽ به خوب بحث نظر اچي ٿو. ايتري قدر جو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ وٽ ته هڪڙو سُر "ڪارايل (مور يا هنج) جي نالي سان موجود آهي. شاهه لطيف ۽ ان کان بعد وارن اساسي شاعرن کان ويندي اهڙي روايت جديد شاعرن وٽ به موجود آهي. جن نه رڳو جانورن جي تعريف ۾ لکيو آهي، بلڪه انهن جي بچاءَ لاءِ به ڪوشان رهيا آهن. جن ۾ سڀ کان اول صف ۾ شيخ اياز نظر اچي ٿو. اياز پکين ۽ جانورن جي درد کي پنهنجو درد سمجهيو آهي. هو لکي ٿو:

وري ٽانگهه تلوُرَ جي، عرَبَ آندا ٿي،
ڪيڏا ماندا ٿي، پاران پکيءَ رت
لئه.(25)

*

هن کي ڦهڪائي هنيهءِ، ڇا لئه ايئن
ڳُليلَ،
پاڻيءَ پيئَڻ ويلَ، پنڇي ڏُرکيو ڏُکَ
سان؟ (26)

*

اوچي وئي آڪاس کان کُنل آڙيءَ رڙ،
ڌرتيءَ کئي ڌڙ ڌڙ پر کنهن ٻڌي ڪا
نه ڪا. (27)

*

ڪري پئي ڪونج، فيرُ ٿيو بندوق مان،
اجا جنهن جي گونج، ڪيڻيءَ ڪري
ڪُوڪرا. (28)

هُن وٽ پکين جي مارڻ تي جيڪو درد آهي، سو حقيقي شاعر ئي محسوس ڪري ٿو. اياز پکين جي شڪار ۽ ان جي مارڻ کي نِنديو آهي. اسان وٽ سنڌ ۾ جيڪا ناياب پکين جي شڪار جي روايت عربن پاران وڌي وئي آهي. سا وڏيڪ ڏکائيندڙ ۽ دکدائڪ محسوس ٿئي ٿي. اياز اڄ جي ڪنهن ٻار کي هڪَل ڪري اها تلقين ڪري ٿو ته پکين جو مارڻ چڱو ڪم ڪونهي ته، ان جو مطلب آهي ته هو پکين جي بچاءَ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي. ايئن پکيءَ جي ڦاسڻ جي ڳالهه نارايڻ شيام پڻ لکي ٿو:

اُڏامندي ته پکي ڪو نه ڄار ۾ ڦاٿو،
سميٽي پر ڪٿي وينو تڏهن ئي پيد

پِتِس! (29)

پکين کي پلا کھڙي ڪَل ته سندن انتظار ۾ کھڙو شڪاري ڄار وڇائي ويٺو آهي. پکي ته اڏامندي به شڪار ڪيا وڃن ٿا. پر پکين جي شڪار ڪان پکين جي آزادي انهن جي اُڏام ۾ آهي. اهڙيءَ طرح رگهو نارايڻ شيام ئي نه بلڪه حبدار سولنگيءَ وٽ به پکين جي آزاديءَ جي ڳالهه پڙهڻ لاءِ ملي ٿي. هو لکي ٿو:

پڃرو خالي آ،
جنهن ۾ ٻاجهر سان پريل،
پئي هڪ پيالي آ. (30)

*

باغ جي وڻ تي پکي ويٺو هيو،
ٻارڙو ان لئه لکي ويٺو هو. (31)

حبدار سولنگيءَ ڪيڏي نه سٺي تجويز پيش ڪئي آهي. هو اهڙو نفيس شاعر محسوس ٿئي ٿو جنهن کي پکين جي قيد تي به اعتراض آهي. جيڪو نه ٿو چاهي ته ڪو به ناياب سهڻو پکي پڪڙي ان ڪان آزادي کسي وٺجي. اڄ جي دور ۾ اهڙا ڪيئي ماڻهو ملن ٿا جيڪي پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ ناياب پکي وٺي رکن ٿا. مگر انهن جي آزادي ڪين کسي ٿا وٺن. حبدار سولنگي ان عمل جي مذمت ڪري پکين لاءِ سراپا احتجاج ڪيو آهي. نه صرف اهو پر هو ننڍڙي جيوت جي باري ۾ به فڪرمند آهي، هو لکي ٿو:

پيرُ آيو ڪِوِل متان منهنجو،
هڪڙو ننڍڙو گُناهه ٿيو مون ڪان.

رات پر جسم تي گُهميون ڪوليون. (32)

حبدار سولنگيءَ وٽ فطرت جي هر خلقت جو فڪر موجود آهي. هو ته ننڍڙي ڪِول طرف به غور و فڪر جي تلقين ڪري ٿو، هو ان جي حيثيت ڪي اسان مٿان ظاهر ڪري انهيءَ جو درد احساس ڏياري ٿو. هُن جي فڪر جي رڳو حد ڪِول جي مرڻ جي ڪونهي. بلڪه هڪڙي قتل جي آهي. ننڍڙي خلقت هجي يا ڪا ناياب جانورن جي جيوت، شاعر ته سيني جي لاءِ لکن ٿا، ڳالهائن ٿا. جيئن اياز هڪڙي هرڻيءَ جي ڪُسڻ تي هيئن لکي ٿو:

هرڻي ڏيئي سِير، تو جا ڪاتي سان
ڪُٺِي،
دارا جي تقدير، اُبري آئي مون اڳيان. (33)

*

اي مِينهن! مرڻ ايندا،
تون تار ترائي ڪر، هر رات هرڻ ايندا. (34)

شيخ اياز وٽ ماحوليات تي گهري نظر ته ڏسو! هو واقعي ئي پنهنجي ماحول ۽ ان جي عنصرن منجهان بخوبي ئي واقف شاعر هو. جنهن باريڪ بينيءَ سان ان جي هر انگ تي مشاهداتي نظر وجهي ان جي هر رنگ کي خوبصورتي نموني چٽيو آهي! ٿرَ ۾ برسات پوڻ بعد واري ماحول جو ڪجهه عڪس ئي الڳ هوندو آهي. شيخ اياز اتي هرڻين جو ذڪر ڪيو آهي.

هرڻي هڪڙو نفيس ۽ نماڻو ناياب جانور آهي. ان جو شڪار يعني فطرت جي حسن جو شڪار آهي. اياز هرڻيءَ جي ڪُسڻ جو اظهار ڪري ٿو. اهڙي ريت جڏهن ٿر ۾ برساتون پونديون آهن، ته ننڍا ننڍا ڊورا پرجي ايندا آهن. جن تي رات جي

وقت هرڻ پاڻي پيئڻ جي لاءِ نڪري ايندا آهن. ۽ اتان جا مقامي ماڻهو انهن جو آساني سان شڪار ڪندا آهن. اياز رڳو ان جو ئي اظهار نه ڪيو آهي بلڪه هو انسان کي بگهڙ صفت ڪوٺي ٿو، لکي ٿو:

ڪڏهن چيريندي، ڦاڙهو ماري جهنگ

۾؟

ڇا تو بگهڙ کي، آهي سوچيندي ڏٺو؟

(35)

انسان جون ڪيئي صفتون آهن، هو ڪڏهن حساس آهي ته ڪڏهن جذباتي، ڪڏهن رحم دل ته ڪڏهن ظالم، ڪڏهن رُخو آهي ته ڪڏهن درياهه دل، ڪڏهن هو سنو آهي ته ڪڏهن ان جهڙو ڪُتو ڪير به نه! اهڙيون سڀ صفتون انسان ۾ ازل کان ئي موجود آهن. هو انهن سڀني صفتن سان گڏ گڏ وڌندو ويجهندو رهيو آهي. جتي هو جهنگ جا ڦاڙها چيريندو هُيو، اتي هو اڄ انسان چيريندي نظر اچي رهيو آهي. هُن وٽ ڪو به رحم ئي ڪونهي.

<u>وڻن ۽ ٻيلن جي واديءَ خلاف شاعرن جي دانهن</u>

شاعري انسان جي نه صرف احساسن، جذبن، اُمنگن، اميدن، آسرن، سهارن ۽ ان جي داخلي خيالات جي ترجمان هوندي آهي. مگر شاعري رڳو انهن شين کي ئي بيان ناهي ڪيو، بلڪه شاعري انقلاب، مزاحمت ۽ آواز جي بلنديءَ جو پڻ عنصر رهي آهي. اهو ئي سبب آهي، ته شاعري مزاحمت طور يا احتجاج طور هر ان شيءِ جي مخالفت ڪندي نظر ايندي آهي، جيڪي معاشري جي خرابي طور شمار ڪيا ويندا آهن. اهڙيءَ ريت وڻ ۽ ٻيلا فطرت جا حسين مظهر شمار ڪيا وڃن ٿا. انهن جي ڪٽائي يا واڍ يقينن معاشري جي لاءِ نقصان جو باعث آهي. وڻن جي ڪٽائي

يا انهن جي واڍ سان انسان نه صرف آڪسيجن کان محروم رهي ٿو. بلڪه ان جا ٻيا ڪيئي نقصانات هوندا آهن. وڻ اسان کي سج جي تپش کان بچائن ٿا ۽ برساتون ڪٺي اچن ٿا.

وڻ بچائڻ جي سلسلي ۾ هڪ مسئلو اهو به آهي ته وڻ هڪڙي اداري کي لڳائڻا هوندا آهن، ته بچائڻا وري ٻئي کي هوندا آهن ۽ ملڪيت ٽئين جي هوندا آهن. سڄو سال وڻن جي ڪٽائي ڪري ٽرڪن جون ٽرڪون ڀري وڻ مختلف جاين تي استعمال جي لاءِ ڪڻايا ويندا آهن. پر اهي ڪٽڻ وارا اهو نه سوچيندا آهن ته انهن وڻن کي وڏو ٿيڻ ۾ ڪيترا سال لڳا؟ ۽ سندن پالنا ڪنهن ڪئي؟ ۽ ڪيتري ڏکي ڪئي؟ ۽ ان جو وڻن سان لڳاءُ ڪيترو رهيو. اهو شاعر سمجهي سگهي ٿو جيڪو ان وڻن جي درد کي پنهنجي اسلوب وسيلي بيان ڪري ۽ ان جي حسناڪيءَ يا ان جي خوبصورت انگن، عنصرن جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪري.

اسان وٽ سنڌي ادب ۾ اهڙا ڪيئي شاعر موجود آهن، جيڪي نه صرف ڪلاسيڪل دور جا بلڪه جديد دور جا به وڏا نالا آهن، جيڪي وڻن جي ڪٽائي خلاف لکندا رهندا آيا آهن. هتي اسان چند جديد شاعرن جي شاعري ۾ وڻن جي ڪٽائي جي مزاحمت جو اڀياس ڪنداسين. جديد دور جو نوجوان شاعر اسحاق سميجو وڻن جي واڍ لاءِ هيئن محسوس ڪري ٿو:

ڪو وڻ وڍجي ته هي ماني نه کائي،
چون ٿا آهه ٿورو ’سائڪو ‘ڪجهه (36)

*

وڻن وڍجڻ تي واويلا به بهتر،
مگر ڪو وڻ لڳائڻ جو به سوچي! (37)

يعني وڻ لڳائڻ بابت ڪير به سوچيندو ئي ناهي، گهٽ ئي اهڙا ماڻهو موجود آهن، جيڪي شوق سان وڻ لڳائڻ چاهيندا آهن. جڏهن ته اڪثريت وڻ ناهي لڳائيندي. بلڪه لڳائڻ ته پري جي ڳالهه، پر ان جي واڍ تي به ڪو احتجاج يا ڪا مزاحمت به ناهي ڪندي. وڻن جي واڍ خلاف شاعر جي پنهنجي اسلوب ذريعي نه صرف سوال اٿاريو آهي. بلڪه چند اهڙن ماڻهن جو به ذڪر ڪيو آهي. جيڪي وڻن جي واڍ تي گهڻو ڏڪارو ۽ مايوس ٿي وڃن ٿا. ۽ انهن جي اهڙي ئي رويي ڪي هي دنيا ’سائڪو ’ڪري ڪوٺي ٿي. اهو ڪيڏو نه عجيب آهي ته ماڻهن ڪڏهن به وڻن جي واڍ تي نه ته ڪو ڏک جو اظهار ڪيو آهي ۽ نه ئي انهن ڪو اعتراض ڪيو آهي. هو ان ڳالهه کي عام ۽ سادو سمجهن ٿا، ڪين انهن جي حُسن يا سونهن جو ڪو اندازو ئي ڪونهي. توڙي جو فطرت ۽ ماحول جا شاعر انهن کي بار بار ان طرف متوجهه ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پر ان هوندي به ڀين عام فردن کي ان سان ڪا دلچسپي ئي ڪونهي. اهڙي ئي ڏک جي اظهار کي وفا هن طرح بيان ڪندي لکيو آهي:

ڀيلي اهڙو وڍ پيو،
وڻ وڻ ٿاري ٿاري هو. (38)

*

جيلن جا وڻ ويا وڍجي،
اُس ٿي رهي آسيرن تي. (39)

وفا وڻن جي واڍ کي معاشري جي خرابي سمجهيو آهي. ڀيلن جي واڍ انهن جي حُسن ۽ سونهن جو نه صرف قتلِ عام آهي بلڪه اهو اسان جي قدرتي مظهرن جي شاهڪار جو به خون آهي. ڀيلن مان وڻ ائين ڪٽايا وڃن ٿا جو اها سڏُ

ئي ناهي پوندي ته ڪو ان جاءِ تي اڳ ڪو ٻيلو به هيو. اهڙيءَ ريت وفا هڪڙي ٻي انوکي ڳالهه ڪري ٿو جنهن ۾ اهو ظاهر ٿئي ٿو ته جيڪي قيدي ويچارا جيلن ۾ رهيل آهن. اهي ڪيترا نه اذيت ۾ هوندا آهن، جڏهن جيلن جي آڳند تي ٿورو ٿهلڻ لاءِ نڪرندا آهن، ته ڪين اُس ۾ ويهڻو پوندو آهي. يعني جيلن جي هالن يا ان ميدان اندر وڻ پوکرايا وڃن ته يقينن انهن جو فائدو اتان جي نه صرف سپني قيدين کي ٿئي ٿو بلڪه اتان جي آفسرن ۽ سپاهين کي پڻ ٿيندو.

انسان ازّل کان وٺي خوبصورت شين جو شيدائي رهيو آهي. سڀ کان پهرين شيءِ جيڪا انسان جي اکين اڳيان گذرندي آهي، سا آهي فطرت ۽ ان جي عنصرن جا مظهر يا حسناڪي، اهي سڀ شيون ڪنهن نه ڪنهن طرح سان انسان کي پاڻ سان ڳنڍي رکنديون آهن. ساڳي ريت ڪيئي اهڙا شاعر آهن، جن کي مختلف قسمن جا ٻوٽا ۽ وڻ وٽن ٿا. هر شاعر جو يا پوءِ ائين کڻي چئجي ته هر عام فرد جي چاهت جو گُل يا پوءِ ٻوٽو مختلف ٿيندو آهي. انهن گُلن ۽ ٻوٽن جي پوکڻ وارا ته آڱرين تي ڳڻڻ جيترا فرد هوندا آهن، پر ڪين پٽڻ ۽ ٻوٽي منجهان الڳ ڪرڻ وارا ڪيئي فرد موجود آهن. هي اهي فرد آهن جيڪي ڪو به ٻوٽو يا گُل لڳائڻ ناهن چاهيندا، بلڪه پٽڻ چاٽندا آهن. گُلن جي پٽڻ تي ڪنهن به فرد کي ڪو خاص فرق ناهي پوندو، جڏهن ته هڪ شاعر لاءِ اها وڏي سوچ ويچار جي ڳالهه هوندي آهي، ان باري ۾ ادل سومرو لکي ٿو:

گلّ ٽاريءَ مان ڇني پوءِ، آڱريون سوچڻ لڳيون. (40)

يعني گُلن جي ڇنڻ تي، انهن جي پٽڻ تي هڪڙو شاعر جيڪو افسوس ڪري ٿو. اهو ڪنهن عام فرد کي ناهي ٿيندو، شاعر وٽ گُل جي حسن ۽ ان جي سونهن جو ئي نه بلڪه ان جي موجودگيءَ يا ان جي هجڻ جي اهميت هوندي

آهي. ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن جيڪي گُلن کي پٽڻ کان پوءِ سوچن؟ شايد ئي هجن. گُلن جي پٽڻ بابت حبدار سولنگي لکي ٿو:

باغ ۾ وڃڻ، فطرت سان ڪائي دشمني
چئبي،
پٽڻ گل باغ مان فطرت جو قتلِ عام ئي
چئبو. (41)

هاڻي ته اسان وٽ باغ ئي ناهن رهيا، جن ۾ اسين وڃين فطرت سان ملي سگهون. هڪڙي پاسي ماڻهو باغن ۾ وڃي فطرت سان ملن ٿا ته ٻئي پاسي اتي پهچي ان ئي فطرت سان هٿ چراند ڪري ان جي سونهن کي وڃائن ٿا. ان ئي ڳالهه جو خلاصو ڪندي حبدار سولنگي لکيو آهي ته باغ ۾ وڃڻ فطرت سان دشمني آهي. ڇاڪاڻ ته اوهين جڏهن به باغ ۾ ويندا ته ضرور اتي جا گل يا ٻوٽا پٽڻ چاهيندا.

فطرت جي اهڙي ماڻداڻ ۾ ڪو ڪو پل اهڙو هوندو آهي، جنهن ۾ فطرت پنهنجا سيئي رنگَ کيڙي ڇڏيندي آهي. ان ۾ ڪيئي ٻوٽا، ڪيئي وڻ، ڪيئي گل ۽ ڪيئي ڪانڊيرا به ڦٽي ٻاهر ايندا آهن. انهن مٿان جڏهن به فطرت پاران ماڪ يا پوءِ برسات پوندي، ته اهي ڪِڙي ڪڙا ٿي پوندا آهن. ۽ فطرت پاران ڏنل سيني رنگن سان رنگين ٿي اُڀري ايندا آهن. جهڙي ريت فطرت انهن جي پوک جو سامان گڏ ڪري انهن جي جمال کي اوج بخشي ٿي. اهو پاڻ ۾ هڪڙو معجزو آهي. پر ان فطرت جي حسين رنگن کي انسان پاران ٻِندي ان جي بي حرمتي ڪئي ٿي وڃي. فطرت ته اتي به پنهنجي گلزاري ٿي ڪري جتي رڳو صحرا آهي، رڃ آهي، ريگستان آهي، واري ئي واري آهي. اُتي به فطرت پاران ڪنڊا ڪانڊيرا، آڪ ۽

ڦُليون ڦٽي نروار ٿي پونديون آهن. پر انهن کي ڪير ائين هٿ وجهي نه سگهندو آهي. انهن تي ڪير به پنهنجي ميري اک ناهي وجهندو. ڪٿي ته فطرت پهاڙن، جبلن جي ڏارن ۾ به حسين گُلَ اپاري ٿي ڇڏي. شيخ اياز لکي ٿو:

لوڏيا لوهَه پريان،
ڳاڳيءَ ڳاڙها گُلڙا،
پٿر چيٻ مٿان. (42)

ڪيڏو نه عجب آهي، جڏهن فطرت برسي ٿي ته هو پهاڙن ۽ جبلن مٿان به پنهنجا رنگَ ڪيدي سامهون ٿي رکي! اهي ڏارن ۽ پٿرن جي سنهڙين جاين تي به اُڀري نڪري بيهن ٿا. رڳو اتي گل ئي نه پر اتي ننڍا ننڍا وڻ به ڦٽي ٿا پون، جتي پکي اچي رهن ٿا. ۽ پنهنجو گهر ٺاهين ٿا. پنهنجي پرڙا چندي اچي شام پهر انهن ٽارين تي اچي ويهن ٿا. پر انهن ٽارين ۽ گلن تي جڏهن تازي بارش پوندي آهي ته اهي سڳند سان ڀرجي پونديون آهن. شيخ اياز لکي ٿو:

جڏهن گهندڏ گُڙن،
گونجن ڦول سُڳند سان،
ٽاريون جهانءِ جُهلن!. (43)


<u>حوالا:</u>

1: عاجز، علي، دوست، "سائر جو سوداءُ"، سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع، ص:9

2: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، "مور نگر تي مينهن"، روشني پبليڪيشن ڪنڊياور، 2020ع، ص:21

3: لطيف، فياض، ڊاڪٽر، "شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2020ع، ص: 464

4: مهراڻي، شير، ڊاڪٽر، "شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات"، ثقافت کاتو، حڪومتِ، سنڌ، ڪراچي، 2013ع، ص: 146

5: حسين، فهميده، ڊاڪٽر "شاهه عبدالطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري"، سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، شمارو ٻيو، اپريل -جون 2013ع، ص: 33

6: ٺڪر هيرو، "قاضي قادن جو ڪلام"، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، 1996ع، ص: 145

7: ٺڪر هيرو، "قاضي قادن جو ڪلام"، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، 1996ع، ص: 148

8: سنڌي، عبدالمجيد، سنڌي، "شاهه ڪريم جو ڪلام"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 93

9: سنڌي، عبدالمجيد، سنڌي، "شاهه ڪريم جو ڪلام"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 80

10: شاهه سيد ضياء عباس، "ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو"، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 157

11: نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر، "ميين شاهه عنات جو ڪلام (تحقيق ۽ تصحيح)"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع، ص: 101

12: بلوچ، بخش، نبي، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام (جلد پهريون)، اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ، ڪراچي، 2017ع، ص: 939

13: بلوچ، بخش، نبي، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام (جلد پهريون)، اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ، ڪراچي، 2017ع، ص: 936

14: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، مقالو : "جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسند فڪر جي آميزس"، ڪينجهر تحقيقي جرنل، شمارو –17، 2014ع، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سنڌ، ص:

15: سيف سرور، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جو تاريخي تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو "، مهراڻ سائنس پبليڪيشن، ڪراچي، ص: 410

16: سيف سرور، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جو تاريخي تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو "، مهراڻ سائنس پبليڪيشن، ڪراچي، ص: 411

17: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 11

18: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 370
19: بخاري، استاد، "گيت اسان جا جيت اسان جي"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص: 13
20: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، "دل جو رستو (مرتب)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2003ع، ص: 44
21: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، "دل جو رستو (مرتب)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2003ع، ص: 35
22: شيام نارايڻ (مڪمل غزل)، سهيڙيندڙ: مصطفيٰ نانگراج، "راهون پنڌ پيون "روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1998ع، ص: 47
23: شاهي، ناٿن، آثم "چا چيس آئيني"، رم جهم پبليڪيشن، دادو، 2006ع، ص: 54
24: شاهي، ناٿن، آثم "چا چيس آئيني"، رم جهم پبليڪيشن، دادو، 2006ع، ص: 35
25: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 196
26: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 169
27: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 170
28: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 192
29: شيام نارايڻ، "ذات ۽ حيات"، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1997ع ، ص: 17
30: سولنگي حبدار، "خواب ٿا ڪولن اکيون"، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2015ع، ص: 131
31: سولنگي حبدار، "خواب ٿا ڪولن اکيون"، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2015ع، ص: 138
32: سولنگي حبدار، "خواب ٿا ڪولن اکيون"، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2015ع، ص: 81
33: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 169

34: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، ”ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 799
35: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب)، ”ڳاءِ انقلاب ڳاءِ (مزاحمتي شاعري)“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 193
36: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، ”مور نگر تي مينهن“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2020ع، ص:60
37: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، ”مور نگر تي مينهن“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2020ع، ص:85
38: شاهي، ناٿن، وفا، ”اوجاڳن جو انت“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2006ع، ص: 127
39: شاهي، ناٿن، وفا، ”اوجاڳن جو انت“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2006ع، ص: 167
40: سومرو، ادل، ”وساري نه ڇڏجو“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2004ع، ص: 52
41: سولنگي جبدار، ”خواب ٿا ڪولن اکيون“، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2015ع، ص: 144
42: شيخ، اياز ”پن ڇڻ پڇاڙان“، ڊجيٽل پبلشر، سنڌي ادبي شاخ سکر، 1993ع، ص: 26
43: شيخ، اياز ”پن ڇڻ پڇاڙان“، ڊجيٽل پبلشر، سنڌي ادبي شاخ سکر، 1993ع، ص: 41

باب چوٿون

# باب چوٿون: سنڌو درياهه ۽ سنڌي شاعري

## سنڌوءَ لفظ جي لغوي ۽ لفظي معنيٰ:

لفظ سنڌوءَ جي ’هڪ جُلدي جامع سنڌي لغت ‘۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لفظ سڌوءَ جي لفظي معنيٰ هن ريت ڪئي آهي:

”**سنڌو:**سنڌ مان وهندڙ درياهه، جيڪو هماليه جبل مان نڪري ڪشمير، سرحد، پنجاب، ۽سنڌ مان وهي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري. “(1)

يعني سنڌو جي لغوي معنيٰ هماليه جبل منجهان وهندڙ هڪڙو درياهه آهي. جيڪو مختلف علائقن منجهان گذرندو سنڌ مان ٿيندو، عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت 'سنڌو 'نه صرف هڪ درياهه جو نالو، بلڪه هڪڙي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جو به نالو آهي. ساڳي طرح 'سنڌوءَ 'لفظ جي اصطلاحي معنيٰ سنسڪرت زبان ۾ وڪيپيڊيا تي هن ريت ڪئي وئي آهي:

"Sindhu means river and sea in the classical Sanskrit". (2)

سنسڪرت ٻوليءَ ۾ 'سنڌو 'لفظ جو مطلب آهي: 'سمنڊ يا وڏو درياهُه'. 'سنڌو 'جو ٻيو مطلب سنسڪرت ۾'سيند 'آهي، جنهن جو مطلب آهي "وَهَڻُ".

آڳاٽي دور ۾ ڪابل ندي ۽ گومتي ندي وغيره 'سنڌونديءَ 'جون پريندڙ شاخون سڏيون وينديون هيون. دراصل 'سنڌ 'کي اهو نالو 'سنڌوءَ نديءَ 'جي ڪري ئي مليو آهي. جيڪو منجهس گذري ٿو. سنڌوءَ کي هڪ ٻئي نالي 'مهراڻ 'سان به سڏيو ويندو آهي. ۽ سنڌو نديءَ کي انگريزيءَ ۾ اِنڊس (Indus) به چيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت ڊڪشنري ڊاٽ ڪام جي ويب سائيٽ تي لفظ "انڊس "جي اصطلاحي معنيٰ هن ريت ڪئي وئي آهي:

"A River in an Asia, from following Tibet through Kashmir and to the Arabian Sea Pakistan." (3)

سنڌو ماتريءَ کي 'انڊيڪا 'سڏيو ويو جنهن کي اڳتي هلي لاٽن (**Latin**) ٻوليءَ ۾ "انڊس "۽ "انڊيا "چيو ويو. سنڌ کي نه رڳو 'سنڌو ندي 'پر ان کي ٻئي نالي 'مهراڻ 'سان به سڏيو ويندو آهي. مرزا قليچ بيگ لکي ٿو: "سنڌ کي اهو نالو سنڌ جي نديءَ کان مليو، جا منجهس وهي ٿي ۽ جنهن کي پهريائين 'سنڌو ندي 'سڏيندا هُوا ۽ پوءِ 'مهراڻ 'نالو پيس. "(4)

پر سنڌ جي اصل نالي بابت محمد ابراهيم جويو لکي ٿو: ”سنڌ کي سندس نالو لفظ ”سنڌو “مان مليو، جنهن جي معنيٰ آهي ’پاڻي. ’سندس نالو ان عظيم نديءَ جي حوالي سان آهي جيڪا ان جي زرخيز ميدانن مان وهي ٿي. “(5)

اها ڳالهه ته سنڌ ۽ سنڌوءَ جي لاءِ ڪا به نئين يا اڻ سڃاتل نه رهي آهي، ته سنڌ ۽ سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي آبادي هميشه کان ئي زرخيز رهندي آئي آهي، جنهن جو پهريون حوالو موهن جو دڙو ۽ هڙاپا جهڙيون عظيم تهذيبون آهن.

ان جا ڪيئي حوالا اسان کي سنڌ جي تاريخن ۾ ملندا آيا آهن. جن جو ذڪر هر تاريخدان ڪنهن نه ڪنهن ريت ڪيو آهي. ڪڏهن ان ويدڪ دور کي بحث هيٺ آندو آهي، ته ڪڏهن وري ان جو ذڪر ”چچ نامي “۽ ٻين مشهور تاريخي حوالن مان ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ طرح لفظ هندوستان جو اصل مطلب ”سنڌوندي وارو ملڪ “آهي. جنهن تي اڳتي هلي مسلمانن پڻ حڪومت ڪئي. ۽ ان هندوستان کي بعد ۾ ”برهمڻي ڌرم کي مڃيندڙن “جو به ديس سڏيو ويندو آهي.

## سنڌو درياهه جي عظمت ۽ تاريخ:

اندس ندي يا سنڌو ندي، درحقيقت چين جي شهر تبت کان ٿيندي ڪئلاش، ان بعد هندوستان کان وهندي ڪشمير ۾ داخل ٿئي ٿي، جتان کان هماليه جي پهاڙن وسيلي پهرين افغانستان کان ٿيندي پاڪستان (پنجاب) ۾ داخل ٿي وڃي ٿي ۽ اتان کان ٿيندي آخر ۾ سنڌ جي شهر ٺٽي ۾ عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. سنڌو نديءَ جو هي ايڏو سفر ان کي اوترو ئي عظيم ۽ وڏو بڻائي ٿو. ڇاڪاڻ ته هڪ درياهه جي عظمت ان جي فاصلي ۽ ان جي رفتار سان ماپبي آهي. انهيءَ ڪري هي سنڌو ندي به قدامت جي لحاظ کان عظمت واري آهي.

آڳاٽي زماني ۾ آريه لوڪ سنڌو ندي جا ڪنارا والاري ويٺا هئا، انهيءَ سبب ڪري آڳاٽن ايرانين انهن سپني هندن جي رهڻ وارن کي "سنڌو "ڪري سڏيو هيو. پر ان جو اُچار ڦيرائي "هندو "ڪيو ويو. سنڌ ۽ سنڌو تهذيب جي شروعات لڳ ڀڳ 6000 هزار قبل مسيح کان به اڳ ٿي سگهي ٿي، سنڌ کي "سنڌ "جو نالو به سنڌو نديءَ جي بدولت مليو آهي. هندي ۾ لفظ "سنڌو "جو مطلب آهي "سنڌونديءَ جي ڪناري رهندڙ". ان باري ۾ پيرو مل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو ته: "آڳاٽن ايرانين انهن سپني هندن جي رهاڪن کي گڏي "سنڌو" سڏيو، پر اُچار ڦيرائي ڪيائون "هندو"، جو ايراني لوڪ عام طرح 'س 'کي ڦيرائي 'ه 'ڪندا آهن: انهيءَ ريت "هندو "لفظ جي معنيٰ ٿي "سنڌو نديءَ جي ڪناري رهندڙ. "(6)

سنڌو نديءَ جو ذڪر اسان کي سڀ کان پهرين قديم هندو ويدن ۾ ملي ٿو. دنيا جي انهن قديم ويدن کي سنڌوءَ جي ڪناري تي تخليق ڪيو ويو. جنهن ۾ رگ ويد توڙي ٻين ويدن ۾ به سنڌوءَ جي ساراهه ۾ گيت چيل آهن. رگ ويد جهڙي پراڻي مذهبي ڪتاب ۾ سنڌ جو نالو به "سنڌو "آهي. پر ان سان گڏ رگ ويد ۾ هڪڙو ٻيو نالو به آهي "سپت سنڌو". (جنهن جي معنيٰ آهي: سنڌو ماٿر جي ستن دريائن وارو ملڪ) ان باري ۾ پيرو مل مهر چند آڏواڻي لکي ٿو: "رگ ويد ۾ جيڪو "سپت سنڌو "(سنڌو ماٿر جي ستن دريائن واري ملڪ) جو ذڪر آهي. "(7)

سنڌو درياهه کي ان ڪري ئي ستن دريائن وارو ملڪ چيو ويندو هو. چاڪاڻ ته ان ۾ هند ۽ سنڌ واري اڳوڻي سڄي ايراضي شامل هئي جنهن ۾ سڀ درياهه ملي ڪري سنڌوءَ جي عظمت کي وڌايو.

آڳاٽي زماني ۾ سنڌو ندي موهن جي دڙي وٽان وهندي هُئي، اتي جو اصلوڪو شهر سنڌو ندي ۽ اُلهندي ناري جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ هُيو، ان ئي اُلهندي

واري ﭘيٽ کان ويندي سنڌو نديءَ تي ڪيئي ٽڙ ملن ٿا جتي مختلف ﭘنڌﭠن ويهي ويڌ لکيا.

نه رڳو ايترو پر سنڌو نديءَ کي پوڄا جي حيثيت به حاصل هئي، جيترو احترام ۽ عظمت جا اهي ويڌ سمجهيا ويندا هئا، اوترو ئي سنڌو نديءَ کي عظيم ۽ معتبر سمجهيو ويندو هُيو. ان کان علاوه سنڌو نديءَ جو ﭘيٽ هڪڙي خزاني کان گهٽ نه سمجهيو ويندو هُيو. چاڪاڻ ته اهو تصور عام هيو ته سنڌو نديءَ جي ﭘيٽ مان ڪيئي سونا ٽُڪر ۽ ذرڙا ملندا هئا. اهو ئي سبب آهي ته سنڌو نديءَ جو ﭘيو نالو ”سوني “ندي به سڏيو ويو. ان باري ۾ ﭘيرو مل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو ته: ”آڳاٽن رشين سنڌو نديءَ کي ”سوني “ڪوئيو آهي. هن جو اهو ئي سبب آهي ته سنڌو نديءَ جي واريءَ مان اڄ تائين سون جا ذرا لڀن ٿا. “(8)

اها ئي سنڌو نديءَ جي وڏي عظمت آهي. جو ان کي سونَ ورني چيو وڃي ٿو. رڳو ان ڳالهه لاءِ نه ته ان ۾ ڪو سونَ جا ننڍڙا ذرڙا موجود آهن، پر ان ڪري به جو ان نديءَ جي بدولت سنڌ ۽ سنڌ رهواسي خوشحالي، زرخيزي وغيره ڏسندا آيا آهن. سنڌو نديءَ کي سونَ ورني جهڙو عظيم خطاب انهيءَ ڪري مليو آهي جو اها ﭘنهنجي ئي ماروئڙن جي روزگار جو وسيلو ٿيندي آئي آهي. جنهن جا ڪيئي مثال به موجود آهن، خاص طور تي سنڌوءَ جي ﭘاٽيءَ ۾ ملندڙ ناياب مڇيون، جنهن ۾ ﭘلو، ڪُرڙو ۽ موراڪي وغيره جهڙي نسل جون مڇيون ملن ٿيون. جنهن ڪري ان کي ”سونَ ڏيڻ “سان تشبيهه ڏني ويندي آهي. ۽ ان جي عظمت جا ڳڻ ڳايا ويندا آهن.

<u>سنڌو درياهه تي تجارتي مرڪز:</u>

سنڌ جي خطي کي اها سچي اهميت ئي "سنڌوءَ درياهه "ڪري ملندي آئي آهي. سنڌوءَ جي ڪري ئي سنڌ مٿان ڪيئي حڪمران حڪومت ڪري چڪا آهن. ڇاڪاڻ ته سنڌو نديءَ کي هڪڙي تجارتي مرڪز طور ڏٺو ويندو رهيو. اهو ئي سبب آهي جو ٻين صدي قبل مسيح ۾ سڪندرِ اعظم سنڌ کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪيو. ان وقت به سنڌ جو شهر "پٽالا "هڪ ڪامياب تجارتي مرڪز هو. ڇاڪاڻ ته اهو سنڌوءَ ڪناري ٺهيل هيو، جتي بحري جهاز ايندا ويندا هئا. اهو ئي سبب هو جو سڪندرِ اعظم سنڌ تي حملو ڪري پنهنجيءَ سلطنت ۾ شامل ڪيو. ان باري ۾ ابراهيم جويو صاحب لکي ٿو: "سڪندرِ اعظم ٻئين صدي قبل مسيح ۾ سنڌ کي پنهنجي وسيع سلطنت ۾ شامل ڪيو. ان وقت به سنڌ ۾ پٽالا جو شهر هڪ تمام ڪامياب تجارتي مرڪزي شهر هو. سنڌو نديءَ جي ڪناري تي، اتي بعد ۾ هڪ وڏي جهازن جي ڪارخاني طور خوشحال اقتصادي نظام جو بنياد وڌو ويو. "(9)

ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته سنڌ "سنڌو نديءَ "ڪري سڄي دنيا ۾ مشهور هئي. جنهن جي واپار ۽ زرخيزيءَ جو چرچو عام و خاص ۾ مشهور هئڻ ڪري سنڌ تي ڪيئي حملا ٿيندا رهيا. سنڌو ندي هميشه سنڌ جي حقيقي سڃاڻپ رهي آهي. درحقيقت سنڌوءَ ندي جي ڪري سنڌ کي مختلف رنگن واري سرزمين تصور ڪيو ويو. جنهن جي مصر جهڙي ملڪ سان مشابهت به ٿيندي رهندي آئي. ڇاڪاڻ ته مصر کي خود هڪڙي عظيم "نيل درياهه "جهڙي حسين ۽ خوبصورت ندي آهي. جيڪا پڻ سنڌو نديءَ جيان ان جي جياپي جو سبب رهي آهي.

ان سان گڏ سنڌو ندي انهن اهم ٿورن تجارتي مرڪزن منجهان هڪ هئي، جتي هزارن سالن يا ان کان به اڳ سڄي دنيا مان تجارتي جهاز ايندا هئا. ان باري ۾

ميجر جنرل اي. آر هئگ لکي ٿو: ”بين الاقوامي تجارت جي شروع ٿيڻ سان سنڌوءَ جو چوڙ وارو علائقو ڊيساوري واپار جو اهم مرڪز هو. هي ماڳ هڪ وڏي تجارتي ۽ فطري آمدرفت جي ان وسيلي جي چيڙي ۾ آهي، جيڪو هندوستان جي ميداني علائقن مان گذري وچ ايشيا تائين ويندو هو. ”(10)

اهم ڳالهه اها به هئي ته سنڌوءَ جي تڙن تي ڪيئي تجارتي بندرگاهون موجود هيون. جتي وڏا وڏا بحري جهاز بيهندا هئا. جيڪي يقينن تجارتي گرز سان ئي ايندا ويندا هئا. يا پوءِ واپاري سلسلي جا اهم مرڪز سنڌو نديءَ تي موجود بندرگاهه ئي هئا. اهو ئي سبب هو ته سنڌ جي تجارتي آمدرفت وسيع پيماني تي هلندي هئي، جيڪا گهڻي مقبول هئي ۽ سڄيءَ دنيا منجهان سنڌوءَ ڪناري وڏا وڏا اهم واپاري ايندا ويندا رهيا. جنهن ۾ خاص طور مغرب مان ايندڙ واپارين سنڌ جي وڻج واپار کي وڏيڪ ترقي ڏني. ايتري قدر جو مغرب جا واپاري سنڌ جي صنعتڪارن کان پنهنجيءَ پسند مطابق واپاري شيون گهرائيندا رهندا هئا. ان باري ۾ عطا محمد ڀنڀرو پنهنجي ترجمو ڪيل ڪتاب ۾ لکي ٿو ته: ”مغرب جا واپاري سنڌ جي صنتڪارن کان آرڊر تي پنهنجيءَ پسند مطابق مال تيار ڪرائيندا هئا. ” (11)

يعني ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته سنڌو ندي واپار يا تجارت جو اهم مرڪز رهي آهي. جنهن ۾ سنڌوءَ تي واپاري پنهنجي صنعت جو پنهنجي پسند مطابق واپار ڪندا رهندا هئا، جنهن ۾ خاص طور ريشم، ڪپت، زراعت ۽ ٻين نجي سامانن وغيره جو واپار سنڌوءَ جي بندرگاهن تان ٿيندو رهيو آهي. ٻاهرين صنعتڪارن کي سنڌوءَ ڪناري وسيلي انهن جي ئي ٻڌايل يا پسند ڪيل واپار با آساني سنڌوءَ ڪنڌيءَ ملندو هيو، جنهن ۾ ايشيا کنڊ سان گڏ ڪجهه ٻين ڪنڌن منجهان به وڏا وڏا واپاري ايندا ويندا رهيا هئا. تنهن ڪري اها ڳالهه نه صرف سنڌ جي عظمت بلڪه سنڌو نديءَ جي عظمت کي به اُجاگر ڪندي آئي آهي. اهو

هڪڙو وڏو اعزاز آهي ان خطي يا علائقي لاءِ جنهن وٽ اهڙي عظمت واري ندي هجي. جيڪا انهن جي روزگار ۽ تجارت جو اهم ذريعو هجي.

## سنڌو درياهه ۽ شاعري:

شاعري اسان جي جذبن، احساسن، اُمنگن ۽ اسان جي اندر جو آواز هوندي آهي، اها جيتري سادي هوندي آهي اوتري ئي گهري ۽ فڪر آميز به. شاعريءَ وسيلي ئي سماج پنهنجي سمورن مسئلن ۽ واقعن کي با آساني اظهاري سگهندو آهي. شاعر پنهنجي سيني احساسن ۽ فطري رنگن کي شاعريءَ ۾ کڻي ايندو آهي. جنهن ۾ هو پنهنجي آس پاس جا اُهي سڀئي حسين عنصر کڻي انهن جي گهرائي تائين جانچ پڙتال ڪري پيش ڪندو رهندو آهي. جنهن ۾ پهاڙ، جهرڻا، آبشار، صحرا، سمنڊ، درياهه، ڊنڊون، ڍورا ۽ اهڙا فطرت جا ٻيا به ڪيئي سهڻا سهڻا عنصر شامل آهن. شاعريءَ ۾ سڀئي عنصرَ هڪ جيترا محسوس ٿيندا آهن، انهن جي حُسناڪي وڏيءَ مهارت سان شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪندو آيو آهي. ان ڳالهه جي اسان کي خبر آهي ته شاعري انسان جي احساسن ۽ جذبن جي ترجماني ڪري ٿي، ۽ ان جي فڪر جي اظهار جو هميشه مرڪز رهي آهي. پر شاعريءَ صرف ايترو ناهي ڪيو، بلڪه شاعريءَ انسان کي ڪيئي موضوعن طرف متوجهه پڻ ڪرايو آهي. جنهن ۾ "سنڌو ندي " پڻ شامل آهي.

سنڌو درياهه سنڌ ۽ سنڌي قوم جي حقيقي سڃاڻپ رهيو آهي. جنهن جي عظمت، قدامت، تاريخ ۽ تهذيب ڪيئي سالَ پراڻي آهي. سنڌو نديءَ بابت شاعريءَ ۾ ان جي عظمت، تاريخ ۽ قدامت سان گڏ سنڌو درياهه سان عشق، سنڌو درياهه سان پيار، سنڌو درياهه جي تباهڪاري وغيره جهڙن موضوعن کان

علاوه ٻيا به ڪيئي موضوع ملن ٿا. جنهن ۾ سنڌو درياهه سان عشق، ان لاءِ درد ۽ ان لاءِ  عقيدت وغيره شامل آهن. اهو ئي سبب آهي جو سنڌو درياهه سان شاعريءَ جو ڳانڍاپو به قديم ئي نظر اچي ٿو. جنهن جو سڀ کان پهريون ذڪر ويدن ۾ ملي ٿو. پر نه رڳو ايترو درياهه جو ذڪر ڪلاسيڪل شاعرن وٽ به ملي ٿو. جنهن ۾ اوهان کي سهڻيءَ ميهار واري داستان ۾ عام پڙهڻ لاءِ ملي ٿو. آساسي شاعريءَ کان پوءِ سنڌو درياهه بابت شاعري جديد شاعرن وٽ به اچي وئي. جن ان ۾ وڌيڪ نکار ۽ خوبصورتي پيدا ڪئي.

## ڪلاسڪل شاعريءَ ۾ درياهه جو ذڪر:

ڪلاسيڪل شاعري سنڌي ادب جو هڪ اهڙو بنياد آهي، جنهن ۾ سنڌ جي اوليائن سماج ۽ ان جي مسئلن بابت جيڪا چٽسالي ڪئي آهي، سا اڻلڀ آهي. سنڌ جي آساسَ ۾ ڪلاسيڪل شاعرن جو هڪڙو وڏو اهم ڪردار رهيو آهي، جن پنهنجي شاعريءَ وسيلي شاعريءَ جي جهانَ ۽ ان جي وسعت ۾ واڌارو آندو. ڪلاسيڪل شاعرن سنڌي شاعريءَ کي لوڪ ادب مان ڪڍي، شاعريءَ کي نوان موضوع بخشيا. ان ۾ ڪيئي حسين داستان به ملن ٿا، پر ان سان گڏ سنڌ جي صورتحال بابت به چڱو خاصو تاريخي پسمنظر به ڏسڻ لاءِ ملي ٿو.

عام طور تي سنڌي شاعريءَ ۾ سنڌو درياهه جو ذڪر هوئن ته هر عام کان خاص شاعر وٽ به ملي ٿو. جنهن ۾ درياهه خوشحالي، خشڪسالي، درياهه جي عظمت، درياهه جو حُسن، درياهه سان هٿ چراند، درياهه جي تباهه ڪاري، درياهه ۾ ٻوندڙ ٻيڪار مادا ۽ خود درياهه بادشاهه جي تاريخ ۽ ان جي وڏائي جو ذڪر ملي ٿو. سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعريءَ ۾ درياهه جي حسن جي عڪاسي ۽ ان جي وڏائي بيان ڪيل آهي. ڪلاسيڪل شاعريءَ

جو جڏهن به ذڪر اچي ٿو ته ان جو مطلب هڪ روايت يا تسلسل جو ذڪر ملي ٿو. سنڌي ڪلاسيڪل شاعري اندر جيڪي اعليٰ پايي جا شاعر آهن، جن پنهنجي شاعريءَ ۾ درياهه جي تاريخ ۽ عظمت ڪي بيان ڪيو آهي، تن ۾ قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم، شاهه لطف الله قادري، ميون شاهه عنات رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست وغيره جهڙا شاعر ان صف ۾ شامل آهن.

هتي اسين پنهنجي هن موضوع سان جُڙيل چند اهم سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ ۾ درياهه جي عظمت جو مطالعو ۽ اڀياس ڪنداسين، تن ۾ قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، ميون شاهه عنات رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جهڙا معتبر ڪلاسيڪل شاعر شامل هوندا.

## قاضي قادن:

قاضي قادن اهو پهريون اساسي شاعر آهي جنهن جو ڪلام شاهه عبدالڪريم جي ڪلام سان گڏ مليو آهي. قاضي قادن جي ڪلام جا هوئن ته ڪيئين موضوع ۽ نوان رخ ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. جنهن ۾ فطرت به آهي ته هدايت ۽ ناصحاڻه بيت به. پر ان هوندي به هن شاعر وٽ درياهه بادشاهه جو ذڪر به ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. هي اهو پهريون شاعر آهي جنهن ’سنڌو درياهه ’کي ’مهراڻ ’سڏيو آهي. ۽ ان جي تاريخ، عظمت، قدامت جو خوب حسين انداز سان ذڪر به ڪيو آهي. هو ان جي عظمت ۽ وهڪري جي ڳالهه هن ريت ڪئي آهي.

ٽِڪو ٽيڏو وَهي، جيڏو مُهُه مِهَراڻ،
ڏيهة سيوئي هِڪڙو، ڏِير لڌوسين پاڻ.

(12)

سنڌو نديءَ جو جيڏو وڏو پيٽ آهي. اوڏو ئي تيز رفتار سان اهو وهي رهيو آهي. ان جي تيز رفتاري پوري ملڪ اندر ساڃي آهي. درياهه بادشاهه کي ڏسي ان جهڙو صبر اسان به ڪريون. انهيءَ صبر جي ڳالهه قاضي قادن سهڻيءَ لاءِ هيئن لکي آهي:

اُڀائي ڇيڻُونِ جي، سو نه ڪيائين ڪَن،
تان ئي پيئي پرِيان سان، گهگهر گهاتوڙن.

(13)

سهڻي ميهار جي قصي ۾ سهڻيءَ جي درياهه بادشاهه ۾ گهڙڻ وارو نظارو قاضي قادن ڪجهه هيئن ٿو ٻڌائي، جنهن ۾ هو درياهه جي دهشت جو ذڪر به ڪري ٿو. مٿين بيت ۾ قاضي قادن لکي ٿو ته درياهه جو ڪُن خونخوار جانورن سان ڀريل آهي، درياهه جي دهشهت ڀرئي آواز ۽ ڪُن جي باوجود سهڻي ان ۾ گهڙي ٿي. پر ان هوندي به سهڻيءَ ان جي ڪا به پرواهه نه ڪئي ۽ پار ٿي وئي.

<u>شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو</u>

شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو وهائو تارو سڏيو ويندو آهي. شاهه عبدالڪريم سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي بنياد جو ٻيو وڏو شاعر آهي، جنهن جو پهرين وڏي ڪلاسيڪي شاعر قاضي قادن کان پوءِ گهڻو ۽ اهم ڪلام مليو آهي. سندس ڪلام ۾ تصوف جي اپٽار، حقيقت، شعريت، عشق، نيازمندي ۽ هدايت وغيره ملي ٿي. انهن سڀني موضوعن جي

باوجود به شاهه عبدالڪريم وٽ درياهه جو ذڪر ملي ٿو. هو به سنڌو درياهه جي رواني ۽ ان جي دهشت جو ذڪر هيئن ڪري ٿو:

سائر ڏيئي لٽ، اوچي نيچي ٻوڙئي،
هيڪائين هيڪ ٿيو، وئي سڀ جهت.(14)

درياهه جڏهن پنهنجي ٽُغياني ۾ اچي ٿو ته ان جي اڳيان جيڪو ڪجهه به اچي ٿو اهو لسَ ڪري هليو وڃي ٿو. هو ڪا به شيءِ نه ٿو ڏسي. هر هڪ شيءِ کي ميساري، لتاڙي ٿو ڇڏي. چاهي اها هيناهين هجي يا پوءِ مٿاهين.. سڀ شيون ليسَ ڪندو ’هڪ ’ڪندو وڃي ٿو. ۽ برابري به ائين ئي ٿيندي آهي.

متو واهڻ ڪُنَ ڪري، سنبويين ساڄَ،
ٻري نه ٻڻا ٻَنَ ۾، مون پائيندي واجهَه.(15)

عشق جو روگ به ڪهڙو نه عجيب آهي، هي اهڙو ته اڙانگو پنڌ آهي جنهن جي لاءِ پاڻ جلائڻو ٿو پوي، ڪٿي پرينءَ جي سِڪ ساڙي ٿي ڇڏي، ته ڪٿي جدائي جيري ماري ٿي وجهي! جهڙو درياهه متل آهي، تهڙو ئي اندر به متو پيو آهي! سڄو راڄ بي خبر آهي، پر خبر ان کي جنهن کي پرينءَ جي سڪ هوندي آهي، هو واجهائيندو رهندو آهي ۽ راهون ڳوليندو رهندو آهي.

## ميون شاهه عنات رضوي

ميون شاهه عنات رضوي ڪلاسيڪل تسلسل جو اهم شاعر سڏجي ٿو. قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم، مخدوم نوح رحه ۽ شاهه لطف الله قادريءَ کان پوءِ ميين شاهه عنات رضوي شاعري جو رُخ ئي تبديل ڪري ڇڏيو. هُن جيڪي

شاعريءَ ۾ نيون روايتون متعارف ڪرايون، سي ان ڪان اڳ وارن شاعرن وٽ نه هيون. هن جي شاعريءَ ۾ فطرت جا رنگ، جمالياتي حُسن، سڪ، چوڙو، سينگار، جسماني جمال ۽ ان سان گڏ ٻيا به ڪيئي اهم موضوع ملن ٿا. پر انهن سڀني جي هوندي ميين شاهه عنات وٽ درياهه جو ذڪر پڻ موجود آهي. جتي هن درياهه جي آس پاس واري منظر ڪي حسين نموني هيئن بيان ڪيو آهي:

سائَرِ لَهريُون، ريجَ وڻَ، چِينءَ سي ٽِڪينِ ٽِڪَ،
وڏا وَڻ ويڙين ۾، ڪير ڳٽيندو ڪڪَ. (16)

درياهه جي لهرن سان جيڪا ڪناري تي ريجَ پهچي ٿي، ان جي ڪري ننڍڙن ذرڙن جيان ساوڪ ان ڪناري جي ڪپ تي نظر اچي ٿي، ۽ چولين سان سرسبز ۽ ذرخيز ٿيڻ جهڙو منظر به نظر اچي ٿو. ميين شاهه عنات رضويءَ به اهڙيءَ طرح درياهه جي منظر کي مٿين بيت ۾ حسين نموني چٽيو آهي. اهڙيءَ ريت ميين شاهه عنات رضوي سُهٽيءَ سُر ۾ درياهه جي رواني جو ذڪر ڪيو آهي. چوي ٿو:

تِکان تِکَ گهٽي، سِڪ تِهان ئي اڳري،
پاتا اُنَ پاتارَ ۾، دريا دُنگَ هَٽِي.(17)

درياهه جي تِکَ، رواني ۽ ان جي تيز رفتار پنهنجيءَ جاءِ تي آهي، ان ۾ چولين ۽ موجن جو چوهه به پنهنجيءَ جاءِ تي آهي پر سهٽيءَ جي سِڪ به اوتري ئي وڌيڪ تيز گهٽي آهي، اهو ئي سبب آهي ته درياهه جو اهڙو ڏهڪاءُ پاتار تائين هوندي به سهٽي ان ۾ گهڙي پوي ٿي.

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ميين شاهه عنات رضويءَ کان پوءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو اهو سدا بهار شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ وسيلي

سنڌي شاعريءَ جي روايت کي تبديل ڪري ڇڏيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ذريعي انسان کي محبت، امن، ڀائيچاري، پريت ۽ ايڪي جو سبق ڏنو آهي. هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيئي نوان موضوع آندا، جنهن ۾ فطرت نگاري، جماليات، رومانويت، علامت نگاري ۽ عشقيه داستانن ۾ اهي سڀ موضوع جيڪي اڳ وارن شاعرن به آندا هئا. پر جيڪا وسعت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي بيت ۾ آندي ۽ جيڪو چسُ رسُ شاهه عبداللطيف جي بيت ۾ مليو، سو ڪائنس اڳ وارن شاعرن وٽ موجود نه هو. هن ڪلاسيڪل شاعريءَ کي هڪڙو اوج ۽ عروج بخشيو آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي وٽ هونئن ته ڪيئي موضوع ۽ واقعا ملن ٿا، پر ان جي شاعريءَ ۾ سمنڊ ۽ درياهه جو ذڪر به خوب آهي. جيئن هي سهڻيءَ جو درياهه ۾ گهڙڻ وارو واقعو ڏسو:

ڪَنڌي اُڀيُون ڪيترِيون، ”ساهَڙُ ساهَڙُ“ ڪنِ،
ڪني سانگو ساهَ جو، ڪي ”گهورِيَس“ ڪيو
گهڙنِ،
ساهَڙِ سَندو ٿنِ، سِرُ سَهائي ڳِهڙن جي. (18)

عشق جي باهه کي ته درياهه بادشاهه به وسائي نه سگهيو! نه ته سهڻيءَ جهڙي بهادر عورت درياهه واري اهڙي دهشت کان گهبرايو ئي ڪو نهَ. هُن ڪا به پراوهه ئي نه ڪئي! ۽ موجن ڀرئي مهراڻ ۾ هڪڙي ڪچي گهڙي تي چڙهي ڪاهي پئي. جڏهن ته ڪنڌيءَ تي بيهي ڪيترِيون ئي درياهه درياهه پڪاري رهيون آهن، گهڻن کي ته پنهنجي جان پياري آهي، پر گهڻين کي اهو اونو ئي ڪونهي، اهي درياهه تان صدقي ٿي ان ۾ گهڙڻ جي سگهه رکن ٿيون، درياهه بادشاهه انهن جو آهي، جيڪي مشڪندي ان ۾ لهي پون ٿيون. اهڙي دل

ڪنهن وٿ هوندي! جيڪي مشڪندي مُسڪرائيندي درياهه کي پاڪر پائن، يا ان جي سير ۾ سڄي جو سڄو ارپي ڇڏين.

دهشت ڏوم درياه ۾، ڇت ڪڙڪو ڪُن
ڪري،
توڏي تاڪُن وچُ ۾ مٿان وير ۅَري،
آءُ ساهَڙَ منهنجا سُپرين پرِتئون پير پري،
هادي هٿُ ڏري، اونهي مان اُڪارئين. (19)

ڪٿي ته معشوق لاءِ اهڙا به جتن ڪاتٺا تا پون، جيڪي واقعي ئي ناقابل يقين هوندا آهن. جن ۾ اوهان جي اندر جي آواز ڪان سواءِ ڪو ٻيو آواز اوهان ٻڌي به ناهيو سگهندا. محبوب سان ملڻ جي جيڪا سِڪ اوهان جي اندر ۾ مَچ ٻاري رکي ٿي، اهو مَچ ڪنهن به سمنڊ، ڪنهن به درياهه، ڪنهن به نديءَ يا ڪنهن به ڍنڍ سان اسين اُجهائي نه سگهنداسين. پر درياهه جي دهشت ڏسي به عشق کي ڪو آرام نه ٿو اچي، جتي درياهه جي موج جي دهشت آهي، ۽ ڪُن ڪڙڪا ڪري رهيو آهي، اُت سهڻي پاڻ کي محفوظ نه ٿي سمجهي، ۽ ڪيس واڳُن جو به خوف آهي، تنهن ڪري هو درياهه کي "پريتم "سڏي ٿي. پنهنجي پيار جو رکوال سمجهي ٿي. اوهان تصور ڪريو! درياهه کي ڪنهن به ڪڏهن "پريتم "ڪونيو آهي پلا! اهو شاعريءَ جو ڪمال آهي جنهن ۾ درياهه جي لاءِ ايڏو پيار، ايڏي عظمت ڏيکاري وئي آهي. تنهن ڪري سهڻي به درياهه کي پريتم سڏي ٿي. ان کي پاڻ ڏانهن پير پري اچڻ لاءِ منٿ ڪري ٿي ته اي درياهه بادشاهه! اي منهنجا رهبر! مون تي پنهنجي ٻاجهه ڪري اچ، مون کي هن مشڪل گهڙيءَ مان پار ڪرائي. هوءَ درياهه

ڪي پنهنجو پريتم، پنهنجو پريم سمجهي ان ڪي اهڙي وصيت ڪندي رهي ٿي. ته ان مشڪل وقت ۾ هو ان جي لاءِ راهه آسان ڪري ڇڏي.

سچل سرمست:

سچل سرمست سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي ٽمورتيءَ جو ٻيون نمبر وڏو شاعر سڏبو آهي. جنهن ۾ پهرين شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ پوءِ سچل ۽ پوءِ سامي اچي ٿو. سچل جي شاعريءَ ۾ زبان جي ماهيت، موسيقي، اظهار جو حُسن، جمالياتي خوبيون به موجود آهن. سچل سرمست خاص طور تي ڪافيءَ جو شاعر سڏيو ويندو آهي. جنهن ٻيون به ڪيئي نيون صنفون ايجاد ڪيون. سچل جي شاعريءَ ۾ به اسان ڪي آبَ جو جهجو ذڪر ملي ٿو. ۽ ان ۾ درياهه بادشاهه جو پڻ ذڪر عام فهم پڙهڻ لاءِ ملي ٿو. جيئن سچل سهڻيءَ واري بيان ۾ درياهه جو ذڪر ڪندي چيو آهي ته:

سائر مَنجهه سَهسَ، گهيڙا گهڙڻ آئِيا،
ڪو سِرُ سيٽاهِيو ڪَڍي، ماٺي ڪَئون مَسَ،
"سچو "لَنگهي لَس، شَرط وجي پيو شَهه ۾.
(20)

سنڌي لوڪ داستانن ۾ هي هڪڙو اهڙو واحد داستان آهي، جنهن ۾ ايتري ته سچائي آهي ۽ محبوب لاءِ ايمانداري آهي جو هو سڀ جو سڀ ڏکائيون، تڪليفون ۽ درد وساري به ڪنهن به شيءِ جي پرواهه نه ڪندي ان ۾ گهڙي پون ٿا.

سهڻي ميهار جي قصي يا داستان ۾ ته سهڻيءَ ڪي بهادري ۽ ان جي شجاعت جي ڪري سيني ئي شاعرن ڳايو آهي، سچل به ان جي ڳالهه ڪري

ٿو، ته درياهه توڙي جو گهڻي موج سان وهي رهيو آهي، پر سهڻي پوءِ به ٽڪر جو ٿانوَ ڪٽي درياهه ۾ بي خوف ائين لٿي آهي، ڄڻ اها ترڻ ڄاڻندي هجي. اها ئي حقيقي محبت آهي. اهو ئي سچو عشق جو پيمانو آهي. اهڙيءَ طرح سهڻيءَ واتان ٻئي هنڌ سچل هيئن چورايو آهي:

اسان پرين وچ ۾، وهي ٿو درياهه،
آهي ڪو نه اسان جو، هاديءَ رهي همراهه!
سپيريان تون ساهُه، "سچوءَ "تان صدقي ڪيو.
(21)

يا

اسان پرين وچ ۾، دور وهي درياءُ،
ڇوليون ڇَران ٿي ڪري، پيو وِڇڻي واءُ،
سُڻي آهان آءُ، ميان هن مشتاق جون! (22)

محبت جي وچ ۾ اڪثر رُڪاوٽون ۽ رَنڊڪون ته هونديون ئي آهن، اهو ڪٿي ممڪن آهي، ته عشق جي راهه تي ڪنڊا نه هجن، يا ان لاءِ ڪا پيڙا نه هجي. ايڏي آسانيءَ سان محبوب ماڻي سگهجي ته پوءِ ته ڪو مسئلو ئي ڪونهي. پر آڙاهه ضرور هوندو آهي. ڏکيائي ضرور هوندي آهي.

سهڻيءَ لاءِ به وڏي رنڊڪ درياهه آهي، ۽ سهڻيءَ، مهيار ۽ درياهه جي وچ ۾ ڪو ٻيو همراز به ڪونهي، نه ڪو مدد ڪرڻ وارو، پر پرينءَ تان ساهه به قربان ڪري سگهجي ٿو. ڪٿي ته درياهه جون اهڙيون خوفناڪ ڇوليون به هانءُ ڏاري ڇڏيون رکن، پر محبوب جي تڙپ ان جي سڪ ڪٿي ويهڻ ڏيندي آهي ڀلا! پر درياهه جي اهڙي دهشت هوندي به سهڻي ان جي عظمت تي ڪا به آنچ اچڻ ناهي ڏني.

ائين ئي اسان وٽ ڪيئي اسان جا آساسي شاعر آهن، جن وٽ انيڪ درياهه جي حسن، ان جي موج، ان جي دهشت، ان جي رواني، ان جي سندرتا بابت بيت ملن ٿا. قاضي قادن کان پوءِ مخدوم نوح رحه، پوءِ شاهه لطف الله قادري، ميون شاهه عنات رضوي ۽ ايندي شاهه عبداللطيف کان ٿيندي سچل ۽ سامي تائين ڪيئي آساسي شاعر آهن. پر اسان هتي فقط چوند ڪلاسيڪل شاعرن جو تذڪرو ڪيو آهي، جيڪي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ اهم مڃيا وڃن ٿا. بهرحال درياهه جو تذڪرو ڪلاسيڪل شاعرن وٽ اهم روايت جو حصو آهي، جنهن ڪري ان جو اثر اسان کي جديد شاعريءَ تي به نظر اچي ٿو.

## جديد شاعرن وٽ سنڌو درياهه جي عظمت، تاريخ، حسن ۽ ان جي تباهڪاريءَ تي ٿيل شاعري

سنڌوءَ جي عظمت:

آب جيئن ته هر هنڌ، هر صورت ۽ مقدار ۾ زندگيءَ جي علامت رهيو آهي، ۽ ساهوارن لاءِ هميشه ڪارائتو ۽ جيوَن جو ذريعو رهيو آهي. اهو ڌرتيءَ جي وجود تي زندگيءَ جي لاءِ سڀ کان اهم عنصر آهي. پاڻي اسان جي ماحول لاءِ پڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو، خود انساني وجود ۾ 70% کان به وڌيڪ پاڻي موجود آهي، ساڳيءَ ريت دماغ ۾ به ايترو ئي پاڻي موجود هوندو آهي.

پاڻي هر جيوت ۽ هر انسان جي لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو. هند ۽ سنڌ جي ماڻهن لاءِ سنڌو ندي به زندگيءَ وانگر ئي حيثيت جي حامل آهي. هندو مذهب ۾ سنڌو درياهه جي جيتري عظمت ۽ اهميت ڳايل آهي، ايتري ٻين مذهبي ڪتابن ۾ موجود نه آهي. سنڌ، سنڌو تهذيب ۽ قديم سنڌو سلطنت ۾ پاڻيءَ کي

اوليت ۽ اهميت حاصل رهي آهي. سنڌ ۾ درياهه جي عبادت يا پوڄ ’جل پوڄا ’ اڄ تائين سنڌي تهذيب جي هڪ خاص حصي طور مڃي ويندي آهي. اها تهذيب ورهاڱي کان اڳ توڙي ورهاڱي کان پوءِ به ساڳي ئي اهميت ۽ حيثيت ۾ برقرار آهي. جل جو ڪڏهن به ورهاڱو ممڪن ئي ڪونهي! اهو ڪنهن به هڪ جي لاءِ ڪونهي! بلڪه اهو سڀنيءَ جو آهي، جل ڪهڙو به هجي ان جي ڪا ذات پات ناهي ٿيندي ۽ نه وري ئي ڪو ان جو هڪڙو گهر يا رستو ٿيندو آهي.ان جو هڪ مثال ڏسو:

هي مٽرا جا مندر، سانجهيءَ ويلي جمنا گهاٽ،
من ۾ سنڌوءَ جا سَوَ سپنا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟ (23)

ورهاڱو ڪنهن به ريت ڪنهن به قوم، ان خطي، ان علائقي ۽ ان جي ماڻهن لاءِ چڱو ناهي هوندو، ان ۾ نه رڳو ماڻهن جي ملڪيت پر انهن جي احساسن، جذبن ۽ ان جي دلين جي به ورهاست ٿي ويندي آهي. اهڙيءَ ريت جڏهن ورهاڱيءَ کان پوءِ سنڌي هندن جي هندوستان ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ويا ته اهو واقعو ڪو عام واقعو نه هو، هُنن نه صرف پنهنجو مال متاع پر هنن پنهنجو ديس پنهنجي مٽي ۽ پنهنجي سنڌوءَ کي ٿي ڇڏيو. جنهن سنڌوءَ انهن جي پالنا ڪئي پئي، ۽ هزارن سالن کان ڪندو رهيو هو. انهن لاءِ اها ڪا آسان ڳالهه نه هئي ته هو پنهنجو واپار، پنهنجي تجارت ۽ پنهنجي زندگيءَ جي علامت ان درياهه کي ڇڏي وڃن. جنهن انهن کي هميشه خوشحال رکيو ۽ پاليو. اهو ئي سبب آهي جو اهي سنڌوءَ جي عظمت کي اڄ به وساري ناهن سگهيا. توڙي جو انهن وٽ ٻه عظيم نديون جمنا ۽ گنگا موجود آهن، جن جي گهاٽن تي جُڙيل مَندر سانجهيءَ جو ڏسي به اهي سنڌوءَ جي ياد کي تازا ڪندا آهن. چاڪاڻ ته سنڌوءَ ڪناري ۽ گنگا جمنا ڪناري، اهڙو

حسين سانجهيءَ جو منظر ڏسڻ جا عادي رهيا هئا. اهڙي ئي هڪ منظر کي ادل سومري هيئن بيان ڪيو آهي:

تار تو ۾ مست سنڌو پيو وهي،
سنڌ! تنهنجي سونهن شل قائم رهي.
(24)

جي سنڌو تار وهي ٿو ته ان سان سنڌ جي خوشحالي ۽ ذرخيزي جو سبب سنڌو بڻجي پوي ٿو. جنهن کي ادل سومري ڳايو آهي. پر سنڌوءَ تي اهڙي سونهن گهٽ ئي رهي آهي. اهڙيءَ طرح تاجل بيوس سنڌوءَ جي 'سانوڻ 'هوندي سوڪهڙي کي ڳايو آهي، هو چوي ٿو:

سنڌو! آ سانوڻ پوءِ به تون پاتار ۾،
ڪٿان سڪين ڪاهلي! واٽن تي وهڻ.
(25)

تو وٽ اهڙو سانوڻ موجود آهي جيڪو هر مُند ۾ برسات وانگر خوشحالي جو آئيندو آهي. ان جي باوجود تون پوءِ به خالي ۽ پاتار ۾ آهين. تون اهڙي ڪاهلي ٿو ڪٿان سکيو آهين. جتي سنڌو خوشحالي جو ڏيک ڏئي ٿو، اتي وري سنڌو ندي بهادرن جي علامت رهيو آهي. سنڌ ۽ سنڌوءَ جي جيڪا عظمت آهي ان تي وطن واسين کي هميشه فخر رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي سنڌو جي سپيتا کي هميشه دشمنن جي حملن ۽ انهن جي ناڪام سازشن کان بچائيندا رهيا آهن. انهن هميشه سنڌو نديءَ جو دفاع ڪيو آهي، انهن سنڌوءَ تي سام ڪنئي آهي.

سنڌو سوڍن سام، صدين کان،
مهر پريو مهراڻ جنهين ۾، هيرا جواهر
جام،

صدين، ڪان، سنڌو
سوڍن سام.(26)

سنڌوءَ بابت قديم زمانن کان تصور آهي ته ان ۾ ڪيئي هيرا جواهرات ۽ موتي آهن، جنهن جي عظمت يا قدامت صدين کان آهي، ان جي موج واري تاريخ به پراڻي آهي، پر اهو هميشه سوڍن ۽ بهادرن جي سام رهيو آهي.

درياهه کي اسين پلا آخر کهڙي پيٽا ڏئي ٿا سگهون! جيتري ان جي وڏائي آهي، جيتري ان جي قدامت آهي، جيتري ان جي تاريخ آهي يا وري جيتري ان جي عظمت آهي، پر تنهن هوندي به ان جي لاءِ ڪا سٺ سرجڻ تي ڪيئي شاعر پنهنجي دل وٽان لکندا رهيا آهن. شيخ اياز به انهيءَ کي هيئن پيٽا ڏئي ٿو:

سنڌو سنهري! تو کي ڏني مون،
ڳوڙها وهائي، ڇا ديپ – مالا! (27)

هيءَ هڪ فنڪار جي پيٽا آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي درياهه کي سونهارو سڏي ٿو، جيڪو ان کي رستا ڏئي ٿو. جيڪا پيٽا درياهه شاهه اسان کي ڏني آهي ته اسين به ان کي ڳوڙها وهائي، ديپ ٻاري مالها هٿن ۾ جهلي پيٽا ڏيون.

## سنڌوءَ درياهه سان عشق:

جيترو سنڌ ۾ "سنڌ "سان عشق ڳايو ويو آهي، اوترو يا ان کان وڌيڪ "سنڌو درياهه "سان عشق ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. هي ڪا عام ڳالهه ناهي بلڪه هيءَ منفرد ڳالهه آهي ته شاعر پنهنجي نديءَ، پنهنجي درياءَ، پنهنجي ڍنڍن، پنهنجي ڍورن ۽ پنهنجي واهن سان عشق ڪن ٿا. شاعرَ هميشه ئي قدرت جي رنگن کي ڳائيندا آيا آهن. هر شاعر پنهنجي علائقي جي ڪنهن نه ڪنهن حسين قدرتي منظر ۽ لقاءَ

سان پيار ڪندو آهي. اهو ان جي باري ۾ ايترو ته لکندو آهي جو ان جي قدامت جو قد ٿيڻ وڏي ويندو آهي. ڪي پنهنجي سمنڊ سان پيار ڪندا آهن، ڪي شاعر پنهنجن پهاڙ ن سان، ڪي شاعر پنهنجن آبشارن سان، ڪي شاعر پکين سان، ڪي شاعربارش ۽ بادلن سان ته ڪي شاعر وري ڍنڍن ۽ ندين سان پيار جو اظهار پنهنجيءَ شاعريءَ وسيلي ڪندا آهن. هر خطي ۾ ڪا نه ڪا اهڙي قدرتي شيءِ موجود هوندي آهي جيڪا انهيءَ قوم جي سڃاڻپ ٿي پوندي آهي. ساڳيءَ ريت اسان سنڌ واسين جي لاءِ به "سنڌو ندي "قدرت جو ڪرشمو مڃي ويندي آهي. اهو ئي سبب آهي ته سنڌ جي ڪيئي حسين شاعرن ان ندي جي نه صرف تاريخ، عظمت، حسن ۽ ان جي قدامت جي ساراهه ڪئي آهي، پر ان جي ٻوڏن سوڪن، تباهي توڙي زرخيزين بابت ڪيئي سهڻا شعر چيا آهن. جيئن سنڌ توڙي سنڌو نديءَ جا ڪيئي داستان اسان وٽ لوڪ داستان جي حيثيت ۾ مشهور ٿي ويا. ۽ انهن پنهنجي هڪڙي الڳ جاءِ ناهي. انهن ۾ درياهه بادشاهه سان منسلڪ داستان "سهڻي ميهار "آهي. هي شعر ڏسو:

سائِر، تو ۾ ساهُه، سهڻيءَ توڙي سنڌ جو،
سا دل ڪهڙي سڪ ۾، جيڪا ٿي نه درياهه،
منهنجو عشق اٿاهه، آهي تنهنجي اوچ سان.
(28)

يا

منجهه ئي ديو مها، آهين آبِ سنڌ تون،
تو سان ئي ته هئا، مورا، ميلا، محبتون! (29)

ڪجهه نديون نراليون ٿينديون آهن، اُهي ڏڏڪنديون آهن! انهن ڪي به دل هوندي آهي، اهي پنهنجي ماروئڙن لاءِ ۽ ماروئڙا پنهنجي ان نديءَ لاءِ پيا ڏڏڪندا

آهن! اسين سڀ ڪٿي نه ڪٿي جڙيل هوندا آهيون. پر هر جاءِ تي هر ماڻهو انهيءَ جو اظهار ڪري سگهندو آهي، جيئن ڪو شاعر ڪري ٿو سگهي ٿو. اهو به هڪڙو ڏانءُ آهي، هُنر آهي. سڀ ڪٿي ٿا ائين پيار جو اظهار ڪري سگهن. درياهه به ساهُه ڪٿي ٿو. جيئن اي درياهه! تون هِن سهڻي سنڌ جو ساهُه آهين. تنهنجي اوڇ ۽ تنهنجي موج سان سڄي سنڌ جو اُڻاهه عشق آهي. اها ڪا دل ئي نه آهي جيڪا درياهه جي عشق سان پرپور نه هجي. انهيءَ ڪري تون ئي سنڌ جو مها ديو آب ۽ جياپو آهين، تون آهين ته مورا ۽ ميلا به آهن. درياهه جي عظمت رڳو هتان سنڌ جي سنڌين وٽ ئي نه بلڪه ورهاڱيءَ کان پوءِ ويل هندن سنڌين جي دل ۾ به اڃ ڏڙڪي رهي آهي. اهڙيءَ طرح ڪٿي ڪٿي وري درياهه سان پيار جو اظهار عجيب آهي، جيئن اِهو مهاڻي جو منظر ڏسو:

وانجهي ونجهه وراءُ، سنڌوءَ ٻيڙي سِير تي،
ڪيڏا ڪڙڪا ڪُن ۾، لهرين مان ته لنگهاءِ،
سنڌوءَ ٻيڙي سِير تي. (30)

ڪُن ڪڙڪا ڪري رهيو آهي، درياهه پنهنجي پوري موج ۾ آهي، ان جي رواني به دهشت جو منظر ڏئي رهي آهي، پر اي! مهاڻا تون پنهنجي ٻيڙيءَ کي انهن تيز لهرن مان لنگهائي، ان جي وچ ۾ پنهنجي ٻيڙيءَ جو ونجهه ورائي. يا وري ٻي جاءِ تي ڪنهن ٻئي شاعر ان مهاڻي کان هيئن چورايو آهي:

تون سنڌو ندي آءُ ڪچو پو به اُجو ڙي!
تون سونُ سڄي پوءِ به هي دوست سُڃو ڙي!
حالات حوالي چو ڪريون پيارَ پري ناءُ!
تون آءُ!، سِگهو آءَ! (31)

هي ٻي ڪيفيت آهي، جنهن ۾ سنڌوءَ کي عظيم ندي ڪري ڪوٺي ٿو پر ان هوندي به هو اُجارو رهجي وڃي ٿو. اي! درياهه تون ته سونُ آهين، هڪڙي خزاني جهڙو! پر مان پوءِ به سچو ئي سچو! جي تون اچي وڃين سِگهو ته مان به اهي سڀ شيون ماڻي وٺان! پر ڪٿي ته سنڌوءَ تي سِر ڏيڻ جي به ڳالهه ڪئي وئي آهي:

قسم آ آب، سنڌو جو ته هِن ڌرتيءَ تي سِر آهي،
وطن تي شل ٿئي صدقي، حياتي مختصر آهي.
(32)

ڪجهه شاعرن لاءِ وطن ئي سڀ ڪجهه هوندو آهي، جنهن تان هو پنهنجي زندگي وارڻ لاءِ تيار هوندا آهن، انهن لاءِ ته ٻيا سڀ قسم به اجايا ٿيندا آهن، هو ٻين قسمن کان وڌيڪ معتبر قسم پنهنجي ”نديءَ ”جو سمجهن ٿا. يا پوءِ انهن جي ڌرتيءَ جو قسم هوندو آهي. آب يا مِٽي واقعي ٻئي معتبر آهن، انهن لاءِ آب ۽ مٽي، انهن جي ندي، انهن جون ڍنڍون ۽ انهن جا ڍورا به انهن جي لاءِ اهم هوندا آهن. جن تان هو پنهنجو پاڻ کي فِدا ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن. اها ڪا روايت ڪونهي، بلڪه اها انهن جي خمير جو حصو آهي، هو ان کي پنهنجي تهذيب جو حصو سمجهندا آهن، هي انهيءَ ثقافت ۽ روايت جو حصو مڃين ٿا. ۽ اهو ائين ئي سالن کان هلندو اچي پيو. اهڙا ڪيئي شعر سنڌ جي جديد شاعرن سنڌ جي آب لاءِ سِرجيا آهن.

<u>سنڌو درياهه جو حُسن:</u>

ڪنهن به خطي يا علائقي جي نديءَ جو حُسن بنيادي طرح ان جي ايراضي، ان جي ڊيگهه ۽ ان جي رواني، تغياني ۽ ان جي ان علائقي لاءِ خوشحالي وغيره

سان ماپيو وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت دنيا جي قديم ترين ثقافت منجهان، سنڌو ماٿري جي ثقافت انهيءَ جي خوشحالي وارو وڏو حصو ان جو سنڌو درياهه آهي. ۽ اهو ئي سبب آهي ته اتي جا شاعر پنهنجي درياهه جي حُسن، انهيءَ جي قدامت، انهيءَ جي عظمت ۽ ان جي خوبصورتيءَ جا گيت لکندا ۽ ڳائيندا رهن ٿا. سنڌو درياهه به انهن ندين منجهان آهي، جن جي قدامت، عظمت ۽ حُسن ٻين درياهن کان گهڻ ڪونهي، هو تبت کان ٿيندو، ڊگهو سفر طئي ڪندو اچي عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو ان وچ ۾ هو ڪيترن ئي خوبصورت علائقن کي سيراب ڪندو ايندو آهي. جتان جا رهواسي ان جي حُسن جا پوڄاري آهن. شاعرن لاءِ سنڌو ته ماتا (ماءُ) آهي. اهي سڀ انهيءَ کي پنهنجي ڌرتي جيترو چاهين ٿا. ان ڪري ان جي صبح، ان جي سرمئي شام، ان تي ڪونجن جي اُڏام، ڪونجن جي ڪُوڪ ۽ ٻيا ڪيئي حسين منظر ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. ابراهيم منشي اهڙي ئي هڪ منظر کي هيئن بيان ڪري ٿو:

ڪيڏي سُهڻي شام سنڌوءَ جي، هنڌين ماڳين هام سنڌوءَ جي،
ڪُونجن وانگ اُڏام سنڌوءَ جي، دانهن ۽ ڪُوڪ اڄ عام سنڌوءَ جي،
ٻارڻ جنهن تي ٻريو ٻريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو. (33)

جيڪڏهن اهڙي نديءَ سان ڪا هٿ چراند ٿئي ٿي، يا ان جا وهڪرا متائڻ لاءِ ڪي منصوبا جوڙيا وڃن ٿا ته پوءِ اها قوم ان جي رکوال هوندي آهي! شاعر هڪ آواز ٿي مزاحمت ڪن ٿا.

سنڌوءَ جي حسن سان هٿ چراند تي به سنڌي شاعر تڙپندا رهيا آهن. اهو سنڌو درياهه ئي آهي جنهن جي شام جي هاڪ هر تڙ ۾ ٿيندي آهي، جتي

ڪونجن جون ڪوڪون، انهن جي اُڏام ۽ شام جو حسين منظر ڏسڻ لاءِ ڪيئي ماڻهو گڏ ٿي سنڌوءَ ڪناري اچن ٿا. اها سنڌوءَ جي حُسن جي خوبي آهي. ان جي حُسن بابت علي دوست عاجز هيئن لکيو آهي:

ننڍڙي ننڍڙي ناءُ، واءُ –

هي سنڌوءَ جو درياءَ!

تنهنجي ڳالهين مان چيٽن جو،

ايندو آهي ساءُ، ساءُ،

هي سنڌوءَ جو درياءَ! (34)

هي سنڌوءَ جو درياهه! جنهن تي ننڍڙيون ننڍڙيون ٻيڙيون گهمي رهيون آهن، جن جو ڪو به وقت مقرر ڪونهي! اڪثر جڏهن درياهه ڪناري اسان انهن جي اچ وڃ ڏسندا آهيون ته اها اسان ڪي فرحت بخشيندي آهي! يعني ڪڏهن ته ان ڳالهه ڪري اسان جي دل جي موسم ئي تبديل ٿي ويندي آهي، جنهن موسم جا اسين عاشق هوندا آهيون، ائين لڳندو آهي ته ڪٿي اها موسم هاڻي ئي ته ناهي ٿي! هي اهو درياهه جو حسن آهي، جيڪو اسان جي اندر جي احساسن تائين گهرو آهي ۽ ان جي پيڙهه اسان جي دل تائين! پر جتي درياهه جو حُسن ايترو خوبصورت چٽيو ويو هجي اتي ان جي ٻئي حسن يعني ان جي موج ۾ تيز لهرن جو به ذڪر ضرور ٿيڻ کپي. جيئن:

درياهه اندر جا دهشت آ، ڪنهن وقت قيامت ٿي ويندي،

تون مان ته رڳو هن سنڌوءَ تي، ڪا لهر اُڀاري وينداسين.

(35)

ڪي اثر اسان کي اهڙن قدرتي ڪرشمن منجهان ملندا آهي، جن ۾ اسان جو دلي لڳاءُ هوندو آهي، درياهه جي رواني متاثر ڪندا آهن. جيڪا انسان جي همت افزائي لاءِ مثالي حيثيت رکي ٿي. ان جي رواني يا ان جو وهڪرو اسان جي لاءِ سبق آموز آهي، نه بيهڻ جو سبق! مسلسل هلڻ ۽ پنڌ ڪرڻ جو سبق! جدوجهد سان اڳتي وڌڻ جو سبق! اهو ئي سبق مٿئين شعر جو به آهي ته درياهه مٿان لهر اُٿارڻ ڪا سولي ته ڪونهي! هي جڏهن پنهنجي دهشت ۾ اچي ٿو ته قيامت برپا ڪري ٿو وجهي! ان جو هڪڙو خوفناڪ روپ به آهي! اهو به درياهه جو حُسن آهي، چاڪاڻ ته جماليات مطابق حُسن جا ڪيئي عنصر، ان جا ڪيئي روپ، ۽ ڪيئي رنگ ٿي سگهن ٿا. ان جون ڪيئي شاخون، ڪيئي رُخ، ۽ ڪيئي نوان جوڙ اسان جي سامهون ايندا آهن، پوءِ چاهي اهي حسين هجن توڙي بدصورت! پر اهي جماليات جي حصي ۾ ايندا آهن. ساڳي ريت سنڌو درياهه کي روشنيءَ جي علامت به سمجهيو ويو آهي. جيئن بخشل باغي لکي ٿو ته:

روشنيءَ جا سوين پيچرا نڪرندا،
سوچ سنڌوءَ جي روشني بتي ٿي پوي. (36)

سنڌو جيتري عظمت جهڙو درياهه ورلي ئي ڪو هجي! يا پوءِ وري ورلي ئي ڪو سنڌو جهڙي درياهه تي ڪا شاعري لکي وئي هجي! پر جيترو حسين سنڌو بابت سنڌي ٻوليءَ جي شاعرن لکيو آهي، اوترو شايد ڪنهن ٻوليءَ جي شاعرن پنهنجي نديءَ لاءِ لکيو هجي! شاعر پنهنجي نديءَ کي روشني جي علامت چوي! ان کان رستا پڇي ان جي پيچرن کي پنهنجو پيچرو سمجهي. يا پوءِ ان جي پنڌ کي پنهنجو پنڌ! اهڙي حسين مشابهت سنڌي شاعرن وٽ ئي ملي ٿي. جيڪو پنهنجي نديءَ جي حُسن کي عام ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪندو رهي ٿو.

## سنڌو درياهه ۽ سرسبز سنڌ:

ڪنهن به ملڪ، خطي يا علائقي جي زمين ڪان به واقفيت پڻ تخليقڪار لاءِ آهي، ڇاڪاڻ ته اها اسان جي ضرورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪچو تجارتي مالُ پيدا ڪندي آئي آهي. البته ان خطي جو پاڻي تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. اتان جون نديون، ڍنڍون ڍورا ۽ واهڻ وغيره ان زمين جي زرخيزي لاءِ هڪڙي خاص اهميت جا حامل هوندا آهن.

اسان وٽ سنڌ ۾ به سنڌو درياهه سنڌ جي خوشحالي ۽ ان جي زرخيزيءَ جو هڪڙو اهم ذريعو آهي، جيڪو نه صرف سنڌ بلڪه جتان جتان هُن جو گذر آهي، اتان جي هر خطي جي لاءِ ان جي اهميت هڪجهڙي آهي. ڇاڪاڻ ته پاڻيءَ جيترو انسان لاءِ ضروري آهي اوترو ئي زمينن، ٻنين ۽ فصلن لاءِ به. انهن جو نه رڳو استعمال آهي، پر انهن ذريعي جيڪو تجارتي فائدو آهي، اهو ان خطي جي خوشحاليءَ جو باعث آهي. اهو ئي سبب آهي ته سنڌو ندي به ٻين وڏن درياهن جيان تبت کان ٿيندو عربي سمنڊ تائين جي سيني علائقن ۽ خطن لاءِ سرسبز ۽ زرخيزيءَ جي علامت رهيو آهي. نه صرف ما ٺهن پر سنڌو ندي هر جيوت لاءِ اهم رهيو آهي، جيئن علي دوست عاجز لکي ٿو:

سائي ڌائي سنڌ، سنڌو تنهنجي سَهج سان،
جرڪي جيوت، جند، جر جي ڇلندڙ جام سان. (37)

درياهه جو حُسن وڏيڪ ان جي اندر جي جيوت سان آهي، جيڪي به جيوَ يا مڇيون ان ۾ رهن ٿيون، سي هڪ ٻئي کان وڏيڪ حسين آهن! هي جيڪا به جيوت اڄ جرڪي رهي آهي، ۽ هي جيڪا به اڄ سائي سنڌ آهي، سان تنهنجي ئي

سهڄ سان آهي. تنهنجي جر سان ئي سڀ پُر ٿيندا آهن. تون ئي هن سائي سنڌ جو سرواڻ آهين. سنڌ ۽ سنڌو درياهه جي وهڪري سان هميشه هٿ چراند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جيئن سيد سراج لکي ٿو:

پاڻيءَ منجهه پساهُ،
آمر سمجهين چو نه ٿو،
سنڌوءَ ۾ آ ساهُ. (38)

مٿين وائي سيد سراج پاران سنڌ تي ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ واري دور جي مهم دوران لکي وئي آهي. جنهن سان شاعر جو عشق ۽ ان جي عظمت ظاهر ٿئي ٿي. سنڌ جي خوشحالي ۽ ساک کي هميشه ڪنهن نه ڪنهن نقصان رسائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي، جنرل پرويز مشرف واري دور ۾ به ڪالاباغ ڊيم جي سنڌوءَ تي اڌاوت واري مهم سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ ڪنهن امتحان کان گهٽ نه هئي. جنهن جي گهٽڻ ئي شاعرن مزاحمت ڪئي. اهڙيءَ ريت سنڌوءَ جي لاءِ ڪيئي شاعر دعاڳو به رهيا آهن، جيئن:

ڏوڪيندو درياهه، سڌو وهندو سنڌ ڏي،
سُڪن پوندو ساهه سکر ٿيندي سنڌڙي!(39)

*

اچي ٿو الله،
سائو ڪندو سنڌ کي،
دادلو درياهه! (40)

شاعر دعا گهري ٿو ته الله کندو درياهه دادلو ڀرجي وهي ايندو ۽ سنڌ سڄيءَ کي پنهنجي وهڪري سان سائو کندو، ۽ جڏهن درياهه پنهنجي چوهه سان وهي ايندو آهي ته سُکا سگر به سڀ ساوا ۽ ذرخيز ٿي پوندا آهن. هر طرف خوشحالي هوندي آهي.

## سنڌوءَ جي سوهڪڙي تي مارُوئڙن جي دانهن، درد

اهو ڪاٿي ممڪن آهي، ته درياهه بادشاهه رڳو تغياني، رواني يا پوءِ خوشحاليءَ جو ئي نشان هجي!؟ يعني صرف ان ۾ موج ۽ اوج به ڪونهي! ڪڏهن ڪڏهن ته سالن جا سالَ هو منهن موڙي ويندو آهي، ۽ پنهنجي چاهيندڙ ۽ پوڄا ڪندڙن سان رُسي ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ان جي خالي پيٽ ۾ رڳو واري ئي پئي اُڏرندي آهي، جيڪو پنهنجي وجود سان ڪڏهن ايڏو ته دهشت پيدا ڪندڙ هوندو آهي جو مارُوئڙا ان جي دهشت کان ان جي روانيءَ کان پيا ڏڪندا آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن ته اهڙي بادشاهه درياهه ۾ به سوڪ ٿي ويندي آهي، جنهن تي ان جي مارُوئڙن جو حال بي حال ٿي ويندو آهي، ان جي اهڙي خشڪساليءَ تي مارُوئڙن جو ٻيو ڪو وارث ئي ناهي رهندو. پوءِ اهي ساڳيا ئي مارُوئڙا ان جي دانهن هن ريت ڏيندا آهن:

درد وندا هي دانهون توتي، ڏيندا درياءَ شاهه دلير،
ورهن جا اڃ وانگيئڙن کان، ويساهه ڏيئي تو ورتا وير.
سارا سورنهن سال سُکي تو، پيٽ ۾ پاليا پرت
پنوهار،
ريلن ۾ تو رائو ڏيئي، ڄايا لاٽا لوٽ ليار،
پاسا تو ته پسائڻ ڇڏيا، پيريءَ وارا تنهنجا پار،

ملاح پٽي ويا مَڏيون تو تان، ٻيڙيون ٻاري ٿيا ٻڪرار،
پرم ڏيئي پاڳين کي پوءِ، پنيٺ بنجي پريئه پير. (41)

سنڌ جي معصوم ماروئڙن جو دانهي به درياهه ۽ واهي به درياهه ئي هوندو آهي، درياهه ئي انهن جو داتا آهي ۽ انهن جي جياپي جو هڪڙو وڏو ذريعو به. اي درياهه! اي شاهه! اي دلير! اسان جي تو کي دانهن آهي، توتي اسان جو ويساهه به آهي، اسان کي ائين سوهڪڙو نه ڏي ۽ اسان جي لاءِ سائو ٿي.

اي درياهه شاهه! تون پنهنجي امرت سان ڪيئي نباتات ۽ حيوانات سان گڏ انسانن کي پالي رهيو آهين، جي تون ائين ئي سوڪهڙو ڪندين ۽ پنهنجا پاسا پاٽيءَ کان خالي رکندين ته تو مٿان ويٺل ملاحَ ۽ پنهنجيون ٻيڙيون ڪپائي وجين ٻڪرار ٿيندا. تنهن ڪري انهن جو ڪو پرم ته رک! يا ڪٿي وري پنهنجن مائرن کي اُڃ مارين ٿو. اهڙو ٻيو مثال ابراهيم منشي هيئن ڏنو آهي:

درد وندن جون دانهون توتي، ديس منهنجي جا درياهه
شاهه،
ڪهڙي روڪ آ روڪيو توکي، پنوهر پياسا ٿي ويا پاهه،
صدين کان تو سيرون ڏيئي، واهيا وانگين واهڙ واهه،
منهنجي ڌرتي ڏيهه سڄي جو، سنڌوءَ تون ئي ساهه
پساهه. (42)

ڪجهه قومن جا حقيقي معنيٰ ۾ اثاثا انهن جا پهاڙ، انهن جا آبشار، انهن جا ريگستان ۽ انهن جا درياهه ئي هوندا آهن، اي! درياهه شاهه تنهنجي صدين جي تاريخ آهي، تون صدين کان سنڌ کي سيراب ڪري رهيو آهي، تون ئي اسان جو ساهُه پساهه آهين، تون اڇي اهڙو سُڪو آهين، جهڙو سنڌ تي تاتارين ڪاهه ڪري

سڀ تباهه ڪيو هجي. آخر ڪنهن تو کي روڪيو آهي، تون ته هِن ديس جو بادشاهه آهين، رکوالو آهين. پوءِ آخر اهڙي سوڪ ڇا لاءِ ڪئي اٿئي؟ اسان ته هڪڙي ڦُڙي لاءِ ڦٿڪي رهيا آهيون.

يا جڏهن سنڌوءَ جي پاڻيءَ کي سنڌ لاءِ روڪيو ويجي ٿو. ان لاءِ هي شعر ڏسو:

سينڌ سنڌوءَ جي سُڪل واري، جنهن ۾ جر ڦڙو نه
جاري،
وري به ڪاري ديو تياري، هيبت ۾ اڄ هاري ناري،
ڌرتي جو ڪو ڌيان ته ڌريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو.
(43)

حڪمرانن پاران هميشه سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي روڪٿام رهندي آئي آهي، ۽ يقينن اهڙي صورتحال سنڌ ۽ توڙي سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڏُکائيندڙ آهي، جتي سنڌوءَ جهڙو عظيم درياهه به واريءَ جو ڍيڪ ڏيندو هجي، ۽ جتي جَل جو ڦُڙو به موجود نه هجي، جتي هاري پنهنجي زمينن لاءِ پريشان هجن ته اُتي اها دانهن واجب ٿئبي. جيئن هيءَ دانهن ڏسو:

اي سنڌو! ماٺار ڇو آ،
ڪين ڪا ڇولي ڇُلي ٿي! (44)

سنڌو هميشه ئي سائو ناهي رهندو، ان ۾ به سوڪهڙو ۽ صحرا جهڙو منظر نظر ايندو رهيو آهي، پر جڏهن به ائين ٿيو آهي ته ان جو اثر سنڌ ۾ رهندڙ هارين نارين تي وڌيڪ ٿيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو شاعر سنڌ جي خشڪساليءَ تي

افسوس ظاهر ڪري ٿو. ڪٿي ڪٿي اسان کي انهن مُهاڻن جو درد به پڙهڻ لاءِ ملي ٿو.

اِن آس سا ڪنڌيءَ تي، ٻيڙي جهلي ڪڙو آ،
ايندو سنڌوءَ ۾ پاڻي، وهندو درياهه آخر. (45)

ڪيڏو نه درد ڀريو منظر آهي، جتي مهاڻو خالي ٻيڙي جهليو درياهه جي ڪناري ان آس سان، ان اميد سان درياهه بادشاهه کي نهاري رهيو آهي، ته هڪڙي ڏينهن اهو به ضرور سيراب ٿي ايندو ۽ ٻيهر ان جي ٻيڙي ان ڀريل درياهه جو سير ڪندي ۽ ڪنڌيءَ پار ٿيندي. سنڌوءَ جو سُڪل پيٽ ڏسي ماروئڙن جو حال بدحال ٿيو وڃي. هڪڙو ٻيو مثال ڏسو:

نِڙي سنڌوءَ جي سُڪل،
ٻُک ۾ ٻتيلا، ڏاڙهي ٿو هي ڏيکڙو. (46)

ڪٿي سنڌوءَ جي نِڙي ته ڪٿي سنڌوءَ جو پيٽ سير لاءِ خالي ۽ خشڪ آهي، اهڙيءَ صورتحال ماروئڙن جي لاءِ ٻُک، بدحالي، غربت ۽ بي حسيءَ جو سبب بڻجندي آهي. اهڙو منظر ته واقعي ئي ڏاڙهيندڙ آهي. سنڌوءَ جي خالي پيٽ جو منظر ڪڏهن ڪڏهن هوا کي به سڏڪائي ٿو وجهي. جيئن:

پاڻي پاڻي ٿو ڪري، سنڌو اُجارو،
وارو ڙي وارو، سنڌو سُڪي وئي ساٿيو!
(47)

*

هوا ٿپڪي ٿي ڏيئي سنڌوءَ کي سُڏڪي،
سنڌو پر مُرڪي، چئي ٿو ناهي ڳالهه ڪا!

(48)

سنڌو جهڙو عظيم ۽ بادشاهه درياهه به ڪڏهن ڪڏهن خالي پيٽ سمهي پوي ٿو! جنهن مٿان هوا هميشه رقص ڪيو، اڄ اها هوا ان مٿان سڏڪا پري رهي آهي. ان مٿان روئٽهارڪي ٿي رهي آهي، پر جتي ماروئڙا پاٽي پاٽي ڪري رهيا آهن، ۽ اُجارا آهن، ان جاءِ تي سنڌوءَ جو پيٽ ته واري واري آهي! تنهن هوندي به سنڌو موٺ ۾ مُرڪي ٿو پوي! مُرڪ اهڙي به هڪڙو حوصلو ڏئي ٿي! اميد جاڳائي ٿي! يا وري هي ڏسو:

سنڌو سُڏي ٿو پيو، سنڌ ڏسي صحرا،
ڪُوماٽيل چهرا، ڪنڌيءَ مهاڻن ڏسي.
(49)

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته جڏهن درياهه بادشاهه ۾ اوج ڪونهي ۽ سوڪهڙو آهي ته اتي سيئي مُهاڻا اداس آهن، ڪوماٽيل آهن.. جيڪي سنڌوءَ جي آسري تي جِي رهيا آهن. جيڪي سنڌو ماتا سان چاهه رکڻ سان گڏ ان جي پوڄا ڪن ٿا. سنڌو جي چاڙه سان نه رڳو پکي پکڻ يا ٻي جيوت دانهيندي نظر اچي ٿي پر ان ۾ ماروئڙن لاءِ به درد آهي. جيئن

گهيرا ڏيئي تو گهارا پائي، راڄ روئاريا راتو رات،
سانگيئڙن جي ساهه ۾ سونڪو، سڀ ڪنهن سر تي ٿي
سڪرات،
ڪاري رات ۽ ڪُلهن ڪَلها، ووءِ ووءِ واتو وات،
هينان پاٽي پالوٹون ۽ اُپ مان پئي ٿي برسات
ڪَلهن ڪِيهون راٽن ريهون، ڪو نه رهيو اُت ڪنهنجو ڪير. (50)

سنڌو درياهه پنهنجي ئي چاهيندڙ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ايترو ته روڄ پاڄ وجهي ٿو ڇڏي جو ان جي سانگيئڙن کي به سک جو ڪو ساهه نه ٿو رهي، انهن مٿان ته جڻ سڪرات طاري آهي، ڪاري رات مٿان برسات، پاٽي چوڌار، هر طرف ئي پاٽي آهي. هتي ته هر طرف دانهون ڪوڪون آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن اهو ئي سنڌو ڪوڪلو به ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. جيئن:

ناهن سنڌوءَ گهاٽ تي، ڏيئن – قطارون،
ڪاڏي ويون اوچتو، پکين – اُڏارون،
تاساريون تڙ تي الا! پيڙين – نهارون، (51)

هي منظر ته روئاري ٿو وجهي، سنڌو گهاٽ تي ڊگهين قطارن جي صورت ۾ پکيئڙا ان آسري وينل هوندا هئا ته سنڌو انهن جي اُڃ اجهائي ٿو انهن جي ٿڪاوٽ لاهي ٿو! پر هي ڇا اڄ ته اهي قطارون به ڏسڻ ۾ نه ٿيون اچن، جي ڪو پکي سنڌو گهاٽ لهي به ٿو ته اهو تاسارو ئي رهي ٿو. ڪٿي ته پاٽيءَ کي نه ڏسي پکين جون اکيون به سواليه بڻجي وڃن ٿيون. جيڪي ان حال تي بيحال ڏسجن ٿا. ڪٿي ته سنڌ جي مهاڻن جو حال ڏاڍو ڏکائيندڙ آهي، ۽ اهي انهن لاءِ بد دعا ڪن ٿا جيڪي سنڌو کي تباهه ڪرڻ چاهين ٿا. جيئن:

تنهنجو داڌ درياهه، ٿيندو ڏينهين ٿورڙين!
جن جن تو سان جاڙ ڪئي، ٿيندا ترت تباهه.
ساري سنڌ جو ساهُه، روڪڻ سولو ڪين آ!
(52)

جن ماڻهن جو جيئڻ مرڻ جلّ هوندو آهي، انهن لاءِ سڀ ڪجهه ان سان ئي هوندو آهي، اهو ئي انهن جي روزگار ۽ جيئڻ جو ذريعو هوندو آهي. ان ڪري درياهه ئي انهن جي لاءِ انهن جو سڀ ڪجهه تي وڃي ٿو، جنهن جو هو

نه صرف تحفظ ڪن ٿا پر ان هر ڳالهه نندين ٿا جيڪا درياهه جي خلاف هجي يا پوءِ جيڪي عنصر ان کي تباهه ڪرڻ چاهين ٿا. اهو ممڪن ئي نه آهي ته سنڌ جي ساهه ”سنڌوءَ “جو ڪير ڪجهه ٻگاڙي به سگهي! اهو به ممڪن نه آهي ته سنڌوءَ جو ڪو سودو ڪري، جيئن علي دوست لکي ٿو:

سائر جو سوداءُ، جيڏيون لڳم جيءَ کي،

مري وينديس ماءُ، جيئنديس ڪيئن مان جَرَ بنا!

(53)

سنڌو ندي يا سنڌو درياهه سنڌ واسين يا ان جي ماروئڙن لاءِ ڪا خالي ندي يا ڪو عام درياهه ڪونهي! هو ته ان جي جياپي، ان جي جيوندان جو سبب آهي! ڪيئي شاعر ان جي لاءِ سِر قربان ڪرڻ جهڙا سٺا شعر لکي رهيا آهن. پر ان جي سودي تي يا ان جي واپار تي هرگز به سهمت ٿيڻ لاءِ تيار ئي ڪونهن.

# سنڌو درياهه جي تباهڪاري

<u>سنڌوءَ جي تباهڪاري:</u>

اسين جنهن خطي يا علائقي ۾ رهون ٿا اُتي جيڪي به فطرتي وهڪرا يا قدرتي نديون وهي رهيون آهن انهن جو نظام به پنهنجو پنهنجو آهي، پر انهن سان جيڪا هٿ چراند ٿي آهي، اها ڪٿي نه ڪٿي ان خطي جي ماڻهن لاءِ به نقصان جو باعث ٿي آهي. فطرت يا قدرت سان ڪير وڙهي نه سگهيو آهي! ۽ نه ڪير ان

جو ڪو رستو روڪي سگهي ٿو. قدرت هميشه پنهنجا رستا پاڻ ٺاهيا آهن ۽ پاڻ ئي ٺاهيندي رهندي آئي آهي. اهڙيءَ طرح دنيا جون سڀئي نديون ۽ درياهه به پنهنجو رستو پاڻ ئي ٺاهيندا صدين کان وهڪري هيٺ رهيا آهن. پر جيڪڏهن ڪٿي انهن جي رستا روڪ ڪئي آهي، يا انهن جي رُخ کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ته اتي هڪڙي وڏي تباهي آئي آهي. اهو ئي سبب آهي ته مصنوعي هٿ چراند قدرت جي ڪنهن به شيءِ سان هاجيڪارڪ رهي آهي.

سنڌو نديءَ جو مسئلو به ڪجهه ساڳيو ئي آهي، نه رڳو ائين پر ان جي به حد بندي جڏهن به ڪئي وئي آهي ته ان به وڏي آندهي آندي آهي. ۽ پنهنجي ئي ماروئڙن کي تباهه ڪندو رهيو آهي. يا وري جڏهن ان جو پاڻي ڪنهن به ڊيم ذريعي بند ڪيو ويندو آهي ته به سنڌ جي ماڻهن لاءِ تباهي ۽ بربادي کان گهٽ نه هوندو آهي، جيئن:

سنڌوءَ جو پاڻي،
ڄاڻي سڃاڻي!
ڪير وجهي ٿو قيد ۾؟ (54)

سنڌ ۽ سنڌوءَ درياهه جو مڪمل پاڻي چوري ڪيو ويندو آهي، ان ۾ ڪيئي رُڪاوٽون به پيدا ڪيون ويندي‌ون آهن، جنهن ۾ سنڌوءَ جو گهڻو ٿڌو پاڻي پنجاب ۾ روڪي استعمال ڪيو ويندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جا ڪيئي شاعر ان وارتا ئي اڪثر مٿين شعر وانگر بيان ڪندا آيا آهن. سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي هميشه کان ئي روڪ ٿي آهي، بخشل باغي چوي ٿو:

ڪيسين سنڌوءَ جو پلا، قيد ڪندين پاڻي،
نيٺ ته پڄاڻي ٿيندي انهيءَ قيد جي. (55)

ڪجهه اهڙا عنصر به آهن، جن هميشه سنڌوءَ جي پاڻي کي روڪڻ جي ناممڪن ڪوشش ڪئي آهي. اهڙي صورتحال به آخر ڪيسين رهندي! آخر ڪيسين سنڌوءَ ۽ ان جي عظمت سان ڪيڏ ڪيو ويندو، ان جي عظيم وهڪري کي ڪير روڪي سگهيو آهي ڀلا!؟ يا ڀوءِ ڪير فطرت سان وڙهي سگهيو آهي. ان ئي آس ۾ سنڌو آخر پاڻ ئي وهي هلندو هڪ ڏينهن!

موج ڪري مهراڻ ميان تو، ماري مارن مال ڇڏيا،
آتا لٽا ۽ آجها به پنهنجا، اڄ ڇڏيا، ڪن ڪالهه ڇڏيا،
گوتا ڪيندي گوُنگن جيئن ڪن، ڦِٽندي پنهنجا لال ڇڏيا،
جُوءِ سڄيءَ ۾ جهانگين لئه تو، جاڳائي جنجال ڇڏيا،
ٽنگ پڇي ته به ڪين رهي ٿي، هي به هريٽي واري
هير. (56)

جڏهن سنڌ ۾ به ٻوڏ آئي، جڏهن به اهڙي صورتحال پيدا ٿي آهي، ته اسين ان جو ذميوار سنڌوءَ کي ڪوٺيندا آهيون، ائين ئي ابراهيم منشي به مٿين شعر ۾ اها ڳالهه ڪري ٿو. ته اي درياهه! جڏهن تون موجَ ۾ اچين ٿو ته ڪنهن به شيءِ کي ڏسندو ناهين، تون پنهنجي ئي ماروئڙن جا مال ۽ متاع ماري موجَ ڪري ويندو آهين. پنهنجي مارئڙن جا گهرَ تباهه ڪري ويندو آهين ۽ انهن کي بي گهرَ ڪري رهندو آهين. ڪٿي ته تون ڪير پياڪَ ٻارَ پنهنجي مائرن کان ڌار ڪيا آهن. پنهنجي ئي سنڌ جي مارئڙن کي تباهه پيو ڪرين. اهڙو ئي ذڪر شمشيرالحيدري به هن ريت ڪري ٿو:

اڄ وري مهراڻ آيو موج ۾،
اڄ وري ڌرتي ٻُڏي وئي ڪوچ ۾! (57)

ڌرتيءَ جي ٻُڏڻ جو واحد سبب درياهه بادشاهه آهي، جي هو موج ۾ اچي ٿو جي هو پنهنجو مُنهن موڙي ٿو ته هو سنڌ ۽ ٻين علائقن لاءِ تباهڪاري آڻي ٿو. هو اهو نه ٿو ڄاڻي ته هي ماروئڙا ان جا ئي آهن، جيڪي ان کي پوڄن ٿا. پر سنڌ ۾ هر ٻئين ٽئين سال ٻوڏ واري صورتحال رهندي آئي آهي. ان صورتحال ۾ غريب لاءِ خادم گهراڻو لکي ٿو:

سنڌو جي موج مستي نرالي،
ڪٿي خوشيون ڪٿ اک آلي.
هر طرف اچي ويو آهي آب،
غريبن جي ٿي وئي بدحالي. (58)

اي درياهه بادشاهه! تنهنجي موج تان قربان، تنهنجي اهڙي چولين سان سنڌ ۾ خوشحالي ۽ ذرخيزي اچي ٿي، پر جڏهن تون موجَ ۾ اچين ٿو ته هر طرف پاڻي ئي پاڻي ڦهلجي وڃي ٿو جيڪو غريبن، مزدورن ۽ ڪُزمي ماڻهن لاءِ بک، بدحالي ۽ بيوسيءَ جو سبب بڻجي ٿو. رڳو ايترو ئي نه پر سنڌ هميشه ڌارين جي اک تي رهي آهي، جن هميشه سنڌوءَ جي واڪاڻ ٻڌي سنڌ تي ڪيئي حملا به ڪيا آهن. ۽ انهن سنڌ جي ساک کي هميشه نقصان پهچايو آهي. چاڪاڻ ته سنڌ هڪڙو اهڙو خطو رهي آهي، جيڪا زرخيز هئڻ سان گڏ جَلَ جي ڪري ئي خوشحال به رهي آهي. ان جي ساک تي ڪيئي حملا ٿيا آهن.

دانهن نه دريا شاهه! ساڻ نه ماڻهو سنڌ جا،
آهن ماڻهو اوپرا، جن ڪئي تو تي ڪاهه،
سيان ٿيندين سنرو، دادلا درياهه!
ميان! ٻارهين ماهه، پوندءِ ڪن ڪپار ۾. (59)

سنڌوءَ جي سونهن ان جي ذرخيزي ڪيئي ڌارين کي سنڌ ڏانهن متوجهه ڪيو آهي، جن پنهنجي لشڪر ڪشي ڪري سنڌ ۽ سنڌوءَ تي قبضي جي ۽ حڪومت جي هميشه ڪان ڪوشش پئي ڪئي آهي. پر ان ڳالهه سان ڪو به فرق ناهي پيو ته دادلي درياهه تي حڪومت ڪير ٿو ڪري! سنڌوءَ جو ٻيو وڏو تعلق فطرت سان به جڙيل رهيو آهي، جنهن ۾ ٻيلا، جهنگ، ۽ ٻوٽا وغيره اچي وڃن ٿا جيڪي سنڌوءَ مان جنم وٺي پروان چڙهن ٿا. اهي سنڌو جي ڪپ تي آباد آهن. پر ڪيئي فطرت جا دشمن انهن جي وَڍَ ڪري سنڌوءَ کي ڪاوڙ ڏيارين ٿا جنهن ڪري سنڌو تباهي مچائي ٿو ۽ پوءِ سنڌ ۾ ٻوڏ جي صورتحال کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

درياءَ ڪئي دانهن، ٻَسي وَڍِ وڻن ۾،
”ڪپَر منهنجو ڪنڌ آ، ٻيلو منهنجي ٻانهن.“
ڪلها جنهن جا ڪانهن، آسڻ پنهنجا ان تي. (60)

سنڌ هميشه درياهه بادشاهه جي موج ڪري ٻوڏون سَٺيون آهن، سنڌ کي ڪيئي ٻوڏن لوڙهيو ۽ پوءِ ٻوڙيو به آهي، اها ڪا به سنڌ جي رهواسين لاءِ نئين ڳالهه نه آهي. ٻوڏن جا ٻيا به ڪيئي نقصان سامهون ايندا آهن. جڏهن درياهه بادشاهه پنهنجي موج ۽ مستي ۾ اچي ٿو ته اهو پوءِ ڪنهن نسل يا ڪنهن به قوم کي ناهي ڏسندو. جيئن:

ٻوڏون ٿينديون ٻيٽيون، ٿيٽيون،
روز سنڌوءَ ۾ پونديون ڑُڙٿيون. (61)

ڪهڙو اهو بند! ڪهڙو اهو پجرو! ڪهڙي اهڙي روڪ! ڪهڙي اها رٽا آهي جيڪا سنڌوءَ جي رواني کي چئلينج ڪري سگهي.. هو صدين کان بي چيو رهيو آهي. ۽ صدين کان ئي دادلو به! ان اڳيان سڀ شيون حقير آهن. هو بادشاهه آهي، هُن کي ڪنهن جي به پرواهه ناهي هوندي. تنهن ڪري ئي ته اهو رُوٺييون هٽي ٿو، پنهنجا رستا پاڻ ناهي ٿو. ۽ پوءِ تباهيءَ جو سبب بڻجي ٿو.

ڪٿي ڪٿي درياهه پنهنجي ماروئڙن کي مايوس ڪري ڇڏيندو آهي! هو سال جا ڪجهه مهينا جڏهن پنهنجو وهڪرو بند ڪندو آهي ته ماروئڙن جون دليون اداس ٿي وڃن ٿيون. تڏهن ڪنهن ڏکاري جي دل مان هيءَ دانهن نڪري ٿي:

ٽري ڪاغذ جي ٻيڙي دير تائين،
نديءَ ۾ ايترو پاڻي به ناهي! (62)

سنڌو ندي پنهنجي اڄ تائين جي وجود سان گهٽا ئي پيرا ائين خالي خالي رهي آهي. جنهن ۾ رڳو واري ئي واري اڏرندي ڏٺي ويندي آهي. پر هي ڪيڏو نه درد ڀريو شعر آهي! هڪ پاسي ته ندي هميشه ئي پُر رهي ٿي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ان جي پنهنجي وجود ڪري تباهيون ٿين ٿيون، پر ٻئي پاسي وري ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ پاڻيءَ ڏُک به ڪونهي. ان جو اهڙو حال ڏسي ڪا نه ڪا دانهن ائين ئي دل مان نڪري ٿي.

## حوالا:

1: بلوچ، نبي بخش، خان، ڊاڪٽر "هڪ جلدي: سنڌي لغت"، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، 2017ع، ص: 391

2: https://en.wikipedia.org

3: https://www.dictionary.com

4: بيگ، قليچ، مرزا ”سنڌ جي تاريخ“، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2019ع، ص: 1

5: چانڊيو، جامي ”سنڌ ڪيس“، سي پي سي ايس، 2009ع، ص: 6

6: آڏواڻي، مهرچند، ڀيرو مل ”قديم سنڌ “سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع، ص: 43

7: آڏواڻي، مهرچند، ڀيرو مل ”قديم سنڌ “سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع، ص: 07

8: آڏواڻي، مهرچند، ڀيرو مل ”قديم سنڌ “سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع، ص: 99

9: چانڊيو، جامي ”سنڌ ڪيس“، سي پي سي ايس، 2009ع، ص: 6

10: پنهور، محمد، عطا (ترجمو) ”قديم سنڌ جي تجارتي تاريخ“، روشني پبليڪيشن ڪنڊياور، 2004ع، ص: 11

11: پنهور، محمد، عطا (ترجمو) ”قديم سنڌ جي تجارتي تاريخ“، روشني پبليڪيشن ڪنڊياور، 2004ع، ص: 13

12: ٺڪر هيرو ، ”قاضي قادن جو ڪلام “روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1996ع، ص: 90

13: ٺڪر هيرو ، ”قاضي قادن جو ڪلام “روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1996ع، ص: 98

14: ميمڻ، سنڌي، عبدالمجيد، ڊاڪٽر ”شاهه ڪريم جو ڪلام “روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 150

15: ميمڻ، سنڌي، عبدالمجيد، ڊاڪٽر ”شاهه ڪريم جو ڪلام “روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 194

16: سميجو، سعيد ”ميين شاهه عنات رضويءَ جو چونڊ ڪلام “حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 7

17: سميجو، سعيد ”ميين شاهه عنات رضويءَ جو چونڊ ڪلام“، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 102

18: قليچ، بيگ، مرزا ”شاهه جو رسالو “سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، 2007ع، ص: 111

19: قليچ، بيگ، مرزا ”شاهه جو رسالو ”سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، 2007ع، ص: 118

20: انصاري، علي، عثمان (مرتب) ”سچل سرمست جو رسالو (سنڌي ڪلام)“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1997ع، ص: 85

21: انصاري، علي، عثمان (مرتب) ”سچل سرمست جو رسالو (سنڌي ڪلام)“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1997ع، ص: 88

22: انصاري، علي، عثمان (مرتب) ”سچل سرمست جو رسالو (سنڌي ڪلام)“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1997ع، ص: 89

23: سميجو، اسحاق، ”دل جو رستو ”روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2003ع، ص: 25

24: سومرو، ادل ”سمنڊ جاڳي ٿو“، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2016ع ، ص: 39

25: ٻيوس، تاجل ”سنڌ منهنجي امان“، تاجل ٻيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 50

26: منشي، ابراهيم، ”گوندر ويندا گذري ”روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 175

27: شيخ، اياز، ڪي جي ٻيجل ٻوليو ”روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2008ع، صفحو: 142

28: دوست علي، عاجز، ”سائڙ جو سوداءُ“،سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع، ص: 23

29: دوست علي، عاجز، ”سائڙ جو سوداءُ“،سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع، ص: 24

30: منشي، ابراهيم، ”گوندر ويندا گذري ”روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع، ص: 176

31: عاجز، علي، دوست ”رنگ رتو آڪاس“، سارنگار ادبي ۽ ثقافتي سوسائٽي، 2009ع، ص: 67

32: گدائي، عبدالڪريم، ”لاٽ ٻرندي رهي“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 297

33: منشي ابراهيم، ”ڌرتي دين ڌرم“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص: 76

34: عاجز، علي، دوست ”رنگ رتو آڪاس“، سارنگار ادبي ۽ ثقافتي سوسائٽي، 2009ع، ص: 67

35: شيخ، اياز، ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2008ع، ص: 156

36: باغي، بخشل، "سندو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 29
37: دوست علي، عاجز، "سائرَ جو سوداءُ"،سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع، ص: 24
38: سراج، سيد "شفقت رتي شام "پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور، 2014ع، ص: 15
39: بيوس، تاجل، "سنڌ منهنجي امان"، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 51
40: بيوس، تاجل، "سنڌ منهنجي امان"، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 88
41: منشي ابراهيم، "ڌرتي دين ڌرم"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص: 23
42: منشي ابراهيم، "ڌرتي دين ڌرم"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص: 27
43: منشي ابراهيم، "ڌرتي دين ڌرم"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص: 76
44: سراج، سيد "شفقت رتي شام "پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور، 2014ع، ص: 15
45: باغي، بخشل، "سندو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 45
46: باغي، بخشل، "سندو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 50
47: باغي، بخشل، "سندو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 61
48: باغي، بخشل، "سندو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 61
49: باغي، بخشل، "سندو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 62
50: منشي ابراهيم، "ڌرتي دين ڌرم"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص: 23
51: باغي، بخشل، "سندو ديسُ مهانُ"، سپ پبليڪيشن، نواب شاهه، 2011ع، صفحو: 62
52: عاجز، دوست، علي "سائر جو سوداءَ"،سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع، ص: 16
53: عاجز، دوست، علي "سائر جو سوداءَ"،سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع، ص: 29
54: بيوس، تاجل، "سنڌ منهنجي امان"، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 58
55: باغي، بخشل، "سندو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع، ص: 61
56: منشي ابراهيم، "ڌرتي دين ڌرم"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص: 24
57: حيدري، شمشير، "لاٽ"، نئون نياپو اڪيڊمي، 2012ع، ص: 27
58: گهراڻو، خادم "سمنڊ ڪنارو"، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2016ع ، ص: 24
59: بيوس، تاجل، "سنڌ منهنجي امان"، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 51

60: بيوس، تاجل، ”سنڌ منهنجي امان“، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 52

61: بيوس، تاجل، ”سنڌ منهنجي امان“، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع، ص: 142

62: عاجز،، علي، دوست ”رنگ رتو آڪاس“، سارنگار ادبي ۽ ثقافتي سوسائٽي، 2009ع ، ص: 67

باب پنجون

# نتيجا ۽ ببليوگرافي

## نتيجا (Conclusions)

تحقيق جا نتيجا تحقيق جي علمي ۽ تجزياتي ڇنڊڇاڻ مان حاصل ڪيا ويندا آهن. هن تحقيق مان جيڪي نتيجا حاصل ٿيا آهن. انهن جو تفصيل مقالي ۾ موجود آهي، جن مان هتي چند پيش ڪجن ٿا.

❖ هن سڄيءَ ڪائنات ۾ جيڪو به وايو منڊل آهي اهو اسان جو ماحول آهي. جنهن ۾ فطرت جون ڪيئي حسناڪيون ۽ رنگينيون شامل آهن. جن کي شاعرن پنهنجي انداز سان پيش ڪيو آهي. ڪائنات جي حسنا ڪيون کي شآعرن ۽ خاص طور سنڌي شاعرن جنهن نگاهه سان ڏٺو آهي، تنهن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي

❖ فطر جا اهو جيڪي هڪ عام فرد لاءِ ڪا به حيثيت نه ٿا رکن، شاعر ان مان اتساهه حاصل ڪن ٿا.

❖ ماحول انساني جيوت سان گڏ ٻين ساهه وارن جي لاءِ جيئڻ جو ذريعو هوندو آهي، جنهن ۾ هو ساهه کڻن ٿا، کائن ٿا، پيئن ٿا ۽ رهن ٿا. تنهن ڪري شاعر ان جي حسن جي بيان سان گڏ ان جي تحفظ کي به تخيلقي صورت ڏين ٿا.

❖ فطرت ۽ ماحول جي بچاءَ لاءِ نه رڳو ادارن پرلوڪ، ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعرن به پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪيو آهي.

❖ اڪثر شاعرن جي شاعريءَ ۾ فطرت ۽ ماحول ضرور ذڪر هيث اچن ٿا ڪجهه شاعرن کي ٻوٽن سان، وڻن سان، بادلن سان، ڪڪرن سان، آبشارن، گلن سان، سمنڊن سان، دريائن ۽ ڍنڍن سان، پهاڙن سان، ڪي وري صحرائن سان پيار ڪندي نظر ايندا آهن.

❖ ڪلاسيڪل سنڌي شاعرن کان ويندي جديد سنڌي شاعرن جي تائين جي شاعريءَ ۾ فطرت ۽ ماحول لاءِ لکيل شاعريءَ ۾ فطرت جا ڀرپور رنگ سمايل آهن. جيئن پکي پکڻ، ڳُڙکٻيتن، آسمانَ، بادلن، ڪڪرن، برسات، ماڪ ڦُڙن، ٻَنن تي ڪرندڙ قطرن، ڪنوڻ، گجگوڙ، پکين جي ڪنڀن، آسمان،

چنڊ ۽ چانڊوڪي، گُلن ۽ ٻوٽن، پئترن ۽ باغن، ڪنول جي گلن، ڦولهاريل سرنهن، ٻاڪ، پرهه، سرمئي سانجهه جو ذڪر ملي ٿو. جنهن منجهان اهو ثابت ٿئي ٿو اهو فطرت ۽ ماحول سان گهري نموني ڳنڍيل آهن.

❖ فطرت ۽ ماحول کي خوبصورت بنائيندڙ ناياب جانورن ۽ ناياب پکين بابت به شاعرن وٽ فڪري ڳڻتي ملي ٿي ان ڪري مور، ڪونج، آڙي، ڪانگ، باز، تلور سان گڏ هرڻ ۽ مارخور جهڙن ناياب جانورن جي شڪار تي شاعرن جو تخليقي ردي عمل ملي ٿو.

❖ فطرت ۽ ماحول کي جَلا بخشيندڙ وڻن ۽ ٻيلن جي واڍي تي پڻ سنڌي شعري ۾ زبردست ردي عمل ملندو، ٻيلن، وڻن، ٻوٽن ۽ گلن جي واڍي خلاف ڪيترا ئي نظم، گيت لکيا ويا آهن.

❖ سنڌو درياهه جي عظمت، تاريخ، قدامت، زرخيزي، خشڪسالي ۽ ان جي تباهيءَ جو به تذڪرو سنڌي شاعري ۾ عام آهي. خاص طور ڪالا باغ ڊيم ۽ نئون بندن ٻڌجڻ خلاف سنڌي شاعري ۾ مزاحمتي شاعري جو مڪمل الڳ باب ملي ٿو.

## ببلوگرافي

1: آزاد خالد، جروار محمد خان (مرتب)، "دفتري لغت "، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2009ع

2: آڏواڻي، مهرچند، ڀيرو مل "قديم سنڌ "سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع

3: انصاري، علي، عثمان (مرتب) "سچل سرمست جو رسالو (سنڌي ڪلام)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1997ع

4: بلوچ، بخش، نبي، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام (جلد پهريون)، اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ، ڪراچي، 2017ع

5: بيگ،قليچ، مرزا "شاهه جو رسالو "سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، 2007ع

6: بلوچ، بخش، نبي، ڊاڪٽر، "هڪ جُلدي سنڌي لغت"، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، 2017ع

7: بيگ مرزا قليچ، "عالمِ نباتات"، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2018ع

8: بيگ قليچ مرزا، "عالم آبي"، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2013ع

9: بلوچ، بخش، نبي بلوچ ڊاڪٽر، "ميين شاهه عنات جو ڪلام (تحقيق ۽ تصحيح)"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع

10: بيگ، قليچ، مرزا "سنڌ جي تاريخ"، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 2019ع

11: بلوچ، بخش، نبي، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو، شاهه جو ڪلام (جلد پهريون)، اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ، ڪراچي، 2017ع

12: بخاري، استاد، "گيت اسان جا جيت اسان جي"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع

13: بيوس، تاجل "سنڌ منهنجي امان"، تاجل بيوس اڪيڊمي، 2023ع

14: باغي، بخشل، "سنڌو ديسُ مهانُ "سپ پبليڪيشن نوابشاهه، سنڌ، 2011ع

15: پنهور، محمد، عطا (ترجمو) "قديم سنڌ جي تجارتي تاريخ"، روشني پبليڪيشن ڪنڊياور، 2004ع

16: ٺڪر هيرو ، "قاضي قادن جو ڪلام "روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1996ع

17: جتوئي، اصغر "پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾"، سچائي اشاعت گهر دڙو، 2017ع

18: چانڊيو، جامي "سنڌ ڪيس"، سي پي سي ايس، 2009ع

19: حيدري، شمشير، "لاٽ"، نئون نياپو اڪيڊمي، 2012ع

20: رياضت برڙو (مرتب) "ڏات ڏيئا ٻاريا"، ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 2010ع

21: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب)، "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع

22: سميجو اسحاق ڊاڪٽر، "دل جو رستو (رومانوي غزل)"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2003ع

23: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، "مور نگر تي مينهن"، روشني پبليڪيشن ڪنڊياور، 2020ع

24: سنڌي، عبدالمجيد، سنڌي، "شاهه ڪريم جو ڪلام"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع

25: سيف سرور، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جو تاريخي تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو “، مهراڻ سائنس پبليڪيشن، ڪراچي

26: سولنگي حبدار، ”خواب ٽا ڪولن اکيون“، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2015ع

27: سومرو، ادل، ”وساري نه ڇڏجو“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2004ع

28: سميجو، سعيد ”ميين شاهه عنات رضويءَ جو چونڊ ڪلام ”حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع

29: سومرو، ادل ”سمنڊ جاڳي ٿو“، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2016ع

30: سراج، سيد ”شفقت رتي شام ”پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور، 2014ع

31: شيخ، اياز ”آڪن نيرا ڦُليا“، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1988ع

32: شيخ، اياز ”پن ڇڻ پڇاڙان“، ڊجيٽل پبلشر، سنڌي ادبي شاخ سکر، 1993ع

33: شاهاڻي راز، ”ڪلاسيڪي شاعري (فلسفو ۽ تاريخ)“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2019ع

34: شاهه سيد ضياء عباس، ”ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو“، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع

35: شيام نارايڻ (مڪمل غزل)، سهيڙيندڙ: مصطفيٰ نانگراج، ”راهون پنڌ پيون “ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1998ع

36: شاهي، ناٿن، آٿم ”ڇا چيس آئيني“، رم جهم پبليڪيشن، دادو، 2006ع

37: شيام نارايڻ، ”ذات ۽ حيات“، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1997ع

38: شاهي، ناٿن، وفا، ”اوجاڳن جو انت“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2006ع

39: شيخ، اياز، ڪي جي ٻيجل ٻوليو ”روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2008ع

40: عاجز، علي، دوست، ”سائر جو سوداءُ“، سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد، 2013ع

41: عاجز، علي، دوست "رنگ رتو آڪاس"، سارنگار ادبي ۽ ثقافتي سوسائٽي، 2009ع

42: قل، مشتاق "دل ته چوي ٿي"، سنڌيڪا اڪيڊمي ، 2010ع

43: قاضي، انجم، "ڳوڙهو ڳوڙهو سوڳ ۾"، مُرڪ پبليڪيشن شهداد ڪوٽ، 2018ع

44: گدائي، عبدالڪريم، "لاٽ ٻرندي رهي"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع

45: گهراڻو، خادم "سمنڊ ڪنارو"، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2016ع

46: لطيف فياض ڊاڪٽر، "شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 2020ع

47:لغاري، اڪبر، "سنڌي ادب جو مختصر جائزو"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2010ع

48: لغاري، فقير، الله بچايو، "دادلو درياهه "انٽرنيٽ ايڊيشن، عباس ڪوريجو ويب سائيٽ، 2016ع

49: محبوب، ارم (سهيڙيندڙ) "حسن درس جو رسالو"، ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي ، 2017ع

50: ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جو فڪري پس منظر"، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، 2017ع

51: ميمڻ، سنڌي، عبدالمجيد، ڊاڪٽر "شاهه ڪريم جو ڪلام "روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع

52: مهراڻي، شير، ڊاڪٽر، "شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات"، ثقافت کاتو، حڪومتِ، سنڌ، ڪراچي، 2013ع

53: منشي، ابراهيم، "گوندر ويندا گذري "روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2015ع

54: منشي ابراهيم، "ڌرتي دين ڌرم"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع

55: نظاماڻي رئوف، ”ماحوليات: ڌرتي ۽ انسان جو آئيندو“، سنڌ سلامت ڪتاب گهر، 2022ع

## English Books:

Oxford English Sindhi Dictionary, Oxford University Press, 2010.

## اردو ڪتابيات:

1: شمس الحق، محمد، ”ماحوليات“، قومي ڪونسل برائي فروغِ اردو زبان، وزارتِ ترقي انساني وسائل، حڪومتِ هند، 2022ع
2: قاسمي عادل امام اختر، مولانا، ”ماحولياتي آلودگي- احڪام اور مسائل“، مهتم جامعه رباني منور شريف، بهار، 2016ع

## رسالا ۽ مخزن:

1: سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، مقالو : ”جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسند فڪر جي آميزس“، ڪينجهر تحقيقي جرنل، شمارو –17، 2014ع، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سنڌ.
2: حسين، فهميده، ڊاڪٽر ”شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت نگاري“، سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل، شمارو ٻيو، اپريل -جون 2013ع

**Websites:**

1: https://en.wikipedia.org

2: https://www.dictionary.com